## سنڌ ويب ڊجيٽل بوڪ ڪارنر

**محترم دوستو.....!**

اداري، سنڌ ويب ڊاٽ ڪام جي شروع ڪرڻ جو صرف ۽ صرف اهو مقصد هيو ته، سنڌ ۾ يا سنڌ کان ٻاهر رهندڙ سنڌيءَ کي پنهنجي ادب ۽ دنيا جي سموري ادب تائين سستي ۽ مستقل پهچ ڏيارجي. انهيءَ مقصد کي آڏو رکي اسان اوهان دوستن جي لاءِ سنڌي ادب کي اي بوڪس (ڊجيٽل ڪتاب) جي صورت ۾ اوهان جي آڏو پيش ڪرڻ جو عزم ڪيو آهي. دوستو.... ! هن طريقي سان نه صرف سنڌ ۾ پر سنڌ کان ٻاهر رهندڙ سنڌين کي تمام گهڻو فائدو رسندو. انهيءَ ڏس ۾ اوهان سڀڻ کي گذارش ڪجي ٿي ته مهرباني ڪري اوهان وقت به پنهنجا قيمتي مشورا اسان کي ڏيندا ته جيئن اسان وڌيڪ سٺي ۽ سهڻي نموني سنڌ ۽ سنڌي ادب جي خدمت ڪري سگهون، ڪتاب جو فارميٽ پي.ڊي.ايف ۾ آهي جنهن کي ڏسڻ جي لاءِ اوهان کي ايڪروبيٽ جي ضرورت پوندي (ايڪروبيٽ ريڊر انسٽال ڪرڻ لاءِ هتي ڪلڪ ڪريو). اهو سافٽويئر اٽڪل هر سي.ڊي ۾ ملندو آهي. ان سافٽويئر کي انٽرنيٽ تان ڊائون لوڊ ڪرڻ جي لاءِ هيٺ ڏنل لنڪ تي ڪلڪ ڪري ان جو ڪو به ورزن انسٽال ڪريو ۽ ڊائون لوڊ ڪيل ڪتاب کي ڏسو.



جانان!

اسان اسلام آباد ۾ آهيون ۽ تفريح جو ڀرپور مزو ماڻي رهيا هياسي. پر منهنجي بدقسمتي ڏس، هتي به هڪ مصيبت ڳچيءَ ۾ پئجي وئي آهي. جنهن تفريح جو مزو خراب ڪري ڇڏيو. ڪالهه منهنجي هڪ سهيليءَ وٽ خيرپور کان ٽيليفون آئي ته امڙ جي طبعيت خراب آهي، جلد ئي گهر پهچان مان گهر ٽيليفون ڪئي، خبر پئي ته خليل هو ش ۾ اچي ويو آهي ۽ هو منهنجي گهر، پنهنجي وڏن کي وٺي مون کي پرپوز ڪرڻ آيو هو ۽ منهنجن وڏن، مون کان پڇڻ بنا منهنجي قربانيءَ جي تاريخ مقرر ڪري ڇڏي آهي. امڙ کي چيم ته انڪار ڪري ڇڏيو، مون کي اهو شخص منظور ئي ناهي، جنهن اسان کي ايڏا وڏا ڏک ڏنا آهن، جيڪي وسريو نه ٿا وسرن. جيڪو ماڻهو هڪ ڀيرو نظرن مان ڪري پوندو آهي پوءِ اهو ڪريل ئي رهندو آهي. اميءَ ضد ڪيو آ ته جلدي خيرپور واپس وڃان.

مان ڏاڍي پريشان آهيان، منهنجي زندگيءَ جو ڏکيو وقت آهي ۽ هن وقت مون کي زندگيءَ جو فيصلو ڪرڻو آهي.تون منهنجي مدد ڪر ۽ ٻڌاءِ ته ڪهڙو فيصلو ڪيان؟ پنهنجو پاڻ کي موت جي حوالي ڪيان ياپنهنجي وجود جي حصن سان ناتو ٽوڙي زندگي قبول ڪيان؟

تون منهنجي ڪيفيت جو اندازو لڳائي نه ٿو سگهين. سوچڻ ڪري دماغ ڦاٽي رهيو آهي ۽ ننڊ اکين کان رسي وئي آهي. هن ظالم تفريح جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو آهي، هو شايد ائين سمجهي ٿو ته اسانجون خوشيون ۽ ڏک هُن جي هٿ ۾ آهن .

امان ٻيهر ٽيليفون تي ڳالهايو ته مان ڪيس چيو ته اهو شخص مون کي پسند ناهي ۽ هاڻي مان اها قرباني نه ٿي ڏئي سگهان ۽ مان هاڻي خيرپور واپس نه ايندس، هتي ئي رهي پونديم.ان ساڳي تاريخ تي رافعه جي شادي ڪري ڇڏجو.

ساقي!

جيڪڏهن هُنن گهڻو زور پريو ته پوءِ پاڻ کي حسين نظارن جو حصو بڻائي ڇڏيندس. ان ڪري جو جڏهن منهنجو پنهنجي زندگيءَ تي ڪو اختيار ناهي ته پوءِ مون کي مرڻ ئي ڪپي. خبر ناهي ته مون کي ڪهڙي ڏوهه جي سزا ملي رهي آهي؟

مون کي ڏاڍو پوءِ ٿي رهيو آهي، دل چاهي ٿي ته ڪنهن جي جهوليءَ ۾ مٿو رکي پنهنجي قسمت تي ڪوڙ ساڙا ڳوڙها وهايان. دل چاهي ٿي ته ڪنهن جي مضبوط ٻانهنِ لڪي پوان، جتان مون کي ڪو به ڪڍي نه سگهي. هي وقت ڏاڍو ڏکيو آهي، سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته ڇا ڪيان؟ تنهنجي شديد ضرورت آهي، تون ڪري به ڇا ٿو سگهين ڪجهه به ته نه.

مون کي هن ڪُن مان پاڻ ئي نڪرڻو آهي ۽ مون کي ان جون صرف ٻه صورتون نظر اچن ٿيون، ”زندگي يا موت!“ منهنجو خيال آهي ته مون کي مرڻ ئي ڪپي، ڇو جو والدين به ناراض نه ٿيندا ۽ مون کي به سکون ملندو.

رافعه سان ٽيليفون تي ڳالهائڻ ٿيو. هُن ٻڌايو ته امان بابا جن ڏاڍا خوش آهن ۽ سڀ تياريون ڪري ڇڏيون اٿئون. مون هن کي چيو ته توهان بي غيرت آهيو، پر ساحره ايتري بي غيرت ناهي. خبر ناهي اهو عذاب رڳو اسان تي ئي نازل ڇو ٿو ٿئي. بهرحال قدرت جي هن حسين نظارن کي هڪ ڀيرو چڱي نموني ڏسي وٺان، انهن نظارن کي اکين ۾ سمائي پوءِ مرڻ چاهيان ٿي، جيئن منهنجو روح ڀٽڪندو نه وتي. هتان گهمڻ کان پوءِ سڪون سان فيصلو ڪنديس.اسان هتي ٿي چار ڏينهن آهيون، خبر ناهي مرڻ کان اڳ تو سان ملاقات ٿي به سگهي يا نه! مان اُهيان ئي بدنصيب، اُنهن خوبصورت نظارن کي تو سان گڏ ڏسي نه ٿي سگهان آخري ڀيرو به نه.

تون آخري ڀيرو ضرور ڳالهاجانءِ، جوجوساحره کي تنهنجي گهڻي ضرورت آهي، پر هاڻي انهن سڀني ضرورتن کان آزاد ٿيڻ چاهيان ٿي. جيترو مان ڪنهن کي چاهيو، مگر مون کي ڪنهن به نه چاهيو. منهنجون سچايون، منهنجو خلوص ۽ منهنجون چاهتون سڀ هڪ طرفيون هيون، اهي سڀ منهنجي وجود سان گڏ ختم ٿي وينديون.

مان تنهنجي گهڻي شڪر گذار آهيان، جو تو مون کي گهڻيون چاهتون ڏنيون، منهنجا گهڻا غم تون سميٽيا. مگر مون به عشق ڪيو، ان لاءِ مون کي ڪو به پڇتاءُ ڪونهي، ڪوئي ڏک ناهي، ڇاڪاڻ ته عشق هڪ باهه آهي جنهن ۾ جلي پڃري، انسان ڪندن ٿي ويندو آهي. اهڙي طرح منهنجي دل ۽ دماغ ۾ به عشق جي روشني آهي ان عشق جي، جيڪو بي غرضءِ اڻ ميو عشق هيو، پر منهنجو ايمان به اِهو ئي هيو! آهيان نه چري چوڪري ؟

خدا حافظ

هڪ چري چوڪري.

توکي ٽيبل ٽِينس جو گهڻو شوق هوندو هيو ۽ مان يونيورسٽي جي ڪئپٽن هجڻ ناتي، تو کي ٻين ڇوڪرين سان گڏ ڪوچ (coach ) ڪندو هيس. تنهنجي جسماني بناوت، ٽيبل ٽينس سکڻ ۾ تو لاءِ مددگار ثابت ٿي. سنهڙي سيپڪڙ ي، قد ٺيڪ ٺاڪ، هلڻ ۾ ڦڙتي، هٿ جي ڪَرائيءَ ۾ لچڪ، ڇيلهه ٽيبل ٽينس جي ڳُڻ جهڙِي. جلد ئي تون يونيورسٽيءَ جي سٺين کيڏاڙين ۾ شمار ٿيڻ لڳينءَ. تيز هلڻ، تيز ڳالهائڻ، وڏا ٽهڪ، تيز جملي بازي ۽ تيز طبيعت. اِها تيزي تنهنجي سڃاڻپ بڻجي چڪي هئي.تون مجموعي طرح قبول صورت هئينءَ، باقي وڏن وارن ۾ تون پهريون نمبر هئينءَ.

انهن ڏينهن ۾ منهنجي دلچسپي وِينا ۾ هوندي هئي، جيڪا سونهن سياڻپ ۽ هوشياريءَ ۾ يونيورسٽي جو نڪ هئي. ڪلهن تي ڪريل وار، گول منهن، شرير اکيون ۽ ننڍڙو پيارو نڪ، چپ سنهڙا، قد جيترو عورتن کي سونهندو آهي، چال چڻ ڊيل ٽلي ۽حاضر جوابي سندس عادت هئي. منهنجي وري ڪمزوري اِها، جو شرميلون ۽ گهٽ ڳالهائڻ واريون ڇوڪريون مون کي پانءِ نہ پون. منهنجي نظر ۾ اها ڇوڪري وڏيڪ سٺي آهي جيڪا ڪل پوگ ڪري سگهي ڪنهن بہ ڳالهہ جو غلط مطلب نہ وٺي. هر موضوع تي بحث ڪري سگهي ۽ سوال جو جواب اهڙو هجي جو ٻيو سوال جنم وٺي. چرچن جي چين ري ايڪشن(Chain Reaction) هجڻ کپي،

اهو سڀ ڪجهہ وِينا وٽ هيو .

مان ڪو خوبصورت ناهيان. سانورو ٿلها چپ، نڪ بينو ۽ ننڍيون اکيون. پر مان ڇوڪرين جي دوستي واري معامعلي ۾ خوشنصيب رهيو آهيان. انهن ڏهاڙن ۾ منهنجي ڪنهن سان بہ محبت نہ هئي. اسان جي ٽولي ۾ اٺ، ڏهہ ڇوڪريون هونديون هيون ۽ مان اڪيلو ڇوڪرو! ڪڏهن ڪڏهن فرخ حميد بہ اچي گڏ ٿيندا هيا، ڇوڪرين سان وِيهڻ ۾ منهنجا ڪن ڳاڙها نہ ٿيندا هيا، آواز ۾ڏڪٽي نہ ٿيندي هئي، ڳالهائڻ ۾ هروڀرو جا ڊائلاگ نہ هوندا هئا، جيئن عام طور تي ڇوڪرن ۾ ٿيندو آهي. وڏا وڏا ٽهڪ ۽ ڪڏهن تاڙِي ملائڻ جو ڦهڪو ، بس دوستن وانگي ڪچهري هندي هئي. مان سڀن ڇوڪرين کي سهيليون سڏيندو هيس. يونيورسٽي جي هر فنڪشن جي آرگنائيزرس ۾منهنجو نالو هوندو هيو. چاهي ’عيد ميلادالنبي‘ هجي يا ’نيو ييئر فنڪشن.‘ پٽيوالي کان وٺي v .c تائين مون کي سڀ سڃاڻيندا هُيا.

انهن ڏينهن ۾ اسان جي ڪلاس جي ون ڊي پڪنڪ لڳي هئي. خوبصورت جهڙالي موسم هئي. استادن جي نگرانيءَ ۾ اسان جي بس ميرواهہ تي’گوشئہ تسڪين‘ پهتي. مير واهہ جي وهندڙ پاڻيءَ کي ڪناري تي بيٺل يوڪلپٽس جون ٽاريون چمي رهيون هيون. ڪپر تي پيڙي بيٺل ۽ خوبصورت پيچرو وڻن جي ڇٽيءَ سان ڍڪيل هيو. مير واهہ تي اڏيل خوبصورت پل ۽لان ۾ لڳل وڻن جي ڏارن جون ڪپيل بينچون، اهڙي موسم ۽ منظر کي انجواءِ ڪرڻ لاءِ هر ڪو ٽڙي پکڙي ويو.

مان بہ دوستن سان گڏ واهہ جو ڪنارو ڏئي اڳتي وڌي ويو هيس. تون بہ وينا جي مهمان هئينءَ. ٿوري دير کان پوءِ سيني لان ۾ چادرون وڇائي ڪائڻ ۽ ڳائڻ جو محفل شروع ڪري هئي. فرخ ڳائي بس ڪيو تہ مون مذاق ڪندي رپيو سندس اڏو رکيو تہ ڪل جا ڇڙا وڇي ويا ۽ پوءِ هُن وٽ ڇگا پئسا گڏ ٿي ويا هيا. وينا منهنجو غزل ڳايو هو ،

عشق انگوريو آهي اندر ۾،
ٿوهر نسريو آهي اندر ۾ .

هوءَ غزل ڳائيندي، جڏهن مون کي ڏسي رهي هئي تہ مون کي هر شيءِ ڪٿڪ ناچ ڪندي نظر آئي. ڳائڻ کان پوءِ چانهہ جو دور هليو، مون چانهہ پي بس ڪئي تہ وِينا پنهنجي ٿرماس مان هڪ ٻيو مگ آڻي ڏنو، منهنجي انڪار ڪرڻ تي چيائين تہ ’مون کي خبر آهي تہ توهان چانهہ پيئتي آهي، هيءَ چانهہ منهنجي طرفان ضرور پيئو.‘ مون مرڪندي چانهہ جي مگ کي چمي ڏني تہ وِينا جي مک تي مرڪ ائين پکڙجي وئي، جيئن صبح جي ڪچڙي اُس ڪنهن ماٿري تہ پکڙجي وڃي.

ميرواهہ کان پوءِ ٻي منزل ’ستين جو آستان‘ هئي. ستين جي آستان تي جوتا لاهي مٿي وياسين، قبرون ڏسي موٽياسين تہ منهنجو جوگر گم هو. سمجهي ويس تہ ڪنهن شرارت ڪئي آهي. تنهن ڪري ڇوڪرين جون سيئي چپلون ۽ سينڊل هٿ ۾ڪٽي اعلان ڪيم تہ ’ٻن منٽن ۾ جاگر واپس ڪيو، نہ تہ هي سڀ ڪيانوَ ٽو سنڌوءَ حوالي.‘ منهنجي ان ڌمڪيءَ تي تون جلديءَ ۾ بوٽ ڪٽي آئينءَ ۽ سر رزاق توکي ڪلندي چيو تہ، ’بوٽ نہ لڪائبو آهي، خبر اٿئي بوٽ ڪنهن جو ۽ ڪڏهن لڪائبو آهي؟‘

بين سيني ٺهڪ ڏنا ۽ تون شرمائجي وئي هئينءَ. ٻي صُبح جو گرلزڪامن روم جو پٽيوالو هڪ ڪارڊ ڏئي ويو.

Thank you
Yours
Thoughtfulness
Was so
Typical
Of you!
Thanks for your best co_operation!!

ڪنهن جي طرفان هو ڪجهه بہ لکيل نہ هيو، منهنجو ڌيان تنهنجي ۽ وِينا طرف ويو. وِينا ملي جنهن اعتراف ڪيو.

تون اسان ٻنهي تي چيڪ check رکندي هئينءَ، اسان جي گهرائپ توکي نہ وڻندي هئي. وِينا مون کان ٽيبل ٽينس سکڻ لڳي، اسان ٻنهي جون ڪچهريون بہ وڌڻ لڳيون. خوبصورت جسم ۽ خوبصورت ذهن مشڪل سان هڪ هنڌ ڪٺو ٿيندو آهي، پر هن ۾ ٻئي خوبصورتيون هيون. ادب ۽ آرٽ تي ڳالهائڻ کان وٺي ذاتي موضوع اسان جي بحث هيٺ ايندا هيا. هوءَ تصويرون ٺاهي ايندي هئي ۽ پوءِ مان کيس صلاح مشورو ڏيندو هيس منهنجي صلاح تي هُن صابڻ مان بہ خوبصورت اسڪليپچر ٺاهيا.

اينيوئل اسپورٽس ويڪ جي آخري ڏينهن تي تصويري نمائش جو بندوبست ڪيو ويو. جنهن جو سمورو انتظام مون کي، سر رزاق ۽ وينا کي ڪرڻو پيو. ان ئي نمائش ۾ هڪ تصوير رکيل هئي. ڪيپشن هيس:

The piece of art, I love most

جڏهن مهمان خاص پردو هٽايو تہ ڪجهہ دير حيران ٿي ويو ۽ پوءِ ٺهڪ ڏئي پرپور مزو ورتائين. پٽ تي آئينو ٽنگيل هيو. جنهن ۾ پنهنجي شڪل ڏٺائين. تون بہ تصويرون ٺاهيندي هئينءَ پر الائي ڇو تو ان نمائش ۾ حصو نہ ورتو.

منهنجي ۽ وينا جي وچ ۾ محبت جهڙي ڪابہ شيءِ نہ هئي، بس سٺي دوستي هئي.

پر تڏهن بہ يونيورسٽيءَ ۾ اسانجي باري ۾ ڳالهيون هُلڻ لڳيون، اسان جڏهن بہ ڪامن روم ۾ يا ڪينٽين تي وٽن هيٺيان ويهي ڪچهري ڪندا هياسي تہ تون اچي هرو پرو بہ ڪل مذاق ڪندي هئينءَ تہ تنهنجي اها حرڪت ڪڏهن ڪڏهن اوور لڳندي هئي.

مان پنهنجي برٿ ڊي نہ ملهائيندو آهيان، پر ان سال تو برٿ ڊي ڪارڊ موڪليو، جيڪو تو پاڻ ٺاهيو هو. وِينا جو بہ ٽي ڏينهن دير سان ڪارڊ مليو .

Sorry
I missed you
Birthday
But is really
Your fault!
.....if you were born
A few days later,
This card would have been on
time!!
Any way...
Happy birth day to you.

انهن ڏينهن ۾منهنجي گهر ۾هڪ قضيو ٿي پيو، جنهن اپ سيٽ ڪري ڇڏيو. منهنجي پڙهڻ ۾ڪابہ دلچسپي نہ رهي، ساري دنيا اداس لڳي، ڪئمپس جي پٽين تي اداسيءَ وار وڇائي ڇڏيا هيا، مون کي اڪيلي رهڻ ۾ مزو اچڻ لڳو. مان ڪنهن بہ محفل ۾ نہ ويندو هيس ۽ اڪيلائي ساڻ ڪٽي گهمندو هيس.اتفاق سان وِينا بہ انهن ڏينهن ۾ ونواهہ ۾ ويٺي، تون هڪ ڏينهن مون کي وِينا جو نياپو ڏنو تہ شاديءَ ۾ ضرور اچان. تو شايد اهو سوچيو تہ، مون پنهنجي اها حالت وِينا جي جدائي جي ڪري ڪئي آهي. پوءِ تون مون وٽ گهڻو وقت ويهڻ لڳينءَ. هڪ ڏينهن جيئن ئي ٽيبل ٽينس روم ۾گهڙيم تہ روم خالي هيو، منهنجي گهڙڻ شرط تون ”هئہ“ ڪري پردن پٺيان نڪري آئينءَ ۽ ڪل جا يڪتارا وڄڻ شروع ٿي ويا. تو پنهنجن وڏن ڪليل وارن کي جهٽڪو ڏئي ٺهڪ ڏيڻ شروع ڪيا، منهنجو مَنُ بہ تنهنجي حرڪت تي مرڪڻ لڳو ۽ مان توکي چيو تہ، ’ايئن نہ ڪندي ڪر، خبر ٿي قلوپطره بہ پاڻ کي قالين ۾ لڪائي سيزر آڏو آندو هو، ۽ پوءِ جڏهن غلامن قالين کي محلات جي فرش تي رکي، سيزر آڏو کوليو هو تہ قلوپطره ٻاهر جيان پڙڪو ڏئي نڪتي هئي، ۽ پوءِ سيزر ساري عُمر انِ ٻاهہ ۾ جلندو رهيو.‘ مان مرڪندي توکي چيو، ’تون بہ پردي ۾ لڪي پوءِ ظاهر ٿي آهين، مون کي بہ جلائڻ ٿي گهرين ڇا؟!‘ تون ڏاڍو کلي هئينءَ ۽ پوءِ تنهنجون حرڪتون وڌنديون ويون.

ريڊيو تي ڪمپيرنگ ڪرڻ شروع ڪئي هيم تون ٻه اسانجو پروگرام شوق سان ٻڌندي هئينءَ. تنهنجي دوست، جيڪا ٻه ريڊيو تي ڪمپيئر هئي هن ٻڌايو هو ته تون پنهنجي ڪمري ۾ اڪيلي ويهي، ڌيان سان پروگرام ٻڌندي هئينءَ، اسانجي پروگرام جي ڪاميابي، سادگيءَ جي ڪري هوندي هئي، ڇو جو اسان آواز کي ٺاهي ٺوڪي، ڳورا لفظ، ۽ ڪتابي ٻولي ڳالهائڻ بجاءِ، عام لهجي ۽ عام لفظن ۾ ماڻهن جي مسئلن ۽ دلچسپيءَ وارن موضوعن تي ڳالهائيندا هياسي. اسان وٽ ڪو ٻه اسڪرپٽ نه هوندو هيو، بس ”ڪيوشيٽ“ هوندي هئي، جنهن تي پروگرام ۾ هلڻ وارا نغما ۽ سلسلا لکيل هوندا هيا، چرچو ڀوڳ ڪرڻ جي ڪري ماڻهو اسان کي پسند ڪرڻ لڳا.

اسان جي پروگرام ۾ سلسلو هلندو هيو ”ترت امداد“، اهو سلسلو هڪ ڪتاب مان، آءٌ پڙهي ٻڌائيندو هيس. پر مون کي هڪ شرارت سُجهي، تنهن ڪري جيئن ئي پروگرام ختم ٿيو، مون ڪمپئيرنگ ڪندي چيو ’توهان نغمو ٻڌو ٻول هيا....جا ۽ آواز هيو...‘ ۽ هاڻي توهان جي لاءِ سلسلو پيش ڪجي ٿو ”ترت امداد ۽ ٻڌائيندو منور علي (پروڊيوسر )“ ائين چئي ڪتاب کڻي منور کي ڏنم. مان پنهنجي جملي تي مرڪي رهيو هيس ڇو جو هو ذهني طرح تيار نه هيو. هن ڪتاب کڻي ڪجهه پل مون کي ڏٺو ۽ پوءِ پڙهڻ شروع ڪيائين ’اڄ هن سلسلي جو مِوضوع آهي ’چريائپ جو دور‘، جيڪو اسان جي ڪمپئير کي پيو آهي ...‘ هُن جو جوابي جملو ٻه سڻو هيو .هُن پڙهيو ته،’جيڪڏهن ڪنهن شخص کي چريائپ جو دورو پوي ته، ان سان ميٺ محبت سان ڳالهائجي،‘ منور پڙهي پورو ڪيو ته مان ڪمپيئرنگ ڪندي چيو،’اوهان سلسلو ترت امداد ٻڌو، جيئن توهان کي منور ٻڌايو ته چرئي ماڻهوءَ سان مِيٺ محبت ۾ هلڻ گهرجي، بالڪل ايئن، جيئن مان هن سان هلندو آهيان“ ٻئي ڏينهن تي فرخ کي، منهنجي لاءِ،تو لکي ڏنو.’چرين سان ميٺِ محبت سان هلڻ گهرجي، جيئن مان توهان سان هلندي آهيان‘ ۽ منهنجي چهري تي مرڪ جا چنڊ ايري آيا.

پروگرام ۾ عجيب و غريب خط ايندا هئا، جن مان گهڻو مواد ڇوڪرين جو هوندو هيو .ڇوڪرين مان پنجهتر سيڪڙو ته انهن ئي جا لکيل هوندا هيا، باقي پنجويهه سيڪڙو مردن جا هوندا هيا، جيڪي ڇوڪرين جي نالي سان لکندا هيا، سندن خيال هو ته ايئن ڪرڻ سان خط جلد پروگرام ۾ شامل ٿيندو، جنهن ۾ هو حق بجانب ٻه هيا، انهن خطن ۾ ڪڏهن ڪا ڇوڪري لاڪيٽ موڪليندي هئي، ڪڏهن اسان جو نالو رومال تي پري موڪليندي هئي، ڪڏهن ڪو رومال موڪليندي هئي، ڪنهن خط ۾ رومانس پريل هوندو هيو ته ڪنهن خط ۾ دعائون مليل هونديون هيون. ڪي ڀار ’انڪل، ’چاچي‘’مامي‘ ۽ ’ادا‘ جي نالي سان لکندا هيا ته ڪي وڏا ’پٽ‘ سمجهي خط لکندا هيا. هڪڙي خط منور ۽ مون کي ڏکوئي ڇڏيو. منهنجي پاءُ جو ايڪسيڊنٽ ٿي پيو هو، جنهن ۾ سندس ٻئي اکيون ضايع ٿي ويون آهن. هاڻي هُن جي تفريح صرف ريڊيو ٻڌڻ آهي. هو توهانجو پروگرام شوق سان ٻڌندو آهي ۽ مون کي توهان ڏانهن خط لکڻ لاءِ مجبور ڪيو اٿائين. خط پڙهي اسٽوڊيو جي سموري ٽڌ اسان جي هڏن ۾ گهري وئي هئي. ٻئي ڏينهن پنهنجي پروگرام جي شروعات ان خط سان ڪئي ۽ اهو پروگرام ان جي نالي ڪيوسي ’اڄ جو پروگرام ان نابين شخص ۽ ٻين اهڙن شخصن جي نالي ڪيون ٿا، جنهن جي اکين ۾ روشني ناهي، پر هنن جو اندر اسان کان وڌيڪ روشن آهي“

هڪڙو ٻيو خط مليو، جيڪو گارين سان ڀريل هيو. منور اهو خط پڙهي جواب ۾ چيو ته ’هنن ڀائرن شڪايت ڪئي آهي ته سندس خط پروگرام ۾ شامل نه ٿا ڪيا وڃن ۽ وڌيڪ هنن ڀائرن اسان کي دعائون ڏنيون آهن، ڀائرن جي مهرباني، موٽ ۾ اسان ٻه کين ساڳيون دعائون ڏيون ٿا.‘

هڪ خط مليو___

’جناب پروڊيسر صاحب !

توهان جو پروگرام ٻڌندي آهيان، پروگرام سٺو آهي پر هڪڙي خرابي اٿس، اها خرابي اٿس ڪمپيئر، جيڪو لڳي ٿو دم جو مريض آهي، ڇو جو ان جي ساهه کڻڻ جو آواز مائيڪ منجهان ڪنهن ريل جي انجڻ جي آواز وانگر اچي ٿو، هو صرف پنهنجي تعريف جا، ۽ مائٽن جا خط پڙهي ٿو، مهرباني ڪري ان طرف ڌيان ڏيندا. ٻيو ته ريڊيو جي پنهنجي واڙي آهي ڇا؟ جنهن ۾ ڀاڄيون توهان جي ٻڌايل اڳهن تي ملن ٿيون، انهن اڳهن تي مارڪيٽ ۾ ملڻ ته مشڪل آهن.

پروڊيوسر ۽ ڪمپئير پنهنجا نياپا مائيڪ ذريعي ڏين ٿا. انهن تي نظرداري ڪيو.

مائيڪ کي ٿورو آهستي ريڙهيندا ڪيو نہ تہ ايئن لڳندو آهي ڄڻ ڪو زلزلو يا طوفان اچي ويو آهي. ڇڳو، وري ٻئي پيري —

مِس خيرپور اِن ايڪش .

خط پڙهي مان پروڊيوسر کي چيو تہ اهو ساحره جو آهي. هو بہ توسان ڪجهہ ڏينهن اڳ مليو هو. اهڙي نموني تون مِس خيرپور اِن ايڪشن جي نالي سان خط لکڻ لڳينءَ .

تنهنجي خط مطابق، حقيقت ۾ بہ پنهنجا نياپا، مائيڪ ذريعي پهچندا هيا، جيئن هڪ پروڊيوسر کي جڏهن بہ پنهنجي محبوبا جو خط ملندو هو تہ پروگرام ۾ غزل وڄائيندو هو ـ

”تنهنجواچ خط جئين مليو،

ساهہ منهنجي سرير پيو آهي.“

جيڪڏهن محبوبا ملڻ ۾گهٽا ڏينهن

لائيندي هيس تہ گيت هلائيندو هو .

”تو چو لاتي آهي دير ،“

تون ڪوشش ڪندي هئينءَ تہ مون وٽ گهڻو وقت ويهين جنهن ڪري اسان جي گروپ ۾ ٻين ڇوڪرين کي تون پنهنجي چرچن سان ناڪ آئوٽ (knockout) ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هئينءَ، خاص ڪري فاحزه ۽ سنڌيا تہ تنهنجي حملي جي زد ۾رهنديون هيون. هنن مان ڪير بہ مون سان ويٺي هوندي هئي تہ تون نہ ايندي هئينءَ. جي ايندي هئينءَ تہ اچي انهن تي چٿرون ڪري، اٿڻ لاءِ مجبور ڪندي هئينءَ. فاحزه مون کي هڪ شرٽ تحفي ۾ ڏني هئي، اُها جڏهن بہ پائيندو هيم تہ تنهجي منهن تان خوشيءَ جا اکر ميسارجي ويندا هيا ۽ پوءِ تون هرويرو چوندي هئينءَ تہ، شرٽ جو رنگ ۽ ڪپڙو سٺو نا هي.

تنهنجي منهنجي دوستي انهن حدن ۾ داخل نہ ٿي هئي جو تون مون کي ڪنهن سان ملڻ کان روڪي سگهين. هونئن بہ مان ان جي خلاف آهيان تہ جيئري جاڳندي ماڻهوءَ کي پنهنجي ملڪيت بڻائي ڇڏجي. ان ڪري سيني سان هڪ جهڙو رويو رکندو هيس ۽ سيني کي پنهنجو دوست سمجهندو هيس پر تنهنجي ڪوشش اِها هوندي هئي تہ تو کي ٻين کان مٿاهون ڪيان.

توکي، منهنجي ان ڳالهہ تي چڙ هئي تہ تہ مان سيني کي ايترو پيار ۽ ايترو ٽائيم ڇو ٿو ڏيان. مان تون کي سمجهائيندو هيس تہ جنهن کي بہ اسان جي ساٿ جي ضرورت هجي، ان کي ڏجي، خاص ڪري اسان جي معاشري ۾ عورتن کي حيثيت نہ ٿي ڏني وڃي. هن جي ذهن ۾ ڪيئي خيال ۽ خواب اڇن ٿا، پر گهرن جو ماحول ايترو آزاد ناهي جو کُلي ڳالهائي، ڪنهن مسئلي تي راءِ يا بحث ڪري سگهي. ڪوئي هن جي ڏک ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿئي، عورتون هميشہ ڊنل ڀڪي جيان رهن ٿيون، ان لاءِ منهنجي ڪوشش اها هوندي آهي تہ ڇوڪرين کي دوستيءَ جو احساس ڏياري انهن سان ڀاڱي ڀائيوار ٿجي. تون چوندي هئينءَ تہ ماڻهو کي سهارن تي ڀروسو نہ ڪرڻ کپي پر پنهنجي پاڻ تي ڀروسو رکي، پُر اعتماد نموني جيون جي راهہ تي هلندو رهي هڪ پيري تو چيو هو

'مان تنهنجي ان جذبي کي Appreciate ڪيان ٿي، تون ماڻهو جون ضرورتون پوريون ڪندو آهين .'

'مان خوشنصيب آهيان جو ڪنهن کي سهارو ڏيان ٿو، عارضي ئي سهي !!'

'تون بين کي سهارو ڏيندو آهين، پر ڪڏهن اهو سوچيو اٿئي ته زندگيءَ جي حقيقت طرف وڌندڙ فقير جي ڪشڪول ۾ سهاري ۽ رحم جي خيرات وجهي.'

'هن ڪان زندگي گهارڻ وارو حق ڪسي وٺين ٿو، تون ڪيستائين پنهنجو پاڻ کي ۽ بين کي سهارن جو فريب ڏيندين ؟"

'مونکي ڏک آهي ته، تون مون کي غلط سمجهين ٿي، مان ڪنهن کي به سهارن جو فريب نه ڏيندو آهيان. فريب ڪان مون کي ايتري ئي نفرت آهي جيتري عورت کي پهاڄ ڪان.'

"توکي ڪپي ته ماڻهن کي ڪمزور سهاري بجاءِ حوصلو ۽ همت ڏي، ۽ انهن کي اڪيلي سر منزل طرف وڌڻ جي جرئت ڏي.'

"مان ته هميشه اڳلي جي ضرورت سمجهي پوءِ سهارو ڏيندو آهيان، سهارو به اهو جيڪو حوصلو پيدا ڪري .'

'اسان پنهنجي ڪلهي تي ڪنڌ رکائي، روشني ڏيکاري، هُن کي روشني حاصل ڪرڻ ڪان محروم رکون ٿا، هو سڄي عمر اسانجي سهاري جي اميد تي اکيون بند ڪري هلندو آهي ۽ جڏهن اک کوليندو آهي، ته اسانجي نظر نه اچڻ تي پورا پورا ٿي پوندو آهي. هن جي همت ۽ قدم جواب ڏئي ڇڏيندا آهن.'

'مان چيم نه ته، انسان جو وجود بي معني آهي ۽ ان کي معني ڏيڻ لاءِ ڪائنات ۾ مختلف ديون کي شڪست ڏئي پنهنجين شهزادين کي آزاد ڪرائي ٿو. پر ڪڏهن هو نستو ٿي پوي ٿو ۽ هن کي ٻئي جي سهاري ۽ ساٿ جي ضرورت پئي ٿي.'

'ساٿ ڏيڻ بي ڳالهه ۽ سهارو بي شي.'

'ڪن حالتن ۾ ساٿ سان گڏ سهارو به ڏيڻو پئي ٿو، جيئن جيڪڏهن ڪنهن جي ٽنگهه ڀڃي پئي ۽ مان ضد ڪيانس ته گهمي ڏيکار، ڇا اهو صحيح آهي؟ ها، ايئن ڪري سگهجي ٿو ته ڪجهه ڏينهن جي لاءِ ڪيس گهوڙيءَ جو سهارو ڏئي هلڻ لائق بڻائي، پوءِ ڪانئس گهوڙي کسي ڇڏجي.'

'مان چوان ٿي ته جيڪڏهن انسان ڪنهن کي سهارو ڏي ته، ڪڏهن به جدا نه ٿيڻ وارو يقين به ڏي .'

'ترين، سدائين هر ماڻهوءَ سان ساڻ نه هلندي آهي پر مسافر کي منزل تائين پڄائڻ هُن جو ڪم آهي.'

'بهرحال، بحث ته اجان به ڪري سگهجي ٿو، پر منهنجي ڳالهه تون ڪڏهن نه مڃيندين. باقي هڪ ڳالهه چوانءِ ته، رشتو ٽاهڻ سولو آهي پر نڀائڻ ڏکيو.'

يونيورسٽيءَ ۾ اسان کي اڪيلي ملڻ ۽ ڳالهائڻ جو گهٽ موقعو ملندو هيو.
جنهن ڪري تون هڪ ڏينهن چيو.
’شام منهنجي گهر اچ.‘
’مشڪل آ. مون کي ستو نہ لڳندو آهي.‘
’ڪڏهن ڪڏهن ٻين جي خواهش کي بہ مڃبو آهي.‘
’پنهنجن اصولن کي ٽوڙي، ٻي کي خوش ڪرڻ صحيح ناهي.‘
’اصول ٺهندا ئي ٽٽڻ لاءِ آهن.‘
’جيڪي اصول بي بنياد ۽ مصنوعي هوندا آهن، اهي ئي ٽٽندا آهن.‘
’يلا ٻي ڪنهن هند ملئون.‘
’ضروري تہ ناهي .‘
’مان چاهيان ٿي.‘
’تنهنجي خواهش منهنجي خواهش تہ ناهي.‘
’ان جي معني دوستيءَ جي دعوي ڪوڙي آهي.‘
’ڪنهن چيو؟‘
’دوست جي چاهت ۽ خواهش کي پنهنجو نہ سمجهڻ ڇا آهي؟‘
مان خاموش ٿي ويس.
’منور وٽ اچ ‘
’ايندين؟‘
’ها!!‘
توسان زباني واعدو تہ ڪري ويٺس پر منهنجي دل ان واعدي سان اتفاق نہ ڪيو. منور کي ٽيليفون ڪري چيم .
’ساحره، شام جو ايندئي، مون کي بہ اچڻو هيو، پر نہ ايندس، تون هن کي چئجانءِ تہ مان اچڻو آهيان. پوءِ ٿوري دير رکي ٽيليفون ڪجانءِ، مان توکي بهانو ڪري ٻڌائي چوندس تہ نہ ٿو اچي سگهان !‘ شام جو منور ٽيليفون ڪئي.
’يار تون دير جو ڪئي آهي، تو کي تہ سوير اچڻو هو، ساحره آئي آهي.‘
”چڱو ٿيو، جو تو ٽيليفون ڪئي، مان ايڏانهن لاءِ نڪران ئي پيو تہ مهمان اچي ويا آهن. تنهن ڪري اچي نہ ٿو سگهان، منهنجي طرفان ساحره کان معافي وٺي ڇڏجانءِ‘

’پوءِ چئبو تہ تون نہ اچي سگهين.‘
ان ئي لمحي رسيور تنهنجي هٿ ۾ هيو.
’هلو....... يلا چو نہ تو اچي سگهين .‘
’مهمان اچي ويا آهن.‘
’ستو بهانو آهي!‘
’حقيقت آهي، تون منور کان پڇ، منهنجي اچڻ جو پڪو پروگرام هيو.‘
’توهان جي مرضي.‘
تنهنجي آواز ۾ شڪ لهي آئي هئي. ۽ اوپرائپ مان ’تون‘ بجاءِ ’توهان‘ چيو هيئي.
’ ڏس نہ، مان بالڪل اچڻ ها، پر مهمانن کي اڪيلو ڪيئن ڇڏيان.‘
’خير آهي، هونئن توهان جي مرضيءَ تي وار کولي آئي آهيان .‘
’منهنجي طرفان وارن تي هٿ ڦيرائي ڇڏجانءِ.‘
’شفقت مان!‘ تو شرارت مان چيو هو ۽ ٻنهي کان ٽهڪ نڪري ويا هيا.
پاڻ ۾ اجان ڳالهايون ئي پيا تہ ٽيليفون ۾ ڪڙ ڪڙ جو آواز آيو.
’ڇا جو آواز آهي.‘
’ٽيليفون ڪٽڻ پئي چاهيم‘ کلي چئيہ.
پوءِ بند ڪري ڇڏ.‘ ڪاوڙ ۾ چئي، رسيور رکي ڇڏيم. حالانڪہ مان ڄاڻان پيو تہ اهو تو مذاق ۾ چيو هو پر پنهنجو موڊ ڳالهائڻ تي نہ هيو.
منور ٻڌايو تہ تون ڪارا ڪپڙا پائي ۽ پنهنجا وڏا وار کولي آئي هئينءَ. ڇو جو توکي خبر آهي تہ مون کي ڪارن ڪپڙن ۽ وڏن وارن جي وچ ۾ ڳاڙها مُک ڏاڍا وڻندا آهن.
تون ٻي ڏينهن خط لکيو هيو.
”تون ڪالهہ ريديو تي نہ آئين ۽ ٽيليفون بہ ڪٽي ڇڏيئہ. مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ گهر اچي ڏانهون ڪري روئڻ لڳيس ۽ پوءِ ٽشو پيپر جنهن سان ڳوڙها اگهيا هيم، ان تي شعر ۽ تاريخ لکي ڏبي ۾ وجهي ڇڏيم. مان ڳوڙها اگهيل ٽشو پيپر هڪ ڏبي ۾ گڏ ڪندي ويندي آهيان ، پوءِ اهي ڳوڙها خوشيءَ جا هجن يا ڏک جا. جڏهن فرصت ملندي آهي تہ ڳڻي ڏسندي آهيان تہ ڏک گهڻا مليا آهن يا سک.
تنهنجي دوستيءَ جو پهريون تحفو —— ٽشو پيپر“

يونيورسٽيءَ جي رومينٽڪ ڪينٽين، ٻن جريبن ۾ پکيڙيل گلاب جا گل، ۽ وڻ .

وڻن جي جهڳٽن ۾ ڪرسين ۽ ڇهرن جي چانڊاڻ، پرسان نديڙو واهو وهندڙ.

ڪينٽيئين جي هڪ ڪنڊ اسان جي گروپ جي حوالي هئي ۽ پرسان وڻ تي ڪنهن اڪيري ڇڏيو هو 'فنڪار اسٽيٽ.' 'فنڪار اسٽيٽ' ۾ ويٺو هيس ته تون آئينءَ توکي پرسان واري ڪرسي تي ويهڻ لاءِ چيم، جنهن تي تون منهن خراب ڪندي چيو، 'نه ويهندس، اِها منهنجي ڪرسي ناهي.' مان حيران ٿي ويس، پر پوءِ تنهنجي ڪاوڙ جو مطلب سمجهي ويم. تون ان ڪرسيءَ تي هميشه فاحزه کي ويهندي ڏٺو هو ۽ هُن چاپيءَ سان ڪرسيءَ جي ٻانهن تي 'F' اڪيري ڇڏي هئي. ان ڏينهن ٻه فاحزه مون سان گڏ ويٺي هئي ۽ تون ٻه ٽي دفعا آئي هئينءَ پر فاحزه جي هجڻ ڪري هر دفعي موٽي وئي هئينءَ. مان کلندي وراڻيو 'تنهنجي مرضي'

'تون آهين ته شاگرد، پر تنهنجي عزت گهڻن استادن کان مٿي آهي پر تون عجيب قسم جي ڇوڪرين سان ملندو، ڳالهائيندو آهين. تنهنجي لاءِ ماڻهن جي راءِ خراب ٿئي ٿي.'

'مونکي ڪنهن ٻه ماڻهوءَ جي پرواهه ناهي. منهنجي فاحزه سان واقفيت آهي، دوستي آهي، جيئن توسان آهي. ماڻهو صرف ايئن چو سمجهندا آهن ته هر ڇوڪري محبوبا آهي، اُها سٺي دوست نه ٿي سگهي؟! مان ته ماڻهن جو خيال ان ڪري ڇڏي ڏنو آهي جو ياءُ پيڻ ٻه گڏ ويهندا ته ٻه ماڻهو اعتراض ڪندا.'

' هرو پرو ايئن ناهي تنهنجا گهڻين ڇوڪرين سان واسطا آهن. پوءِ رڳو فاحزه لاءِ ايئن چو ٿا سمجهن. ان ۾ ڏوهه فاحزه جو آهي. هوءَ پاڻ پين کي ٻڌائي ٿي ته تون ان سان پيار ڪندو آهين ۽ ٻيو سڀ ڪجهه ٺيڪ آهي، رڳو نڪاح جي فارملٽي Formality رهيل آهي.'

'فاحزه ايئن چئي نه ٿي سگهي.'

'تو کي خبر ناهي ته ماڻهو پنهنجين خود غرضين کي ڪيئن مسڪراهٽن جي لباس ۾ لڪائي ڇڏيندا آهن.'

'ايئن هوندو، پر مون کي يقين آهي ته، جڏهن مان ڪنهن سان سچو آهيان ته اڳلو ٻه مون سان سچو هوندو.'

'ڏيئو پين کي روشني ڏيندو آهي. موٽ ۾ روشني ته نه ملندي اٿس .'

'چنڊ سج کان روشني وٺندو آهي ۽ پين کي ڏيندو آهي.'

' الله ڪري ايئن هجي.'

تون منهنجي چاٻين جي ڇلي سان ڪيڏڻ لڳي هئينءَ .

'ايڏيون چاٻيون!' حيرت مان چيو هيئه.

'خيال سان واپس ڪجاءِ، دل جون ٻه چاٻيون ٻه ان ۾ آهن.'

منهن تي شرارت اچي وئي هيئه.

' ڪهڙي آهي دل جي؟' ٺهڪ ڏيندي پڇيو هئيه.

'تو کي ڪهڙي ٿي لڳي؟'

'توتي ڪهڙو اعتبار،الائي ڪيتريون ڊپليڪيٽ Duplicate هجن.'

منهن تي مرڪ جا مگرا ٽڙي پيا هيئه.

'چانهه پيئندينءَ؟'

'تو کي خبر آهي ته مان چانهه نه پيئندي آهيان .'

'پر ڪڏهن ڪڏهن ته... '

'ها، الائي چو تنهنجي چانهه نه مو ٽائي سگهندي آهيان.'

' مهرباني نه چوندو مانءِ.'

'ڪنجوس ته آهين. تون ايڏي گهٽي چانهه چو پيئندو آهين؟'

'ماڻهو ته رت پيئندا آهن، مان ته صرف چانهه ٿو پيئان !'

'ڪڏهن گهٽائيندين؟'

'جڏهن ڪنهن رت پيئڻ جي اجازت ڏني.' شرارت مان وراڻيم.

'فاطميد وارن کان وٺي ڏيانءِ؟'

'نه پڪو آدمخور آهيان، تازي رت پيئندو آهيان!' شرارت مان اک پڇندي تو کي چيم ته تون ڪِلي شرم ٻوٽيءَ وانگر شرمائجي وئينءَ.

چانهه پي، منهنجيون چاٻيون ڪٺي وڃڻ لڳينءَ. مان گهٽو ئي چيومانءِ 'ته ان ڇلي ۾ دل جي چاٻي ناهي.'

'نه تو چيو چو، مان ڪٺي ويندس.' کلندي ڪڏندي هرڻيءَ جيان هلي وئينءَ.

مان ڪنهن مان وڏيون اميديون نہ رکندو آهيان، نہ ئي چاهيندو آهيان تہ ڪوئي موٽ ۾ گهٽيون اميدن رکي. چو جو اميدون پوريون نہ ٿيڻ تي پي کي قصور وار بنائڻ غلط آهي. توسان بہ مان گهرو نہ ٿيندو هيس، هونئن بہ ان وقت تائين تولاءِ محبت (جيڪا صرف محبوبا لا ءِهوندي آهي) نہ هئي. منهنجي ڪوشش اها هوندي هئي تہ مان ڪنهن جي ضرورت نہ بڻجان ۽ نہ وري ڪو بيو منهنجي ضرورت بڻجي. چو جو جيڪڏهن ڪنهن وقت زمانو جدا ڪري تہ هڪبئي جي جدائيءَ ۾ بيڪار پرزا بڻجي نہ پئون.

اسان ڪجهہ دوستن ڪوئيٽا وڃڻ جو پروگرام ٺاهيو. مان توکي ٻڌائڻ ضروري نہ سمجهيو. تنهنجي جڏهن خبر پئي تہ مون کي لفافو ڏئي وئينءَ. ان وقت اسان سڀ نڪرڻ وارا هياسين، تنهنجي خط جينز جي هپ پاڪيٽ ۾ رکي ڇڏيم. سفر دوران فرصت ملي تہ پڙهيم.

’ثاقب صاحب !

ٻڌو آهي، اوهان ڪي خير سگاليءَ جي دوري تي جنت (ڪوئيٽا) موڪليو پيو وڃي. توهان ٻڌايو بہ نہ، فون بہ نہ ڪيو، توهان مان اها اميد هرگز نہ هئي. ها سائين، مصروفيت وڏي وئي آهي. اڄ ڪلهہ تہ اوور ٽائيم بہ ڪيو ٿا (شام جو فاحزه ملي هئي اها خبر توکي پئي هئي) هوئنن توهان جهڙن دوستن مان اميد بہ اهڙي ئي رهڻ ڪپي. اڄ ڪلهہ ماڻهو پنهنجو پاڻ سان سچا ناهن،تہ ٻين سان ڪهڙا ٿيندا. بهرحال دعا آهي تہ توهان جو سفر خوشگوار ترين ثابت ٿئي ۽ اوهان هن دنيا ۾ جنت جي نظارن جي جهلڪ ڏسو، يقينا توهان گهڻو انجواءِ ڪندئو. جڏهن بہ ڪو خوبصورت منظر ڏسو تہ سوچجو هڪ چري ڇوڪري، جيڪڏهن ايتري خوبصورتي ڏسي ها تہ خوشيءَ ۾ مري وڃي ها. اميد آهي تہ توهان جڏهن واپس ايندئو تہ اوهانجي نظرن ۾ انهن حسين نظارن جو عڪس ضرور هوندو. شايد مان ان عڪس کي ئي ڏسي سگهان!

هڪ چري ڇوڪري.

اهو ڪاوڙ ۾ لکيل خط هيو. ڇو جو (تون بجاءِ (توهان) لکيو هيئي پر تڏهن بہ خوبصورت هيو. تنهنجي ان خط منهنجو سفر خوبصورت بڻائي ڇڏيو ۽ هر منظر مون ڇنڻ اکين سان ڏٺو. رات جو بروري ٽڪريءَ تان هيٺ ڦهليل ڪوئيٽہ شهر جا بلب ائين لڳا ڄڻ ڪنهن حسينہ جي پيشانيءَ تي محبوب سان ملڻ ڪانپوءِ آيل پگهر جا ڦڙا ’هنہ ڊيد‘ ’زيارت‘ ۽ ’چمن‘ هر هنڌ توکي شيئر ڏنم.

تنهنجي حس جماليات سٺي هئي، تون چانڊوڪيءَ مان، شام جي لهندڙ پاڇن مان، صبح جي نرم روشنيءَ مان، ۽ وڻن جي ساوڪ مان پرپور لطف وٺندي هئينءَ.

جڏهن موٽڻ ڪانپوءِ ملينءَ تہ منهنجين اکين ۾ گهڻي دير ڏسندي رهيئنءَ مون ڇيو ڇا ’رستي جي ڌوڙ حسين نظارن جي عڪس کي ڏنڌلو ڪري ڇڏيو؟‘

’نہ تنهنجون اکيون، ايترين بہ نازڪ ناهن جو رستي جي رئيءَ سان منظر ڏنڌلو ٿي وڃي.‘

’مان تون کي هر هنڌ شيئر ڏنو .‘

’مان چاهيان ٿي، تون مون کي ياد ڪر، جهڙي طرح مسافر ان ٿلاءَ کي ياد ڪندو آهي، جنهن ۾ پاٽي پيئڻ کان پهرين، هُن کي پنهنجو عڪس پلو لڳو هو.‘

’توکي، ان وڻ وانگي ياد ڪندس، جنهن جي ڇانوَ ۾ مسافر پنهنجي سفر جو ٿڪ لاٿو هجي.‘

’هونئن، تون خوش قسمت آهين، جو توکي برداشت ڪرڻ جي سگهہ آهي.‘

’جو توکي برداشت ڪيان ٿو.‘ مذاق جي ٽتر پڙڪو ڏنو.

’نہ، ايترن خوبصورت نظارن کي بہ ڏسي بہ ڊسٽرب نہ ٿو ٿين. مون کي ايتري سگهہ ئي ناهي تہ اهڙن خوبصورت منظرن کي ڏسڻ کان پوءِ بہ زندهہ رهي سگهان.

مان پنهنجي گهر ۾ مني پلانٽ Money Plant جا ٽي ٻوٽا پوکيا آهن. روز صبح جو اٿي انهن کي ڏسندي آهيان، ۽ انهن جي هڪ هڪ گونچ ۽ پن کي ڏسي، منهنجي دل خوشيءَ کان جهومڻ لڳندي آهي. ٻوٽو هڪ انچ وڌندو آهي تہ منهنجي رت سير وڌندي آهي. آهيان نہ چري ڇوڪري! مان ڪوئي لينڊ اسڪيپ ڏسندي آهيان تہ منهنجو وس ناهي پڄندو تہ ان کي اکين

۾ سمائي چڏيان ۽ چوانس ته تيسائين نه وچ جيستائين منهنجي اکين ۾ طاقت آهي. پر انهن نظارن جي خوبصورتي، اسان جي اکين ۾ رڪجي ئي نه ٿي.

اهڙي طرح جيئڻ، خوشيءَ جا ڳوڙها اکين مان وهي ويندا آهن ۽ ڏک جا ڳوڙها، تلاءُ ٺاهي اکين ۾ رڪجي پوندا آهن .

تون مون کي شيئر ڏنو هو، منهنجي لاءِ خوشيءَ جي ڳالھ آهي. منهنجين نظرن سان ڏسندين ته توکي هر شي خوبصورت نظر ايندي.'

'منهنجي اها ڪمزوري آهي ته، ڪنهن به خوبصورت منظر کي، اڪيلي سر انجواءِ نه ڪري سگهندو آهيان، مان چاهيندو آهيان ته خوبصورتيءَ کي ڪنهن نه ڪنهن خوبصورت وجود سان گڏ ڏسي، اَمر ڪري ڇڏجي. مان ايترو گهمان ڦران ٿو ته شايد ان جو سبب به اهو هجي ته پنهنجي اڌ وجود جي تلاش ۾ هجان.'

ڪڏهن ڪڏهن مون کي لڳندو ته مان ڪراڙو نوجوان آهيان. ڇاڪاڻ جو زندگيءَ جي هر رخ ڏانهن منهنجو رويو سنجيده هوندو آهي.هر نوجوان عشق ۽ محبت جي معاملي ۾ مير علي نواز 'ناز' بڻجڻ چاهيندو آهي. مان عشق ڪرڻ يا محبت ڪرڻ کان گهبرائيندو آهيان. صرف ان ڪري جو، جنهن خواهش جو پورائو نه ڪري سگهجي تنهن سان ناتو ڇو رکجي! محبت ڪرڻ کان پوءِ ٻئي نالا هڪ ٻئي سان اَيترا منسوب ٿي وڃن ٿا جو پوءِ اڪيلو نالو اڌورو لڳي ٿو. اسان اڃان ريتن رسمن جي ڪوٽ قلعي کي پار نه ڪري سگهيا آهيون. جنهن ڪري اڪثر طور ٻن پيار ڪندڙ دلين جو ميلاپ ڏاڍو ڏکيو ٿئي ٿو. جيڪڏهن سندن چاهت جذباتي هوندي ته ٿوري ئي وقت ۾ هڪ ٻئي کي وساري ويهندا ۽ جيڪڏهن چاهت چري هوندي ته ٻئي دليون پنهنجن جيون ساٿين سان صحيح نموني نڀاهي نه سگهنديون.

شادي به پيار جو موت آهي.

ڇاڪاڻ جو شاديءَ کانپوءِ خوابن جي چادر مٿان لاهي، زندگيءَ جي حقيقت جي تيز اُس ۾ هلڻو ٿو پئي. نابرابريءَ واري سماج ۾ پيٽ جي پورائي ڪرڻ محبت ڪندي خواهشن جي منجر کي خالي ئي رکڻو پئي ٿو ۽ پوءِ پيٽ ،پيٽ کان هيٺ واري چڪر کان مٿي آهي.

پيار کي شاديءَ جي روپ ۾ پائڻ کان پوءِ، چاهت جو رخ تبديل ٿي وڃي ٿو.

ان ڪري مان عشق لاءِ (Unfit) محسوس ڪندو هيس. مان صرف دوستيءَ واري ئي روپ کي ڏسڻ چاهيندو هيس، جنهن ڪري گهٽيون چوڪريون ملڻ کان لوائينديون هيون، جن جي منزل شادي هئي.

تون ته آهستي آهستي وڏي رهي هئينءَ.

مون کي اِهو خوف ستائڻ لڳو ته ڪٿي تنهنجي ذهن ۾ به ته اها ساڳي منزل ناهي. هڪ ڏينهن ٽيليفون تي ڳالهائيندي توکي چيم ته، اسان ٻئي سٺا دوست رهي سگهون ٿا. تون توري دير خاموش ٿي وئي هئينءَ. مان تون کي طنز ڪندي چيو ته 'چو دوستيءَ جو نالو تي چپ ٿي وئينءَ؟'

تون کو به جواب نه ڏنو، ٻئي ڏينهن تي تنهنجو جواب لکت ۾ مليو.

'ثاقب صاحب!

توهان ٽيليفون تي پڇيو هو ته مان دوستيءَ جي نالي تي گهٻرائجي چو ويس.

هڪڙي ڳالهه چوان ته دوستي ۽ دڪانداريءَ ۾ وڏو فرق هوندو آهي ۽ ماڻهو توهان سان خود غرضيءَ کي محبت جي لباس ۾ ڍڪي ۽ پنهنجي ديوانگيءَ کي دوستيءَ ۾ ويڙهي، ضرور مليا هوندا پر ساحره انهن چوڪرين مان ناهي جيڪا هڪ مسڪراهٽ ۽ ٻن ٽن رومينٽڪ ڊائلاگن تي پنهنجي دل ڏئي ويهي يا غلط فهميءَ جو شڪار ٿي وڃي. محبت ۽ عشق کان سواءِ ڪجهه رشتا اهڙا به هوندا آهن، جي بي نانءُ هجڻ جي باوجود بي مثال هوندا آهن!

مون کي اها خبر هئي ته توهان اهڙي ڳالهه ضرور ڪندئو. مان توهان جو مطلب سمجهي وئي آهيان، مگر هر ماڻهو هڪ جهڙو نه هوندو آهي، دراصل توهان کي هاڻي ڪنهن ماڻهوءَ تي اعتبار نه رهيو آهي ۽ توهان سڀني کي خود غرض سمجهو ٿا. توهان جي ان ڳالهه منجهان، مون اندازو لڳايو آهي ته توهان اجان دوستيءَ جي وسعتن کان ناواقف آهيو. ان جو سبب صرف اهو آهي ته، توهان پنهجو پاڻ کان ڊڄو ٿا. توهان پنهنجي چهري تي مصنوعي خول چاڙهي ڇڏيو آهي، هڪ طرف ته توهان پنهنجي اصلي چهري سان، پنهنجي وجود جي تلاش ۾ ٽڪرو ٿا ۽ ٻي طرف پنهنجي خول ۾ لڪي پنهنجي ۽ ٻين جي وجود کان انڪر ڪري فرار ٿيڻ چاهيو ٿا. توهان جو هاڻي ڪنهن تي اعتبار ناهي، پنهنجو پاڻ تي به نه، ۽ ٻين تي به نه سهارن جي عادت توهان جو اعتبار ڪسي ورتو آهي. سهارڻ جي خود غرضي توهان کي رتوچاڻ ڪري ڇڏيو آهي، ان ڪري ئي توهان کي پنهنجو وجود انهن سهارن ۾ نظر نه تو اچي. ڪڏهن بغير سهارن جي پنهنجي اندر جهاتي پايو ها. ته توهان کي پنهنجو وجود نظر اچي ها.

سهارن جي ڪلهي تي ڪنڌ رکي، پنهنجو وجود به ڳوليو ٿاءِ ان پوءِ ۾ به مبتلا رهو ٿا ته اهو ڪلهو توهان جي ڪنڌ هيٺيان کسڪي نه وڃي. توهان جي بي چيني، جستجو ان ڪري آهي، جو توهان پنهنجي تلاش سهارن سان گڏ ڪئي آهي. پنهنجن پيرن کي رتو چاڻ ڪيو ها ته رستو به مِليوَ ها ۽ منزل به! انهن مصنوعي سهارن ۽ توهان جي خوف، توهان کي رستن جي ٿڪاوٽ ۽ پٿرن جي سختيءَ کان محروم رکيو ۽ توهان کان اعتبار به کسيو. ڪڏهن يقين جي قوت ۽ اعتبار سان ڪنهن کي سمجهو ها، ته توهان کي پنهنجو وجود به ملي ها. توهان زندگيءَ کان فراريت حاصل ڪندا رهيا آهيو. توهان کي خبر ناهي ته اهي سهارا اسان کي منزل کان ٻتڪائيندا آهن. هن مطلبي ۽ خود غرض دنيا ۾ ڪنڊن تي هلڻ لاءِ ڪو ڪو ساٿ ڏيندو آهي. راهه ۾ هلندي، پيرن ۾ پيل لڦن تي، هر ڪوئي مرهم نه هٿندو آهي.

ثاقب! شڪ جي ڪري تو پنهنجا پر خلوص سهارا وڃائيا آهن. پنهنجي وجود سان ملندي توهان ڊڄندا آهيون ته، توهانجي اندر نه ڪوئي جهاتي پائي توهانجي اصل شڪل ڏسي وٺي.ان پوءِ جي ڪري توهان کي ٻين جي خلوص تي اعتبار نه تو اچي. منهنجي درخواست آهي ته ڪڏهن ڪنهن کي پنهنجي شخصيت سان ملايو، مون کي يقين آهي ته ان طرح اوهان کي پنهنجو وجود ڏاڍو خوبصورت نظر ايندو ۽ جڏهن توهان منزل تي رتوچاڻ پيرن سان پهچندئو ته پنهنجن چپن سان ڊوا رڪڻ وارو هڪڙو وجود، توهانجي ذات جي شاهديءَ سان گڏ توهانجو منتظر هوندو. مگر توهان گهٻرايو ٿا.ان لاءِ جو، توهان ۾ پنهنجو پاڻ سان ملڻ جي همت نه آهي ۽ ٻين جي ذات تي اعتبار نه آهي.هنن جي ڪلهن تي ڪنڌ رکي، توهان خود غرضيءَ ۾ مبتلا تي انهن کي ڌوڪو به ڏيو ٿا ۽ پنهنجي وجود کان ناواقف به رهو ٿا.

اهو مجون ٿا ته اسان سڀ هن دنيا جي ڊائنگ روم ۾ سجايل آهيون.

مگر اسان سڀني کي، اسانجي معبود پنهنجي پنهنجي جڳهه تي فٽ (Fit) ڪيو آهي. ڳالهه صرف سمجهڻ جي آهي، ضروري ناهي ته اسان سٺي جڳهه تي رهون ۽ خوش به رهون. گل به ته ڪنڊن سان گڏ هوندا آهن ۽ ڪرڙندا آهن، چنڊ به پنهنجي داغيل وجود سان چاندوڪي ڪندو آهي، درياءُ به ته مسلسل ٿڪاوٽ جي باوجود روان دوان آهي.اهڙيءَ طرح اسان جتي به هجون. اسانجي هڪ اهميت هوندي آهي. ضروري ناهي ته نمايان نظراچڻ واري تصوير ئي، سيني نگاهن جو مرڪز هجي! ڪنڊ ۾ لڳل تصوير به ته ڪنهن کي پُرڪشش لڳي سگهي ٿي، پنهنجي پنهنجي نظر جي ڳالهه هوندي آهي جيڪڏهن پنهنجو پاڻ کي سمجهندا ته مطمئن ر هندئو.

توهان ڪي درياءَ تي لهندڙ سج ڏاڍو سٺو لڳندو آهي! ڪڏهن غور ڪيو اٿوَ ته سج روز پنهنجي موت چو مرندو آهي؟ ان ڪري جو درياءَ جي ٿڌي پاڻيءَ ۾، درياءَ جي چاهت ۾ ٻڏي هن جو وجود ٺري پوندو آهي. تنهن ڪري هو روز اپرندو آهي. هن کي خبر آهي ته هڪ درياءُ هُن جو منتظر آهي. جيڪو هن کي، هُن جي گرميءَ سميت پنهنجن ٻانهن ۾ لڪائي/ سمائي ڇڏيندو. هو عظيم آهي جو دنيا جي ساري ٻاهه پنهنجي اندر جذب ڪري ٻين کي فائدو پهچائي ٿو.

عظيم هونداآهن اهي ماڻهو جيڪي پاڻ ٻَري، ٻين کي روشني ڏيندا آهن.

ڪڏهن درياءَ مان سج کي اپرندو ڏٺو اٿوءِ؟ ضرور ڏسجو! سج جي ڪرڻن جي نچڻ سان توهان کي زندگي نچندي نظر ايندي. توهان ٻه خلوص ۽ اعتبار سان اپري ڏسو. مون کي يقين آهي، ته توهان جي عظمتن جي اعتراف ۾ هڪ درياءَ توهانکي اوهانجي ڏک ۽ تپش سميت سميٽڻ لاءِ توهان جو منتظر هوندو. پوءِ اوهان کي پنهنجي زندگيءَ جو سج اپرندي محسوس ٿيندو.

توهان جي بي اعتباري ۽ توهان جي هڪ جملي مون کي گهائي وڌو آڪاش آهي لفظ ٻڌڻ مهل، توهان منهنجي چهري جا رنگ ٻه ڏسو ها. احساس جي مارُ واقعي شديد ٿئي ٿي، خلوص جي ٺوڪر منهن پر ڪيرائي ٿي. ڏکن جي باڪس ۾ هڪ وڏيڪ ٽشو پيپر.

توهان جي وجود جي تلاش ۾ جيڪڏهن منهنجو وجود ڪم اچي ته مان هاڻي، خلوص دل سان پنهنجي خوش قسمتيءَ جو اعتراف ڪيان ٿي. جيڪڏهن منهنجي وجود مان، توهان کي خوشي حاصل ٿئي ٿي ته مان قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. منهنجي سڙيل جسم جي خاڪ، توهان جي زخمن کي مسيحائي ڏي ته مان حاضر آهيان، خوشيءَ سان سڙڻ لاءِ پنهنجي وجود کي ختم ڪرڻ لاءِ. ڇو جو مان انهن مان ناهيان جيڪي دوستي ۽ خلوص ۾ دڪانداري ڪندا آهن. منهنجو اهو واعدو آهي ته جيترا لمحا، جيتريون گهڙيون، منهنجون توهان سان گڏ لڪيل آهن، انهن لمحن ۽ گهڙين ۾ توهان جي زندگيءَ ۾ محرم ڪڏهن نه ايندو، توهان بي خوف ٿي ڪنهن جي دوستيءَ تي اعتبار ڪري ڏسو خلوص تي شڪ ڪندئو ته سٺن دوستن کان محروم رهندئو.

دعا ڪجو، ته توهانجي ان ڳالهه وسارڻ ۾ ڪجهه ڏينهن، ڪجهه پل تيزيءَ سان گذري وڃن. نه ته، لفظن جا گهاءَ صدين کان پوءِ ٻه تازا محسوس ٿيندا؛

هڪ ڇري ڇوڪري.

ڪنهن ٻه شيءِ جي پڄاڻي، جنم ڏيندي آهي نئين شيءِ جي شروعات کي .

موت جنم ڏيئي ٿو زندگيءَ کي، ۽ رات جنم ڏي ٿي صبح کي.ايڪٽيهين ڊسمبر پڄاڻي آهي سال جي. پر ان گهڙيءَ شروعات ٿئي ٿي پهرين جنوريءَ جي، نئين سال جي. اهو ايڪٽيهين ۽ پهرين جي وچ وارو عرصو ولوڙ تڪليف ۽ پيڙائي تخليقي عمل جي گهڙي آهي. جيئن ماءُ جي لاءِ ٻار جا سور ۽ مکڻ لاءِ ڇاڏيءَ ۾ ولوڙ.

جڏهن شام ٿيندي ۽ سج لهڻ لڳندو آهي ته منهنجي منَ تي مونجهه ڇانئجي ويندي آهي، ڏک ٿيندو آهي ڏينهن جي موت تي. جڏهن سال جي پوئين ڏينهن تي سمورو جڳ نئين سال جي خوشي ملهائڻ ۾ مشغول هوندو آهي، ان وقت ٻه مان ڏکايل هوندو آهيان، سال جي موت تي.

31 ڊسمبر تي مان ڏاڪايل هيس ته تون يونيورسٽيءَ ۾ ملي هئينءَ ۽ چيو هيئي ته” اڄ رات جو جڏهن گهڙيال جون ٻئي سيون هڪبئي سان ٻاڪر پائي موڪلائينديون ته مان توکي ٽيليفون ڪنديس ۽ سڀاڻي توسان ملڻ ايندس....“

ان ئي ڏينهن منهنجا پراڻا دوست ۽ دوستن جهڙو وڏو ڀاءُ پهتو. اسان ٻئي ڀائر ڀاڻ ۾ فري آهيون ۽ توکي ڏسي مذاق ۾ توسان دوستي رڪائڻ لاءِ چيو هيائين.

رات جو اسان سيني خوب ڊرنڪ ڪئي ۽

رات جو 12وڳي بند پيل بتين کي آن ڪري رڙيون ٺهڪ ۽ ڊانس ڪندي نئين سال کي ويلڪم ڪيوسي. اسان ڪل مذاق ۾ هياسين ته تنهنجي ٽيليفون آئي، چوڪيدار ٻڌائڻ آيو پر دوستن نه ڇڏيو.

پهرين جنوري جمعو هيو، جنهن ڪري يونيورسٽي بند هئي، پر تون پوءِ به يونيورسٽي اچڻ لاءِ چيو هو، تو ۽ مون توکي چيو هو ته ” اچڻ ۾ ڪو اعتراض ڪونهي، پر پهرين جنوريءَ تي مان آدمخور بڄي ويندو آهيان ۽تازي رت پيئندو آهيان ، تون کلي چيو هو ته”ٺيڪ آهي پيئجانءِ“

صبح جو تون ڳاڙهن ڪپڙن ۾ وار کولي هٿن ۾ گلدستو کڻي آئي هئينءَ ۽ تون مون کان اڱم پهچڻ ڪري ’فنڪاراسٽيٽ‘ جي ڪرسيءَ تي انتظار ڪري رهي هئينءَ. مان تنهجي همت کي دل ئي دل ۾ داد ڏنو ۽ تو وٽ پهچڻ سان، هٿ ملائي ڪِس ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيس ته تو اعتراض ڪيو ۽ مان چپ چاپ ويهي رهيس. مان پنهجو پاڻ کي ڪريل محسوس ڪيو ته هرويرو هڪ ماڻهوءَ جي دل ڏکائي اٿم. هوئنن به مان ڪو ڪم، ڪا به ڳالهه، ڪنهن جي رضامنديءَ کان بغيرنه ڪندو آهيان. پڇتاءَ جي احساس هجڻ ڪري خاموش رهيس. آخرڪار گهڻي وقت ڪانپوءِ توکي چيم ته ’مان ڏاڍو شرمندو آهيان، مونکي ايئن نه ڪرڻ ڪپندوهو‘

تو ڪنڌ هيٺ ڪري چيو هو: ’ اسان چوڪرين جي سموري ملڪيت اِهي رنگ ئي ته هوندا آهن جيڪڏهن اِهي به گم ٿي وڃن ته پوءِ اسان وٽ باقي بچي ڇا ٿو، ڪجهه به نه !‘

’رنگ ڪڏهن به ختم نه ٿيندا آهن.‘

’اسان جي حيثيت پوپٽ جيان آهي. جنهن جا رنگ، جيڪڏهن ڪنهن جي هٿن تي رهجي وڃن ٿا ته پوءِ هُن جي حيثيت صرف هڪ ڪينئين جهڙي آهي‘

’هرو پرو پوپٽ جا رنگ ئي چو؟ منديءَ جي ٻڙي جا به ته رنگ آهن. جنهن کي، جيترو ڇهبو ۽ مهٽبو ته ايترو وڌيڪ چمڪندو.‘

تو ۽ مان وري خاموش ٿي ويا هياسي. مونکي ٿورو ٽيمپريچر محسوس ٿيڻ لڳو ۽ نڙيءَ ۾ ڪا شيءِ اٽڪڻ لڳي. تون منهنجي طبيعت کي چڱي نموني سمجهي ورتو هو ۽ چيو هيئه ’تون هرو پرو ايڏو اثر ڇو ورتو آهي.‘

’ مان پاڻ کي ڪريل ٿو محسوس ڪيان.‘

’نه ايئن ناهي، تون پنهنجي جڳهه تي صحيح آهين. اها منهنجي مجبوري سمجهه يا ڏوهه ‘

’چڱو ٺيڪ آهي. پر هاڻي منهنجي هڪ ڳالهه مڃ ‘

’چئه‘ منهن سورج مکي ٻڄي ويو هيئه.

’هاڻي مون سان نه ملندي ڪر، مان ڪنو شخص آهيان، مان ڏاڍو خراب آهيان، تو جهڙي چوڪريءَ کي مون سان ملڻ نه ڪپي.‘

’نه ايئن نه ٿيندو.‘ تو حيرت ۽ ڪاوڙ مان چيو.

’ منهنجي خواهش آهي.‘

’ ايئن بلڪل نه ٿيندو، تون پڇتاءُ نه، تنهنجو ان ۾ ڪو به ڏوهه ناهي. مان ڏوهي آهيان، تون جيڪڏهن ايئن ڪيو ته مان به يونيورسٽي ڇڏي ويندس.‘

ان سوچ ۾ گم هيس، ان وقت نه ڄاڻ ڪٿان، منهنجو پارٽنر به اچي پهتو ۽ مان ان سان ڪچهري ڪرڻ لڳس، تون وري وچم ڳالهايو.

’اڄ منهنجي برٿ ڊي آهي، ضروراچجانءِ‘ تون نهٺائيءَ مان چيو ۽ پنهنجين اکين ۾ پيار اوتي، مون ڏانهن نهارڻ لڳينءَ .

’نه اچي سگهندس.‘ مون رڪائيءَ مان چيو.

’ضرور اچجانءِ مان انتظار ڪنديس .‘

’ڏکيو آهي، منهنجي طبيعت صحيح ناهي .‘

’ٺيڪ تي ويندي توکي ضرور اچڻ ڪپي.‘

پارٽنر جي ڪري تون ۽ مان چڱي نموني نه پيا ڳالهائي سگهون.

ان وقت تنهجو ڊرائيور تو کي وٺڻ آيو، گيٽ تائين توکي ڇڏڻ آيس.

اکين ۾ التجا آڻي تو چيو هو.

’شام ضرور اچجانءِ.‘

مان ڪو به جواب نه ڏنو هو.

منجهند جو جهڙ هجڻ ڪري، سڀ دوست شادي شهيد جي ٽڪرين تي ’پڪنڪ‘ ڪرڻ هليا وياسي. موٽيم ته ٽوڏي اچڻ جو ٽائيم ٿي ويو هو. نه چاهيندي به قدم ٽوڏي وٺي آيا. تون خوشيءَ ۾ ٻهڪي پئينءَ. پر سمورو وقت منهنجو موڊ آف رهيو هو. ڇو جو هڪ احساس اندر کي کائي رهيو هو. تو ڪلائڻ لاءِ گهڻائي وس ڪيا، پر مان اهڙو جو اهڙو رهيس. مان جلد ئي تو وٽان اٿي آيس .

صبح جو تون آئين ته پاڻ سان گڏ هڪ ڪارڊ به آندئي، جنهن کي تون پينٽ ڪيو هو. ’سج لهڻ جو منظر.‘

فنڪار اسٽيٽ ۾ تون ۽ مان ويٺا رهياسي پر خاموشي اسان مٿان ڇانيل هئي.

تنهنجي چهري مان محسوس ٿئي پيو ته اها خاموشي تو کي ڪائي رهي آهي.

تون جڏهن وڃڻ لڳينءَ ته منهنجي هٿ کي چميندي چيئه.

’ هاڻي مان رضا خوشيءَ سان پنهنجا رنگ توکي ڏئي ٿي وڃان، تون هاڻي ته خوش ٿيءُ.‘

’مان، تو کي هاڻي ڪڏهن به رنگن ڏيڻ لاءِ نه چوندس!‘

’مان خوشيءَ سان پنهنجا رنگ تنهنجي حوالي ڪيا آهن، تون پنهنجي ان خاموشيءَ کي ٽوڙ مون کي لڳي ٿو ڄڻ سموري ڪائنات رڪجي وئي آهي.‘

’مان تو کي ڏکايل ڏسڻ نه ٿي چاهيان. هي ته رنگ آهن، پر مان تو کي خوش رکڻ لاءِ پنهنجي جان به ڏئي سگهان ٿي.‘

اکين ۾ موتي اچي ويا هئيه ۽ فنڪار اسٽيٽ مان نڪري وئي هئينءَ.

يونيورسٽي جي شاگردن ۽ استادن گڏجي نئين سال جي سلسلي ۾ ’امن مارچ‘ جو پروگرام ٺاهيو. صبح جو يونيورسٽيءَ کان نڪتاسي، منزل ڪوٽڏيجي جو قلعو هيو. ٻنااڙن تي رُڪ سيڪ هيا. ڪلنڊا ڪڏندا اڳتي وڌندا رهياسي ۽ ڪنهن ٽئپ رڪارڊ تي ڳانو هلائي ڇڏيو

’هُڙڪ هلو ڏيمان هلو....‘ ڪوٽ ٻنگلي کان اڳ مير واهه جي پل تي تون به گاڏيءَ ۾ ويٺي هئينءَ. تنهنجي هٿ ۾ گلدستو هُيو ۽ منهن تي چنبيليءَ جهڙي مُرڪ. ٻئي ڄڻا گهڙي کن مير واهه جي ڪناري چبر تي ويهي، تنهنجي آندل چانهه پيتي هئي. تون ان وقت نئين سال جي ڊائري به ڏني جنهن تي لکيل هو.

’مون کي معلوم آهي ته اهُو ڏينهن به ايندو، جڏهن هِن ڌرتيءَ کي ڏسڻ واريون منهنجي اکين جي روشني هلي ويندي. زندگي، چپ چاپ موڪلائيندي، منهنجين اکين تي پردو ويڙهي ڇڏيندي، پر ستارا پوءِ به رات جو جاڳندا رهندا،

صبح اڳ وانگر سجاڳ هوندي،
۽ اٿئي پهر، سمنڊ جي لهرن جيان،
اپرندا لهندا رهندا، بالڪل اهڙي ريت،
منهنجي ياد به تنهجين يادن جي سمنڊ
۾ ٻڏندي ۽ ترندي رهندي، مهينا ۽ سال
گذرندا ويندا ۽ پوءِ منهنجين يادن جو درد گهرو ٿي،
محبت ۽ آرزوئن جو روپ وٺندو.

۽ ان وقت تون، ان سچ کي لڪائڻ به چاهين، پر اهو سچ تنهنجي اکين مان ڳالهائيندو.

تنهنجي دل جي گهراين ۾ ڪا به خوشي نه هوندي، تنهنجن قدمن سان گڏ راهه جي بانسريءَ مان خوشيءَ جا سُريلا نغما نه وڄندا.

۽
اُن وقت، تون مون کي ڳولهيندين ۽ منهنجو وجود پنهنجين محبتن سان مٽن مٽيءَ هيٺيان فنا ٿي چڪو هوندو.

ليڪن،

پوءِ ان مٽيءَ مان منهنجو وجود ٻيهر جنم وٺندو

۽ ڪنهن ٻي شڪل ۾ تنهنجين اکين مان وسندڙ دوستيءَ جي نرم مٽي ڦڙ ڦڙ پسڻ لاء. ان لاءِ جو دوستي امر ٿيندي آهي ۽ان ۾ محبت جي خود غرضي ۽ عشق جي ديوانگيءَ جي بجاءِ جبلن جي بلندي، جهرڻن جو ترنم، مکڙين جي معصوميت گلن جي مرڪ، ۽ فرشتن جو نور شامل هوندو آهي.‘

مان ڊائري پڙهي، مرڪي توکي ڏٺو هيو، تنهنجي اکڙين ۾ آس جا ڪئين سنهرا سنگ جهومي رهيا هيا، مون کو به جواب ڏيڻ بجاءِ توکي چانهه پيئڻ لاءِ چيو ته، تو مرڪي شرارت مان چيو هو.

’مان، مِني چانهه پيئندي آهيان.‘

مان ٿهڪ ڏئي، پنهنجو اڌ پيتل مَگ تو ڏانهن وڌائي ڇڏيو هو. تون پنهنجن گوڏن تي ڪاڏي رکي ڇيو هو.

’نئين سال کي جيترو تون انجواءِ ڪري رهيوآهين، ٻيو ڪوئي نہ ڪندو.‘

ڏس نہ، ايڪٽيهين ڊسمبر ۽ پهرين جنوري جي پڪنڪ، وري هيءَ مارچ ۾.....‘

’۽ پهرين جنوريءَ تي مليل ڏک ۽ خوشي، جن منهنجي زندگيءَ جي ڪينواس کي ڳاڙها پيلا ۽ ڪارا رنگ اڇلي بي معني آرٽ بڻائي ڇڏي آهي‘ مون تڪڙ ۾ تنهنجو جملو پورو ڪيوهو.

’ تصوير ۾ رنگ ئي تہ سڀ ڪجھ هوندا آهن.‘

’ها، پر ڪجھ تصويرون، رنگين هوندي بہ ٻُسيون ٻُسيون لڳنديون آهن.‘

’بهرحال، تو کي ان ڏک کي وسارڻ کپي. ان لاءِ جو اهي رنگ اسان جو حسن هوندا آهن.‘

’اِهي رنگ تہ اوير ۽ اولهہ ۾ فرق پيدا ڪن ٿا ۽ اسان ويچارا، مغرب ۽ مشرق جي چڪر ۾ پيڙجندڙ ماڻهو.‘

’ان ۾ ڪو شڪ ناهي، تہ توهان لاءِ سڀ ڪجھ اِهي رنگ آهن پر.....‘

’انهن رنگن جي ڪري ئي، اسان ۾ ۽ فٽ پاٿ تي پيل عورت ۾ فرق آهي.‘

’تون ان تي پاڻ سوچ پوءِ توکي منهنجا رنگ سٺا لڳندا؟‘

تون پنهنجن نيڻن کي جهڪائيندي چيوتہ..

’منهنجو خيال آهي تہ، توکي اها ڳالهہ وسارڻ کپي چو جو مان پنهنجا رنگ، پاڻ ئي تنهنجي هٿ تي ڇڏي وئي هيم ۽ منهنجو خيال آهي تہ پنهنجن رنگن کي پاڻ ئي، ٻي جي حوالي ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. تنهنجي، پنهنجو پاڻ تي مڙهيل شڪست کي، مان رنگ ڏئي، فُتح ۾ تبديل ڪري ڇڏيو، تون خوش نہ ٿئين. اُها تنهنجي غلطي نہ هئي، تنهنجي جرئت ۽ خلوص هيو ۽ مان بيوقوف ڇوڪري، توکي سک ڏيڻ جي ڪوشش ۾ اڻڄاڻائي ۾ ڏک ڏئي ويم. بهرحال شايد، مان بہ ان لمحي توکي ڏنل ڏک کي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندس.‘

اکين ۾ آيل آبشار کي وهائيندي، پنهنجو سامان سميٽي، گاڏيءَ ۾ هلي وئينءَ.

تنهنجي اڳڪٿي، بالڪل صحيح ثابت ٿي. ڇوجو فاحزه تمام گهڻو ويجهو اچي وئي. منهنجين سوچن جي خلاف، مون کي تنگ ڪرڻ لڳي. تون جيئڻ چيو هو تہ ماڻهو پنهنجي

خود غرضيءَ کي مرڪن ۾ لڪائي ڇڏيندا آهن اڪيلي ڪي قريب جي ڦندي ۾ سوگهو ڪري ڇڏيندا آهن. فاحزه ٻه مون سان گهرو تيڻ لڳي ۽ هُن جي گهرائپ، يونيورسٽيءَ ۾ منهنجي لاءِ مسئلو ڪرڻ لڳي. هو سڀ ڪنهن کي ٻڌائڻ لڳي ته منهنجي هن سان محبت آهي. هُن ڪافي پيرا اهڙو اظهار منهنجي آڏو ڪيو ته مون کيس خط لکيو. جنهن ۾، مون کيس صاف صاف لکيو هو ته مان هُن سان دوستي رکڻ چاهيان ٿو، اُها دوستي جيڪا ٻارن ۾ هوندي آهي، اسان ٻئي اهڙي پاڪ دوستي رکي سگهون ٿا. جنهن جي پاڪيزگي ڏسي ماڻهو رشڪ ڪن. جيڪا گل کان وڌيڪ خوبصورت هجي ۽ ماڪ کان وڌيڪ معصوم هجي. هُن جي خواهش هئي ته مان ساڻس شادي ڪيان، جيڪا مان، ان وقت ۽ ان سان ڪرڻ نه پيو چاهيان.

هڪ دفعي بابا سان ڪراچي گهمي رهيو هيس ۽ ٻئي ڇتا هڪ ٻئي کان لڪي ڇوڪرين کي ڏسي رهياسي ته پڇيائين..

’ شادي ڪڏهن ڪندين؟‘

’اڃان ڪو ارادو ناهي.‘

’ذهن ۾ ڪاڇوڪري اٿئي‘

’نه شادي توهان جي ۽ امڙ جي پسند سان ڪنديس.‘

’اهو ته ٺيڪ آهي پر اڄڪلهه زمانو بدليل آهي، اسان ٻه ته غلط فيصلو ڪري سگهو ن ٿا.‘

’توهان منهنجي لاءِ بهتر سوچي سگهو ٿا، هونئن ٻه شادي جُوا آهي، لڳي ته واهه واهه، نه ته انڌيرو ئي انڌيرو.‘

بابا کي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ پڇيائين.

’رومانس ڪيو ٿي‘

’نه.‘

’ڇوڪريون وڻنديون ٿي؟‘

’ها گڏهه ناهيان.‘

بابا ٽهڪ ڏيندي چيو ’ رومانس ضرور ڪجاءِ پر فلرٽ نه ڪجانءِ!‘

’ٺيڪ آهي‘

’هڪڙي منهنجي صلاح مڃ. جنهن سان رومانس ڪرين، شادي ٻه ان سان ڪجانءِ.‘

’مشڪل آهي!‘

’ڇو؟‘

’زندگي، تجسس جي سهاري گذاربي آهي. رومانس ڪرڻ سان ٻئي پريمي زندگيءَ جي باري ۾ آدرشي ٿين ٿا ۽ جڏهن اهي ٻئي شادي ڪن ٿا ته سندس آدرشن جو چنڊ لهي وڃي ٿو ۽ زندگيءَ ۾ پريل تجسس ختم ٿي وڃي ٿو. جنهن ڪري، جلد ئي هڪ ٻئي مان بيزار ٿي وڃن ٿا.‘

’ايئن ته ارينجڊ Arranged ميريج وارن سان ٻه ٿي سگهي ٿو؟‘

بابا مون کي حيرت مان ڏسندي پڇيو.

’ منهنجي خيال ۾ ارينجڊ ميريج ۾ زال ۽ مڙس اڌ عمر هڪ ٻئي کي سمجهڻ ۾گذارين ٿا ۽ هڪبئي کي سمجهڻ ڪانپوءِ جيڪڏهن ائڊجسٽ ٿي ويا ته سٺو، نه ته ايئن ڇئي زندگي گهاري ڇڏين ته اڌ زندگي گذري وئي آهي ۽ اڌ زندگي ٻه گذري ويندي.‘

بابا، مون کي ڪو ٻه جواب نه ڏنو هُيو ۽ مان اڃان تائين پنهنجي نظريي تي قائم آهيان. پي ڳالهه ته مان ذهني طرح شاديءَ لاءِ ان ڪري ٻه تيار نه هيس، ڇو جو منهنجي نظر ۾ شادي، اڳتي وڌڻ ۾ رڪاوٽ آهي ۽ مان اڃان اڳتي وڌڻ چاهيان ٿو.‘

فاحزه خط جي جواب ۾ لکيو ته.

’...مون کي سمجهه ۾ نه تو اچي ته ڪتان کان شروع ڪيان. بهرحال، سڀ کان پهريان ته تو کان معذرت ٿي وٺان، حالانڪ مون کي خبر آهي ته تون معافيءَ وٺڻ کي (دوستيءَ ۾) خراب سمجهندو آهين. هاڻي مان جيڪي ڪجهه لکندس، اهو تو کي ناگوار گذري ۽ ان ڪانپوءِ شايد تون مون سان ملڻ ٻه گوارا نه ڪرين، جيڪو مان ڪڏهن ٻه چاهيندس.

تون پنهنجي خط ۾ دوستيءَ جو مفهوم ڏاڍو واضح لکيو آهي ۽ مان ڪنهن حد تائين اِن سان اِتفاق ٻه ڪريان ٿي، پر مان سمجهان ٿي ته اسان جي معاشري ۾ اڃان تائين ٻه ڪنهن ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي دوستيءَ کي تسليم نه تو ڪيو وڃي. تنهنجي دوستي منهنجي لاءِ ڏاڍي مانَ واري ڳالهه آهي، پر هيءَ ڪٽي منهنجي ڪوتاهي سمجهه يا وري منهنجي خود فريبي، جو مان دوستي کان ٻه وڌيڪ سوچيو هو. اها صرف هڪ طرفي سوچ هئي، اها صرف منهنجي پل هئي ته، جنهن سان دوستي رکنديس، ان کي ئي پنهنجو سڀ ڪجهه سمجهنديم.

ڳالهائڻ ته هر ڪنهن سان هوندو آهي، پر اسان ان کي دوستي يا پي ڪنهن جذبي جو نالو ڏئي نه ٿا سگهون. پر مان، ماءَ جي تڃ جو قسم کڻي چوان ٿي ته اڄ تائين منهنجي اهڙي قسم جي دوستي ( جهڙي توسان هئي) نه رهي آهي ۽ نه رهندي ۽ نه ئي ڪنهن رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ نه هئي. بهرحال، منهنجو مقصد توکي قسم کڻي يقين ڏيارڻ ناهي. مون کي گهڻن ئي ماڻهن ٻڌايو ته تون مون کي نه تو چاهين، صرف وقت گذارڻ لاءِ مون سان واسطو رکين تو، مون سان ڪلي ڳالهائين تو.

تنهنجا مون تي لکين احسان ۽ ٿورا آهن، جن کي سامهون ڏسندي مون کي ڪجهه به لکڻو نه هيو ۽ نه ئي ڪجهه منهن سان چوڻو هيو.پر، مان وري به اهو لکندي ڏاڍو شرم تي محسوس ڪيان، ۽ پنهنجاپ ۾ اهو سڀ ڪجهه توکي لکي رهي آهيان. هونئن به تنهنجا مون تي وڏا احسان آهن، جن کي مان ڪڏهن به نه لاهي سگهنديم ۽ هڪ وڌيڪ احسان مون تي ڪجانءِ ته مون کي معاف ڪري ڇڏجانءِ.

مان تنهنجي در تي تنهنجي آڏو هڪ گذارش ڪٽي حاضر ٿي آهيان ته، جهڙي طرح تون صرف مون سان دوستي رکي سگهين ٿو ۽ وڌيڪ ڪجهه به نه، اتي مان اهو چوڻ ۾ حق بجانب ته ناهيان پر، ان کي منهنجي ڀُل سمجهي ڪري معاف ڪجانءِ ته مان دوستي اِن معنيٰ ۾ رکي نه ٿي سگهان.

صرف هڪڙي گذارش آهي ته مون کي اگر تون پيو ڪوئي ساٿ نه ٿو ڏئي سگهين ته صرف پيڻ ۽ ڀاءُ جو ساٿ ته اسانجو رهي سگهي ٿو. آهيان ته اِن ساٿ جي قابل به نه، پر پوءِ به گنجائش نڪري وڃي ته منهنجي لاءِ وڏي سعادت جي ڳالهه هوندي، اگر تون بخشين ته.

مان سمجهان ٿي ته مان جيڪي ڪجهه لکيو اهو، سڀ ڪجهه دل سان ڪونه لکيوآهي ' پر ڇا ڪجي جو مان اهو سڀ لکڻ تي مجبور آهيان.

منهنجي هن خط کي پڙهي، شايد...... شايد نه پر مون کي يقين آهي ته، مون سان ڳالهائڻ به گوارا نه ڪندين. پر ايترو ضرور سوچجانءِ ته، مون کي تنهنجي رهنمائي، تنهنجي راين جي تمام گهڻي ضرورت هوندي آهي ۽ رهندي.

اگر تون مون سان بلڪل تعلقات ختم ڪيان ته مان هيءَ يونيورسٽي ته ڇا پر هي شهر ڇڏي هلي ويندس.

آخر ۾ ڏاڍي ڏاڍي معذرت/معافي'.

توکي مان اها ڳالهه ٻڌائي ته تون اِن ڳالهه تي ڪنهن به حيرت جو اظهار نه ڪيو ۽ تو چيو ته اِهو ته اڳ ۾ ئي ايڪسپيڪٽڊ (Expected) هو. مون کي اها ڳالهه ڏاڍي ڏک پچائي رهي هئي ته منهنجي ڪري ڪنهن کي ڏک پهچي رهيو هو، جيڪو مان چاهيان به نه پيو. مون کي خوشي به ٿي ته گهٽ ۾ گهٽ فاحزه ڪليل لفظن ۾ چيو ته سهي جيڪي ڪجهه من ۾ هيس. نه ته، اهڙي ريت چپ چپاٽ ۾ غلط فهميءَ جي پٽ وڌندي وڃي ها. ۽ پوءِ اُها پٽ جڏهن ڍهي ها ته ٻئي اُن هيٺيان ديجي ختم ٿي وڃون ها.

فاحزه مون سان ملي، لڇي لڇي لڳي رهي هئي. مون کيس چيو ته،' مان تنهنجي همت کي داد ڏيان ٿو ۽ خوشي آهي ته تو جيڪو ڪجهه سوچيو اُهو لکي اظهار ڪري ڇڏيئه. باقي ته اهو ناممڪن آهي، جو جو مان توکي اڳ ۾ ئي ٻڌايو هيو ته منهنجي توسان شادي ٿيڻي ناهي ۽ صرف هڪڙوئي رشتو رکي سگهون ٿا. دوستيءَوارو.

پر، توکي اِهو قبول ناهي ته مون کي به ڪو ڏک ناهي جو جو دوستي مسلط نه ڪبي آهي. اُها ته رضاڪارانه معاهدو آهي، ها مان تو کي ڀيڻ بڻائي نه ٿو سگهان. جو جو تون مون کي 'ادا' سڏين ۽ مان 'ادي' ته فرق نه پوندو. اِهو ته صرف ماڻهن کي بيوقوف ڪرڻ ٿيندو. مون کي پنهنجون سڳيون ڀينرون ڪافي آهن ۽ مون کي وڌيڪ ضرورت ناهي. تنهنجو منهنجو رشتو ڀاءُ ڀيڻ جهڙو پاڪيزه ته ٿي سگهي ٿو. پر ڀاءُ ڀيڻ وارو رشتو نه، جو جو مون کي نفرت آهي اهڙن ماڻهن ڪان جيڪي لفظن جو غلط استعمال ڪندا آهن. ڇوڪرين کي 'ڀيڻ' ته چوندا آهن پر اندر ۾ انهن ڇوڪرين جون تصويرون محبوبا جي خاني ۾ رکيل هونديون آهن.

اها ٻي ڳالهه آهي ته تون جيڪو چئين ٿي ته تون يونيورسٽي ڇڏي ويندينءَ اهو سڀ اجايو آهي. ڪوئي به ڪنهن جي لاءِ ڪا شيءِ يا جڳهه نه ڇڏيندو آهي، نه ئي ڪو ڪنهن جي لاءِ مرندو آهي. اِهي سڀ چوڻ جون ڳالهيون آهن. تون جڏهن به مون وٽ صلاح مشوري لاءِ ايندينءَ ته مان تو کي ڏيندس ۽ اِها منهنجي لاءِ فخر جي ڳالهه هوندي'.

فاحزه سموري وقت خاموشيءَ سان ٻڌندي رهي ۽ هُن جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا ۽ مون کان موڪلائي هلي وئي، اُن ئي وقت تون به اچي وئينءَ. تو ڪجهه نه پڇيو شايد سمجهي چڪي هيئينءَ، منهنجو موڊ خراب ڏسي تو چيو' چو، خيريت ته آهي؟'

'تون سڀ ڪجهه ڄاڻين ٿي'.

'ٻي ڏوهي هوندي، پاڻ کي ڏوهي سمجهڻ صحيح نه آهي'

'مون کي ته ڪِوِل مارڻ به وڏو ڏوهه لڳندو آهي'.

' ڏوهه جي وصف ڇاهي ؟'

'سونهن ۽ سچائي جيان ڏوهه به Relative) آهي'

'معاشري جا اصول صحيح نه هجن ته انهن کي ڀڃڻ ڏوهه ناهي'

'منهنجي ضمير جي خلاف ٿيندڙ هر ڪم، ڏوهه آهي'.

ضمير وٽ حوالو ڪهڙن اصولن جو آهي؟'

’منهنجا پنهنجا اصول ‘

’تڏهن ٻه تو ڪيئن فاحزه کي ڏک ڏنو آهي.‘

هوءَ ته پنهنجي قائم ڪيل مفروضن جي سزا ڀوڳي رهي آهي‘

’مفروضا منهنجي ڪري قائم ڪيا هيائين ‘

’ڪوئي ماڻهو جيڪڏهن سچ جي پوڄا ڪري، اُن کي حاصل ڪرڻ ٿو چاهي ته اُها سچ جي غلطي نه پر پوڄاريءَ جي آهي.‘

’بهرحال اکين مان ڪرندڙ ڳوڙها، الائي ڪيتري ولوڙ ۽ پيڙا جو نتيجو آهن.‘

’هاڻي ڇڏ انهن ڳالهين کي، فاحزه جهڙيون ڇوڪريون وري ڪنهن ٻي نيوڪليئس جي چوڌاري ڦرنديون.‘

’ايئن ٿي ٻه سگهي ٿو ۽ نه ٻه، ڇو جو ،جيڪي ڇوڪريون گهر ۾ غير محفوظ هونديون آهن، اُهي پنهنجون پناهه گاهون ڪنهن ٻاهرين مرد جي ٻانهن ۾ ڳولينديون آهن. فاحزه جو پيءُ، چوويهه ئي ڪلاڪ آفيم جي نشي ۾، ماڻهنس رڳو چڙٻين تي، ظاهر آهي ته هوءَ پنهنجي پناهه گاهه ڳولهڻ لاءِ تڪڙ ئي ڪندي.‘

’پر تو ته ٺيڪو نه ڪنيو آهي .‘

’ها نه ڪنيو آهي، پر مُون ئي ڪيس هميشه همٿايو آهي، چاهي اُهو Quantitative Economics جو سبجيڪٽ هجي يا ڪوئز ڪامپٽيشن، بهرحال، ضروري ناهي ته توکي سڀ ڳالهيون ٻڌائجن.‘

’معاف ڪجانءِ، مان ڪڏهن ڪڏهن بيوقوفيءَ جي ڳالهه ڪندي آهيان.‘

’اُن ۾ تنهنجو ٻه ڏوهه ناهي، ڏوهه ته فاحزه جو ٻه ناهي،سندس ماءُ جو ٻه ناهي، سندس پيءُ جو ٻه ناهي ۽ جيڪڏهن وري آهي ته شايد سڀني جو ٻه آهي.‘

’ڇڱو، هاڻي ڇڏ، ان ڳالهه کي.‘

’ساحره، مون کي ڏک آهي ته هاڻي هوءَ پنهنجا ڏک ڪنهن سان شيئر ڪندي؟ ماڻهو چوندا آهن نه ته ، هوءَ هر دفعي هڪ ٻيو دوست ٺاهندي آهي. ان ۾ هُن جو ڏوهه ڪونهي، ڇو جو هوءَ ته ڪو ڇانورو ٿي ڳولهي، ها، هن جي اها غلطي آهي جو طريقو سندس صحيح ناهي.‘

منهنجو منَ اداس ٿي ويو هو. تو اک ڀڃندي شرارت مان چيو. ’مِٺي ڇانهه پيئندين؟‘ ٻيري کي ڦڪي ڇانهه جو آرڊر ڏئي ڇڏيئه.

اسان جو مستقبل ايڏو اونداهو ڇو آهي؟ جڏهن ٻه آئيندي ڏانهن ڏسون ٿا ته، لامحدود ڪاراڻ کان سواءِ ڪجهه ٻه نه آهي. اها ڪائناتي اونده ڪنهن بدروح وانگر اسانجي روحن ۽ جسمن ۾ واسو ڪري ويئي آهي. ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان ته اسان جي سڄي ڪائنات جي اونداهي هجڻ جو سبب اندرين اونداهي آهي يا ڪائناتي انڌيرن اسان جي اندر مان روشنيءَ کي هڪلي ڪڍيو آهي. بهرحال، اونده جو راڄ حقيقت آهي. اُونده زندگيءَ جي هر پهلو تي حاوي آهي. اونده ۽ ظلم جي ثقافت انساني آزادي ۽ حقن کي ماري ڪارو ڪفن پارائي دفن ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هن هيڏي انڌيري رات ۾ گدڙ ٻه اوناڙيون نه ٿا ڪن، رڳو ريڊيو ۽ ٽي وي جي اسڪرين ۽ لائوڊ اسپيڪرن مان مسلسل اونده جا طوفان، هيبتناڪ ڪارنهن ڪٽي ڦهلائڻ ٿا ۽ پونڪن ٿا.

يونيورسٽيون ته ڄڻ شعور جو قتل گاهه ٿي پيون آهن. جتي، نه رڳو بيدرديءَ سان علم ۽ ڏاهپ جو ڪوس ڪيووڃي ٿو، پر معصوم جانين جو شڪار رياستي حاڪمن ۽ سياستدانن جو محبوب مشغلو ٿي پيو آهي. شاگرد ڪافي

عرصو پڙهي ٿو، پنهنجي ماءُ پيءُ جا پئسا خرچ ڪري ٿو، سندس ماءُ پيءُ خوبصورت خواب ڏسن ٿا. پر تعليم ختم ڪرڻ  کان پوءِ نوجوان بيڪار گهمندي ڇا ٿو محسوس ڪري؟ پر ڪيترا مستقبل ته گولين جو کاڄ بڻجي شهادت حاصل ڪن ٿا، يا عمريون جيلن جي ديوارن اندر چوڙين ٿا.

شعور جي اوسر تي زبردست پابندي وجهڻ خاطر شاگرد تنظيم جي واڳ سنڌ جي مشهور ڌوهارين ۽ڌاڙيلن جي سپرد ڪئي ويئي آهي.استادن تي ذهني ۽ جسماني تشدد ڪيو وڃي ٿو.

فائينل يئير ۾ پهچڻ سان شاگرد جي زندگيءَ جو محور، صرف ۽ صرف مستقبل ٿيئي ٿو.

ان ڏينهن مان به پنهنجي مستقبل جي باري ۾ڏاڍو پريشان هيس، زندگيءَ جي غير يقيني جي ۽ خوشيءَ جي باري ۾، تون ڪينٽين تي آئينءَ يونيورسٽيءَ جي ڪينٽين گلاب جي گلن وٽن ۽ موتئي جي مهڪار ۾ توري توري مفاصلي تي پوءِ ڪرسين جو جهڳٽو ۽ ڪُل جي خوشبوءِ، پر اهائي خوبصورتي بدصورتي لڳي رهي هئي. ڇوجو ڪڏهن ڪڏهن شين ڏانهن رويو من اندر موجود ڪيفيتن جي حوالي سان ٿيندو آهي.

تون آئينءَ، منهنجي من تي مايوسيءَ جا پاڇا پسي تون به مايوس ٿي وئي هئينءَ.

'ڇاڳالھ آهي؟'

'ڪجھ به نه ...'

مايوس ڇوآهين؟'

'ڪير ٿو چئي؟'

'تنهجيون اکيون .'

'اکين تي اعتبار ڪرين ٿي، مون تي نه ؟'

'مان اندر کي اکين جي آئيني ۾ پسيندي آهيان.'

'چانھ گهراءِ.'

'هيءُ جو اڳ ڪوپ پيا آهن، وري پيئندين.'

'مان تون کي چانھ گهرائڻ لاءِ چيو آهي سوال پڇڻ لاءِ نه،'

تون بيري کي چانھ آڻڻ لاءِ چيو.

'مستقبل ڇا آهي؟'

'آئيندو!'

'هر ماڻهو پنهنجو آئيندو روشن چاهيندو آهي نه!'

'ها بلڪل '

'پر اسانجو آئيندو ته اونداهو آهي.'

'نه ايئن ناهي.'

'اسانجي پڙهڻ جو مقصد ڇاآهي؟'

'پنهنجي ذهن کي روشن ڪرڻ لاءِ  ڄاڻ حاصل ڪرڻ'

'اهي سڀ پيٽ پرئي جون ڳالهيون آهن.'

'شعور جي واڌ کان انڪاري آهين؟'

'نه،  شعور وڌي ٿو پر شعور يا ڄاڻ بک نه متائيندي آهي'

'شعور يا ڄاڻ ڪانسواءِ ٻئي ڪهڙي شيءِ آهي، جيڪا بک متائيندي آهي؟'

'فطرت جي باري ۾ ڄاڻ، اقتصادي مسئلن کي حل ڪندي آهي،'

'منهنجو مطلب ايڏي وڏي پئماني تي نه هيو، '

'مان ڳالھ ڪئي ننڍي پئماني جي، جنهن مطابق اسان هينئين وچين ۽ هيٺين طبقي جا ماڻهو تعليم حاصل ان ئي لاءِ ڪريون ٿا ته پيٽ جي باھ جا الا گهٽائي سگهون. پر ان سان گڏ شعور به ملي وڃي ٿو، پر شعور اسانکي هر ڳالھ جو شدت سان احساس ڏياري ٿو، ۽ پوءِ اهو احساس به پيدا ٿئي ٿو ته زندگي ڪيئن گهارجي.'

'زندگي گذارڻ ڪو مسئلو نه آهي'توگهرو ساھ ڪٽندي ڇيو.

'بلڪل ناهي. پر، ڪٿي وري زندگي گهارڻ کان بهتر آهي ته موت اچي.'

'ايڏي مايوسي!'

'مايوس ڇو نه ٿيون، اسانجون سياسي تحريڪون صرف ان ڪري ناڪام ٿي رهيون آهن، جو انهن ۾ گهٽائي اسان واري طبقي جي آهي، جيڪو پنهنجي معاشي مسئلن جي مونجهارن ۾ فائيل ڪڇ ۾ ڪئي آفيس ۾ نور نچوئي رهيا آهن.'

'ڳالھ ته شاگرد جي مستقبل جي هلي رهي هئي.'

'ها شاگرد، اسان به ان سماج جي پيداوار آهيون، سياست به ان ڪري ئي ڏک ڪائي رهي آهي.'

'شاگرد سياست مان مايوس آهين؟'

'شاگرد سياست مان نه،  پر ڇڙواڳي، جهالت، فيوڊل لاڙن ۽ غيرجمهوري قدرن مان، شاگردن ۾ڪا به موثر تنظيم نه آهي.توري توري ڳالھ تي، پنهنجن جي ر ت سان هٿ رڱيو ويٺا آهن. تورن شاگردن ڪانسواءِ گهڻا شاگرد، نوڪري ملڻ ڪانپوءِ سياست کان لنوائي رهيا آهن.  ساحرهٖ! مستقبل ڏاڍو ڏکيو آهي.'

'مستقبل اونداهو ناهي،  سڀ ٺيڪ ٿي ويندو .'

'سڀ ٺيڪ ٿي ويندو، پر ڪيئن؟ ٻه مهينا اڳ ٻه گروپ پاڻ ۾  وڙهي هڪ ٻئي کي زخمي ڪري ۽ ماري وڌائون.  ساحرهٖ! انهن

شاگردن جون مائون ڪيتريون رنيون هونديون!
’انهن جي جذبن کي ڪهڙ ي گروپ جي همدردين ۽ نفرتن جي پئماني ۾ توريون؟ ياد نه اٿئي ٿوڙي ڦاٽڪ واري واقعي ۾ ڪيترا شاگرد شهيد ٿي ويا. انهن جي گهر شاگرد سرٽيفڪيٽ وٺي نه پر شهادت جي سند سان داخل ٿيا.‘
’هر تحريڪ جي شروعات ايئن ٿيندي آهي‘
’هرگز نه! ڪاڻ تحريڪ شعوري غلطين، نااهليءَ ۽ جهالت جي محراب کان شروع نه ٿيندي آهي.ڇگو ڀلا تون ٻڌاءِ، تنهنجو مستقبل ڇا آهي!‘
’ڪجهه به نه، ٻارن جي سنڀال ۽ بورچيخاني جي ٻاهر.‘
’پوءِ پڙهڻ مان فائدو؟ مان به ته اهوئي چوڻ چاهيان ٿو ته منهنجي مستقبل جو ڇا ٿيندو؟‘
’تون اداس ۽ مايوس نه ٿيءُ، تنهنجي اداسي مون تي به اثر ڇڏي رهي آهي. شايد هيپناٽائيز ڪرڻ چاهين ٿو. تنهنجيءَ ان پريشانيءَ جو حل ڪوبه هڪدم نه ٻڌائي سگهندو، مون کي يقين آهي ته تون هڪ ڏينهن ان ڪُن مان نڪري ايندين، پر هر شيءِ جو هڪ مقرر وقت ٿيندو آهي. پريشان ٿيڻ سان تڪليفون ختم نه ٿينديون آهن، پر انسان جو پنهنجو زيان ٿيندو آهي.‘
’پوڙهن واريون نصيحتون ٿي ڪرين.‘
’نه ايئن ناهي، تون وقت جو انتظار ڪر مون کي يقين آهي ته اهو ڏينهن ضرور ايندو، جڏهن تنهنجيءَ پيشانيءَ تي ڪاميابين جو سج ضرور چمڪندو ۽ تنهنجي اکين ۾ خوشين جي اندلٺ ڪڙيل هوندي.‘
تنهنجي چهري تي به مايوسي ۽ اداسيءَ جي ول ڦهلجي وئي، ماحول سمورو اداس ٿي ويو هو، مون ماحول کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ تون کي چيو:
’ٺيڪ آهي، هاڻي پنهنجو موڊ ٺيڪ ڪر مان ته مرئيي ڳالهيون پئي ڪيون.‘
تون ڳنڀير ٿيندي چيو:
’تون، پريشان نه ٿيندو ڪر، تون پريشان ٿين ته اهو به سوچيندو ڪر ته تنهنجي چهري تي پريشاني پسي، هڪڙي چري ڇوڪري پنهنجي ليکي پريشان ٿي ويندي آهي. ڪاش! خوشيون ڪٿان ملن ها ته، مان پنهنجو وجود وڃائي به تنهنجي لاءِ خوشيون خريد ڪيان ها.‘
’ٻڌ ڊائلاگ آهي، ڪهڙي فلم جو آهي؟‘
مان موضوع بدلائيندي مذاق مان چيو.
تنهنجو موڊ ٺيڪ ٿي ويو هو ۽ کلندي چيو هيئن ته:
’فلم جو ناهي، رات تنهنجون ڪهاڻيون پڙهيون هئم.‘

پنهي کان ٿهڪ نڪري ويا ۽ پرسان بيٺل رابيل ۽ پنهنجن اچڻ اجرن ڏندن سان کلڻ لڳو.

انسان وٽ اجاتائين اها شڪتي نه آئي آهي، جنهن وسيلي هو پنهنجي اندر جي اڌمن کي مڪمل نموني ظاهر ڪري سگهي.
جڏهن ته جذبن ظاهر ڪرڻ جا هيترا سارا طريقا آهن، پر ماڻهو مڪمل طرح ظاهر ڪري نٿو سگهي، پوءِ ڪٿي اهو لکڻ جي روپ ۾ هجي، پينٽنگ جي ذريعي هجي، عضون جي شاعري ناچ

ذريعي هجي ۽ تو ٻہ چيو هو تہ: ”منهنجي من ۾ ايترا جذبا، ايتريون ڳالهيون آهن جو، انهن کي ظاهر نہ ٿي ڪري سگهان. مان تو ڏي خط ٻہ ان ڪري لکندي آهيان. هڪڙو سبب تہ اهو آهي جو تنهنجي سامهون مان ڪجهہ ڳالهيون توکي نہ چئي سگهندي آهيان. ٻيو سبب اهو آهي، جو يونيورسٽيءَ ڪانپوءِ گهر وڃڻ بعد ٻہ مان توسان ڳالهيون ڪرڻ چاهيندي آهيان پر تون موجود نہ هوندو آهين. تنهن ڪري مان پنهنجي سموري اُٿ ٿُٿ، هورا ڪورا ڪاغذ تي پيٽيندي آهيان. تنهنجو خط پوسٽ رستي هوندو هو ۽ ساڳي طرح منهنجو خط ٻہ تو وٽ اهڙي ريت پهچي ويندو هو.

تنهنجو هڪ خط مليو، جنهن ۾ هڪ چينج نظر آئي. اڳي تون منهنجو نالو ثاقب لکندي هئينءَ پر هن ڀيري تو لکيو:

’ساقي!

تو کي اهو نالو پسند آيو الائي نہ! ساقي چوندا آهن پيارڻ واري کي، هاڻي مان ٻہ ڏسان تہ تون پنهنجي خلوص جي پيالي مان مون کي، ڏک پيارين تو يا سُک. بهرحال تنهنجي ڏنل ڏک ٻہ مون کي سٺا لڳندا ڇاڪاڻ جو ڪجهہ ماڻهو ڏک ٻہ اهڙي طرح پيئاريندا آهن جو انهن کي ڪلي پيئڻ تي دل چوندي آهي. هر دور ۾ هڪڙو ساقي هوندو آهي ۽ هڪ رند. آدم ۽ حوا ٻہ ايئن هيا، تہ سهڻي ميهار ٻہ، علي نواز ناز ۽ بالي ٻہ، عمر ۽ فاطمہ ٻہ نوري ڄام تماچي ٻہ، نورجهان ۽ جهانگير ٻہ، ساحر ۽ امرتا پريتم ٻہ. بهرحال اِهو فيصلو ڪرڻ ڏکيو آهي، تہ انهن مان رند ڪير آهي ۽ ساقي ڪهڙو؟ باقي، منهنجو ساقي تہ تون آهين، آهين نہ!؟“ مون کي ٽپالي، نالي سان سڃاڻيندو هو، منهنجا خط هاسٽل تي پهچائڻ بجاءِ مون کي يونيورسٽيءَ ۾ ڏيندو هو. شمون وٽ جڏهن تنهنجو خط پهتو ان وقت مون وٽ حريم ٻہ ويٺي هئي. حريم جيڪا هفتي هفتي پنهنجو هيئراسٽائيل چينج ڪندي هئي ۽ روز نون ڪپڙن جي نمائش ڪندي هئي. هڪ ڏينهن تون مذاق ۾ چيو هو تہ ’ڪڏهن تہ هُن جي ڪنهن اسٽائيل جي تعريف ٻہ ڪٽي ڪر ويچاري روز روز جي مصيبت کان ڇُٽي پوندي.‘ منهنجي منهن تي مرڪ ڏسي حريم جڏهن پڇيو ’ڪنهن جو خط آهي؟.‘

’دوست جو.‘

’اهڙين مزيدار ڳالهيون لکيون اٿئين ڇا؟‘

’ها، ڏاڍيون دلچسپ، حريم، ڪڏهن مَد پيتي ٿي.‘

’نہ ابا، اهڙو خراب ڪم، مان نہ ڪنديس.‘ گهٻرائجي حريم جواب ڏنو هيو.

مان توکي جواب لکيو هيو.

’تنهنجو نئون ڏنل نالو ڏاڍو سٺو لڳو، مون کي خوشي آهي تہ تون مون کي ساقي سمجهين ٿي، منهنجي تہ هر دم ڪوشش اِها هوندي تہ جيترو ٿي سگهي پنهنجي خلوص ۽ پيار جي مَد تنهنجي جام ۾ وجهي توکي پياريندو وڃان، پوءِ ڀلي ڪو رِند ايڏو مدهوش ٿو نہ ٿي وڃي، جو مون کي اُن کي ڪٽي منزل تائين پهچائڻو پوي. مون کي سڀ ڪجهہ منظور آهي.‘

ٻہ ٽي ڏينهن يونيورسٽيءَ پنهنجون بسون بند ڪيون هيون. ’احتجاجي ڏينهن جي ڪري.

تنهنجو خط پهتو.

’ساقي!

تو لکيو آهي تہ:‘ منهنجي ٻہ هر دم اها ڪوشش هوندي تہ جيترو ٿي سگهي تہ پنهنجي خلوص ۽ پيار جي مَد تنهنجي جام ۾ وجهي توکي پياريندو وڃان، پوءِ ڀلي ڪو رِند ايڏو مدهوش ٿو نہ ٿي وڃي، جو مون کي اُنُ کي ڪلهن تي ڪٽي منزل تي پهچائڻو پوي.‘

’ساقي!

مَد پي وقلندو اهو آهي، جيڪو سڪون حاصل ڪرڻ لاءِ مَد جي هڪ هڪ ڦڙي لاءِ سڪندو آهي، ۽ جڏهن هن کي مَد ملندي آهي تہ هو ايترو پيئندو آهي، جو وڦلي پوندو آهي ۽ پوءِ ساقيءَ کي پنهنجن ڪلهن تي ڪٽي منزل تي پڄائڻو پوندو آهي.

تہ ساقي! مان انهن ماڻهن مان ناهيان، خدا جو شڪر آهي جو، منهنجي چوڌاري رهندڙ ماڻهن کان مون کي چاهتون ۽ پيار مليو آهي ۽ لڳندو آهي تہ منهنجو وجود ٽهيل ئي انهن چاهتن سان آهي. مون کي چاهتن ۽ پيار لاءِ سڪڻو نہ پوندو آهي. جڏهن سچي زندگي انهن چاهتن جي غرور ۽ سرور ۾ نہ وقليم تہ اهو ناممڪن آهي تنهنجي خلوص ۽ پيار جي مَد پي وقلي پوان ۽ ڪنهن جي ڪلهن تي منزل تائين پهچڻ جو سفر طئي ڪيان؟ان لاءِ مون کي سهارن جي ضرورت ناهي. مان مدهوش ٿي ٻہ، خود تلاش ڪري سگهان ٿي ۽ وقلندا اهي ٻہ شخص آهن جيڪي، ضرورت کان وڌيڪ پيئندا آهن. اهو سوچڻ بنا تہ ڏکن ۽ سکن وانگر مَد ٻہ اندر وڃي انسان جو وجود کوکلو ڪري ڇڏيندي آهي.گهڻا ڏک ٻہ زهر ۽ گهڻا سک ٻہ ڪوڙاڻ ڏيندا آهن. مان ڏکن ۽ سکن ۾ برابري رکڻ چاهيان ٿي، خدا نہ ڪري جو مان همدردي ۽ رحم جي مَد لاءِ سڪان، مان اهڙي مَد کي ٺُڏي ٻہ سگهان ٿي. مون کي خوشي آهي تہ منهنجي زندگي تتل ريگستان ۾ نہ گذري رهي آهي، پر منهنجي زندگي پنهنجن پيارن جي پيارَيل مَد ۾ گذري آهي ۽ بغير ڪنهن سهاري جي، ڪنڌ مٿي ڪري گهمي رهي آهيان.

ان لاءِ منهنجي وقلڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي. اجان تنهنجون اهڙيون سوچون، منهنجي جام ۾ زهر ملائي ڇڏين ٿيون. ڀلا جڏهن مڌ پيارڻ ئي آهي تہ ان جو پوءِ چو ۽ ڪلهن تي ڪٿي پڇاڻ جي سوچ ڇو؟

مون وٽ پيار ۽ خلوص جي مڌ گهڻي مقدار ۾ موجود آهي، جنهن کي ڏسي ڪنهن بہ ساقي جو هٿ ڏڪي سگهي ٿو ۽ ان جي تصور سان مدهوش ٿي سگهي ٿو. ان لاءِ جو، منهنجي پيماني ۾ ڪوٽ ۽ ڪوڙ جي ملاوٽ ناهي.'

تنهنجي خط پهچڻ سان مون کي ڏاڍو ڏک پهتو تہ تون، مون کي غلط سمجهيو ۽ منهنجن خيالن جي سچائي کي صحيح نموني نہ پرکي سگهينءَ. مان توڏي خط لکيو تہ.

'ساحره!

تون لفظن جي سحر سان ڪنهن ٻي کي تہ متاثر ڪري سگهين ٿي. پر منهنجي لاءِ ڪوشش بيڪار آهي. مون کي افسوس آهي تہ تو منهنجن جذبن جي سچائيءَ کي پرکي نہ سگهينءَ، ڪيئن سمجهندينءَ؟ سچائيءَ کي پرکڻ لاءِ سچو من کپي.

تنهنجي غلطي اها جو اهو سمجهيو آهي تہ تون مڌ پيءُ، وقلي نہ ٿي سگهين. اها تہ تنهنجي ساقيءَ تي بااعتمادي ظاهر ڪري ٿي. جڏهن پيئڻو ئي آهي، تہ پوءِ اهو سوچڻ اجايو آهي تہ ماڻهو وقلي بہ ۽ احتياط سان ماڻهو هر جام کي چپن سان لڳائي تہ پوءِ فائدو ڪهڙو؟ مئي جو ڪم آهي مدهوش ڪرڻ ، ان کان ڪوئي بچڻ چاهي ٿو تہ پوءِ مڌ پيئڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪري. مون کي افسوس آهي جو، مون کي ساقي بہ سمجهين ٿي ۽ بي عتمادي بہ ڪرين ٿي.'

تو جواب لکيو:

'ساقي!

ساري (Sorry) تو کي منهنجي مڌ ۽ ساقيءَ واريون ڳالهيون سٺيون نہ لڳيون. پر ڪڏهن ڪڏهن تنهنجي لفظن ۾ جي غلط چوند ڪري، تنهنجي ڳالهہ جو مقصد ڦري ويندو آهي. بهرحال، تنهنجي پيار ۽ خلوص جي جيڪا مڌ مون کي ملندي، مون کي يقين آهي اگر مان مدهوش ٿي بہ وڃان تہ ساقيءَ کي منهنجو وجود بار محسوس نہ ٿيندو. ٻيهر ساري (Sorry) ڪيان ٿي.'

چو جو بحث ڏکهو ٿي ويو. پر بحث مان اهو فائدو آهي جو، ٻين جي خيالن جي خبر پئي ٿي.

تنهنجو خط ڏاڍو مختصر مليو هيو. تو واقعي ۾ مون کي چڱي نموني نہ سمجهيو آهي. مان جڏهن اداس يا پريشان ٿيندي آهيان. تہ تون کي خبر ئي نہ پوندي آهي.خبر ناهي مونکي تاثرات لڪائڻ جي سگهہ آهي يا تنهنجين اکين ۾ ايتري طاقت ناهي. جو منهنجي من جي پاتال ۾ ٻرندڙ لاوا تائين پهچي سگهين. هونئن اڄڪلهہ مان ڏاڍي پريشان آهيان. سبب جي خبر ئي نہ ٿي پوي. شايد واندڪائي آ. انڪري يا موسم جو بہ اثر ٿي سگهي ٿو. متان وري هي شام وارو ٿاٽو. ڇا ايئن نہ ٿو ٿي سگهي تہ شام جو وقت ئي نہ ٿي اچي! ڏينهن کان پوءِ هڪدم رات ٿي وڃي. ضروري آهي تہ سج جو زوال اچي؟ خبر ناهي، منهنجي وجود سان گڏ هن شام جو ڪهڙو رشتو آهي. منهنجي دل چاهيندي آهي تہ سج جي لهڻ تي زور زور سان روئان. ڪڏهن ڪڏهن دل چاهيندي آهي تہ، پنهنجي انهن ٻرندڙ اکين جي ڇپرن تي ڳوڙهن جون ڏياٽيون ٻاريان. منهنجو خيال آهي تہ ڏاڍو مزو ايندو. چاڪاڻ جو ڪڏهن ڪڏهن خوشين ۽ کلڻ کان مونجهہ ٿيڻ لڳندي آهي، سڀ ڪجهہ مصنوعي لڳندو آهي. ڪنهن ڪم کان بغير پنهنجو وجود اڌورو لڳي ٿو ۽ پوءِ چاهيندي آهيان تہ ڪنهن جي ڪلهي تي ڪنڌ رکي ڪوڙ سارا ڳوڙها وهايان. آهي ڳوڙها جيڪي مان هر انسان جي غم کي، پنهنجو غم سمجهي پي وئي آهيان. ٻين جي غم تي ڳوڙها وهندا آهن تہ دل چاهيندي آهي تہ، منهنجو پنهنجو بہ غم هجي جنهن تي ڳوڙها نڪري اچن. جڏهن دل چاهيندي آهي تہ پوءِ، بغير سبب جي ڳوڙها وهندا آهن تہ ٽشو پيپر کان سواءِ منهنجو ساٿ ڏيڻ وارو ڪوبہ نہ هوندو آهي. گهر وارن جي سامهون مان ڪڏهن بہ اکين ۾ پاڻي اچڻ نہ ڏيندي آهيان. چو جو مون کي خبر آهي تہ هي پياريون هستيون هڪ هڪ ڳوڙهي کي پنهنجي دل تي ٽاندي وانگر محسوس ڪنديون آهن مون کي هميشہ کلندو ڏسڻ چاهن ٿيون. اهو سوچڻ کان سواءِ تہ ساحره مصنوعي زندگي گذارڻ نہ ٿي چاهي. ۽ مون ۾ روئندي بہ کلڻ جو حوصلو آهي.

بهر حال کلڻ ۽ روئڻ جو فلسفو بہ عجيب آهي. انسان ڪنهن بہ حال تي خوش نہ ٿو رهي. منهنجو خيال آهي تہ منهنجو روح مرڻ کانپوءِ بہ ڀٽڪندو وتندو. ان لاءِ جو مان هن دنيا ۾ ڪنهن کي بہ ايترو فري ٿيڻ نہ ڏنو تہ مان پنهنجا ڳوڙها ڪنهن جي ڪلهي تي وهايان، غمن جو مزو تي وهائي، غمن جو مزو وٺي سگهان، تون چوندين تہ بيوقوف ڇوڪري آهي. جو خوشين کان پڇي غم حاصل ڪرڻ چاهي ٿي. مگر ڇا ڪيان مون کي ڪنڊن ۾ ترڻيل گلاب سٺا لڳندا آهن. هونئن بہ هاڻي مان پريشان ناهيان چو جو مان پنهنجي پريشاني تنهنجن ڪلهن تي اڇلي ڇڏي آهي. ۽ دل چئي ٿي تہ هاڻي زور زور سان ڪلان، بهرحال هي عجيب ۽

غريب خيال لکي ڏاڍي پرسڪون ٿي وئي آهيان. خدا ڪري تون بہ پرسڪون رهين.‘

تنهنجي خط ملڻ کان پوءِ مون کي ڪل اچي وئي ڇو جو تنهنجن خيالن ۾ گهڻو تضاد هيو، ڪڏهن تہ چئين ٿي تہ توکي خوشيون گهٽيون مليون آهن ۽ غمن کان نفرت ڪرين ٿي تہ وري غمن جي طلب بہ ڪرين ٿي.

جڏهن شام جا پاڇا پوڻ لڳا. سج آهستي آهستي ٻڏڻ لڳو، افق تي ڳاڙهي چادر وڇڻ شروع ٿي وئي. مان توکي ٽيليفون ڪئي. ‘

’هيلو .....‘

’ هيلو ڪير؟ ‘

’جيڪو، تنهنجن خيالن ۾ رهندو آهي‘

’الائي ڪيرٽا ڳالهايو ؟‘ مذاق مان وراڻيو هيئہ.

’ مڏ پيئندينءَ ‘

’اڃا نہ سڃاتم(شرارت مان چيئہ).

’اهو ئي جنهن جو ڪلهو هميشہ تنهنجي لاءِ هر وقت حاضر رهندو. تون جڏهن بہ چاهين، منهنجي ڪلهي تي ڪنڌ رکي ڳوڙها ڳاڙي سگهين ٿي .‘

’ ٿينڪ يو .‘

’ ٿينڪ يو جي ڳالهہ ناهي، تون ڇري ڇوڪري ناهين، غمن جي طلب اجائي ناهي، ڏک ۽ سک زندگيءَ جو سرمايو آهن. هر شيءِ جو تضاد هجڻ ضروري آهي، نہ تہ اڳلي شيءِ جي اهميت نہ ٿي ٿئي.

فريم آف ريفرينس ضروري آهي، مٿي هوائي جهاز جي دري ۽ مان ٻاهر ڏسبو آهي تہ خبر ئي نہ پوندي آهي تہ هلي بہ ٿو يا نہ، ڇاڪاڻ جو اتي ڪابہ اهڙي ساڪن شيءِ نہ هوندي آهي، جنهن سان ڀيٽي سگهجي تہ جهاز تحرڪ ۾ آهي. ها اهو تون ڪيئن لکيو آهي تہ مان توکي سمجهي نہ ٿو سگهان ؟‘

’تون ڪڏهن بہ ڪوشش نہ ڪئي آهي، ۽ منهنجي پريشاني ۽ اداسي کي سمجهي نہ سگهيو آهين.‘

’ مان سڀ ڪجهہ سمجهندو آهيان، پر ناهيان چاهيندو تہ ڪنهن جي ڏکن کي اندر مان کولي ۽ انهن ڏکن جي اثر کي وڌائجي. رڪ ۾ پوريل ٽاندا، آهستي آهستي وسامي ويندا آهن. پر جيڪڏهن انهن ٽاندن تان خاڪ لاهي وري ظاهر ڪبو تہ انهن جو تاءُ وڌي ويندو ۽ باهہ ٻرڻ شروع ٿي ويندي .‘

هلو ....ٻڌين ٿي نہ؟

’ها ها ٻڌاءِ ،مان اڄ رڳو ٻڌڻ چاهيان ٿي.‘

’هونئن بہ اسانجو ذهن عجيب آهي، ڪنهن ڳالهہ جي گهڻي چوڻ سان اسانجو ذهن بہ ان ڳالهہ کي قبول ڪرڻ شروع ڪندو آهي.

جيڪڏهن ڪنهن کي چئبو تہ تون پريشان آهين تہ هو واقعي پريشان ٿيڻ شروع ٿي ويندو. ايئن آهي نہ؟‘

’ها ايئن آهي، !

’ جيئن تون پريشان ڇئي ڇئي، مون کي پريشان ڪري ڇڏيندي آهين.‘

کلندي چيم ’ ها، پر تون مون کان وڌيڪ ماهر هيپناٽسٽ آهين، جو تون پريشان ٿيندو آهين تہ اها پريشاني مون کي بہ پريشان ڪري ڇڏيندي آهي.‘

’ها ها ....متان نہ مڃين.‘ کلندي چيم.

’مڃي تہ اڳ ۾ چڪي آهيان.‘ تو شرارت ۾ وراڻيو هو.

’ڪهڙي حيثيت ۾؟‘

’اها منهنجي دل ۾ آهي.‘

’مهرباني ڪري، ٽن دفعن مڃڻ واري حيثيت ۾ نہ مڃجاءِ نہ تہ قهر ٿيندو.‘

’ها، ها ... ڊڄي وئين نہ .‘ هاڻي تنهنجي کلڻ جو وارو هيو.

’ ها، پوائنٽيپ ڳالهين کان ڊڄندو آهيان.‘

’شام ڪيڏي نہ خوبصورت ٿي وئي آهي .‘

’ڇيو اٿمانءِ نہ تہ موسم اندر جي هوندي آهي، جيڪا ٻاهرين ماحول تي اثر ڇڏي ٿي.‘

نہ خبر ٿي، صرف تنهجن ڳالهائڻ جي ڪري شام خوبصورت ٿي وئي.‘

’ڀلا سياڻي ايندينءَ؟ ڪلهہ بہ نہ آئي هئينءَ .‘

’ها، پر هڪ شرط تي...‘

’ڪهڙي؟‘

’چانهہ پيئنداسي پر مٿي‘ شرارت مان چيو هيئہ،

مان بہ مذاق مان کلندي جواب ڏنو هيم:

’توهان اچو تہ سهي، توهان کي چانهہ ضرور ملندي،‘

ٻنهي جي ٽهڪن سان گڏ رسيور ٻنهنجي اڏ وجود ڪريڊل سان مليو.

جڏهن تون يونيورسٽيءَ آئين ته توکي بسنتي رنگ جا ڪپڙا پهريل هيا، ڇو جو بهار جي موسم هئي، مان توکي چيو:

’ڪپڙا ته سٺا پائي آئي آهين؟‘

’سٺن ماڻهن سان رهي، ٽيسٽ سٺي ٿي وئي آهي.‘ مرڪندي چئيم،

’مان هن دفعي ڏاڍي تجسس ۾ هيس ته هن بسنت ۾ ڇو ڀلا، ڪوئي بسنتي رنگ نه پائي آيو آهي؟ هڪ ٻين سان اهڙو ذڪر به ڪيو .‘

’هون! تڏهن اڄ گهٽيون ڇوڪريون بسنتي رنگ پائي آيون آهن.‘

’منهنجي ڪري ٿوڙي ئي پائي آيون هونديون.‘

’نه خدا جو قسم تنهنجي ڪري پائي آيون آهن.‘

’تون ماڻهن کي بيوقوف سٺو بڻائيندي آهين.‘

’يقين ڪر.‘

’ڀلا ڳالهه ٻڌ، ذهن ۾ هڪڙي ڳالهه آئي آهي.‘

’ڪهڙي؟‘

’بهار هلي ٿو، ڏس ته اسان جي سامهون بيٺل وڻ ڪيئن ساوا ٿي ويا آهن، ان موقعي تي ٽيبل ٽينس چئمپينشپ ڪرايون.‘

’سٺي ڳالهه آهي.‘

’جيڪو ڇوڪرو کٽي، اهو بسنت بواءِ، ڇوڪري ’بسنت گرل‘ ۽ مڪس ڊبل به ڪرايون، ان جو اعزاز هجي ’بسنت پيئر.‘

’بسنت ڪپل ڇو نه؟‘

ماڻهو ڇڙي پوندا‘

اکين جون پرون ٽاڻيندي شرارت مان چيئه.

’نه ڪپل، نه، ماڻهو ڇڙي پوندا.‘

’ڇوڪريءَ کي بسنت گرل بجاءِ بسنتي چو نه سڏيون‘

مون کان ٽهڪ نڪري ويو. ۽ ان وقت ئي انچارج ٽيچر سان ملياسين، هن به اجازت ڏني ۽ پوءِ سرڪيولر ڪڍي سڀني نوٽيس بورڊن تي هنيوسي.

چئمپينشپ ڏاڍي ڪامياب رهي. ان ۾ ڪافي ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن حصو ورتو. ’بسنت گرل‘ جو اعزاز تو حاصل ڪيو. مان آرگنائيزر هجڻ ڪري ٽورناميٽ ۾ حصو نه پئي ورتو. تو ضد ڪيو ته مکسڊ ڊبل ۾ مان تنهنجو پارٽنر ٿيان. ڏاڍو زور رکيو هيئي، جنهن ڪري مان مڃي ويٺس. چئمپينشپ ۾ تمام سخت مقابلا ٿيا. آخرڪار ’بسنت پيئر‘ جو اعزاز تون ۽ مان حاصل ڪيو. تنهنجي چهري تي خوشين جي آتش بازي رهي ٿي هئي. تون پنهنجي ڪاميابيءَ تي ڏاڍي خوش هئينءَ.

انعامن ورهائڻ جي تقريب ۾ ’ ڪپ‘ ڏيڻ کان پهريان گلدستو ڏنو پئي ويو، بهار جي حوالي سان . تون جڏهن بسنت گرل جو اعزاز وٺڻ آئي هئينءَ ته ڇوڪرا توتي ’هوٽنگ ‘ ڪندي نعرا هڻڻ لڳا ۽ سڏڻ لڳا ’بسنتي‘ ٻي ڪنڊ مان سنهڙي آواز ۾ سڏ ٿيو ’بسنتي ‘ ته ڪنهن ڳوري آواز ۾ لانڊي سان سڏ ڪيو ’اري بسنتي، اري او، بسنتي.‘

سڄي هال ۾ کل جو ٽاڪوڙو مچي ويو، تون گهبراهٽ يا چڙ جو اظهار نه ڪيو ۽ انعام وٺي کلندي ڪپ کي مٿي ڪيو ته تاڙيون وڄي ويون.

فرخنده رنر هئي، هن کي اڇي ڊريس، اڇو راند وارو بوٽ پاتل هو ۽ پنهنجي اڇي رئي کي ڪلهن تان هٽائي، ڇاتيءَ وٽان ڪراس ڪري ڳنڍ ڏئي ڇڏي هئي. هوءَ جيئن انعام وٺڻ لاءِ مٿي آئي ته هڪڙي ڇوڪري رڙ ڪئي.‘ کهاٽا هئي ڀهئي کهاٽا، ڊائنگ ڪار کا کهاٽا.‘

سڀني کان بي اختيار ٽهڪ نڪري ويا ڇو جو واقعي به فرخنده ڊائننگ ڪار جي بيري وانگر لڳي رهي هئي. هن ويچاريءَ به مائينڊ نه ڪيو ۽ انعام وٺڻ لاءِ جڏهن مٿي آئي ته ڪجهه دير رڪجي وئي ڇو جو مهمان خاص به کلڻ ۾ مصروف هيو.

جڏهن ’بسنت پيئر‘جي انعام وٺڻ لاءِ ٻئي ڄڻا مٿي اسٽيج تي وڃڻ لڳاسي ته ڪن ۾ چيئه ’پيئر نه ڪپل.‘

مان چيو ’نه.‘

’ڪپل نہ پيئر‘ ان تڪرار ۾ مٽي پهتاسي، چوڪرين سهرو ڳائڻ شروع ڪيو.

۽ ڪنهن رڙ ڪئي .

’ هم چلہ دشمن جلہ. شالا جوڙي ڪون نظر نہ لاڳ ‘.

ان گوڙ ۾ پنهي انعام ورتو، تو گلدستو ورتو ۽ مان ڪپ. فليش چمڪاٽ ڪرڻ لڳي، تون ڏاڍي خوش هئينءَ ڪن ۾ سرپاٽ ڪيئہ ’ڪپل‘

’نہ نہ ‘......۽ مون ڪان ٺهڪ نڪري ويو.

پوءِ ٻاهر لان تي ريفريشمنٽ جو بندوبست ڪيو ويو هو. تون منهنجي لاءِ بہ پليٽ ٺاهي ڪٺي آئي هئينءَ. ٻئي ڇٽا لان جي ڪنڊ ۾ ويناسي.

توچيو:

’اڄ ڏاڍي خوش آهيان.‘

’مان اڄ تي اعزاز ڪٺيا آهن. بسنت ڳرل‘ بسنت پيئر ۽.....‘.

مان تنهنجي ڳالھ ڪي لنوائيندي پڇيو.

’تو محبت ڪئي آهي؟‘

’نہ‘

’ڇو؟‘

’مون ڪي منهنجي ناني چيو هو تہ، ڪڏهن محبت يا عشق نہ ڪجاءِ جي ڪرين تہ هن زمين تي رهندڙ هر ماڻهوءَ سان عشق ڪجاءِ.

”محبت ڪرڻ جا ٻہ طريقا آهن انڊڪٽو ۽ ڊڊڪٽو‘ Deductive & Inductive‘ يعني انفراديت ڪان اجتماعيت ڏانهن يا اجتماعيت ڪان انفراديت ڏانهن. باقي محبت ڪان انڪار بيوقوفي آهي!‘

’ڏس نہ‘ تون جنهن ڪي محبت چئين تو. تون محبت جي لفظ ۽ انهن چئڻ اکرن تي غور ڪيو آهي. محبت سراسر خود غرضي ۽ مطلب پرستي ۽ وقتي جذبي جو نالو آهي. محبت هڪ طرح جو سودو آهي خوشين ۽ ڏکن جو. جنهن ۾ وقت گذارڻ سان ڪڏوڪڏ خوشيون بہ ڏکن ۾ تبديل ٿي ويندو آهن. ۽ ان جو اختتام نفرت تي ٿئي ٿو. منهنجو مطلب آهي تہ محبت اهڙي خواهش يا جذبو آهي جو بدلجي سگهي ٿو. ان ڪري مان خودغرضي خيالن ۽ جذبن جو سودو ڪڏهن بہ نہ ڪري سگهيم. ڇو جو مون ڪي بدلجڻ وارا چهرا ۽ چاهتون ڪڏهن بہ سٺيون نہ لڳيون‘.

’تون محبت تي نہ دوکي تي ڳالهائي رهي آهين‘.

’تنهجو پنهنجو خيال آهي هونئن بہ مان باشعور چوڪري آهيان. ڳوٺ جي سادي سودي نينگري تہ ناهيان. جيڪا محبت تہ گھر جي سامهون واري دوڪاندار جي پٽ سان ڪندي آهي ۽ شادي ٿي ويندي اٿس سوٽ سان تہ روئي رڙي سمجهوتو ڪري ڇڏيندي آهي. ۽ پوءِ ٻارن جي فوج سان گڏ ڏاڍي خوش ۽ مطمئن رهندي اها آهي نہ محبت؟‘

تون ڪڙي لهجي ۾ محبت جي باري ۾ ڳالهائي رهي هئينءَ.

’مان اڳ ۾ بہ توکي چيو تہ تون محبت جي توهين ڪري رهي آهين. هن وقت تائين تو صرف دوکي ۽ دولاب واري محبت جو رخ ڏٺو آهي. محبت تہ روشني آهي، جيڪا هر طرف روشني پکيڙي ٿي، ماڻهوءَ جي من کي جرڪائي ٿي، هن کي زندهہ رهڻ جو ڏانءُ سيکاري ٿي. محبت تخليق جو محرڪ آهي، ڪنهن بہ تخليق لاءِ ضروري آهي تہ تخليقار جي، مخلوق سان محبت هجي، نہ تہ ارتقا ۽ پيدائش جو عمل رڪجي ويندو ’محبت ۽ عشق‘ ٻئي هن دنيا کي قائم رکڻ جا محرڪ آهن.‘

تون جذباتي ٿي وئينءَ.

’مون کي عشق کان نفرت آهي. مان عشق ڇو نہ ڪيو؟ ان جو سبب اهو آهي تہ عشق، جنون آهي. جنهن ۾ انسان هر شيءِ جي برائيءَ ۽ ستائيءَ کان بيگانو ٿي ديوانو ٿي ويندو آهي، هن جو مقصد صرف حصول هوندو آهي، چاهي اهو حصول ناڪام حسرتن ۽ ٽٽل دل تي پڄل ڇو نہ هجي. هر جنون جي پڄاڻي خود ڪشي هوندي آهي. مان مرڻ نہ ٿي چاهيان. مان اڃان خوبصورت نظارن ۽ قدرت جي حسين منظرن کي پنهنجي اکين ۾ سمائڻ چاهيان ٿي. مان اڃان اجايل آهيان.

ناني جي چوڻ مطابق، مان عشق فرد واحد سان نہ، پر مان پنهنجي عشق ۽ محبت کي خدا جي حسين نظارن سان لاڳاپي ڇڏيو آهي. ان عشق مون کي سڪون بخشيو آهي.

بس ان جذبن کي ڇڏي، مان پيار جي جذبي کي پنهنجو ڪيو آهي. مان ان جذبي کي قيد نہ ڪيو آهي، مان هن زمين تي رهڻ واري هر انسان سان پيار ڪيو آهي، سواءِ ڪنهن موٽ جي تہ، موٽ ۾ مون کي پيار ملي تو، يانفرت. پيار جي غرض، بي لوث ۽ امر هوندي آهي.‘

’تو پيار، محبت ۽ عشق کي الڳ الڳ ڪيو آهي، جڏهن تہ اهي ٽئي پيار جا مختلف ڏاڪا آهن. پيار محبت ۾ تبديل ٿئي ٿو. باقي تنهنجي اها ڳالھ تہ محبت، غرض آهي تہ. جيئن توکي اڳ ۾ چيو تہ، تون محبت جو اونداهو طرف ڏسي رهي آهين، عشق جو اختتام، ناڪامي، مايوسي، نامرادي ناهي. عشق جو حصول ڇا آهي؟ اهو هر عشق ڪرڻ واري ماڻهوءَ تي منحصر آهي،

جيڪو عشق ڪري ٿو. باقي، منهنجي نظر ۾ ته اهو عشق جو حصول آهي، ته جيڪڏهن ٻه وجود ٻي هنڌ رهندي ٻه، چاهت ۾ تبديلي نه آڻين ۽ هڪٻئي کي شدت سان چاهين ته اهو عشق جو حصول آهي، باقي، اهو قطعي ٻه عشق جو حصول ناهي ته عشق ڪرڻ وارن جي پاڻ ۾ لازماً شادي ٿي.

بهرحال مان تنهنجين انهن ڳالهين کي عملي طرح غلط ثابت ڪندس. تون، مون سان ڇا ٿي ڪرين؟'

'پيارا! 'تون امالڪ چيو.

'ٺيڪ آهي،' مان مشڪندي تو کي چيو.

مان، منور ۽ واصف، ڪينٽين جي لان تي ويهي ڳالهيون ڪري رهيا هياسي، سامهون ڪچنار جي وڻن ۾ خوبصورت اڇا ۽ فيروزي گل لڏي لمي رهيا هيا. تون ٻه لڏندي لمندي اڇي ويٺينءَ، ڇڻ ڪچنار جي گلن سان جنبهل ٽاري اچي وئي هئي. تنهنجي واصف سان اڳ ۾ ملاقات نه هئي.

'هي منهنجو دوست واصف آهي، انجينئر پر ان سان گڏ لفظن جو ٻه سٺو انجينئر آهي، شاعري ڪندو آهي، گهڻو پڙهي ويو آهي، هاٺي تورو...' مان تورو لونڊڙي وٺ اڳر کي ڦيرايو، سڀئي کلي ويٺاسي.

'شاعري ڪندا آهيون ڪو چڪر آهي؟'

تنهنجي جملي جو پهريون تير واصف مٿان لڳو.

واصف، توري حيرانگيءَ مان مون ڏانهن ڏٺو، مان ڪيس اک پڇندي اجازت ڏني ته جيئن وٺئي تيئن ڳالهاءِ.

'ها پهرئين ذهن ۾ آئيڊيل جوڙيي، ان تي شاعري ڪندو هيم،'

'هاٺي مون تي ڪيو شاعري.مذاق مان کل جي جهاجهه وچائندي چيئه .

'مان پنهنجي شاعريءَ جو ويليو ڪيرڻ نه تو چاهيان،' جملي جي موٺ سٺي ملي هئي، تو وري چيس:'پنهنجي ڪجهه شاعري ٻڌايو.'

'درٻاري شاعر ناهيان .'

'ڪمال آهي، توهان کي هڪڙي چوڪري شعر ٻڌائڻ لاءِ ٿي چئي ۽ توهان شعر نه ٿا ٻڌايو. عجيب شاعر آهيو!'

'مون کي چئه، مان ٻڌايانءِ،' منور ٻه ڳالهه ۾ حصو وٺڻ چاهيو ته تو چيس: 'سکر واريءَ کي ٻڌائجانءِ .'

منور کل ۾ ويڙهجي ويو.

تو پنهنجي ڊائري ڪٺي واصف کي ڏني ته هن تي پنهنجو ڪو شعر لکي ڏيو. واصف گهڻو ئي لنوائڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪيس مجبور ڪيئي. هن تنهنجي ڊائري وٺي، مون ڏي ڏسي پڇيو،' ڇا لکان؟'

'جيڪو توکي وڻي' مون چيو.

'توکي مٿان اعتراض ٿئي؟' تنهنجي انداز مان هن ڪجهه سمجهيو هو ته تنهنجو منهنجو ڪو واسطو آهي.

'نه نه جيڪو وڻيئي لک.'

هن توکي ڪو شعر لکي ڏنو. جنهن جو مطلب اهو هيو ته هرو ڀرو ٻه ماڻهو کي پنهنجو پاڻ تي ايڏو ناز نه هجڻ گهرجي.

منهنجو، دوست واصف هن وقت ڊگري هٿن ۾ کنيون گهمندو تو وتي، هڪ ٻن هنڌن تي ڪيس نوڪري ملي ٻه هئي پر پنهنجي بي چين طبيعت جي ڪري ڇڏي آيو آهي.

هن جو زندگيءَ ڏانهن رويو ڏاڍو منفي آهي. ۽ ڏاڍو مايوس لڳندو آهي. هن اديبن سان رهي ڏٺو آهي، اديبن جي گروهه بنديءَ ڪان ڪاوڙيل،

هن جو چوڻ آهي ته، اهي اديب صرف شايع ٿيندا آهن، جن جو ساڳي گروهه سان واسطو آهي، صرف پنهنجو پاڻ کي وڏا اديب سمجهندا آهن. شام جو چانهه تي ويهي هڪ ٻئي کي ٽيگرون ڏئي دنيا جي اديبن جي قطار ۾ هڪ ٻئي کي بيهاريندا. سياست ۾ اسڪول جي زماني کان رهيو آهي پر هاڻي سياست کان به مايوس آهي. هو جنهن پارٽيءَ ۾ ڪم ڪندو هو، انهن جي رويي مان مايوس آهي. هن کي ان ڳالهه تان اعتراض آهي ته، ڪنهن ڪارڪن جي تخليقي عمل کي ختم ڇو ٿيون ڪن ۽ جيڪا پارٽي لائين آهي، جيڪا ڪجهه ماڻهن جوڙي آهي، ان تي آمنا صدقا ڪجي، اها غلط ٿي سگهي ٿي، ان تي اعتراض ڪري سگهجي ٿو. پر پارٽي ۾ ان ڳالهه لاءِ ڪا گنجائش ناهي، ۽ ڪارڪن کي مشين سمجهي ڪم سونپين ٿا ۽ ڪم جي وصف به هنن وٽ فزڪس واري آهي،

ايئن هرو ڀرو ڇو ٿا ڪن ؟' ان جي ڪري ئي سوچيندڙ سمجهندڙ ڪارڪن ۾ بيزاري ٿئي ٿي، پوءِ مجبورن پارٽيءَ جي چولي کي ڇڏڻو پئي ٿو.' هن مون کي ٻڌايو ته:

' مان هڪڙي ڏينهن يونيورسٽيءَ جي جنرل باڊيءَ ۾ ويس. اتي هڪڙي شاگرد پارٽيءَ جو نوجوان تمام جذباتي تقرير ڪري رهيو هو، شاگردن کي سمجهائي رهيو هو ته اسان کي ڪلاس صحيح نموني اٽيند ڪرڻ کپن. اسانجو مستقل، اسانجو آئيندو توهان روشن ڪندو جڏهن اسان چڱي نموني پڙهنداسي. ان ڪري توهان کي منهنجي گذارش آهي ته، توهان سڀاڻي ڪلاسن جو بائيڪاٽ نه ڪجو، ڇو جو هڪ شاگرد تنظيم اهو چاهي ٿي ته سڀاڻي ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪرايو وڃي.

مون کي ڪاوڙ اچي وئي، سڀاڻي اسان جي تنظيم بائيڪاٽ لاءِ سوچي رهي هئي. ان ڪري جو حڪومت تشدد ڪري اسانجي ساٿيءَ کي شهيد ڪري ڇڏيو هو. اهو ليبر تقرير ڪري رهيو هيو ته مان وڏي آواز سان چيو ته: بڪواس تو ڪري.'

ساري پنڊال جون نظرون مون طرف وڏي آيون. ان پارٽيءَ جا جوڌا مون طرف بگهڙن جيان وڏي آيا. ۽ پڇيائون ته ' تو ايئن ڇو چيو؟' هنن جون ڳاڙهيون اکيون جسم تي چنبڙي پيون. 'سنئون سڌو غلط ڳالهائي رهيو آهي.' مون چيو، ' توکي ڪجهه ڳالهائڻو آهي، ته اسٽيج تي ڳالهاءِ '

'ها ڳالهائيندس.'

ليبر پنهنجي تقرير ختم ڪئي ته منهنجو وارو آيو. مان تقرير ڪري چيو ته، 'افسوس آهي جو توهان باشعور دوست ان ڳالهه تي متفق ٿي ويا آهيو ته سڀاڻي بائيڪاٽ نه ڪيو، ان لاءِ جو توهان کي پنهنجو مستقل پيارو آهي. پلي توهان جا ساٿي، هڪ هڪ ڪري ختم ڪيا وڃن پر توهان کي پنهنجي ڊگري پياري آهي. قوم جي سڃاڻپ ۽ اهميت کان وڌيڪ ڪا ٻي شي ناهي. توهانجي سڃاڻپ ختم ٿي وڃي. پوءِ توهانجون ڊگريون ڪهڙو ڪم ڏينديون؟ يونيورسٽي بند رهڻ ڪا وڏي ڳالهه ناهي، هي ته هڪڙي ڏينهن جو بائيڪاٽ آهي، ڍاڪا يونيورسٽيءَ جو مثال وٺو. ڪيترو وقت بند رهي؟ انقره يونيورسٽي جو مثال وٺو. باقي، توهانجي هڪ ڏينهن بائيڪاٽ ڪندئون ته توهان جو مستقبل تباهه ٿي ويندو؟ اسان به نه ٿا چاهيون ته تعليمي ميدان ۾ اسان پٺتي رهجي وڃون. پر طاقتور دشمن کي اسان احساس ته ڏياريون، اسان هن کي اهو ته ٻڌايون ته اسانجي قوم سڄاڳ آهي، تون جي هڪ منصور ڪهندين ته هتي الائي ڪيترا منصور پئدا ٿي پوندا. خاموشي ته دشمن جي همت افزائي ڪندي آهي، آئينده به اهڙيون شرمناڪ حرڪتيون ڪندو رهندو. توهان اسان سان ساٿ ڏيو اهو توهان لاءِ ئي صحيح آهي.....'

ماڻهن ۾ چوٻول مچي ويو. گهڻي ڀاڱي منهنجا هم خيال ٿي ويا. اڪثريتي پارٽي جا ليبر ڪاوڙ ۾ ڳاڙها ٿي ويا. پر شاگردن کي ڪيئن روڪين. ان لاءِ هنن چيو ته ووٽنگ ٿا ڪرايون ته سڀاڻي بائيڪاٽ ٿيڻ کپي يا نه.؟ راءِ ورتي وئي.گهڻائي ان راءِ جي هئي ته سڀاڻي بائيڪاٽ ڪيو وڃي. مخالف دوست ڳاڙها ٿي ويا. جنرل باڊيءَ ڪانپوءِ هو مون وٽ آيا ۽ ڌمڪي ڏئي ويا ته ڏسئون ٿا ڪهڙو مائي جو لال سڀاڻي بائيڪاٽ ٿو ڪرائي.

مان هاسٽل تي اچي تنظيم جي دوستن سان صلاح مشورو ڪيو. هو سڀ مون کان خفي هيا ته: ' توکي ڪهڙي ضرورت هئي اهڙي حرڪت ڪرڻ جي. هو طاقتور آهن، اسان جيڪڏهن ٽڪر ۾ ايندا سي ته يونيورسٽي ۾ رهڻ ڏکيو ٿي پوندو.' مان چيو ته' توهان کي پوءِ ته زنده رهڻ جو حق به نه آهي. ۽ نه ئي سياست ڪرڻ جو. توهان جڏهن هڪڙي معمولي ڏاڍي کي سچ نه ٿا چئي سگهو ته اڳتي هلي ڇا ڪندئو؟. توهان پلي ساٿ نه ڏيو، مان پاڻهي منهن ڏيندس.'

'ٻي ڏينهن مان، ڪجهه دوستن کي ساڻ ڪري بائيڪاٽ ڪرائڻ لاءِ فيڪلٽي ويس. مان چوڪرن کي ٻاهر ڪڍي رهيو هيس ۽ پيپر ڦاڙي رهيو هيم. منهنجو ٻيو دوست ٻاهر نڪري شاگردن کي ڪٺو ڪري تقرير ڪري رهيو هو ته هڪدم هن جو آواز گم ٿي ويو. مان ان طرف پڳم ته ڏٺم مخالف شاگرد هٿيارٻند ٿي آيا هئا ۽ تقرير ڪندڙ دوست کي ٻاهر روڊ تي ماري رهيا هيا. مان ڊڪندو مخالف شاگردن جي

هڪ ليبر وٽ وڃي ڪيس چيم ته: ’اها ڳالھ چڱي ناهي، اڄ اسان جي پارٽيءَ جو ساٿي شهيد ٿيو آهي، سياڻي اهو ڏينهن سڀ تي اچڻو آهي. ان لاءِ ڳڏ ٿيڻ جون راهون بند نه ڪريو. ٿي سگهي ٿو ته اڳتي هلي ڪنهن پارٽيءَ وٽ توهان کان وڌيڪ طاقت اچي ته پوءِ؟‘

هن مون کي چيو ته،’تون منهنجو دوست آهين، تنهن ڪري هتان ڀڄي وڃ.‘

’مان ڪيئن ڀڄندس، هي سڀ منهنجي ڪري هتي آيا آهن.‘

’چوانءِ تو هليو وڃ، ڏاڍو بڇڙو ٿيندين .‘

مان هن کي ڇڏي، ان طرف وڌيس، جتي اسان جا ساٿي بيٺا هيا ۽ ڪين مخالف بيلٽن سان ماري رهيا هيا. هو چپ چاپ بيٺا رهيا، مون کي ڏاڍي خار آئي. مان رڙ ڪري چيو ته، ’خاموشيءَ سان مار کائي رهيا آهيون. شرم ڪيو، ڪجھ ته وڙهو.‘

هو خاموشيءَ سان بيٺا رهيا. مان مخالفن سان اڪيلو وڙهندو رهيس. مان مار کائي بيهوش ٿي ويس. پارٽي مون مان هٿ کڻي وئي ۽ مان سموري يونيورسٽي لائف اڪيلي سر مخالفن سان وڙهندو رهيس.‘

واصف جي شادي ننڍي عمر ۾ ئي سوٽ سان ڪئي وئي هئي. جيڪا ڪائنڻ عمر ۾ وڏي آهي، ۽ ذهني طرح ائبنارمل پڻ. واصف پنهنجي شاديءَ لاءِ چوندو آهي ته، مان ذهني طرح ايڊجسٽ ڪري نه سگهيو آهيان. شاديءَ کي ڏهه ٻارنهن سال ٿي ويا آهن. اهو سمورو وقت زال مون سان زنا ڪندي رهي آهي.مان تباهيءَ جي ڪناري تي آهيان منهنجا ٻار منهنجي دلچسپي آهن.‘

گهريلو پريشاني، سياسي دلشڪستگي، ۽ نوڪري جي پريشاني ڪري واصف انارڪسٽ ٿي ويو آهي.هو تمام ذهين آهي، پيار محبت جي باري ۾ هڪ دفعي ڳالهائيندي پڇيومانس:

’تون عشق ڪيئن ڪندو آهين.‘

’ٻڌ تي‘

’مطلب!‘

’جيڪڏهن ڪو شخص، مون کي ٻڌائيندو آهي ته فلاڻي ڇوڪري ڏاڍي خوبصورت آهي. هن جو نڪ، چپ، وار اکيون، جسم خوبصورت آهي مطلب ته هر وصفين سهڻي آهي، ته منهنجي ذهن ۾ ان ڇوڪريءَ لاءِ عشق پيدا ٿي پوندو آهي ۽ پوءِ هر حربو هلائي، هر تڪليف ڪٽي، هر مشڪل کي منهن ڏئي ان ڇوڪريءَ کي ڏسڻ چاهيندو آهيان. پوءِ سوين ميل پنڌ ڇو نه وڃڻو پوي. تازو به ڪجھ اهڙو قصو ٿيو- منهنجي هڪ دوست، هڪ ڇوڪريءَ جي تعريف ڪئي. مان هن کي ڏسڻ لاءِ 20 ڪلو ميٽر جهنگن جرن، ڪرڙ ڪانڊيرن کي پار ڪري اتي پهتس.‘

’پوءِ ڇا ٿيو؟‘

’ڇوڪري ڏاڍي خوبصورت هئي، نقش نگار، وار، باقي پيٽ ڪجھ وڏو هيس.‘

’مڪمل خوبصورتي ڪٿي به ڪونهي.‘

’ نه ايئن ناهي.‘

’ايئن آهي. هر هنڌ، هر ڪم ۾ هر محبوب ۾ پرفيڪشن ملڻ مشڪل آهي. ماڻهو ايڏو آئيڊيلسٽ نه ٿي. ڪنهن جون ڪجھ شيون سٺيون لڳن ٿيون ته اهو به ٺيڪ آهي.‘

’قناعت ڪرڻ گهرجي؟‘

’قناعت جي ڳالھ ناهي، آئيڊيل ڪي ماڻهو، مافوق الفطرت نه ٿي.‘

’پر گهٽائي خوبين جي ته آئيڊيل واريون هجڻ کپي.‘

’ها‘

’ان ڪري عشق نه ڪندو آهيان.‘

’ ڏس تي عشق ٿيندو به نه ‘

’ڇو نه ٿيندو. پنهون به ته ڏَس تي سسئي سان عشق ڪيو هو. راڻي به ته مومل سان ٻُڌَ تي عشق ڪيو هو. نوريءَ ڄام تماچيءَ به ته ايئن ڪيو هو. انهن سيني کي اهو ٻڌايو ويو ته فلاڻي مائي چنڊ جو ٽڪرو آهي.‘

’ايئن ته عشق ٿيندو ئي ناهي، عشق ته هڪ نظر ۾ ٿي پوندو آهي.‘ منور جيڪو ايتري دير خاموش هو تنهن آڙيءَ وانگر پڙڪو ڏيندي سوال ڪيو.

مان، واصف پنهي ان ڳالھ تي اعتراض ڪيو ته نه ايئن هڪ نظر ۾ عشق نه ٿيندو آهي.‘

’ٿيندو آهي ۽ ماڻهو پوءِ عشق ڪري، ان جي خوبين سان پيار ڪندو آهي. سوچي سمجهي آئيڊيل ڳاهڻ بيوقوفي آهي.‘ منور پنهنجي ڳالھ تي زور ڏيندي چيو.

’ بيوقوفي تون تو ڪرين. ماڻهو ۽ جو هڪ نظر ۾ عشق نه ٿيندو آهي. پر هن جي ذهن ۾ لاشعوري طرح آئيڊيل محبوب جو هڪ خاڪو جڙيل هوندو آهي ۽ پوءِ، ڪنهن شخص کي ڏسڻ سان ئي لاشعوري طور تي محسوس ڪندو آهي ته هن جي آئيڊيل جون گهڻون خوبيون ان شخص ۾ آهن ۽ پوءِ هن سان لنئون لڳي ويندي اٿس.‘

واصف چيو ته:

’ يار تو اسان جهڙن ماڻهن لاءِ بازاري عورت سٺي محبوبا ٿي سگهي ٿي.‘

’ڪيئن؟‘

’اسان جيڪو ڪجھ چاهيون ٿا، هوءِ سٺي نموني ڏئي سگھي ٿي، ڳالهائڻ ’فرينڪينس ۾ پنهنجي انداز ۾ ڳالهيون ڪرڻ ۾ راڳ پڙڻ. ‘

’مون کي تہ بازاري عورت کان شديد نفرت آهي. هن جي انگل ڪري ڳالهائڻ تي دل چوندي آهي تہ چماٽ وهائي ڪڍانس.‘

’نہ، تون هنن کي ويجهو کان نہ ڏٺو آهي. مجموعي ۾ هنن جو ڳالهائڻ مصنوعي هوندو آهي. باقي هونئن ڳالهائڻ ٺيڪ ۾ سهٽو هوندو اٿس. بازاري عورت مان هڪڙو فائدو اهو بہ آهي تہ، اسان جهڙا ماڻهو، جيڪي اڪثر ڪري عام عورت جي ضرورت نہ سمجهي سگهندا آهيون. ۽ پوءِ اهي رسي ڪنهن ٻي جي محبوبا بڻجندي آهي.‘

واصف ڪيسي مان وليم فائيو ٽيبليٽ ڪڍي وات ۾ رکي چٻاڙيندي چيو:

’ مون کان هڪ ڇوڪري ان ڪري ناراض ٿي وڃي منهنجي ٻي دوست سان ياري رکي جو مان هن سان ڳالهيون تہ خوبصورت ڪندو هيس، ڪمپني بہ سٺي ڪندو هيس. پر مان شرافت جو مظاهرو ڪندي، هن سان جنسي تعلقات نہ رکيا. هڪ دفعي مان ڪجھ ڏينهن لاءِ مان ٻي پاسي هليو ويس تہ انهن ڏينهن ۾ اها ڇوڪري منهنجي ان دوست سان ٺهي وئي. ڇو جو ان هن جون سڀ ضرورتون پوريون ڪيون هيون.

ٻي ڇوڪري مون سان ان لاءِ ناراض ٿي وئي جو مان هن کي ڪس ڪيو هو ۽ هن چيو تہ ’مان تہ توهان جي ڏاڍي عزت ڪندي هيس. پر توهان بہ ٻين جهڙا نڪتو وحشي، ايئن چئي روئيندي هميشہ لاءِ هلي وئي. ان لاءِ تو چوانءِ تہ بازاري عورت صحيح آهي اسان لاءِ.

’هرهڪ جو پنهنجو خيال آهي، مان پاڻ چاهيندو آهيان تہ عورت فرينڪ هجي. پر جيستائين تعلق آهي، عورت کي نہ سمجهڻ جو، تہ ان سان، مان تون سان متفق ناهيان. ڇو جو عورت ۽ مرد جي پاڻ ۾ دوستي ئي تڏهن سمجهڻ کپي، جڏهن پروڻءِ جي هر هڪ اشاري کي سمجهجي، نہ تہ پوءِ اها دوستي ڪهڙي چئبي؟‘

واصف تڏهن بہ پنهنجي ضد تان نہ لٿو هيو.

بيمار ٿي پيو هيس. تون جڏهن يونيورسٽي آئينءَ تہ توکي منهنجي طبيعت جي خراب هجڻ جي خبر پئي ۽ تون ٽيليفون تي ضد ڪري فيڪلٽي اچڻ لاءِ راضي ڪيو هيو. هاسٽل کان فيڪلٽيءَ واري روڊ جي وچ تي تون ملينءَ تنهنجي هٿ ۾ گلدستو هيو، ۽ سيني گلن کي ڏاڍي بدران پنهنجي وارن سان ٻڌي آئي هئينءَ. منهنجي پرسان اچي، جهڪي گل منهنجي هٿ ۾ ڏنا هيئي. تو ان اسٽائيل سان گوڏو کوڙيندي گل آچيا، جڻ ڪو ويڙهو پنهنجي تلوار فاتح بادشاهہ جي آڏو پيش ڪندو هجي.’ڇا ياد ڪندين! ساحرہ، گل گهٽ ماڻهن کي ڏيندي آهي.‘

’جيڪڏهن اهڙا گل ملندا رهندا تہ طبيعت تہ روز روز خراب ٿيندي .‘

’دوا ورتي اٿئي؟‘

’ڊاڪٽرلڪي ڏني آهي؟‘

’ڇا لکيو اٿائين؟‘

’ڪجھ دوائون آهن، پر شهر جي ميڊيڪل اسٽور تي نہ ٿيون ملن.‘

’مون کي ڏيءِ، مان سکر مان گهرائي وٺندس.‘

’مٿي ۾ سور ۽ اکيون ڪرن ٿيون.‘

’پوءِ دوا گهراءِ نہ!‘

’ڊاڪٽر چيو آهي ته، تنهنجو علاج ان ۾ آهي ته، ڪو نازڪ هٿ تنهنجي مٿي کي زور ڏي ۽ اکين تي گلاب جي پنکڙين سان ٽاڪوري ڪئي وڃي.“ شرارت مان چيو هيم، تنهنجو منهن ڳاڙهو ٿي ويو. ڪينٽين وٽ روم پارٽنر مليو هو. توسان ڳالهائڻ ڪان پوءِ منهنجي طبيعت گهڻي ٺيڪ ٿي وئي. تون مذاق ڪندي چيو:

’تنهنجي طبيعت ته ٺيڪ آهي، مون سمجهيو هو ته تون بستري تي ڪريل هوندين. چرڻ پرڻ جي سگهه نه هوندئي ۽ هڪ ٻن ڏينهن ۾ تون گذاري ويندين.‘

’مران پر ان شرط تي ته اتي حورون ملنديون.‘

’جڏهن ڪم چڱا ٿيل هجن ها ته ايئن ٻه ٿئي ها.‘

’هاڻي ڳالهه نه نتاءِ. ڊاڪٽر جيڪا Prescription لکي ڏني آهي، ان جو ڪجهه ڪر.‘

تون منهنجي پارٽنر کي ڏسندي چيو هو:

’فاخره کي چوان ٿي‘

’نه نه، ڊاڪٽر تنهنجي لاءِ چيو آهي.‘

’تون چپ ٿي وئينءَ .

مون پني تي لکيو.

Rx

100 Ks 5 met

3+3+3

۽ پوءِ تو ڏانهن پنو وڌائيندي سنجيده ٿي چيو هيم:

’هي ڪجهه دوائون آهن، موڪلجانءِ.‘

تون به ڏاڍي سنجيدگيءَ سان پنو ورتو ۽ پڙهي، ڪلي مون ڏي ڏنئه.

’ڪوشش ڪنديس.‘

تون هلي وئينءَ.

ٻي ڏينهن تنهنجو خط مليو:

’اڄ چوڏهينءَ جي رات آهي، چنڊ منهنجي چت مٿان اچي بيٺو آهي ۽ منهنجي دل چاهي ٿي، مان سڄي رات جاڳندي چنڊ ڏي نهاريندي رهان.

اڄ جڏهن منهنجون نظرون چنڊ سان مليون ته، هو ڪڪريءَ ۾ لڪي ويو. شايد هن کان منهنجي بيوسي ڏٺي نه ٿي ٿئي ته منهنجو دوست بيمار آهي ۽ مان ان جي گرم پيشانيءَ تي هٿ به رکي نه ٿي سگهان. ۽ ان جي پيلين اکين کي چمي به نه ٿي سگهان.

ها شايد سڄي عمر اها بي چيني ۽ بي سڪوني رهي. چانڊوڪي رات ۾ منهنجي بي چيني ۽ بي سڪوني ان ريت هوندي ۽ منهنجو مرڻ ڪانپوءِ به جڏهن چوڏهينءَ جو چنڊ تنهنجي چت يا اڱڻ جي مٿان اچي بيهندو ته دروازو کليل رکجانءِ، جو، منهنجو بي چين روح تنهنجي در تائين ضرور ايندو.‘

تنهنجو هر وقت کلڻ ۽ خوش رهڻ، سيني سان مذاق، ۽ هر سنجيده ڳالهه کي مذاق ۾ ٽاري ڇڏڻ سٺي ڳالهه هئي. تون چوندي هئينءَ ته، ’ماڻهو هرو ڀرو پنهنجي مٿان ڏک مڙهن ٿا. منهنجو توسان اڪثر ان ڳالهه تي تڪرار رهندو هو.

مان چوندو هيس ته، ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ ڏک سک ايندا رهندا آهن

ماڻهو کي زندگيءَ جي مسئلن کي مڙسيءَ سان منهن ڏيڻ گهرجيءَ انهن ڏکن کي سهڻ لاءِ هن کي ٻين جي سهاري جي ضرورت پئي ٿي. توکي، ان ڳالهه تي اعتراض هوندو هو ته، ماڻهو ٻين جي سهاري سان زندگي ڇو گهاري؟ ماڻهوءَ ۾ سيني مسئلن کي منهن ڏيڻ جي ڀرپور سگهه آهي. مان ته سدائين خوشيون ماڻيون آهن ۽ خدا چاهيو ته ، منهنجي زندگيءَ ۾ ڏک نه ايندا. ۽ نه ئي ڪنهن ٻي جي سهاري جي ضرورت پوندي.

مون کي کل ايندي هئي، تنهنجن انهن ڳالهين تي. ڇاڪاڻ جو، تون پاڻ ئي انهن ۾ ڪامياب نه ويندي هئينءَ. خود تنهنجو مون سان گهرو تيڻ به ان جو وڏو ثبوت هو .۽ ننڍن ننڍن ڏکن جو به تون گهرو اثر وٺندي هئينءَ. اهڙي قسم جو اظهار تنهنجن خطن ۽ ڳالهين مان محسوس ٿيندو هو.

تو ٽيليفون تي ٻڌايو ته: ’منهنجي وڏي ڀيڻ جي طبيعت خراب آهي. هن کي دل جي بيماري آهي ۽ هاڻي ڪيس اسپتال داخل ڪرايو اٿئون، مان به سياڻي ڪراچي ويندس. مون کي سمجهه ۾ نه تو اچي ته ڇاڪيان؟ مون ڏانهن هر طرف ڪان ڪندن ڀريا هٿ ۽ ٽوهر جهڙا منهن وڌندا اچن ٿا ۽ مون کي لڳي ٿو ته مان ڪيڏو نه چاهيان پنهنجو پاڻ کي، انهن ڪندن جي عذاب کان آجو نه ڪرائي سگهندس. شام جو لهندڙ سج جا رنگ لڳن ٿا ڄڻ، ڪنهن مريض رت جي گرڙي ڪئي هجي. ڏکن جي وڻ ويڙهي منهنجي وجود کي گهيري ڇڏيو آهي،الائي ڪيترا انديشا ۽ خوف، منهنجي ذهن کي وڪوڙي وياآهن.‘

مان توکي ٽيليفون تي آٿت ڏيندو رهيس، پر ٽيليفون تي توسان اهو ڪجهه نه ڳالهائي سگهيس، جيڪو تون چاهين پئي ۽ جيڪو مان چاهيان پيو. ڇو جو، ٽيليفون تي گهڻا ٻيا به اسٽوڊنٽ ويٺا هيا. جن جي سامهون توسان کلي ڳالهائي نه پيو سگهان. ان لاءِ ٻنهي کي اڃ رهجي وئي. مان توکي گهڻا دلاسا ڏنا، ۽ سمجهايو ته تو جهڙي مضبوط ڇوڪريءَ کي ته ايئن نه ڪرڻ گهرجي ۽ ٻيو ته، تون پاڻ کي اڪيلو ڇو ٿي سمجهين. مان به تون سان گڏ آهيان. توکي ڪيترا دفعا سمجهايو اٿم ته، پنهنجا ڏک مون کي ڏئي ڇڏيندي ڪر. تنهجو آواز ٻڌهن به لڳي پيو ته گهرائيءَ مان اچي رهيو آهي، ۽ تون ٽڪل ٽڪل ۽ ڏکايل آواز ۾ موڪلايو. تون ڪراچي هلي وئينءَ، جتي تنهجي ڀيڻ داخل هئي.

تو مون کي ٻڌايو ته، تون سهيليون گهٽ بڻائيندي آهين ڇو جو، تو کي انهن جي ڳالهين تي چڙ ۽ نيرو مائينڊيڊ هجڻ تي ڏک ٿيندو آهي. جنهن ڪري تون ڪنهن سان به ذهني طرح ايڊجسٽ نه ٿي سگهندي هئينءَ ۽ پنهنجي وڏي ڀيڻ کي ئي پنهنجي سهيلي سمجهندي هئينءَ. تون جڏهن به ڪيڏانهن ٻاهر گهمڻ ويندي هئينءَ ته تنهجي ڀيڻ تنهجي پارٽنر هوندي هئين. هن جي گهر ۾ تون پنهنجي گهر کان وڌيڪ رهندي هئينءَ. هن جي ٻارن کي تون ئي وڌيڪ چاهت ڏيندي هئينءَ، گهڻو ڪري هن جي گهر جي سار سنڀال، چند ڦوڪ تنهجي ٻلي هوندي هئي. جو، هوءَ هرت پيشنٽ هجڻ ڪري ڪم ڪار گهٽ ڪندي هئي.

تنهجي وجود ۾ تنهجي ڀيڻ سمايل هئي. هن جي گهر ۾ تنهجيون ٺاهيل پينٽنگز لڳل هيون. جڏهن به يونيورسٽيءَ کي هڪ ڀ ڏينهن موڪل ٿيندي هئي. تنهنجي بيگ ڪراچي لاءِ تيار هوندي هئي. تنهجي، پنهنجي ڀيٽوئي سان به سٺي انڊر اسٽينڊنگ هئي. هن کي تنگ ڪرڻ، چرچا ڪرڻ ۾ سيني ڳالهين ۾ تون اڳتي هئينءَ. ٻار ته توکان سوا رهي ئي ڪونه سگهندا هيا. ان پنهنجي پياري ڀيڻ جي سخت بيماريءَ ۽ اسپتال ۾ داخل ٿيڻ سان تنهجي پريشاني ڇوٽ چڙهيل هئي،

تنهنجي اداس ٿيڻ تي مان توکي يقين ڏياريو ته پريشانيءَ جي ڪا ڳالهه ناهي.’مان تنهجي هر خوشيءَ ۽ غم ۾ شيئر ڪر ڻ چاهيندو آهيان. پر مونکي ندامت آهي ته مان تنهجي اداسيءَ ۾ توسان شيئر نه ڪري سگهيس ۽ تون شئير ڪندي آهين. ان ۾ جيڪڏهن ڪجهه قصور منهنجو آهي ته ڪجهه تنهنجو به آهي ڇو جو تون پنهجي مٿان خول چاڙهي ڇڏيو آهي. ۽ پنهنجي اداسيءَ کي ظاهر نه ڪندي آهين. جڏهن ته مان دوستن جي آڏو پنهنجي هر ڪيفيت جو ڪليل اظهار ڪندو آهيان.

تون اداس نه ٿيندي ڪر. ڇو جو تنهجي اداسي، منهنجي اداسي آهي. ان ڳالهه جو ثبوت اڄ ملي ويو هوندو، ڇو جو مان نه پيو چاهيان ته توکي اداس ڇڏي مان حيدآباد هليو وڃان. مان توسان ڪمپني ڪرڻ چاهيان ٿو، تنهنجي ڏک ۽ قرب کي اندر ۾ اوتڻ چاهيان پيو. پر هميشه وانگر اڄ به دوستن، ان خواهش کي پورو ٿيڻ نه ڏنو ۽ واندڪائي ئي نه ملي.

اي وڏن وارن واري ڇوڪري،

تون ايئن ڇو سمجهندي آهين ته، ٽشو پيپر ئي تنهجي ڏک جا ساٿي آهن. مون کي خوشي ٿيندي جيڪڏهن تنهنجن ڳوڙهن سان منهنجي قميص آلي ٿي. هونئن اڄ تنهنجي خول ۾ ٿورا ٿورا ڏار پيا آهن. ڇو جو، تون هر وقت چوندي هئين ۽ ته، خوشين کان سواءِ مون وٽ ڪجهه نه آهي. مان چوڻ اهو ٿو چاهيان ته، زندگيءَ جي درياءَ ۾ ڏک سک جا وهڪرا گڏ گڏ هلن ٿا. مان نه ٿو چاهيان ته تنهجي حصي ۾ صرف غم هجن. منهنجي ته خواهش آها به آهي ته، تنهنجي حصي جا غم مون کي ملن ۽ تون ڪلي زندگيءَ جو جام پيئندي رهين. تو ڪڏهن لکيو هو

’منهنجو روح مرڻ کان پوءِ پٽڪندو رهندو، ان لاءِ جو مان هن دنيا ۾ ڪنهن کي به پاڻ سان ايترو فري ٿيڻ نه ڏنو، جو مان ٿورا ڳوڙها ڪنهن جي ڪلهي تي وهائي، غمن جو مزو وٺي سگهان.

ساحره !

مان ته اهو چوندس ته آخر تون اهو حق مون کي ڇو نه ٿي ڏين.جڏهن ته تنهنجي خواهش به اها آهي. منهنجي گذارش آهي ته ڪڏهن ته منهنجي خلوص تي اعتبار ڪر!!

تون ٽيليفون تي ڏادي ڏک جي خبر ٻڌائي ۽ تنهنجي لهجي ۾ اداسي جو زهر سمايل هو. مان توسان چاهيندي به نه ڳالهائي سگهيس ڇو جو دوست ويٺل هيا.

مٺي!

هي نِنڊيا نِنڊيا ڏک ته ايندا رهندا آهن.انهن جو اثر گهڻو وٺڻ نه کپي. سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو. تنهنجو اهو چوڻ ته هاڻي تنهنجي سمورو سال خراب گذرندو، ايئن سوچڻ صحيح ناهي ۽ تنهنجي اها ڳالهه مون کي ڏادو ڏک ڏئي رهي آهي. مون کي ماڻُ آهي ته تون مون کي ڪو به ڏک ڏيڻ نه ٿي چاهين، ان لاءِ هاڻي واعدو ڪر ته وري ايئن نه سوچيندينءَ.

مان تنهنجي مترنم کل ٻڌڻ چاهيان ٿو. اها کل، جنهن تي اهو گمان ٿيندو آهي ته ڪنهن جي پايل ڇمڪي آهي. تون ڪراچي وڃڻ ٿي چاهين، ضرور وڃ پر ان يقين سان ته مان به تون سان گڏ آهيان، ۽ تنهنجي موٽ جو شديد انتظار ڪندس.

مان اهو خط تون کي ڪراچي موڪليو هو.

مون کي به ڏادي اڻ تڻ هئي ته تون خير خوبيءَ سان ڪراچيءَ مان واپس اچين. ۽ تنهنجي پيڻ جي طبيعت صحيح ٿي، ڇو جوتنهنجي لاءِ هوءَ گهڻو ڪجهه آهي.

ڪراچيءَ مان لکيل تنهنجو خط مليو:

’مان بلڪل ٺيڪ آهيان، اميد ته تون اداس نه هوندين. ڪالهه ڪراچيءَ پهچڻ کان پوءِ اسپتال هلي آئي آهيان. منهنجي پيڻ جي طبيعت ڏادي خراب هئي. تون تصور به نه ٿو ڪري سگهين ته مان ان لمحي ۾ ڪيترو ضبط ڪيو، ۽ ڪيترن ڳوڙهن جي ٻوڏ مون پنهنجي من ۾ وهائي ڇڏي. شايد، اهو حوصلو تنهنجي خط ۽ ڳالهين ڏنو هو.نه ته، ساحره ايتري به بهادر نه هئي. بهرحال اهي ڪرب آميز لمحا گذري ويا. هاڻي اديءَ جي طبيعت بهتر آهي.

رات جو ننڊ به نه آئي هئي، اڪيوڻ ٽڪيل آهن ۽ تصور ۾ توکي خط پڙهندي ڏسي رهي آهيان.

هاڻي مان گهڻي پرسڪون آهيان. مون سان گڏ منهنجو پيٽيويو به آهي، ان سان خوب ڪڇهريون ٿين ٿيون. مون کي چئي پيو ته تنهنجا سيل ختم نه ٿا ٿين ڳالهائي ڳالهائي. مان چيومانس ته اسان ڪجهه اسپير ۾ رکندا آهيو. هي خط مان اسپتال مان لکي رهي آهيان، هاڻي تون تصور ڪر ته، دل جي ڪائي مريض توڏي خط لکي رهي آهي. تون، مون کي ڏادو ياد اچي رهيو آهين. خير هي جيترا به ڳوڙها آهن. مان گڏ ڪيا آهن ۽ تون سوچي ڇڏ، جنهن ڏينهن انهن کي وهائڻ جي ارادو ڪيم ته تون ڪلهن تائين ٻڏي ويندينءِ پوءِ پنهنجي آفر تي پڇتائيندين. تنهنجي مهرباني جو تون، منهنجي پريشاني ۽ اداسيءَ جي ڪري پنهنجو حيدرآباد وڃڻ وارو پروگرام ڪينسل ڪيو.

سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته مان ڪهڙيءَ ريت تنهنجين انهن عنايتن ۽ مهربانين جو شڪريو ادا

ڪيان؟ بهرحال، شڪريو ته ڏارين جو ادا ڪبو آهي، جيڪڏهن تون چاهين ته سمورو تشڪر ...

تون وعدو ڪر ته تون پاڻ کي اڪيلو نه سمجهندين، مان تي سگهيو ته روزانو خط لکندس. تون به ان جو جواب لکي، لفافي ۾ بند ڪري پنهنجي ميز تي جي خاني ۾ وجهندو وڃجانءِ ۽ جڏهن مان اچان ته مون کي ڏجانءِ. مان ڄاڻان ٿي ته تون ڇا لکندين! پر مان انهن لفظن کي پنهنجي نظر سان ڏسڻ چاهيان ٿي. جيڪي تنهنجي ذهن جي پاتال مان نڪري، منهنجي دماغ ۾ سمائجندا اميد ته منهنجي اها خواهش ضرور پوري ڪندين.

تنهنجو خط ملڻ سان مان مطمئن ٿيس. ڪراچيءَ ۾ ڪجهه ڏينهن رهڻ ڪان پوءِ تون خيرپور واپس آئينءَ ته تنهنجو چهرو خوشيءَ ۾ ڪڙي رهيو هو. ۽ تون گهٽيون ڳالهيون پڌايون. پنهنجي پيٽ جون ۽ اسپتال جون. واعدي مطابق، مان پنهنجي ٽيبل جي خاني ۾ رکيل خط ڪڍي تولاءِ ڪٽي آيو هيس.

’مان هن وقت هاسٽل جي ڇت تي ويٺو آهيان. توکي خبر آهي ته اڄ ڪلهه هاسٽل ۾ ڇوڪرا گهٽ آهن، جنهن ڪري اڪيلائي محسوس ٿئي ٿي.

هن وقت سج آهستي آهستي لهي رهيو آهي ۽ هاسٽل جي پٺيان جيڪي ڳوٺ آهن. اتان جون عورتون، گاهه جون پريون مٿي تي رکي گهرن ڏانهن موٽي رهيون آهن وڻن تي ويٺل جهرڪين جي، چين چين تمام سٺي لڳي رهي آهي.ان خوبصورت ۽ پرڪيف ماحول ۾ توکي حصي دار بنائڻ لاءِ هي خط لکي رهيو آهيان.

مان پنهنجي آفر تي اڃان تائين قائم آهيان. ۽ تو کي ڪلهي تي ڪنڌ رکي روئڻ جي اجازت آهي. پوءِ يلي ڪٽي مان انهن ڳوڙهن ۾ وهي چو نه وڃان. پر اهي ڳوڙها زمين تي پهچندائي نه، چو جو انهن ڳوڙهن کي مان پي ويندس.انلاءِ جو اهي ڳوڙها منهنجي ويجهي دوست جي اندر ۾ وهندڙ سمنڊ جا ڪجهه ڦڙا هوندا ۽ ڦڙا جيڪي بي معني ناهن.

اي وڏن وارن واري ڇوڪري!

اڄڪلهه، رنگين ۽ خوشبوئن جي موسم آهي. ان موسم ۾ سوچون ڪنهن ول جيان وڪوڙين ٿيون. اها موسم منهنجي ذهن جي ڪينواس تي يادن جا گهڻا رنگ پکيڙي ٿي، اهي رنگ ڳاڙها به آهن ته پيلا به!

موسم جا ايتري سارا رنگ ڏسي، دل چاهي ٿي ته سب رنگ پنهنجي اندر ۾ سميٽي ڇڏيان. پر هڪ دفعو رنگن کي قيد ڪرڻ جي ڪوشش ۾ منهنجا چپ ۽ منهنجو ذهن زخمي ٿي پيو هو. تنهن ڪري، هاڻي پوءِ ٿئي ٿو ته وري نه ايئن ٿي پئي.

تون پي ڏينهن تي منهنجي ان خط جو جواب لکيو هو ته :

’ تون جنهن وقت ۽ موسم جو ذڪر ڪيو آهي. مان توکي چيو هيو ته، نه خوبصورت موسم ۽ خوبصورت منظر منهنجي ڪمزوري آهن. سوچيان ٿي ته. تو جيڪو منظر بيان ڪيو آهي، اهو ڪيترو خوبصورت هوندو، جيڪڏهن اهڙي خوبصورت منظر ۽ خوبصورت جڳهه تي مان هجان ها ته، منهنجا پير زمين تي ئي نه ٽڪن ها. ۽ اهڙي خوبصورت موسم ۾ وري تنهنجي ياد اچي ها ته مان خوشيءَ مان چري ٿي پوان ها. خير چري ته هاڻي به آهيان.ان موسم ۾ تو کي مون جي ياد آئي آهي نه! توکي اڃان اهو يقين ناهي ته منهنجين يادن ۽ ڳالهين جا عڪس تنهجي ذهن تي ايترا گهرا آهن. مان چاهيان ٿي ته تون مون کي ئي ياد ڪر ايترو گهٽو جو هر وقت مون کي هڏڪي ايندي رهي ۽ انهن هڏڪين ۾ ئي منهنجو ساهه نڪري وڃي. خبر ناهي، ڪراچيءَ مان اچڻ کانپوءِ مون کي ڪاوڙ ايتري گهٽي چو ٿي اچي. هڪ ته ياتي به گهٽ آهن، پي بوريت به گهٽي آهي، ڪراچيءَ مان اچڻ ڪان پوءِ ٽي چار ڏينهن ته مان خاموشي ۽ سان پينٽنگز ٺاهيون. جڏهن، خاموشي سنگين صورتحال اختيار ڪري وئي ته يونيورسٽي هلي ويس، اتي وچي ڪاوڙ وڌيڪ آئي. هاڻي مان پنهنجي ڪاوڙ ٽيبل ٽينس کيڏي لاهيندي آهيان. خبر ناهي ڪهڙي ڳالهه،آهي، وحشت ٿئي ٿي، دل چاهي ٿي ته ڪنهن شيءِ تي زور زور سان مڪون هڻان ۽ پوءِ رڙيون ڪري روئان، خير ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ ڪاوڙ لهي ويندي. گهر ۾ به اڄڪلهه ڪنهن جي ڳالهه برداشت نه ٿي ٿئي. هاڻي سوچيان ٿي ته اها ڪاوڙ ڪنهن تي لاهي ئي ڇڏيان .

تو وٽان، ’مهه نو‘ جو سلور جوبلي نمبر ڪٽي آئي آهيان، اڄڪلهه اهو پڙهان ٿي ته. گهر وارا ڇريو سمجهن ٿا ته مان ايڏي وڏي ٿلهي ڪتاب ۾ گم آهيان. هاڻي، هاڻي، امجد اسلام امجد جي نظم هڪ خوبصورت نظم پڙهي اٿم، تون به پڙ:

’اس سي پهلي ڪه يه
ساون ڪي جهري تهم
جائي
جتني اقرار ڪي الفاظ
هين ڪهه دو مجهه سي.
بهيگته پير هين، مين
هون، تم هو،
اس برستي هوئه بادل

کي      طرح،
لفظ اگر مر کي نہ آئي
ڀي      تو      کيا
ڀيگتہ پير کسي جاکي
گواهي      دين      گي.

مگر هتي تہ لڳي ٿو تہ ساوڻ ڪڏهن بہ نہ ايندو، بهار جي موسم ۾ بہ هيءَ ساوڪ، ايئن ئي مرجهايل ۽ پيلي هوندي، ۽ وڻ ايئن ئي سوڳوار رهندا. خبر ناهي بارش ڇو نہ ٿي وسي، مان سمهڻ وقت خدا کان دعا گهرندي آهيان تہ خدا ڪري سڀاڻي صبح سان بارش پئي ۽ خوبصورت موسم ٿي وڃي، پوءِ منهنجي هيءَ سموري وحشت ۽ ڪاوڙ ختم ٿي وڃي. مگر، هتي تہ پري پري تائين بارش جا اهڃاڻ ئي ناهن.

ها. هاڻي ڳالهہ تنهنجي آفر جي تہ ساقي! مون کي پوءُ ٿو ٿئي، تنهنجي ڪلهي تي مٿو رکي ڳوڙهن وهائڻ جو، انلاءِ جو تون تہ منهنجا ڳوڙها ميڙي، ۽ مون کي پنهنجي ڪلهي جي عادت وجهي، هن دنيا جي ڳوڙ ۾ گم ٿي ويندين ۽ پوءِ جڏهن، مون کي روئڻو هوندو تہ مان توکي ڪٿي ڪٿي ڳولهيندس ۽ ڪٿي سڏيندي وتندم؟ ۽ پوءِ منهنجا ڳوڙها منهنجي لاءِ عذاب بڻجي ويندا ۽ انهن کي ڪنهن ٻي جي ڪلهي تي وهائڻ جي بجاءِ پنهنجي دل ۾ اوتيينديس، جيڪي منهنجي وجود کي ساڙي ڇڏيندا.

۽ پوءِ مون کي سهارن جي عادت بہ پئجي ويندي. پر مون کي يقين آهي تہ تون منهنجن ڳوڙهن کي ڪرڻ نہ ڏيندين. ۽ پي ويندين. تنهن ڪري، جڏهن بہ مون کي روئڻ لاءِ ڪلهي جي ضرورت پئي تہ اهو صرف تنهنجو ئي ڪلهو هوندو ۽ تنهنجي خلوص تي مان اعتبار ڪيان ٿي، ڇاڪاڻ تہ تنهنجي خلوص ۾ فريب، بناوت ۽ ڪوڙ شامل ناهي، جن کان مون کي نفرت آهي. پر مان ڪڏهن بہ نہ چاهينديس تہ منهنجا ڳوڙها پي يا منهنجن ڳوڙهن ۾ ٻڏي تون غمزده ٿي وڃين. ان لاءِ مان تنهنجين ڳوڙهن ۾ بہ شيئر ضرور گهرندس.

ساقي! تون خوبصورت موسم ۾ سوچيندو ڇو آهين؟

صرف انجواءِ ڪندو ڪر، سيني يادن کي هڪلي، هونئن بہ ان موسم جي رنگن کان وڌيڪ خوبصورت رنگ تنهنجي چهري تي خوشيءَ جا هوندا ۽ مون کي موسم جي خوشين ان وڌيڪ، تنهنجي چهري تي خوشيون خوبصورت لڳنديون. تون رنگ ضرور پاڻ وٽ رک. مون کي اميد آهي تہ توکي مايوسي نہ ٿيندي ڇو جو هي سڀ رنگ اسان لاءِ تہ آهن!

تنهنجي ۽ ڪجهہ ٻين شاگردن جي ذهن ۾ خيال آيو تہ، يونيورسٽي ۾ هڪڙو ڪلچرل گروپ قائم ڪجي. جيئن، يونيورسٽي ۾ غير نصابي سرگرمين کي زور وٺائجي. ڪافي هم خيال دوست ملي ويا. اسان جي پهرين گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ متفقہ طور تي مون کي جنرل سيڪريٽري ۽ توکي جوائنٽ سيڪريٽري چونڊيو ويو. اسان گڏجي ويهي آئنده جو پروگرام طئي ڪيوسي. اسان جي گروپ جي سرپرستي لاءِ 'سر پرست ڪائونسل' جوڙي وئي. جنهن ۾ ڪجهہ استادن ۽ استادياڻين کي مقرر ڪيو ويو. سر پرست ڪائونسل جا سڀئي ميمبر بہ ادب ۽ آرٽ جي مختلف فيلڊز سان لاڳاپيل هيا.

ننڍڙي قد، پر وڏي ذهن ۽ انگلش جي ادب جو ماڻهو، پاڻ بہ سٺو رائيٽر، جاويد صاحب بہ سرپرست هيو. جنهن کي سدائين اهو فڪر هوندو هيو تہ، پنهنجي اچي ڇڳ کي ڪيئن لڪائي. سنهي هجڻ ڪري شاگرد کيس پر پٺ 'هينگر' چوندا هيا، نعمان صاحب بہ هيو، ڳائڻ ۾ سريلو ۽ پنهنجي هاٺيءَ ڪاٺيءَ جي ڪري سدائين شاگرد لڳندو هو. شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ مقبول ۽ ان سان سدائين گڏ رهندڙ رزاق صاحب، هي ٻئي پاڻ ۾ هميشہ گڏ رهندا هيا. ٻئي نوجوان لڳندا هيا. سوشل ايڪٽويٽيز جا بادشاهہ، سٺن ڪپڙن جا شوقين، ڪين اڪثر ڪري سڏيو ويندو هو 'ياجوج ماجوج' يا 'هيڪل ايند جيڪل' شاگردن سان هنن جو رويو دوستي وارو هوندو هو جنهن ڪري جنهن بہ ڊپارٽمنٽ جو فنڪشنن يا پڪنڪ هوندي هئي تہ شاگرد ڪوشش

ڪندا هيا ته انهن پنهنجي ڪي به گڏ هلڻ لاءِ مجبور ڪن.

پٽيهن جو سالن جو ڪنوارو شاعر استاد، جنهن جي چهري تي ڏاڙهي، گول منهن ۽ هيٺيون چپ ٿلهو ڏسي، مون کي موهن جي دڙي واري پروهت ياد ايندو آهي، سٺي شاعري ڪندڙ ۽ سٺو ذهن رکندڙ پر پنهنجي زندگيءَ جي ڪجهه محرومين جي ڪري هو منجهيل رهندو هو. پنهنجي زندگيءَ ۽ پين جي باري ۾ گهٽي حد تائين نيگيٽو اپروچ رکندڙ ان هوندي به يونيورسٽيءَ جو دانشور ليکيو هو.

آرڪيالجسٽ عبدالحليم، سمورو وقت ريسرچ ۾ مشغول رهندو هو. اسٽوڊنٽ لائف ۾ ليڊر به هو. ليڊر به اهو جيڪي ڪاليج جا وفادار هوندا هيا، يعني چئن سالن جي بجاءِ اٺ سال فيل ٿي ڪاليج ۾ رهڻ پسند ڪندا هيا. هاڻي عالمي سطح تي مڃيل آرڪيالجسٽ هو.

حماد صاحب، سنڌ جو مڃيل شاعر به اسان جو سر پرست هيو. ميڊم نعيمه به اسانجي سرپرست ڪائونسل جي ميمبر هئي. جيڪا، به سٺي آرٽسٽ، سٺي ڳائڻي ۽ ڪمپيئر هئي. پڪي عمر جي هوندي به، پاڻ کي مينٽين رکيو ايندي هئي. تنهن ڪري، جنهن به ڪاريڊور مان هن جي سينڊل جو ڪڙڪو پڌبو هو، ته سيني شاگردن جون نظرون ان طرف هونديون هيون. مون کي ڪنهن ٻڌايو ته هن پهريائين ڪنهن شخص سان عشق ڪيو هو پر ان سان شادي نه ٿي سگهيس. جنهن ڪانپوءِ هيءَ ٽٽي پئي ۽ پوءِ ٻئي سان شادي ڪيائين، جيڪو عمر ۾ هن جي پيءُ جي برابر هو. ان سان به، نباهه نه ٿي سگهيس ته پوءِ ٻي وڏيري سان شادي ڪيائين. جنهن به هن کي گهر ۾ قيد ڪرڻ چاهيو ۽ سختي ڪئي. جيڪا هن کان برداشت نه ٿي. هوءَ وري پار سان گڏ اڪيلي رهجي وئي. ڪنهن ماڻهوءَ جو جيڪڏهن پوڪيلس گم ٿي وڃي تو ته پوءِ هوءَ ان بيلنس تي مختلف آرٽس ۾ چڪر ڏيندو تو وتي. اها حالت ميڊم نعيمه جي به هئي.

سر پرست ڪائونسل جي ميٽنگ ۾ سيني مسئلن تي بحث ڪيو ويو، ۽ پوءِ هڪڙي ننڍڙي محفل منعقد ٿي. جنهن ۾ اسان جي گروپ جي ڪجهه ميمبرن ڳائي ٻڌايو. تو به غزل ٻڌايو 'شام جو هي پهر نانءُ آسان جي ڪيو، ڪجهه ته ايندا ڪيو، ڪي ته ڳالهيون ڪيو' غزل ڳائيندي تنهنجيون نگاهون مون ۾ ڪتل هيون. ۽ جڏهن مان اکيون پٽي کنيون ته تون نگاهن کي جهڪائي پئي ڇڏين. رفريشمنٽ مهل، نمڪو کان سواءِ ڪولڊ ڊرنڪس هيون، پر توکي خبر آهي ته مان چانهه شوق سان پيئندو آهيان. تنهنڪري، تون گهران چانهه ٺاهي آئي هئينءَ ۽ پنهنجي وارن ۾ اٽڪيل گلاب جي گل جي پنکڙي پٽي، چانهه ۾ وڌي هيئه ۽ مون کي ڏسي، تنهنجين اکين ۾ شام جا سمورا رنگ لهي آيا هيا. مان توکي مبارڪ ڏني ته تنهنجي پهرين ڪوشش ڪامياب وئي. پر اها، وڏيڪ ڪامياب وڃي ها، جڏهن اها شام ،لان ۾ ملهائجي ها. ۽ جوائنٽ سيڪريٽري پنهنجا وار کولي اچي ها.'

تو خوش ٿيندي چيو ها،'وار کولي اچي ها،جيڪڏهن جنرل سيڪريٽري، اچي سنهي پهراڻ مان پنهنجي ورزشي ٻانهن جو مظاهرو ڪري ها.' تون شرمائجي وئين ۽ چيو هو:' اڄ هڪ ڳالهه پڇان؟ سچ ٻڌائجانءِ!'

'ها پڇ'

'تو ڪنهن کي چاهيو آهي؟'

'ها'

'ڪنهن کي؟'

'ڌرتيءَ کي '، مون هرو پرو ڳالهه کي مٽائڻ لاءِ چيو.

' نه منهنجو اهو مطلب ناهي. '

'تڏهن؟'

'سموري ڪئمپس ۾، چوڪرين کي اها پريشاني آهي ته تون ڪنهن کي چاهين ٿو، جو جو توسان ڳهٽيون ئي چوڪريون ملن ٿيون.'مان ٿهڪ ڏيندي ڳالهه ٽائي ويس. تو وري پڇيو هو:

'ٻڌاءِ نه'

'تون ڇا ٿي سمجهين ؟'

I am confident

'خوشفهمي ٿي ڪلندي چيم.

'نه، مون کي يقين آهي، ته تون مون کي چاهين ٿو.'

'اڇا!' حيرانيءَ ۽ طنز مان توکي چيوهيم .

' پيو نه ته، آئين ناهي؟'

'جي سمجهين ٿي ته ٺيڪ آهي.' مون توکي چيو هو.

تو ڳالهين جو سلسلو اڳتي وڌائندي چيو هو.

'منهنجي شخصيت تي، منهنجي ناني جو گهڻو اثر آهي. هو مون کي ننڍي هوندي کان وٺي، گهڻيون آکاڻيون ٻڌائيندو هو. نصيحتون ڪندو هو. وڏي ٿيس ته شعر ٻڌائيندو هو. هن، مون کي چيو هو ته ڪڏهن به محبت نه ڪجانءِ، تمام بري شئي آهي. ناني جي ان ڳالهه کي مان پنهنجو اصول بنائي ڇڏيو هو ته ڪنهن سان به محبت نه ڪنديس.'

'هونئن به ته تون محبت جي قائل ناهين. محبت کي ته خود غرضي سمجهنديءَ هئينءَ.'

’پر اهو انسان تي آهي، ته محبت ڪهڙي ٿو ڪري. بي غرض يا غرَض واري .‘

مان مرڪندي تون کي چيو هو:

’هر محبت، غرَض واري هوندي آهي. ايستائين جو ماءُ جي ٻار لاءِ محبت به غرض واري آهي. هوءُ ٻار کي پيار ان لاءِ ڪري ٿي، جو هن جي مامتا کي تسڪين ملي ٿي.‘

’جيڪڏهن اها غرض آهي ته پوءِ اها بي ضرورآ هي ۽ صحيح آهي.‘

منهنجي محبت به بي غرض آهي. تو سان ملي، مان پنهنجي اصولن کي ٽوڙڻ تي مجبور ٿي پئي آهيان.‘

تنهنجي ايئن چوڻ تي تنهنجي اکين مان ڳوڙها وهي آيا. جن، کي تو جلديءَ سان صاف ڪري ڇڏيو هو.

مان توکي چيو هو ته:

’منهنجي ڪري، پنهنجا اصول نه ٽوڙ توکي ڏک رسي رهيو آهي.‘

’ٽٽڻ ڪانپوءِ. ڏک رسڻ لازمي آهي.‘ ’

’مان ٽوڙڻ نه چاهيندو آهيان. بلڪ جوڙڻ چاهيندو آهيان.‘

’مون کي تون وٽان دوستي کپي، ڇپ محبت واري، وڌيڪ ڪجهه به نه.‘

’مون کي ڏک پهچندو. جيڪڏهن تنهنجي اندر ۾ ٽٽڻ جو عمل شروع ٿيندو.‘

’جڏهن ماڻهو پاڻ ٽٽڻ چاهي‘ تو نيڻ مون ڏي ڪٽي چيو.

’اها هن جي بيوقوفي آهي‘ مون چيو.

’ٽٽڻ ڪانپوءِ جڙڻ جو عمل ٿيندو آهي.‘

مون کي تنهجو دليل دل سان لڳو. پر مان خاموش رهيس. ڇو جو مان نه پيو چاهيان ته ڪو مون سان محبت ڪري ۽ پوءِ شادي ڪرڻي پئي ۽ اڳتي وڌڻ جي راهه ۾ ڏاوڻ پئجي وڃن.

تو پڇيو هو :’تون، مون کان گهٻرائيندو ڇو آهين؟ڪڏهن ته، ايترو ويجهو هوندو آهين ۽ ڪڏهن ڪڏهن ميلن جي مفاصلي تي نظر ايندو آهين.‘ تنهجو موڊ جارحانه ٿيجي ويو هو.

’نه نہ اهڙي ته ڳالهه ناهي.‘

’ايئن آهي، تون مون کان ڊڄين ٿو، تون سمجهين ٿو ته مان تنهنجي ڳچيءَ ۾ پئجي ويندس.‘

’ايئن بالڪل ناهي. متان توکي اهو پوءُ هجي ته مان تون کي پيار جي قندي ۾ ڦاسائي، توسان شادي ڪنديس.‘

تنهنجي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا هيا ۽ وري ڳالهائيندي چيو هو.

’مان توسان شادي نه ڪنديس. مان، توکي دوست سمجهان ٿي ۽ دوست ئي رهڻ ڏينديس. باقي تون هرو پرو ڊڄي مون کان پري رهين ٿو اها ڳالهه صحيح ناهي.‘

مان خاموش رهيس.چاڪاڻ جو، تون بلڪل صحيح چئي رهي هئينءَ. مان واقعي، ڪڏهن ڪڏهن اهو سوچيندو هيس ته تون شادي ڪرڻ چاهين ٿي. تون منهنجي ڏاڍو ويجهو اچي وئي هئينءَ، ڪئمپس وارو سمورو وقت مون سان گڏ رهندي هئينءَ. شام جو هڪ به دفعو ٽيليفون ڪندي هئينءَ. ذري گهٽ هر صبح جو تنهجو خط پوسٽ ذريعي ملندو هيو.

تنهنجيInvolvementوڌڻ ڪري پريشان هيس. اهڙي قسم جو اظهار، مان منور سان به ڪري چڪو هيس، جنهن، توکي ڳالهين ڳالهين ۾ چيو ته تون ثاقب سان شادي ڪرڻ چاهين ٿي، پر اهو پنهنجي ذهن مان ڪڍي ڇڏ.

تون، منور کي به روئيندي چيو هو ته: ’توهان هرو پرو ائين چو ٿا سوچيو‘ منهنجي ذهن ۾ اهڙي ڪا ڳالهه ناهي. منهنجي زندگيءَ ۾ ثاقب جهڙو شخص نه آيو آهي، جنهن سان منهنجي ايتري هم آهنگي ٿي هجي. مان ثاقب سان شادي نه ڪنديس. باقي زندگي پر مون کي ثاقب جي ضرورت رهندي.‘ تنهجي انهن ڳالهين هوندي به منور توکي چيو هو ته:’ تنهجي ذهن جي ڪنهن نه ڪنهن ڪنڊ ۾ اها خواهش موجود آهي، خيال ڪجاءِ!‘

منور مون کي سڀ ڪجهه ٻڌايو هو. پر ان هوندي به منهنجي ذهن ۾ اهو شڪ ۽ پوءُ رهندو هو ته متان مان توسان ايترو گهرو ٿي وڃان، جو پوءِ موٽي نه سگهان ۽ توسان شادي رچائي ڇڏيان.

’مان تنهجي راهه جي رڪاوٽ نه بڻجنديس، مان ٽٽي نه پر جڙي رهي آهيان، مان اهوا سڀ ڪجهه چاهيان ٿي، مان اهو چاهيان ٿي.تون روئڻهارڪي، التجائي انداز چيو.

مون، تون کي چيو: ’ها، واقعي به توکان ڊڄندو هيس. صرف انلاءِ جو، مان اڃان ڪنهن سان شادي ڪرڻ نه ٿو چاهيان. پر اڄ سچائي سان، دوستيءَرکون ٿا. دوستي جنهن ۾ ڪو شڪ ناهي، خوف ناهي ۽ هر طرف دوستيءَ جي گلن جي خوشبوءِ ڦهليل آهي. اِهي گل ڪڏهن به نه ڪومائبا.

تنهجو منهن سج ٻجي ويو هو ۽ اسانجي متان املتاس جا گل اولڙا ڪري رهيا هيا ۽ تون پنهنجا هٿ منهنجي هٿن ۾ ڏئي ڇڏيا.

مان انٽر ورسٽي ٽيبل ٽينس ٽورنامنٽ ۾ حصي وٺڻ لاءِ آزاد ڪشمير ويم ۽ اتان جي سموري خوبصورتي بابت تو کي لکي موڪليم ته مظفرآباد ڏاڍو خوبصورت آهي. وچ شهر مان درياءَ نيلم گذري ٿو، جيڪو شهر جي وچ ۾ پهچي ٻي درياءَ جهلم سان ملي ٿو ۽ ٻنهي دريائن جو پاڻي، مختلف رنگن هوندي به پاڻ ۾ ملي وڃي ٿو. ساوڪ سان ٽمٽار جبل ۽ انهن جي مٿان، ڪٿي ڪٿي خوبصورت اڇي رنگ جا ننڍا ننڍا گهر ايئن لڳي رهيا آهن جڻ، ڪنهن سرسبز ٻنيءَ ۾ ڪنگ ويهندا آهن، آبشار ٿي وڃي، وهنجڻ ۽ جهنگي گلن جي باري ۾ سڀ ڪجهه توڏي لکيم. تون به هميشه جيان خط جو جواب لکي رکيو هو. پاڻ ٻئي لان تي ويٺا رهياسي ۽ مان تنهنجو خط پڙهي رهيو هيس:

’تنهنجو خط ڏاڍو سٺو هو، پر تون ايترن سٺين سٺين جڳهن تي ويندو آهين.ته مان جيلس ٿيندي آهيان. ته مان اهڙيون خوبصورت جڳهن تي نه وڃي سگهي آهيان. تنهنجي خط ۾ منظر ڪشي ايتري سٺي ٿيل هئي، جو پڙهي ايئن محسوس ٿئي پيو جڻ مان به توسان گڏ هيم. هونئن به تون جڏهن به اڪيلو ويٺو هجين ته، سوچجانءِ ته جڻ مان به اتي آهيان. منهنجو پاڇو ٻ اتي هوندو، ڪڏهن تون تخيل جو به ڪمال ڏس، آهي ته بي وقوفي واري ڳالهه پر اهو سچ آهي ته ڪجهه ماڻهو ڏور هوندي به ويجها هوندا آهن، ۽ اسان کي پنهنجي وجود جو حصو محسوس ٿيندا آهن، تون به انهن جي باري ۾ سوچ ته توکي مايوسي نه ٿيندي آسمان جو سونو فرش جيڪڏهن مون کي هجي، ڪاري ۽ نيراڻ واري رات جي سنهري ۽ چانديءَ جهڙي روشني ۽ ٽمڪندڙ ڪير ڏارا جهڙو فرش هجي ته مان ان کي تنهنجي قدمن ۾ ضرور وڇايان ها، تنهجي خلوص جي نذر مگر مون وٽ ته صرف خواب آهن ۽ مان اهي پنهنجا خواب تنهجي رستي ۾ وڇائي ڇڏيا آهن. ڏس، ٿورڙو آهستي قدم رک جو تون منهنجي خوابن تي هلي رهيو آهين،

مون مرڪي تو ڏانهن ڏٺو ۽ پڇيو:

’خط ۾ اهو ڇا لکيو اٿئي، ته ڪجهه ماڻهو پري هوندي به ويجها هوندا آهن. ۽ پنهنجي وجود جو حصو لڳندا آهن. تون به انهن جي باري ۾ سوچجانءِ‘

’تون ڇا ٿو سمجهين ته غلط لکيو آهي؟‘

’ها، جيڪي ماڻهو وجود جو حصو لڳندا آهن، انهن لاءِ سوچڻ ڪهڙو؟! سوچبو ۽ ياد ته انهن کي ڪبو آهي، جيڪي پري هوندا آهن.‘

’اڇا!‘

’ٻي ڳالهه ته نه مون کي چمڪندڙ آسمان کپي، نه ستارا ۽ نه ٻيو ڪجهه. صرف تنهجو خلوص، مون لاءِ گهڻو آهي. ۽ مان احتياط ڪري سگهان ٿو ته جئين تنهجا خواب نه لتاڙجن، پر، پنهنجو خيال ڪجانءِ ته تنهنجن خوابن تي منهنجو پاڇولو، اهڙو گهرو نه ٿي وڃي جو جند ڇڏائڻ مشڪل ٿي پوئي.‘

’مان به ته اهو ئي چاهيان‘ جملو تير جي تيزي سان نڪتو ۽ مان مشڪي چپ ٿي ويس.

مان شماريات جو شاگرد هيس، ۽ تون باٽنيءَ جي. تنهنجي فائنل سيمسٽر ۾ بائيو ميٽري سبيجيڪٽ رکيل هيو، توکي ان ۾ ڏکيائي ٿي رهي هئي. ڇو جو، تون ميٽرڪ کان وٺي بائيولاجي جي اسٽوڊنٽ رهي هئينءَ. بائيوميٽري، اسٽيٽسٽڪس جي برانچ آهي تو جڏهن چيو ته مون کي ڏکيائي ٿي رهي آهي. ته مان توکي پڙهائڻ جو ذمو کنيو. پڙهندي پڙهندي ’غلطي ڪندي هئينءَ ته مان رجسٽر جو جي هڪ صفحي تي اها غلطي لکي ڇڏيندو هيس. ۽ اک ڀڃي توکي چوندو هيس ته، انهن غلطين جي سزا توکي ضرور ملندي، جيتريون غلطيون اوتريون.....تون ڪلندي هئينءَ، جيڪڏهن مون کان ڪا پل ٿي پئي وڃي. تنهجو ضد هو ته مان جيڪي غلطيون ڪيون اهي تنهنجين غلط مان ڪٽي، باقي حساب چڪتو ڪجي. مان انڪار ڪيو ۽ چيم ته نه، منهنجين غلطين جي سزا مونکي ڏي. مان توکي تنهنجين غلطين جي سزا ڏيان.

ڪوئي پرابلم حل ڪندي جيڪڏهن جواب پئي آيو.

Rs 2000 ته مان ان تي لکان پيو 2000Ks. تون ڏاڍو کلين پئي، تون ڪجهه دير لاءِ اتي وئي هئين ته مان تنهجي ڪاپيءَ تي شعر لکيو:

تون پري آن ته
لڳي ٿو ايئن،
جيئن،
سج هجي اکين کان پري.
وڻن جا پن،
ساوا آهن،
ان لاءِ ته سج سان ٻڌجي ٿو
ڪلوروفل.
جيڪا آهي زندگي انهن جي.
تون پري آن
ته لڳي ٿو، اکين کان پري سج آهي جڻ،

۽ مان به
ختم ۽ پيلو
ٿيندو تو وڃان،
ڪلوروفل نه تو بڻجي.
تون پري آن ته
لڳي تو ڇڻ
اڪين ڪان پري سچ آهي.
تون واپس اچي آهي شعر پڙهيو ته توکي ڏاڍو
وڻيو ۽ تون به چيوته مان به لکنديس.
’اکين ڪان پري سچ‘
تون پري آن ته
لڳي تو،
ڇڻ اکين ڪان پري سچ آهي،
خبر آهي توکي؟
جڏهن سچ،
هن ڌرتيءَ ڪان دور
پڌي ويندو آهي
ته
شام آهون پريندي آهي ته
ڪرب ۽ اداسيءَ ڪان
۽ چوندي آهي ته،
اکين ڪان پري سچ آهي
بالڪل اهڙيءَ ريت
تون پري آن،
ته ڇڻ
اکين ڪان پري سچ آهي.
مون تون ڪان پڇيو ته:‘ شماريات سڪڻ سان گڏ، ان سبجيڪٽ جي هر ماڻهوءَ سان پيار ڪرڻ لڳي آهين ڇا؟‘
تون حيرانيءَ مان مون کي ڏٺو.
ڪجهه ڏينهن ڪان محسوس ڪيو هو ته
تون سر رزاق سان وڌيڪ گهري ٿي رهي هئينءَ
هن جي آفيس ۾ گهڻو وقت ويهڻ لڳي هئينءَ ۽
ڳالهه ۾ ان جو حوالو ڏيندي هئينءَ
سر رزاق، جيڪو بالڪل جوان لڳندو هو،
سٺو اسپورٽس مين، رائيٽر ۽ ايڪٽو هوندو هو،
سندس آفيس به ڪنهن اسٽوڊيو کان گهٽ نه لڳندي هئي. ننڊڙي پر خوبصورت آفيس، جنهن ۾ هڪ ٻه اسڪليپچر به رکيل هيو. پٽ جي ڪنڊ تي ماڪيءَ جو مانارو لڳل هوندو هو ۽ ٻي ڪنڊ ۾ پکيءَ جو آکيرو ٽنگيل جوندو هو. ڀتين تي ٻه خوبصورت پينٽنگز ٽنگيل هونديون هيون.
سندس آفيس ۾ هر وقت رش هوندي هئي.
آفيس ۾ ٻن سالن جي ٻار ڪان وٺي، پياسي سال جي پوڙهي جي به اچ وڃ هوندي هئي. اڪثر ڪري ڇوڪرين جي ٽهڪن سان آفيس جا در دريون گونجندا هئا. شاگرد ۽ شاگردياڻيون اڪثر ڪري، ڪنهن نه ڪنهن ڇوڪريءَ جو سر رزاق سان اسڪينڊل ٺاهينديون هيون.

هن سان تنهنجي گهرائپ تي توکان پڇيم :‘
ڇا چڪر آهي، اڄڪلهه رزاق صاحب جي آفيس ۾ اچ وڃ وڌي وئي آهي، ڪو چڪر آهي ڇا؟‘
مان اک پڇندي توکان پڇيو هو.
تو مذاق ۾ چيو ته: ’چو جيلسي تي ٿئي؟‘
’نه نه ‘
’جل گيا، برنال لڳائيه‘
مون کان به ٽهڪ نڪري ويو. تون سنجيده ٿيندي پڇيو:’تنهنجو ڇا خيال آهي؟‘
’سر سٺو ماڻهو آهي، ڪو شڪ ناهي ته هو ڇوڪرين سان وڌيڪ ڪمپني ڪري ٿو، اها قدرتي ڳالهه آهي. باقي هن جو ڇوڪرين سان رويو ڪافي سٺو آهي. ڪنهن کي پٽ سڏيندو آهي، ڪنهن کي بابا ته ڪنهن کي ڌيءُ. پر، گهڻين ڇوڪرين سان هن جي ٽريٽمينٽ Treatmentدو سٽن واري هوندي آهي.
’ڇوڪريون به هن کي دوست سمجهنديون آهن. ۽ پنهنجا گهڻا مسئلا هن کي ٻڌائينديون آهن.‘
تون ته ڪو مسئلو نه ٻڌايو اٿس‘ مان چيڙائيندي چيو مانءِ .
’نه، ان مسئلي کي، مان پاڻهي منهن ڏينديس‘تون به تيزي سان چيو.
’يلا، ايڏي وڪالت چو ٿي ڪرين، سر جي‘ چيڙائيندي چيم .
’ان ڪري جو، هو گهڻن استادن کان سٺو آهي. اسان جا ڪافي سينئر استاد، ڇوڪرين کي ڏسي رومانٽڪ ٿي ويندا آهن.
رزاق صاحب جي اها سٺي ڳالهه آهي. ته، جيڪو ڪجهه دل ۾ هوندو اٿس، چئي ڏيندو آهي.چو؟ توکي، منهنجو هن وٽ وڃڻ خراب تو لڳي ڇا؟‘
’نه، نه اهڙي ڳالهه ڪونهي، مان ته مذاق ڪئي هئي، مان سر کي سڃاڻان، تمام ڪشادي ذهن جو مالڪ آهي. مون کي انهن ڇوڪرن جي پرواهه ناهي، جيڪي، هن جي لاءِ ايئن سوچين ٿا، هو پاڻ ئي چوندو آهي ته، مون کي ڇوڪرين سان ڪمپني ڪرڻ ۾ مزو اچي ٿو. باقي خرابيءَ جي لاءِ منهنجي ذهن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ جڳهه ناهي.
’مان اهائي ته ڳالهه ڪيان ٿي ته هو ڏاڍي صاف ذهن وارو آهي.‘
’اسان جي هاسٽل جو ڪجهه ڏينهن وارڊن ٿيو ته اسان ئي پيو محسوس ٿئي ڇڻ اسان جو وڏو آهي، سيني کي ايڏي شفقت ڏيندو هو، ڪو ڇوڪرو بيمار ٿيندو هو ته پريشان ٿي ويندو هو. هاسٽل اڄڪلهه ڪنهن جيل کان گهٽ ناهن.

دیواریون ڏنیون پیون آهن، ان گهٽ پوسٽ واري ماحول ۾، سر رزاق ٽيبل ٽينس چئمپين شپ، بئڊمنٽن چئمپين شپ، نيو ييئر فنڪشن، راڳ جي محفل ۽ سياري جي راتين ۾ لانڊيءَ ۾ ويهي مچ تي، چانهه ڪوپ تي ڪچهريون ڪندو هو. هاسٽل ۾ آبشار ٺهراياڻين ۽ گل ته اهڙا لڳراياڻين جو وهه واهه .'

'واردن شپ چو ڇڏيائين ؟'

'بس مڙئي هڪڙي چوڪري منهن ڪارو ڪيو، مهمانن کي رهائڻ جي اجازت ناهي. ۽ هن ضد ڪري مهمان رهايو، جنهن تي رزاق صاحب استيعفا ڏني ۽ چيو ته، جڏهن منهنجا ٻچا منهنجا پائر منهنجو چيو نه ٿا وٺن تنهن ڪان صحيح اهو آهي ته مان استيعفا ڏيان.'

'شاگردن روڪيس نه؟'

'روڪيائيون، پر نه مڙيو، ڪاپيءَ جي خلاف آهي. جنهن ڪري چندا چوڪرا هن جي مخالفت ڪندا آهن.'

'ان جي معني ته سئو ماڻهو آهي'

'ها'

'ته پوءِ توکي اعتراض چو آهي، هو منهنجو سئو دوست آهي.'

'ڪٿي آهي، مون ته مذاق ڪئي هئي.'

۽ تو ڪل جا ساز چيڙي ڇڏيا هيا.

پائيو ميٽريءَ جو سليبس تمام ننڍو هيو ۽ ٿورن ڏينهن ۾ تنهنجو ڪورس پورو ٿي ويو. تو مون کي چيو ته: 'تنهنجي مهرباني، جو تون مون لاءِ ايترو ٽائيم ڪڍي، مون کي پڙهايو، خبر ناهي، تنهنجي ائين چوڻ سان مون کي ڇاتي ويو هو. مون کي لڳو ته تون دوستيءَ جي ناتي جي مذاق اڏائي رهي آهين. منهنجو منهن ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو ۽ زور سان تنهنجي ڳلن تي ٻه چپاتون هڻي ڪڍيم. تون ٿوري دير مون کي حيرانيءَ مان ڏٺو، ۽ پوءِ تنهنجي اکين مان ڳوڙها نڪتا ۽ روئڻ لڳينءَ.

مون کي ڏاڍي لڄ آئي. جڏهن توکي روئندي ڏٺم. پر مان اهو سڀ ڪجهه بي اختيار ڪيو هو. تون خاموشيءَ سان روئندي رهينءَ. مان توکان ٻانهون ٻڌي معافي گهري. تو ڳوڙها اگهندي چيو ته ڪا ڳالهه ناهي، مان تڏهن ٻه توکان معافي ورتي. چو جو، مون کي محسوس ٿي رهيو هو ته مان زيادتي ڪئي آهي. تو موڪلائيندي چيو: 'ڪا به ڳالهه ناهي. منهنجي غلطي هئي، مون کي ائين نه ڪرڻ کپندو هو.'

'مون توکي صرف ان لاءِ چپاٽ هنئي جو پنهنجائپ ۾ تو، چو مون کي مهرباني چئي. باقي نه ته ذهن ۾ بي ڳالهه نه هئي.' تون ڳوڙها اگهندي، هٿ ۾ ڪتاب کڻندي چيو:

'تون، حق تي آهين، سئو ٿيو، جيستائين درد رهندو، تنهن جي ياد ته مون سان هوندي.' مسڪرائيندي هلي وئينءَ.

تنهنجي وڃڻ ڪانپوءِ مان ڏاڍو پريشان رهيس، ۽ ساري رات ننڊ نه آئي. مان تنهنجي ڊائري تي خط لکيو. اها ڊائري هڪ ڏينهن تو وٽ هوندي هئي، جنهن ۾ تون پنهنجا تاثرات لکندي هئينءَ ۽ ٻي ڏينهن مون وٽ صبح جو يونيورسٽي پهچڻ سان ئي هاسٽل ٽيليفون ڪئي، جتان مان نڪري چڪو هيس. تون هاسٽل کان ڪئمپس طرف اينڊز رستي تي بيٺي هئينءَ. تنهنجو منهن پريشاني جا تجلا ڏئي رهيو هو. مون کي ڏسندي ويجهو اچي چيئه: 'هٿ ڏيکار.'

مان توکي ٻئي هٿ ڏيکاريا، ۽ خاموش رهيس ڊائري تنهنجي حوالي ڪري، مان هليو

ويس ۽ سچو ڏينهن توسان نہ مليم. مان ڊائريءَ ۾ لکيو هو:

’چوندا آهن، ماڻهوءَ کي پنهنجي حيثيت مطابق رهڻ گهرجي. پر مان اڄ، پنهنجي حيثيت کان وڌي ويم ۽ توکي ڪاوڙ ۾ ٽپڙ هنيم. مون کي ايئن نہ ڪرڻ کپندو هو، پر تنهنجي مهرباني چوڻ واري جملي تي مان ڪنٽرول ڪان نڪري ويس، تو ڌارين واري ڳالهہ ڪئي هئي نہ! مان ايئن ڪرڻ ۾ حق بجانب بہ هيم. ڇو جو، تون مون کي حق ڏنو آهي تہ مان توکي پنهنجو سمجهان. مون کي، ڌاريائپ جو احساس بالڪل نہ ٿئي ها، جيڪڏهن تنهنجي اکين مان ڳوڙها نہ وهن ها. ۽ تنهنجي چهري جا تاثرات بہ ٻڌائن پيا تہ توکي اها ڳالهہ خراب لڳي آهي. ڏٺو وڃي تہ تون بہ ان معاملي ۾ مون کان بہ وڌيڪ حق بجانب آهين. واقعي، ڪير ٿيندو آهيان مان!؟ ڪهڙي حيثيت آهي منهنجي ۽ ڇا لڳندو آهيان تنهنجو؟ اها تہ تنهنجي سٺائي آهي جو تون مون سان دوستي رکي مون کي چاهين ٿي. توکي ڏکويل ڏسي، منهنجي ڇتي ڏسائن ۾ پيلو رنگ ڦهلجي ويو آهي. تنهنجا ڳوڙها، تيزاب جا ڦڙا بڻجي، منهنجي اندر ڪري رهيا آهن. مان وري اها غلطي نہ ڪندس.

مان رات جو ٽيليفون ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪئي، پر توهان جو نمبر خراب هو. مان ساري رات، ڏک جي بستري تي ڪاٽي آهي. تون مون کي معاف ڪر! نہ تہ، مان پنهنجي هٿ کي سزا ڏيندس. مان اهو سمورو ڏينهن توسان نہ مليم. خبر ناهي ڇو توسان ملندي، مون کي ندامت جو احساس ٿي رهيو هو. پر تون وڃڻ کان اڳ ۾ مون کي ڳوليھي ورتو ۽ منهنجي اکين ۾ شڪايتي انداز سان ڏسندي، ڊائري ڏني ۽ ٽڪل ٽڪل قدم کڻندي، بس اسٽاپ طرف هلي وئينءَ.

مان ڪمري تي اچي. ڊائري کولي ۽ تون کٽي ويهي، منهنجو جواب لکيو هو: ’.....تون بہ تہ اڄ ڌارين واري ڳالهہ ڪئي آهي. جو ايتري پياري حرڪت تي معافي گهري اٿئي. جڏهن مان توکي ايترو حق ڏنو آهي، معافي گهرڻ جو سوال ئي پئدا نہ ٿوٿئي. مان ڏاڍي خوش آهيان تہ تنهنجي، ان چپاٽ جو ڇهاءُ مون سان گڏ آهي. مان تہ چاهيان ٿي تہ تنهنجو ڇهاءُ، تنهنجي ياد هروقت مون سان گڏ رهي، ان لاءِ هاڻي منهنجين ڳلن تي جيڪو هلڪو متو سور آهي، ڏاڍو پيارو آهي. بالڪل تو جيان.

هاڻي تہ مان هرهر تنهنجو شڪريو ادا ڪنديس، گهٽ ۾ گهٽ تنهنجو ڇهاءُ تہ مون ساڻ گڏ رهندو. تنهنجن انهن پيارن هٿن جو ڇهاءُ، جڏهن منهنجن ڳٽن تي پوندو آهي تہ مون کي زندگي مسڪرائيندي محسوس ٿيندي آهي.

شايد، ان خيال ڪري ئي ڳوڙها نڪتا هيا، تنهنجي ايتري پنهنجائپ ۽ خلوص ڏسي. ظاهر آهي غلطي ڪري مون کي محسوس ٿيو تہ تنهنجي خلوص ۽ پيار ۾ اهي سڀ ڳالهيون ۽ مهرباني بي معنيٰ آهي.

مون کي، ان وقت پنهنجين اکين ۾ اهي ڳوڙها ڏاڍا سٺا لڳا هيا ۽ منهنجي دل چاهي پئي تہ، تنهنجي جهوليءَ ۾ منهن لڪائي روئي پوان، زور زور سان تہ مون کي ڪوئي ايترو چاهي ٿو ۽ مون تي پنهنجو ايترو حق سمجهي ٿو تہ غلط ڳالهہ تي مون کي ٽوڪي بہ ٿو ۽ سزا بہ ڏي ٿو. اها بہ اهڙي پياري دراصل، تنهنجي دوستيءَ مون کي ايترو خودسر ڪري ڇڏيو آهي، ايتريون جرئتون ڏنيون آهن جوڪڏهن ڪڏهن غلطي ٿي وڃي ٿي. بهرحال، مان پنهنجي غلطيءَ تي شرمسار ناهيان. ڇو جو مون کي ان غلطيءَ تي پياري سزا ملي آهي. ها، تون رات جو ننڊ نہ ڪئي، ساري رات پريشان رهين، منهنجي لاءِ اها سزا ڏاڍي ڪٺن هئي. خدا جي واسطي تون ايئن نہ ڪندو ڪر، تون پريشان هوندو آهين تہ منهنجي دل چوندي آهي تہ، پنهنجو پاڻ کي سزا ڏيان، تہ تون منهنجي ڪري پريشان آهين. تون جاڳندو آهين تہ توکان ايترو فاصلو هوندي بہ، مون کي ننڊ نہ ايندي آهي. ها، جڏهن اڌ وجود جاڳي رهيو هجي تہ وجود جو ٻيو حصو ڪيئن سمهندو؟!

تو ڇيو آهي تہ، مون کي اها ڳالهہ خراب لڳي، جنهن لاءِ مان حق بجانب آهيان، ان لاءِ جو، تون منهنجو ڪجهہ ناهين.

ساقي! اهڙيون ڳالهيون نہ ڪندو ڪر، ڇا هڪ ننڍي غلطيءَ تي سڀ رشتا ٽوڙيا آهن؟ توکي خبر آهي تہ، تون منهنجي لاءِ ڇا آهين؟

تون مون کي چپاٽ هڻي، پنهنجي محبت جي نشاني ڏني آهي تہ، تون مون تي پنهنجو حق سمجهين ٿو.

مون کي خبر هئي تہ تون رات جو نہ ستو هوندين. تنهن ڪري، اڄڻ سان ئي توڏي فون ڪيم. تون اهو نہ سمجهہ تہ مون کي اها سڀ خبر ناهي، جيڪو تون سوچين ٿو. مون کي اها صلاحيت آهي تہ، معلوم ڪري سگهان تہ تون ڪهڙي وقت ڇا ڪندو آهين ۽ ڪهڙي وقت ڇا چاهيندوآهين؟ ڪاش منهنجي وس ۾ ڪجهہ هجي ها تہ توجهڙي پياري شخص لاءِ، خدا کان هزار جنم وٺي، توکي ايتريون خوشيون ڏيان ها جو تون ڏکن کي وساري ويهين ها. مگر، مان پاڻ خالي جهولي آهيان، پنهنجي شڪستہ وجود ۽ ناڪام تمنائن سان گڏ، جو توکي خوشين ڏيڻ بجاءِ وڌيڪ ڏک ڏيان ٿي. ۽ تون،

جيڪا پنهنجي هٿ کي سزا ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي آهي نه! جيڪڏهن تون ايئن ڪرين ها ته پوءِ توسان ڪڏهن به نه مِلان ها. ڇو جو، تنهنجا هٿ، منهنجا هٿ آهن. مان، انهن ۾ منهن لڪائي روئي به سگهان ٿي ۽ کلي به سگهان ٿي.

اهي هٿ منهنجا مسيحا آهن، جيڪڏهن تون انهن کي ڪجهه ڪرين ها ته پوءِ مان ايترو روئان ها جو تون ان ڳوڙهن جي ٻوڏ ۾ لڙهي وڃين ها. تنهن ڪري وري اهڙي ڳالهه نه ڪڇاڻ ۽ ايئن نه سوچجاڻ. نه ته، پوءِ تون ڪڏهن به مون کي مڃائي نه سگهندين ۽ نه ڏسي سگهندين.'

منهنجي جنم ڏينهن تي، پنهنجي جهوليءَ ۾ گلن جو ڍير کڻي اچي مون آڏو ويٺي هئينءَ. مان جنم ڏينهن نه ملهائندو آهيان، مون کي پنهنجي جنم ڏينهن تي خوش ٿيڻ. عجيب لڳندو آهي، توکي مان ٻڌايو هو ته مان جنم ڏينهن ملهائيندو ناهيان. پر تون گلن جي جهولي سان گڏ آئي هئينءَ. هڪ ٽڪر جو گلدان، جنهن کي تو چائينيز اسٽائل ۾ پينٽ ڪري آندو هيو.

ڪارڊ تي لکيل هو:

'ساقي! اڄ تنهنجو جنم ڏينهن آهي. مون کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي، ته مان ڪهڙي طرح توکي مبارڪ ڏيان. اڄوڪي ڏينهن تي ئي، خدا تو ۾ خلوص، سچائين ۽ چاهتن جا رنگ ڀري، هن خوبصورت ڌرتيءَ تي جنم ڏنو. خدا ڪري، تنهنجي دل ۾ خلوص جو سمنڊ ڇولين سان ڇلندو رهي.

تنهنجي اکين ۾ سدائين خلوص جا ٽانڊاٽا چمڪن، تنهنجا چپ هميشه سچائين جا پيامبر رهن.' Happy Birthday to you .' ڪارڊ تو پاڻ ٺاهيو هو، ٻه اٺ پکي، هڪٻئي سان منڊيون ملائي ويٺا هيا، بيڪ گرائونڊ سج لهي رهيو هو، جنهن ڪري اٺ پکين جا عڪس ظاهر هيا. تو مون کي چيو ته: 'اڄ مون کي ڪجهه کاراءِ پيار، جنم ڏينهن آهي.' مون توکي چيو 'مان Celebrate ته نه ڪندو آهيان، بهرحال چا ڪائيندينءَ .'

'صوف؟'

'نه ' تون انگل ڪندي چيو.

'سمبوسا'

'نه '

'ٽڏو'

'نه'

مون کي چڙ اچي وئي.'باقي!'

تون کلندي چيو: ' اڄ مڏ پيئڻ تي دل چاهي ٿي.'

تنهنجين اکين ۾ ڳاڙها ڏورا ظاهر ٿيا، مان خاموش ٿي ويس. ڇو جو، پهرين جنوري ڪانپوءِ وري اهڙي حرڪت ڪرڻ جو نه سوچيو هو. منهنجو سنجيده منهن ڏسي چيو هيئه: 'ڇڳو Sun Kiss' ئي پيار، پر اڌ.' مان به تنهنجي ڳالهه مڃي ورتي.

ان شام جو توکي شعر لکي موڪليو هيم.
منهنجي جنم ڏينهن تي،
مون کي ڪوڙ سارا،
تحفا ۽ ڪارڊ مليا،
Happy Birth day to you

ڏاڍي خوشي ٿي.
پر، جڏهن تنهنجو
ڪارڊ پڙهيم،
Happy Birth day to you
ته مون کي
آئي چڙ ڏاڍي،
جڏهن تون ۽ مان
آهيون ئي ’مان!
’پوءِ چو
Happy Birth Day to you

پ ڏينهن تون يونيورسٽي نہ آئينءَ تہ، پڇڻ تي تنهنجي سهيلي، تنهنجي بيماريءَ جو ٻڌايو. مان، چاهيان ٻ پيو تہ تنهنجي گهر اچي خيريت معلوم ڪيان. پر، پنهنجو پاڻ کي روڪي ڇڏيم.

تون ٻ شايد ڏاڍو انتظار ڪيو هو، تنهن ڪري تو لکيو هو:

’زڪام ۽ بخار آهي. هرو ڀرو ٻ، چڙ چڙي ٿي پئي آهيان. هر ڳالهہ تي ڪاوڙ ٿي اچي. ڪاوڙ تو تي ٻ آهي تہ، بيماريءَ ۾ منهنجو حال ئي نہ پڇيو ٿي. مون کي هاڻي ٻ گهڻي ڪاوڙ اچي رهي آهي، مون کي ڊاڪٽر چيو تہ جڏهن، غصو اچئي تہ ڪنهن کي چڪ پائيندي ڪر. اهو ٻ اهڙي شخص کي، جنهن جي رت حلال هجي، اهڙيءَ ريت بخار گهٽجي ويندءِ ۽ اهو شخص ٻ گدو پهچي ويندو.

هن بيماري ۾، دل چئي ٿي تہ ڪاش مان انسان نہ هجان ها تہ گهٽ ۾ گهٽ هن جهان ۾ ملندڙ ڏکن ۽ غمن کان تہ بچي پوان ها.

ڪيڏو نہ سٺو ٿئي ها جو، مان جهنگلي ول هجان ها!! ڏور، ڪنهن جڳهہ تي پٿرن جي مٿان، جڏهن شفاف پاڻيءَ جو آبشار ڪري ها تہ، مان ڪناري تي ڪنهن رنگين پٿر جي هيٺيان جنم وٺان ها يا وري ڪنهن ڊگهي مضبوط وڻ سان گڏ، مٿي چڙهي وڃان ها. مون سان گڏ فيروزي اڇا گونچ ۽ گل ٽڙن ها ۽ چئني طرف انهن جي مقدس خوشبوءَ ڦهلجي وڃي ها ۽ جهرڻن جي آفاقي نغمن ۽ پربت جي نيراڻ کي ڏسڻ لاءِ، اتي فرشتا اچن ها. ڪاش ايئن ٿي ها!

پر نہ !’ چو جو تون اتي نہ اچين ها، ۽ پوءِ مان ڪيئن خوش رهان ها. تنهن ڪري هيئن ٻ ٺيڪ آهيان.

هونئن، جڏهن بخار تيز ٿيندو آهي تہ، تون ڏاڍو ياد ايندو آهين، ان لاءِ جو، دل چاهيندي آهي تہ زور زور سان روئان،تہ شايد بخار جهڪو ٿي. ان وقت تنهنجون يادون منهنجي دل ۾ روشني پکيڙي ڇڏن ٿيون جيئن، شب برات تي ڪو معصوم ٻار پنهنجي گهر جي ڇت تي هڪ ڪان پوءِ ٻيو ڏيئو ٻاريندو آهي ۽ ان جي روشنيءَ ۾ هن جو گل جهڙوچهرو، چاندوڪيءَ وانگر چمڪندو آهي.

جڏهن، تنهنجي يادن جا چراغ ٻاري ٻاري ٿڪجي پوندي آهيان تہ پوءِ، ڏاڍي مونجهي

ٿيندي آهيان. ته اهڙي دوست مان ڪهڙو فائدو، جيڪو بيماريءَ ۾ خيريت نه پڇي.
تنهنجو خط پڙهي توکي ٽيليفون ڪيم، تون ڏاڍي اپ سيٽ لڳي رهي هئينءَ:
’ڇڱو ٿيو جو تو ٽيليفون ڪئي.‘ ٽڪل لهجي ۾ چيو هيئه.
’مان ته هڪ ڀيرو ٿيو هئين، پر ڏينهن ٿي ويا آهن.‘
’ٿڪل ٿيل لڳين ٿي.‘
’ڇا ڳالهه آهي؟‘
’ڪنهن مون کي ٺڳي ورتو آهي.‘ ’مان ته هڪ پن ڏينهن کان ٽراءِ پيو ڪيان، خبر ناهي الائي جو انگيج پيو ملي.‘
’اڇا!‘
’طبيعت ڪيئن آهي؟‘
’ڇئبو ته خيال اڇي ويو.‘
’اڳ ۾ به خيال هو.‘
جيڪڏهن خيال هجئي ها ته هليو اچين ها. بهرحال، تون مائيند نه ڪجانءِ هن وقت اسان وٽ ڪجهه مهمان ويٺا آهن. تون پوءِ ٽيليفون ڪجانءِ.‘
’هون‘ منهنجو موڊ خراب ٿي ويو.
’مائنڊ نه ڪجانءِ‘
’نه‘
’ٽيليفون ضرور ڪجانءِ.‘
مان ڪاوڙ مان ٽيليفون بند ڪري ڇڏي. الائي ڇو، مون کي پنهنجي انسلٽ جو شديد احساس ٿيو ته، شايد تون پنهنجي اهميت جتائڻ ٿي گهرين ٿي. يا مون کي تنگ ڪرڻ گهرين ٿي. ۽ پوءِ توکي ٽيليفون نه ڪيم. صبح سان يونيورسٽي پهچي هاسٽل تي فون ڪيئه:
’اڄان هاسٽل تي آهين.؟‘
’ها‘ رکي لهجي ۾ وراڻيم.
’ڇو طبيعت ته صحيح ٿي نه؟‘
طبيعت خراب ڪرڻ کان پوءِ به ايئن ٿي چئين.‘
’مان طبيعت خراب ڪئي آهي!‘ مان ته ايئن سوچي به نه ٿي سگهان.‘
’پيو نه ته، تون منهنجي انسلٽ ڪئي آهي.‘
’ايئن نه چئه، مان تنهنجي انسلٽ ڪرڻ جو سوچي ئي نه ٿي سگهان.‘
’سوچي نه ٿي سگهين پر ڪري سگهين ٿي.‘
’آخر ڇا ڪيو آهي مان!‘ تنهنجي آواز ۾ نماڻائي ۽ نهٺائي هئي.
’ڪلهه، تو ٽيليفون تي ڳالهائڻ جو پسند نه ڪيو؟‘
’مان پسند ڇو نه ڪنديس، مهمان ويٺا هيا.‘
’بهانا ته ڪوڙ ٺائي سگهجن ٿا.‘
’ڏس تون غلط ٿو سمجهين.‘
’مان پنهنجي انسلٽ ڪڏهن به برداشت نه ڪندس.‘
ڪاوڙ مان رسيور رکي ڇڏيم. ڪلاسز اٽينڊ ڪرڻ به نه آيس، سمورو وقت هاسٽل تي رهيم. تون منهنجي پارٽنر کي ڊائري ڏني هئي.
’منهنجا اهي ڳوڙها جيڪي خبر ناهي ڪيترن ڏينهن کان ترڪڻ جا بهانا ڳولي رهيا هيا، اڄ تنهنجي ڏنل ڏک تي ڇلڪي پيا. توکي چيو هيم ته، منهنجون هي ٽنئيون اکيون جڏهن نه وسڻ چاهن ته وڏي کان وڏي طاقت به انهن کي وسائي نه ٿي سگهي. ۽ جڏهن وسڻ تي پوي ته ننڍي ڳالهه تي به وڏ ڦڙو وسائنديون آهن.
اڄ تو جڏهن انسلٽ واري ڳالهه ڪئي ته مون کي پنهنجي انسلٽ جو احساس ٿيو، ڪجهه ڳالهيون اهڙيون هونديون آهن، جن تي عمر گذارڻ کان پوءِ به يقين ڪرڻ تي دل نه چاهيندي آهي. پر حقيقت بهرحال پورين سچائن سان اسانجي چوڌير، نه ڇٽڻ وارو زخم ٺجي هر وقت سور ۽ تڪليف جو احساس ڏياريندي آهي. تڏهن، ان تي يقين ڪرڻو ئي پوندو آهي ۽ پوءِ ڇڻ سارو وجود ٽٽل شيشو ٿي پوندو آهي.
اڄ مان اپ سيٽ هيم. ڇو جو، ڪراچيءَ کان ٽيليفون آئي هئي ته اديءَ کي اسپتال ۾ وري ايڊمٽ ڪيو ويو آهي ۽ انجي دل جي والو جي آپريشن ٿيڻي آهي. منهنجا ڳوڙها هر هر اکين مان ڇلڪي پون ٿا. اڄ مون کي ٽشو پيپر جي نه پر، تنهنجي ضرورت هئي. مگر تون منهنجي ضرورت جي برعڪس خلوص جو جيڪو تحفو ڏنو، مان ان کي هميشه ياد رکنديس. شايد، منهنجي خلوص ۾ ئي ڪمي هئي. مان معافي ٿي گهران ته منهنجي ڪري ۽ غلط فهميءَ جي ڪري، تنهنجي هڪ رات عذاب ۾ گذري. مگر ڏس، مون کي ڪيڏي ڪڙي سزا ملي آهي. خبر ناهي، مون کي ان ڳالهه وسارڻ ۾ ڪيترو عرصو لڳي. پر آهيان نڙ ۽ وري ملندم ته فريش هونديس ۽ خوش پڻ. تنهنجي دوستيءَ جي سوغات هڪ پيو ٽشو پيپر.
اڄ مان شديد ڊپريس ۾ آهيان. سياڻي مون کي ڪراچي وڃڻو آهي، قيامت خيز لمحن کي سهڻ جي لاءِ. اهو هڪ لمحو جڏهن منهنجي خود اعتمادي ۽ ضبط ٽٽي پوندو اهو لمحو ته گذري ويندو، پر مان ان خوف کان، لمحن جو موت مري رهي آهيان. مان واقعي بهادر ناهيان، هڪ بزدل ۽ خوفزده ڇوڪري، جيڪا رشتن ۽ چاهتن جي ٽٽڻ جي خوف ۾ گرفتار رهندي آهي. بهرحال، منهنجي زندگيءَ جو سڀ کان وڏو ۽ ڀيريون امتحان آهي. ڳوڙها هاڻي به خوف جي ڪري نڪري اچن ٿا. ان کان علاوه ڪجهه وقت کان خواب به خطرناڪ نظر اچن ٿا.

منهنجو پوءِ لاشعوري طور خواب ۾ اچي وڌيڪ پريشان ڪري ٿو. شايد مون ۾ انڌيرن کي ڏسڻ جي گهٽي عادت آهي. بهرحال، اڄ مون کي دوست جي ضرورت آهي. منهنجي دل چاهي ٿي ته ڪنهن جي جهوليءَ ۾ منهن لڪائي، گذرندڙ وقت کان بي خبر ٿي وڃان ۽ خوشين جي مڌر موسيقي تي آڳ ڪلي. مون کي سهارن جي عادت ناهي، تنهن ڪري هاڻي هيءَ خواهش به بي معني لڳي ٿي.

خير حقيقت کان ڪيستائين ڀڄبو. مون کي هڪ بهادر ۽ بااعتماد ڇوڪري بڻجي ڏيکارڻو آهي. مگر چاڪيان، مون وٽ پٿر جي دل ته آهي ئي نه، هڪ نازڪ دل آهي جيڪا، ننڍي خوشيءَ تي گهڻي ڦوڪجي به وڃي ٿي ته ننڍي غم تي سسي به وڃي ٿي، ننڍيون اکيون نه وسڻ چاهن ته گهنگهور گهٽائون به بغير وسڻ جي گذري وڃن ٿيون. ۽ جڏهن وسڻ چاهن ته ڏک جي ننڍي ڪڪر جو ننڍو ٽڪر به اکين ۾ اچي وڃي ته وسڪارو شروع ٿي وڃي ٿو. بهرحال، الميو ته هر هڪ سان ٿئي ٿو صرف انجي نوعيت مختلف آهي، اسان سڀ ڏکن جا لاشا پنهنجين ڪلهن تي کڻي، زندگيءَ جي سفر ۾ هلي رهيا آهيون. ٽريجڊي شايد ان عظيم فنڪار کي به پسند آهي، جنهن هيءَ دنيا ٺاهي آهي.

خدا نه ڪري مون سان ڪا ٽريجڊي ٿي. تون دعا ڪجانءِ ساقيا، ته تهنجي هن دوست جي ٽهڪن جو جادو ڪڏهن به نه ٽٽي. منهنجي چهري تي مرڪن جا ڪنول هميشه ٽڙيل رهن. ڇو جو، ڏک ساحره کي ٽوڙي ڇڏيندا، منهنجي،ڪل ٽٽي ته شايد مان به ٽٽي پوان. ان لاءِ جو، مان هميشه خوشين جي عمر کان ڊگهي هجي. تون دعا ڪجانءِ ته انهن مقدس رشتن جي ڏور، هميشه ٻڌل رهي ۽ منهنجا رشتا ڪچي ڌاڳي جيان نه هجن. چاڪاڻ جو، رشتن جي ٽٽڻ سان دلين ۾ پيدا ٿيل گهاءَ ڪڏهن پورا نه ٿيندا آهن. تون دعا ڪجانءِ، منهنجو حوصلو، منهنجي ضبط، منهنجو ساٿ ڪڏهن نه ڇڏين.

تون واعدو ڪر ته، اگر مون کي خدا نخواسته روئڻ لاءِ ڪنهن مهربان ڪلهي جي ضرورت پئي، ته تون مون کي مايوس نه ڪندين.

تون منهنجين ڳالهين مان اپ سيٽ ته ضرور ٿيندين. مگر مان ڇا ڪيان؟ منهنجو خوف لمحي لمحي ۽ لحظي لحظي مون کي ماري رهيو آهي. توکي حيرت ٿيندي هوندي ته، ايتري بهادر ڇوڪري ۽ ايتريون بزدليءَ جون ڳالهيون! مگر تون ڏسجانءِ، ساحره واپس ايندي، انشاءَالله ٽهڪن جي ٽوڪرين سان ۽ ان امتحان ۾ به فرسٽ پوزيشن منهنجي ئي ايندي (لڳي شرط)، تون فون ضرور ڪجانءِ. منهنجا ڪن تنهنجي خوبصورت آواز ۽ ڳالهين لاءِ آتا هوندا ۽ منهنجي چهري تي جيڪا روشني ايندي، توکي ضرور پلي لڳندي.'

تنهنجي خط واقعي به مون کي اپ سيٽ ڪري ڇڏيو. تون سدائين ٽهڪن ۾ گذاريو هو. تون سدائين پاڻ کي بهادر ثابت ڪندي هئينءَ. تنهنجو منهنجو جهڳڙو هلندو هو ته امتحان ۾ ڏسون ته فرسٽ پوزيشن ڪير ٿو کڻي، شرطون به لڳل هيون، هن امتحان ۾ مان تنهنجي فرسٽ پوزيشن چاهيان پيو. مان چاهيان پيو ته، تنهنجي خوف کي شڪست اچي ۽ تون فتح جي گلن جا هار ڳلي ۾ پائي مون وٽ اچين.

تنهنجي پريشاني، مون کي پنهنجي ميراث لڳي ۽ دعائن ۾ اعتبار نه هوندي به دل ۾ دعا گهريم ته تون ڪاميابيءَ سان ان سمنڊ مان اڪري ڪناري تي پهچين. تنهنجي خوف مون کي به پوءِ ڏئي ڇڏيو.

ٽوڏانهن ٽيليفون ڪيم، خبر پئي ته سکر وئي هئينءَ، جتان توکي ڪراچيءَ لاءِ ٽرين پڪڙڻي هئي. مان سوچن ۾ توکي مسڪرائيندي ڏسي رهيو هيس. ٽي چار دفعا ڪراچيءَ ٽيليفون ڪيم. خبر پئي ته، تون هاسپيٽل ۾ آهين. جنهن ڪري ڳالهه ٻولهه نه ٿي سگهي. توکي، پنهنجي ڀيڻ سان شديد محبت هئي ۽ هوءَ به تنهنجو هر وقت خيال رکندي هئي ۽ تنهنجو ڀيٽيويو به توکي ڏاڍو پيار ڏيندو هو. تنهنجي نظر ۾ تنهنجي ڀيڻ جو گهر آئيڊيل گهر هوندو هو. مون کي به ڏاڍو خيال ٿيندو هو ته، خدا ڪري تنهنجي ڀيڻ خوش رهي ۽ تنهنجي خود اعتمادي، بهادري جو جيڪو، تون پوز ڪندي هئينءَ اهو برقرار رهي. توسان تنهنجي ڀاڻيجن ۽ ڀاڻيجين جي چاهت، ايڏي هئي جو، پنهنجي سڳيءَ ماءُ کان وڌيڪ توسان گهرا هيا. مان پاڻ سوچن ۽ خوف جي ڍيڻ ۾ ڍيجي رهيو هيس. هڪ ڏينهن تو، ٽيليفون ڪئي پر مان موجود نه هيس، تو ڪو نياپو به نه ڇڏيو. مان پريشان رهيس. شام جو، تنهنجي ٽيليفون آئي ڇهڪي ٻهڪي رهي هئينءَ ٻڌائيه ته:

'منهنجي ڀيڻ جي آپريشن ڪلهه ٿي هئي ۽ بالڪل ڪامياب وئي، هاڻي مان ڏاڍي خوش آهيان. تنهنجي ٽيليفون جي خبر پئي پر هاسپيٽل هجڻ ڪري سوچيو هيم ته آپريشن ٿي وڃي ۽ ادي انٽينيو ڪيئر يونٽ (ICU) مان نڪري وارڊ ۾ اچي ته پوءِ توڏي ٽيليفون ڪنديم. اڄ ادي وارڊ ۾ آئي آهي، ڪلهوڪو سارو ڏينهن ICU ۾ رهڻ ڪانپوءِ جڏهن وارڊ ۾ پهتي ته، منهنجي اکين مان ڳوڙها نڪتا ۽ سوچيم ته،

واقعي خدا رحمان رحيم آهي. مون کي، سڀ ڊاڪٽر فرشتا لڳا. مان ان وقت جي ڪيفيت کي، لفظن ۾ بيان نہ ٿي ڪري سگھان. ادي آپريشن ٿيٽر ۾ وڃڻ کان اڳ چيو هو، مون سان جيڪو آخري شخص ملي، اها ساحره هجي جيئن منهنجين اکين کي سڪون ملي ۽ ICU مان نڪرڻ کانپوءِ بہ مون سان پهريان ملي. منهنجو پيٽيو يو تہ ايترو خوش آهي جو ڳالهہ ئي نہ پڇ. هونئن بہ منهنجو پيٽيويو ڏاڍو سٺو شخص آهي. هن جيترو منهنجي پيٽ جو خيال رکيو آهي، ڪوئي شخص بہ ايترو خيال نہ رکندو. هو عظيم آهي، هن منهنجي پيٽ جي هر خواهش پوري ڪئي آهي. هر آسائش، هن کي مهيا ڪئي اٿائين. شل سدائين خوش رهن. ها، شرط ڪٿي ويس. موٽي اچان تہ وٺندي مانءِ.

ساقي تنهنجي ٽيليفون جو ٻڌي مون کي ڏاڍو سڪون مليو ۽ مان اسپتال ۾ هوندي بہ تنهنجي ڳالهين کي ياد رکيو تڏهن مون کي هر ڳالهہ، هر مشڪل آسان لڳي.

تنهنجي ٽيليفون سان ۽ پيٽ جي ڪامياب آپريشن تي منهنجي مٿان، مٿن جو بار لهي ويو. مون کي هر طرف ڪٽڪ جا سنهرا سنگ جهومندي نظر آيا.

امان جي اکين جي آپريشن ٿيڻ هئي. مان لاڙڪاڻي هليو ويس. تنهنجي طرفان جيڪا پريشاني هئي، اها ختم ٿي وئي هئي ۽ مان خوشي خوشي ڳوٺ هليو ويس.

ٽيليفون تي اوچنگارون،

’مان هاسپيٽل مان ڳالهايان ٿي. My Sister is dead

’اوهہ نو Oh NO، ڪڏهن!؟‘

’هاڻي.‘

اوچنگارون،

مان وائڙو.

’خدا تي ڀروسو رک. هر ماڻهوءَ کي وڃڻو آهي.‘

نہ ايئن، نہ ٿيڻ کپندو هو. خدا ٺڳ آهي، دوکيباز آهي.‘

وري اوچنگارون ئي اوچنگارون.

تون هاسپيٽل مان ڳالهايو هو. تنهنجي ڏک، تڪليف کي مان چڱي طرح محسوس پئي ڪيو. پر ان وقت جيڪڏهن ڪجھ چئبو آهي تہ لڳندو آهي، ماڻهو اڪيلي جي ڏک تي ٺٺولي ڪري رهيو آهي. ڏک محسوس ڪرڻ جي شيءِ آهي. ان کي ٻي ڪنهن بہ طرح، شيئر نہ ٿو ڪري سگھجي. تنهنجو فون تي اها خبر ٻڌائڻ سان منهنجا سڀ حواس بخار بڻجي، هوا ۾ گم ٿي ويا. مون کي خبر ئي نہ پئي تہ توسان ڇا ڳالهايان، ان وقت آٿت جا سڀ لفظ، پوائتا ۽ ٺٺوليءَ جا ماسڪ پاتل لڳا. مون توکي چيو تہ: ’تون پلي ٽيليفون بند ڪر، توهان اسپتال مان گھر ويندئو تہ مان توسان اتي ڳالهايان ٿو.‘ اهي سڀ ڳالهيون مان لنوائڻ لاءِ ڪيون هيون. مان ڇا پئي چئي سگھيس. توسان گھر ڳالهائڻ جي جرئت، پاڻ ۾ نہ ساري سگھيم. مان ان ئي ڏينهن لاڙڪاڻي کان پهتو هيس. امان اجان، اسپتال ۾ هئي. مان صرف هڪ ڏينهن لاءِ آيو هيس. توڏي خط لکيم تہ:

’هن دنيا جو نالو جيڪڏهن ’ٽريجڊي هائوس‘ رکيو وڃي تہ ڪو وڏاءُ نہ ٿيندو. خبر ناهي، هتي هر ماڻهوءَ سان ٽريجڊي ڇو ٿي ٿئي. اسان ڪيترو بہ پاڻ کي دوکو ڏيڻ چاهيون پر، اسان کي هي حال ۾ حقيقت جي آئيني سامهون اچڻو پئي ٿو. ۽ حقيقت جيڪا ٿوهہ جيان ڪڙي آهي.

اڄ، جڏهن تون هڪ ڪڙي حقيقت ٽيليفون تي ٻڌائي تہ منهنجي ذهن کي جهٽڪو لڳو. ڏک جو ڪوريئڙو منهنجي چوڌاري چار اُٽي

ويو. ان حقيقت کان انڪار ناهي تہ پنهنجو ڏک تون ئي محسوس ڪري سگهين ٿي. پر مان بہ ان ڏک کي پنهنجو ڏک سمجهيو آهي ۽ پنهنجو پاڻ کي پگهل شيشن تي گهمندي محسوس ڪيو اٿم.

تنهنجي پيٽ جو ڪلڻ، پارن سان پيار، توسان ۽ گهر ۾ گهاريل لمحا، شادي جو ڏينهن، گهمڻ ڦرڻ اهي سڀ هڪ خواب جيان تنهنجي ذهن جي اسڪرين تي ايندا هوندا. پر هن حسين خواب جي پڇاڙي ايتري خوفناڪ نہ ٿيڻ کپي ها. تون پنهنجا ڏک، مون ڏي موڪلي ڇڏ.

ڏک سهڻ هر هڪ جو ڪم ناهي. مون کي يقين آهي تہ تون ذهين ڇوڪري آهين. تنهنجي اندر ۾ ايتري قوت آهي تہ هماليہ جيڏي ڏک کي بہ پنهنجي من ۾ سمائي سگهين ٿي. تون پنهنجن احساسن کي ڪچلي، خواهشن جي مکڙين کي چيپاٽي پنهنجن ڀاڻيجن ۽ ڀاڻيجين کي ماءُ کي، پيءُ کي ۽ گهر جي ٻين ڀاتين کي آٿت ڏئي، انهن کي حوصلو ڏي. جيڪڏهن تون انهن کي حوصلو نہ ڏيندينءَ تہ ٻيو ڪير ڏيندو؟ تون اهو ياد رکجانءِ تہ توکي ائين ڪرڻ ۾ ڏاڍي تڪليف ايندي ۽ اهو سمورو عرصو تون عذاب ۾ گذاريندينءَ. پر منهنجو ساٿ توسان هوندو. تون جڏهن اداڪاري ڪندي ٿڪجي پوندينءَ تہ ٿڪ لاهڻ لاءِ منهنجو وجود حاضر هوندو.'

مان لکيو:

امان کي ايڊمٽ ٿئي گهڻا ڏينهن ٿيا هئا. پر ڊاڪٽر جو چوڻ هيو تہ جيستائين شگر ڪنٽرول ۾ نہ ايندي، تيستائين آپريشن نہ ٿي سگهندي. مان، امان سان گڏ اسپتال ۾ رهندو هيس.

مان ٻيو خط بہ توکي لاڙڪاڻي مان اسپتال مان لکيو.

'مون کي خبر ناهي تہ توکي منهنجي ڏاڍي ضرورت هوندي پر هفتي کان امان اسپتال ۾ آهي ۽ مان هتي آهيان. توسان ٽيليفون تي بہ نہ ڳالهائي سگهيو آهيان. ڇو جو، جنهن ڊائريءَ ۾ نمبر لکيل آهي اها خيرپور ئي رهجي وئي آهي. جنهن ڏينهن تو ٽيليفون ڪئي هئي، ان ڏينهن بہ صرف مان هڪڙي ڏينهن لاءِ خيرپور آيو هيس.

مان تصور ۾ توکي ڏسي رهيو آهيان، هڪڙي ويران اکين واري پريشان ڇوڪري، مان، توکي ڪيئن چوان تہ پنهنجي ڏک کي وساري ڇڏ. مان تنهنجي ڏک کي چڱي نموني محسوس ڪيان ٿو.

انسان، ڪڏهن تہ پهاڙ جيڏو اڏول ۽ مضبوط هوندو آهي، تہ ڪڏهن گل جهڙو نرم. ڪڏهن تہ گهڻين شين تي قادر تہ ڪڏهن وري بيوسيءَ جو مجسمو. جڏهن حالتون ماڻهن کي بيوس ڪري ڇڏين تہ ان بيوسي ۽ ڏک جي ڪيفيت ۾ انسان جون صلاحيتون ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏينديون آهن. مان سمجهان ٿو، تون اڄ ڪلهہ اهڙين ڪيفيتن مان گذري رهي هوندينءَ. پر تون ذهين، باصلاحيت ۽ بهادر ڇوڪري آهين. ۽ ان لاءِ مون کي يقين آهي تہ تون ان ڪُن مان جلدي نڪري ايندينءَ.

مان پنهنجي جهولي، تنهنجي ڏکن حاصل ڪرڻ لاءِ ڦهلائي آهي. تون پنهنجا ڏک، اڇلي هلڪي ٿي وڃ هوا وانگر. مان نٿو چاهيان تہ تنهنجي اکين ۾ شام جي ويراني هجي. مان تہ صبح جي روشني انهن اکين ۾ ڏسڻ چاهيان ٿو. مان، يقين رکان تہ تنهنجي اکين ۾ صبح جو سوجهرو انڊلٺ جا رنگ، بادل جي مستي، جذبن جا طوفان ڏسي سگهندس؟'

مون وٽ ڪراچيءَ جي ايڊريس نہ هئي، تنهن ڪري اهي خط لکي پاڻ وٽ رکي ڇڏيا هيم. مان تنهنجي ڪراچي اچڻ جو سوچيان پيو، پر مناسب نہ پيو لڳي تہ امان کي اسپتال ۾ ڇڏي تو وٽ اچان. ان ڪري پريشانيءَ ۽ بيوسيءَ ۾ ڏينهن گذارڻ لڳس.

ان ڏينهن ڪينٽين تي اڪيلو ويٺو هيم. مون کي پڻ امان جي باري ۾ پريشاني هئي. شگر ++++ کان گهٽجي ئي نہ پئي. مون کي هڪڙي ڏينهن لاڙڪاڻي کان آئي ٿيو هو ۽ ان مهل وڃڻ جي تياري ڪري رهيو هيس، تہ تون منهنجي آڏو اچي وئينءَ.

تون ڪارا ڪپڙا پهري آئي هئينءَ. تنهنجون اکيون ڪلر ۽ سم واري زمين وانگر لڳي رهيون هيون، چهرو ڄڻ اجڙيل گهر. خبر ناهي، تون الائي ڪهڙين نظرن سان ڏسي رهي هئينءَ. مان، ڪجهه وقت خاموشيءَ سان ڏسندو رهيس. توکي ويهڻ لاءِ چئي مان پنهنجون نظرون زمين ۾ کپائي ڇڏيون. تنهنجين اکين ۾ اڏامندڙ اداسيءَ جي واچوڙن کي ڏسڻ جي سگهہ مون ۾ نہ هئي.

خاموشي

گهڻي دير چپ رهڻ کان پوءِ تو ڳالهايو تہ، تنهنجو آواز ائين لڳي رهيو هو، ڄڻ ڪو ماڻهو ميلن جي مفاصلي تان ڳالهائيندو هجي.

تو چيو:

'مون کي دوستن مان اها اميد نہ هئي.'

مان خاموش رهيس.

'جڏهن واقعي بہ مون کي دوستن جي ساٿ جي ضرورت هئي، ان وقت ڪنهن بہ مون کي آٿت نہ ڏني. دلاسو نہ ڏنو. پيار نہ ڏنو، سهارو نہ ڏنو.'

مان وري بہ چپ رهيس.

تنهنجي اکين مان ڳوڙها وهندا رهيا. مان پنهنجي ڪرسيءَ کي تنهنجي پرسان آندو ۽ پاڻ کي ڏوهي سمجهي رهيو هيس. ۽ توکي سمجهائڻ واري انداز ۾ چيو ۽ منهنجي آواز ۾ ڏک سمائجي ويو.

’ساحره، مان سمجهان ٿو، ۽ مان محسوس ڪريان ٿو، تنهنجي ڏک کي، باقي تون ائين نہ چئہ.‘

پنهنجاڳوڙها وهائيندي چيئہ:

’سڀ خود غرض آهن، مان پنهنجي دوستن کي ئي سڀ ڪجهہ سمجهيو، پر انهن مون کي ڪجهہ نہ سمجهيو.‘

’مان، ڇا پيو ڪري سگهان، امان اسپتال داخل هئي، تنهن ڪري تو وٽ ڪراچي نہ اچي سگهيس.‘

’تون، ان ڏينهن ٽيليفون ڪرڻ جو چئي، ٽيليفون نہ ڪئي، مان ڏاڍو انتظار ڪيو.‘

تنهنجي ڳوڙهن جي سنڌو وهندي رهي.

’پر، مان تہ ٽيليفون ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.‘ مان ڪوڙ ڳالهائيندي پنهنجين نگاهن کي جهڪائي ڇڏيو. منهنجي اندر ۾ وڍ پئجي رهيا هيا.

’اديءَ جو لاش، گهر ۾ پيو هو ۽ منهنجي ڪنن کي تنهنجي ٽيليفون ٻڌڻ جو انتظار هيو ۽ ساري رات ٽيليفون جو انتظار ڪندي رهيم.‘ تون اوڇنگارن ۾ پئجي وئين. گهڻي دير روئيندي رهينءَ. جڏهن ڏٺم تہ، تون خاموش نہ ٿي رهين آهين، مان توکي دلاسو ۽ آٿت ڏيڻ لاءِ، تنهنجي هٿن کي پنهنجي هٿن ۾ وٺي آهستي آهستي دٻائڻ ۽ مهٽڻ شروع ڪيو.

’مان پنهنجو وجود ختم ڪري آئي آهيان. ڪيڏو عذاب آهي، گهر جي ڪنهن فرد جو مرڻ.‘

تنهنجا سڏڪا، وڌندا ويا. مان پريشاني ۽ بي وسيءَ جي احساس تحت خاموش رهيس.

’مون کي تو مان اها اميد هرگز نہ هئي. ڏس نہ، سڀ دوست صرف نالي جا دوست آهن.‘

منهنجي اندر ۾ ڏوهي هجڻ جو احساس وڌي رهيو هو.

مان توکي چيو:

’مون کي معاف ڪر، مان واقعي تنهنجو ڏوهي آهيان. پر ان ۾ منهنجيون بہ ڪجهہ مجبوريون هيون.‘

تنهنجي اکين مان وهندڙ پاڻي، هاڻي منهنجين هٿن کي سيراب ڪري رهيو هو.

مان توکي اٿان اٿاريو. تنهنجي سچيل اکين ۽ پريشان وارن ۽ روئڻ کي ڪافي اسٽوڊنٽ حيرت مان ڏسي رهيا هيا. تون ۽ مان گڏجي ڪامن روم ۾ آياسي، جتي تنهنجي روئڻ جي اسپيڊ وڌي وئي. منهنجي هٿن کي، پنهنجي هٿن ۾ پڪڙي اکين تي رکيئہ. منهنجا هٿ، آلا ٿي ويا. تنهنجا سڏڪا ڪامن روم جي ڀتين سان ٽڪرائجڻ لڳا.

’ڏس ائين نہ ڪر ڏاهي ٿيءُ.‘ مان توکي آٿت ڏيندي چيو. پر مون کي لڳو تہ اهي لفظ منهنجا نہ پر ٻي ڪنهن جا آهن، ڏاڍا هلڪا لڳا اهي لفظ، منهجن هٿن کي، تون پنهنجين اکين مٿان گهمائنيدي رهينءَ. مون کي لڳو تہ، توکي ائين ڪرڻ سان تسڪين ملي ٿي. مان، تنهنجين اکين کي هٿن سان بند ڪري، انهن جي ڪندن وٽان وهندڙ ڳوڙهن کي اگهيو تہ تو اکيون کولي مون کي ڏٺو. تنهنجي نظر ۾ هڪ ئي وقت شڪايتون بہ هيون تہ، الائي ڪيترا سڏ بہ هيا. انهن سڏن جي آواز تي، مان جهڪندو ويس ۽ منهنجا چپ نمڪين ٿي ويا پوءِ منهنجا چپ ان نمڪيات کي قابو ڪندا، ڇهري تي چرڻ لڳا، تنهنجا سڏڪا آهستي آهستي ختم ٿيڻ لڳا. سڏڪن جو آواز ٻڌي، منهنجا چپ،آواز جو پيڇو ڪرڻ لڳا ۽ پوءِ، سڏڪن جي آواز کي دٻائي ڇڏيائون. ڪافي وقت، گونگن ڳوڙهن جي نمڪيات، زمين تي نہ ڪري. مان تنهنجو ڪنڌ لاڙي پنهنجي ڪلهي تي رکي ڇڏيو ۽ پنهنجو هٿ، تنهنجن وارن ۽ اکين تي ڦيريندو رهيس. تنهنجي روئڻ جي شدت گهٽجندي وئي، تنهنجا ڳوڙها، منهنجي قميص کي آلو ڪري ويا. اڄ، الائي ڪهڙي جذبي، مون ۾ بي خوفي ۽ جرات پئدا ڪري ڇڏي هئي. مون کي اهو خوف بالڪل نہ هيو تہ جيڪڏهن ڪنهن، ان حالت ۾ ڏٺو تہ ڇا چوندو.

تنهنجي روئڻ، کي بند ٿيڻ ۾ چڱو وقت لڳو. مان، توکان ٽورو پر پرو ٿي ويٺس. تون، ڪنڌ جهڪائي ويٺي رهينءَ. مان توکي ٻڌايو تہ، لاڙڪاڻي ٿو وڃان. امان جي اک جي سپاٽي آپريشن ٿيڻي آهي، تون خاموش رهينءَ. مون کي ڏاڍو ڏکيو لڳي رهيو هو تہ، تو کي ان حالت ۾ ڇڏي لاڙڪاڻي وڃان. مان محسوس ڪري رهيو هيس تہ، توکي منهنجي سخت ضرورت آهي. پر، منهنجو وڃڻ بہ لازمي هيو. مان توکي چيو تہ:

’مان لاڙڪاڻي ٿو وڃان، مون سان هلندينءَ؟‘ تون اکيون صاف ڪندي ڪنڌ ڏوڻي هاڪار ڪئي. مان توکي چيو تہ:’تون هن پوائنٽ بس ۾ گهر وڃ، مان پنهنجي دوست کي چوان ٿو تہ هو گاڏي ڪاهي اچي، تون گهر ٻڌائي ڇڏ، تہ جيئن پوءِ مان توکي وٺڻ اچان.‘

تون ان بس ۾ گهر هلي وئينءَ.

مون کي گهڻي دير ڪانپوءِ سليم مليو، جنهن کي گاڏي لاءِ چيم. اسان ٻئي تو وٽ پهتاسي تہ منجهند، شام جي شروعات هئي. دير تمام گهڻي ٿي چڪي هئي، پهريون دفعو

تنهنجي گهر جي ڪال بيل وڄايم. تو ٻڌايو ته ’هاڻي مان نه هلي سگهنديس، ڇو جو، اڄ ئي موٽي نه سگهنديس، زرينه به ساڻ نه ٿي هلي. تون وڃ مان سياڻي ايندس،‘

مان لاڙڪاڻي هليو ويس.

ٻي ڏينهن تي به نه آئينءَ. شام جو توڏي فون ڪيم. تو نه اچڻ جو سبب ٻڌايو ته:

’رات ننڊ نه پئي اچي. تنهنڪري ڊائزاپام جون گوريون کاڌيون هيم. ۽ صبح جو سويل جاڳ ئي نه ٿي. يارهين بجي جاڳيم، وري توري دير ڪانپوءِ سمهي پيس ته هاڻي اٿي آهيان. تنهنجي ٽيليفون تي.‘

’آها ته سٺي ڳالهه ناهي، حقيقتون تنهنجي آڏو آهن. ڪيسٽائين انهن کان منهن موڙيندينءَ گوريون کائي؟‘

’مون کي ڪجهه سمجهه ۾ نه تو اچي. جنهن ڪري گوريون کاوان ٿي. سوچي سوچي دماغ ڦاٽي تو.‘

’ڏس، فراريت سٺي ناهي. چڱي نموني مقابلو ڪر، تون ته بهادر آهين. ‘

’اهو سڀ ڪوڙ هيو، بهادري وغيره.‘ تون ڳگهي آواز ۾ چيو.

’نه نه تون بهادر آهين ۽ ٻڌ وري جيڪڏهن گوريون کاڌئي ته ماريندومانءِ، ٺيڪ آهي؟‘

’ڪوشش ڪنديس. ‘

’ڪوشش نه، توکي ايئن ڪرڻو آهي. ڏس اداس نه ٿي، مان ميان تو سڀ ڪجهه، پر ايڪٽنگ ئي سهي، ڪجهه ڪل ته سهي، ڳالهاءِ ته سهي.‘

’هاڻي زمانو مون تي کلي تو.‘

’چڱو، هاڻي مان موڪلايان تو، واعدو ڪر ته گوريون نه کائيندينءَ. ‘

’ڪوشش ڪنديس. ‘

مان توکي ان رات اسپتال مان خط لکيو جو جو تنهنجي لهجي ۾ گورين کائڻ واري ڳالهه مون کي پريشان ڪري ڇڏيو هو.

’مان توکي هي خط اسپتال جي ڪاريڊور مان لکي رهيو آهيان. ڪمري ۾ امان سٽي پئي آهي. منهنجين اکين مان ننڊ ڏور آهي تمام ڏوران سمي سوچيم ته، پنهنجي پريشاني ڪاغذ کي سونپيان. هونئن به، پريشاني ختم ڪرڻ لاءِ لکڻ پڙهڻ سٺيون مصروفيتون آهن. تون به پاڻ کي مصروف رکڻ لاءِ پڙهندي ڪر يا نه ته، ڪنهن دوست کي خط لکندي ڪر.

شام، تو ٻڌايو ته تون ننڊ جون گوريون کائين ٿي. منهنجي ذهن کي ڌاڊو ڌڪڪو پهتو. تون ايڏي ذهين، بهادر ۽ خوبصورت هوندي، اهڙا خراب خيال ذهن ۾ رکين ٿي. مون کي ڏک صرف ان ڳالهه جو آهي ته، تون مون کي دوست

نه ٿي سمجهين، تنهن ڪري ئي تون پريشان رهين ٿي ۽ پاڻ کي اڪيلو سمجهين ٿي. جيڪڏهن ايئن نه هجي ها ته، پنهنجيون سڀ پريشانيون مون کي لکي موڪلين ها. بهرحال، تون مون کي دوست نه ٿي سمجهين تنهنجي مرضي، مان ڪير ٿيندو آهيان تنهنجي مرضيءَ ۾ دخل ڏيڻ وارو.

ڏک ڪڏهن به ختم نه ٿيندو آهي. پر، ڏک کي مٽائڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻو پوندو آهي. ڏک کي تبديل ڪرڻ گهرجي، پنهنجي ڏک کي، ٻين جي ڏک سان ملائي ڪنهن منزل طرف وڌجي.هڪڙي ڳالهه ياد رکجانءِ اسان کي ٻين لاءِ جيئڻ گهرجي.‘

ڪجهه ڏينهن ڳوٺ رهڻ ڪانپوءِ يونيورسٽي آيو هيس. توڏانهن ٽيليفون ڪيم تنهنجي لهجي ۾ ساڳي اداسي هئي. يونيورسٽيءَ ۾ تون خاموش خاموش رهڻ لڳينءَ. تنهنجي اکين جي هيٺيان ڪارا نشان پئجي ويا هيا، تنهنجو منهن پيلو ٿي ويو هو ۽ گهٽي حد تائين، ايبسنٽ مائينڊيڊ رهڻ لڳي هئينءَ. مان توکي گهڻو ئي سمجهايو، توکي احساس ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي ته تون پاڻ کي ختم نه ڪر. پنهنجي وجود سان، ٻين کي فائدو ڏي، تون گهڻا دفعا اهو چيو هو ته، تنهنجي زندگي ٻين جي لاءِ آهي. ڊائزاپام واپرائڻ لڳي هئينءَ، مان الائي ڪيترا دفعا توکي سمجهايو هو، ڌمڪايو هو پر تو چيوهو ته منهنجي مجبوري آهي. انهن کانسواءِ مون کي ننڊ نه ٿي اچي، سڪون نه تو ملي. انهن گورين جي ڪري، تنهنجا هٿ ڏڪڻ لڳا هيا ۽ هر وقت چڙ، غير حاضر دماغ سان موجود هوندي هئينءَ.

هميشه جيان،اسان جي ڪچهري، اسانجون ڳالهيون اڌوريون رهجي وينديون هيون. ڇو جو، يونيورسٽيءَ ۾ دوست ملي ويندا هيا. هڪ ڏينهن، تون ڏاڍي ڊسٽرب هئينءَ ۽ مون کي چيئه ته: ’اڄ تون گهر اچجانءِ. ‘

مان منجهند جو تنهنجي گهر جي ڊرائينگ روم ۾ هيس. خاموشي اسان ٻنهي جي وچ ۾ ويٺي هئي. تو، پنهنجي پيڻ جو فوٽو ڏيکاريو ۽ ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪيون ته، تنهنجين اکين مان ڳوڙها ڪرڻ لڳا. تنهنجو ڪنڌ، منهنجي ڪلهي تي پهچي ويو. تون الائي گهڻي دير اکيون بند ڪيو، ڪنڌ لاڙي ويٺي رهينءَ. منهنجا هٿ، تنهنجي وارن ۾ هرُ ڏيندا رهيا. تنهنجون اکيون ڳوڙهن ٿينديون ويون. تنهنجو چهرو، منهنجي چهري سان ملي، هڪ چهرو ٺهجي ويو هو. منهنجون اکيون، نڪ، چپ تو وٽ اچي ويا ۽ تنهنجون اکيون چپ، نڪ مون وٽ رهجي ويا. شايد، تنهنجا ڏک به مون وٽ اچي ويا هيا.جڏهن

تون اکيون کوليون هيون ته هلڪي هلڪي ۽ تازي لڳي رهي هئين۔
چيو هيئه:
’ڳالهائڻ کان بغير به ڪڏهن ڪڏهن جذبا، ڏک ۽ خوشيون، ٻي سان ملڻ ۽ پاڪر پائڻ سان، ان وٽ پهچي ويندا آهن. اڄ منهنجا ڏک گهٽي پاڳي توڏانهن ٽرانسمٽ Transmit ٿي ويا آهن – ۽ مان اڄ ڏاڍي خوش آهيان.‘
مان مرڪندي توکي چيو:
’ٺيڪ آهي – باقي، جيڪي ڏک ۽ غم رهجي ويا هجن ته اهي خط ۾ لکي موڪل، تنهنجي دل جو بار گهٽو هلڪو ٿي ويندو. واعدو ڪر.‘

تون واعدو ڪندي هٿ ملايو. مان موڪلائڻ لاءِ اٿي بيٺس. تنهنجو ساهه منهنجي سيني جي وارن ۾ اٽڪي پيو. مان جهڪي ڪياڙيءَ جي سنهن وارن کي ساهه سان پريشان ڪرڻ لڳس. پگهر جي ڪري تنهنجي جسم مان، خوشبو اٿي رهي هئي – جيئن سارين جي پنيءَ وٽان لنگهڻ مهل اوپر ۽ ان جي خوشبو اٿندي آهي.

مون، توکي الوداع چيو. تنهنجو منهن، سورج مکيءَ جيان لڳي رهيو هيو.

تنهنجو خط مليو:
’مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڇا لکان.توکي ڪاوڙ به ڏاڍي هوندي، جو تنهنجن خطن ۽ ڇوڻ جي باوجود هڪ خط به نه لکيو. شايد غمن، منهنجن احساسن کي مفلوج ڪري ڇڏيو آهي. منهنجي اداسيءَ خاموشيءَ جو سبب اهو آهي ته، مان زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو گهٽين ڳالهين، يادن ۽ ماڻهن جي روين جو زهر پنهنجي اندر ۾ اوتيو آهي.ان ٽريجڊيءَ مان مون کي فائدو اهو پهتو آهي جو، مان ڏک سهي سکيو رهڻ سکي ورتو آهي.جيتوڻيڪ، اهو عمل ڏاڍو تڪليف وارو آهي.پنهنجن ڳوڙهن کي ضبط ڪري هاڻي حالت اها ٿي ويئي آهي.جو هر وقت دل ۾ باهه ٻريل لڳندي آهي.مون کي لڳندو آهي ته گرم گرم پاڻي، منهنجي دل تي ڪري رهيو آهي.خير، مون کي پنهنجن ڪلهن تي ڳوڙهن وهائڻ ۽ ضبط ڪرڻ جو مزو اچي ئي ويو .ائين تو لڳي ته ڪو زهر آهي.جيڪو منهنجي وجود ۾ ڦهلجي ويو آهي.ڪنهن ڪنهن وقت، منهنجي دل ڳالهائڻ لاءِ چاهيندي آهي، مگر مون کان ڳالهايو نه ٿيندو آهي.مان زور سان روئڻ چاهيندي آهيان ته روئي نه سگهندي آهيان. منهنجي دل چاهيندي آهي.ته مان پنهنجي چوطرف موجود دنيا کي درهم برهم ڪري ڇڏيان. مگر مون کان اٿڻ نه ٿو پڄي، ڪنهن سان ڳالهائڻ تي دل نه ٿي چاهي. زندگيءَ ۾ مان ڪڏهن ايترو سوچيو نه هو بلڪ سوچيو ئي نه هو، جيترو هاڻي سوچيان ٿي. ڪنهن پل مون کي سڪون نه ٿو ملي. عجيب بي چيني آهي.گهر ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ بي مقصد، بي وقوفن جهڙي شڪل ڪٽي گهمندي وتندي آهيان. لڳندو آهي جڻ، منهنجي تمام وڏي قيمتي شيءِ گم ٿي وئي آهي.مگر، جڏهن ڳولهڻ لڳندي آهيان ته سمجهه ۾ نه ايندو آهي.

اف منهنجا خدا! خبر ناهي ائين ڇو آهي. منهنجا حوصلا ايترا پست ڇو ٿي ويا آهن؟سوچي سوچي لڳندو آهي ته دماغ ڦاٽي پوندو.جيڪڏهن مان رڙيون ڪري روئي نه سگهيس ته مان چري ٿي پوندس. منهنجو دماغ بالڪل مائوف ٿي ويوآهي.هڪ هفتي کان وٺي مان گهر ۾ ڪنهن سان نه ڳالهايوآهي. ڳوڙهن جي ٻوڏ پنهنجي اندر لاهڻ کان پوءِ لڳي ٿو ته، منهنجي جسم ۾ ٽانڊا پچري رهيا آهن.ڪڏهن ڪڏهن منهنجي دل چاهي ٿي ته ڪنهن جي

ٻچي پڪڙي گهٽو ڏئي ڇڏيانس. واقعي مون تي چريائپ سوار ٿي وئي آهي.

ڪنهن به جڳهه تي منهنجي دل نه ٿي لڳي. هتي خيرپور ۾ به نه ۽ ڪراچيءَ ۾ ته هتان کان به وڌيڪ ڊپريشن ٿئي ٿي.

ڪاش! مان رڙيون ڪري روئي سگهان. پٿر ناهيان نه! يادون هر وقت منهنجي چوڌاري گهمنديون رهنديون آهن. ڪڏهن ڪڏهن ته ايئن محسوس ٿيندو آهي ته هي سڀ خواب آهي، هڪ پوائتو خواب، جڏهن مون جي اک کلندي ته مان اديءَ وٽ هونديس. ڪيترو پوائتو خواب آهي.

منهنجي مٿي تان ڇاپرو، منهنجي دوست، منهنجي بيغرض محبت، منهنجو مانُ منهنجوغرور سڀ ڪجهه ئي ته هليو ويو، ڪٿي تلاش ڪيان؟

منهنجن ڪنن ۾ هر وقت هن جو ئي آواز گونجندو رهندو آهي. منهنجي خاندان جا سڀ ٻار مون کي ’نانا، جان‘ چوندا آهن، ادي به مون کي پيار مان نانا جان چوندي هئي. جنهن ڏينهن هن جي وفات ٿي، مان هن ڏينهن ان کان ناراض ٿي گهر آئي هيس. ۽ هوءَ بي وفا مون کي پرچائڻ به نه آئي. خود ئي ناراض ٿي هلي وئي. اچ، اچي ڏس ته تنهنجي نانا جان ڪيڏي اداس آهي. هاڻي مون کي ڪير پرچائيندو، ڪير منهنجي راهه ڏسندو؟ ڪاش! تنهنجي بدلي ۾ تنهنجي نانا جان مري وڃي ها. منهنجي دل چاهي ٿي ته ايترو روئان جو منهنجو آواز ان مٽيءَ جي هيٺيان پهچي، جتي تون آهين. ڏس اچي! توکان سواءِ، اسان سڀ ڪيترا اداس ۽ اڪيلا آهيون. ڏس نانا جان جا ڳوڙها ترڪندا ٿا وڃن. ۽ تو تي ڪوئي اثر ئي نه ٿو ٿئي!!

ڪاش! خدا اسان کي ايترو بي وس نه بڻائي ها. اسان سڀ ڇا آهيون؟ خدا صرف اسان جو تماشو ڏسندو آهي. هن پنهنجو پاڻ کي مصروف رکڻ لاءِ اسان کي ٺاهيو ۽ هاڻي اسان جي بي وسيءَ کي ڏسندو آهي. نه ڪپي مون کي اهڙو خدا، نه ڪپي مون کي زندگيءَ جي بخشش، جنهن ۾ هڪ هڪ خوشيءَ لاءِ ڪشڪول ڦهلائي پننديي رهان.

مون کي يقين ئي نه ٿو اچي، پاڻ کي يقين ڏيارڻ لاءِ اديءَ جي قبر تي وئي هيس. منهنجي دل چاهيو ته قبر کوٽي اديءَ کي ڪڍي اچان. مان زور سان رڙ به ڪيم. پر اتي لامحدود خاموشي هئي. ڪوئي به آواز ٻڌي نه آيو. واپس ايندي مان مڙي مڙي ڏسندي رهيس. مون کي لڳو ڄڻ پوٺن بيٺل پويان ادي مون کي ڏسي رهي هئي. مان بيهي رهيس، منهنجا ڳوڙها وهندا رهيا ۽ هوءَ ظالم منهنجا ڳوڙها ڏسندي رهي، مشڪندي رهي، ناناجان جو اهو روپ سٺو لڳيس پيو شايد!!.

بس، هاڻي مون کان لکيو نه ٿو پڇي. سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته خط لکان يا ڳوڙها صاف ڪيان، يا هن جلندڙ دل کي سنڀاليان، يا سڪون جي تلاش ڪيان. اهو سڪون جنهن جي ڳولها ۾ گوتم نڪتو هو. منهنجي دل چاهي ٿي ته مان به گهر مان نڪري وڃان، گهاٽن جهنگن ۾ ۽ خشڪ ريگستانن ۾. ٻڌو آهي ته گوتم کي ائين سڪون مليو هو. منهنجي دل چاهي ٿي ته مان زور سان رڙ ڪري گوتم کان پڇان.

’گوتم! ڪاٿي آهي اهو سڪون جنهن جي ڳولها ۾ تون جهنگن ۽ برپٽن ۾ پريشان رهين. اهو سڪون جو تنهنجي روح ۾ گيان بڻجي لٿو هو. ۽ تنهنجي چپن مان سچائي بڻجي ڦٽيو هو. تنهنجين اکين مان نور بڻجي نڪتو هو؟ مون کي به ان سڪون جي تلاش آهي. اهو سڪون جيڪو منهنجي لڇ پڇ کي هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏي.

مگر ساقي! سڪون ڪاٿي؟ گوريون کائي به سڪون نه ٿو ملي. سمهڻ دوران، مان اڪثر پلنگ تان ڪري پوندي آهيان. شايد، ان لاءِ جو مان ڪڏهن نندو ڏک به نه سهيو هو. مان صرف پنهنجين خواهشن جو پورو ٿيڻ ۽ چاهتن جي ڇانوَ ڏٺي هئي. ڪنهن جي جدا ٿيڻ جو ڏک سٺو ئي نه هو. جڏهن ته هي منهنجي پنهنجي وجود جي گم ٿيڻ جو ڏک آهي. پنهنجي رت تان دستبردار ٿيڻ جو ڏک آهي. ته پوءِ پنهنجي وجود کي وڃائي سڪون ڪٿي ٿو ملي؟ منهنجي وجود جي سڃاڻپ جو هڪ حصو گم ٿي ويو، مٽن مٽي هيٺيان ته پوءِ منهنجو هي ڏک جائز آهي نه ؟!

ڪيئن وساريان ساقي؟! ڪنهن جي جدا ٿيڻ جو ڏک پوءِ به ماڻهو برداشت ڪري سگهي ٿو، مگر ڪنهن شيءِ جو بالڪل غائب ٿيڻ جوڏک، ٻڌاءِ نه ڪيئن وساريان؟ هڪ لمحو اهو عذاب وارو لمحو جڏهن اسان جي تماشائي خدا، اسان جي هر شيءِ مٽن مٽيءَ هيٺيان پڄائي ڇڏي، ڏاڍي تلخ حقيقت آهي. منهنجن ٽهڪن ۽ خوشين جي عمر ايتري هئي. جيڪڏهن مون کي اها خبر هجي ها ته مان ڪڏهن نه کلان ها. گهٽ ۾ گهٽ مون کي ڏک ۾ رهڻ جي عادت ته هجي ها. ڏاڍو غرور هوندو هو ته مان ڏاڍي خوش قسمت آهيان. مون کي خبر پئي آهي ته خوش قسمتيءَ کي بدقسمتي ۾ بدلجڻ ۾ دير ئي نه لڳندي آهي. انسان دنگ رهجي ويندو آهي ۽ رنگ اڏامي ويندا آهن. گهٽيون ڳالهيون منهنجي ذهن تي بار بڻيل آهن. منهنجو خيال آهي ته اهو بند ٽوڙي ئي ڇڏيان. مگر منهنجن هٿن ۽ ذهن کي

ايڏي طاقت ئي ناهي ته گذريل ارڙهن ڏينهن جو عذاب هڪدم بيان ڪري سگهان.

تنهنجي وڏي مهرباني. تون منهنجي ڏک ۾ شريڪ ٿئين ۽ مان پنهنجن ڏکن کي تو ڏانهن موڪليو آهي.

هڪ ٻيو عذاب به تو کي ٻڌائي ڇڏيان، ته هن ڏک کان علاوه، غم ۽ ڏک ۾ مان پنهنجا ڪجهه رنگ به وڃائيا آهن. اهي رنگ جن کي مون زماني جي حادثن کان بچائي رکيو هو، منهنجا رنگ جيڪي منهنجي ميراث هيا، منهنجو غرور هيا اهي به مان وڃائي ڇڏيا آهن. سڪون ڳولهڻ نڪتي هيم ته وحشتون به ويون. تون مون کي وڏو سمجهندو هئين نه، هاڻي ته مان به عام ڇوڪري آهيان. ڏکن ۽ غمن منهنجي انا، منهنجي خود داري، سيني کي مفلوج ڪري ڇڏيو هو. خدا جي واسطي ساقي منهنجي احساس ڪمتري ختم ڪر، مون کي پنهنجا رنگ وڃائي، پنهنجو وجود اڌورو لڳي ٿو. لڳي ٿو ته منهنجي قيمتي شيءِ گم ٿي وئي آهي. توکي هي سڀ ڳالهيون ڏک پهچائينديون، پر تون کي خبر آهي ته مان پنهنجن رنگن جي باري ۾ حساس آهيان.

منهنجي رنگن جا امين. مان خوش به آهيان! ته مون پنهنجا رنگ ان شخص کي ڏنا آهن، جيڪو انهن کي سنڀالي رکندو. ان لاءِ جو اهي رنگ منهنجي خوداري ۽ ذات جو حصو آهن. ان کان بغير مان ڪجهه به ناهيان. پر مون کي يقين آهي ته، مون پنهنجا رنگ ان ماڻهو کي ڏنا آهن جنهن کي احساس آهي ته پوپٽن جا رنگ ڪيترا حساس هوندا آهن. تنهن ڪري پنهنجا رنگ خوشيءَ سان ڏيڻ جي باوجود منهنجون اکيون مٿي نه ٿيون ڪڇن. صرف ان احساس جي ڪري ته مان به اهو بغير رنگن وارو پوپٽ آهيان جيڪو،ڪتاب ۾ رنگ ڇڏي اتي مري ويندو آهي. ان لاءِ،

منهنجن رنگن جا ساٿي!

مون کي اعتماد ڏي ته منهنجا رنگ ختم نه ٿيا آهن. مون کي حوصلو به ڏي ته مان پنهنجن رنگن جو امين ان شخص کي ڪيو آهي، جيڪو انهن صيادن مان ناهي. جيڪي پوپٽن کي ڪتابن ۾ بند ڪري انهن جا رنگ سميٽي، وساري ڇڏيندا آهن. خبر ناهي تو منهنجي ڳالهه سمجهين به ٿو يا نه! توکي خبر آهي ته جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي قيمتي شيءِ پنهنجي مرضيءَ سان به ڏيندو آهي ته، هڪ لمحي لاءِ جدائيءَ جي تصور سان ان جي اکين ۾ ڏک جو عڪس لهرائيندو آهي. منهنجو هي خوف، به ان هڪ لمحي جي عڪس جيان آهي. تنهن ڪري تون ئي مون کي اهو اعتماد ڏئي سگهين ٿو. ۽ منهنجي ان خوشيءَ کي جيڪا پنهنجا رنگ توکي ڏيڻ وقت منهنجي چهري تي جهومي هئي، تون ئي ان کي دائم رکين سگهين ٿو، ته منهنجا رنگ تنهنجي لاءِ به ايترا ئي عزيز هوندا جيترا مون کي هيا ۽ آهن.

تون هي سڀ ڪجهه پڙهي شايد ڊسٽرب ٿين. مگر مون کي ڪو به پڇتاءُ ناهي ڪو به ڏک ناهي. اهو صرف هڪ لمحي جو ڏک هيو. هڪ سوچ، هڪ خوف آهي جيڪو مان تو کي چئي ڇڏيو آهي. مان پنهنجا رنگ پنهنجي مرضيءَ سان توکي ڏنا، پر منهنجي سڀ کان قيمتي شيءِ منهنجا اهي رنگ آهن. جن کي مان زماني جي حادثن ۽ غلط نگاهن کان بچائي رکيو. تنهنڪري، مون کي پنهنجن رنگن سان پيار به ڏاڍو آهي. منهنجو غرور، منهنجي انا، منهنجي خود داري، انهن رنگن ۾ ئي ته آهي. هاڻي، تون منهنجي رنگن جو امين آهين. ان لاءِ هي منهنجا رنگ، ۽ انا منهنجي خودداري سڀ ڪجهه تنهنجو ئي آهي. مون کي يقين آهي ته، تو جهڙي دوست جي نظر ۾ منهنجن رنگن، انا ۽ خوداريءَ جي اهميت ايتري ئي هوندي جيتري منهنجو خيال آهي ته، هاڻي رنگن واري ڳالهه ڊگهي ٿي وئي آهي، مون کي اڄ ننڊ به اچي پئي بغير گورين جي، ان لاءِ بند ٿيندڙ اکين سان موڪلائي.

قلم تازو: هنڌ تي ليٽيم ته سهي پر ننڊ نه آئي. هي تماشو روزانو ٿيندو آهي. تڏهن مان مجبورن گوريون کائيندي آهيان. تنهنجي ناراضگيءَ جي باوجود، تون چئه ته مان زندگي ڇڏي ڏيان، مگر هيءَ مجبوري آهي ته گورين کائڻ سان دماغ مائوف ٿي وڃي ٿو. مون کي جڏهن ڪجهه سمجهه ۾ نه ايندو آهي ته پوءِ مجبورن گوريءَ جو سهارو وٺندي آهيان.

اڄ ليلته القدر آهي. عبادت جي رات آهي. اسان هر سال سڄي سڄي رات عبادت ڪندا هياسين ۽ اديءَ جي صحت لاءِ دعائون گهرندا هياسين. پر اديءَ جي مرڻ کان پوءِ منهنجو خدا تان ايمان ڪچي ويو آهي. هاڻي، مان نماز پڙهڻ به ڇڏي ڏني آهي. جڏهن اسان کي، سکن جي دعائن گهرڻ باوجود صرف ڏک ملن ٿا، ته پوءِ اسان کي دعا گهرڻ جي ضرورت ڪهڙي آهي؟ خوشيون، گهرڻ سان به نه ملن ۽ ڏک بنا گهرڻ جي ملن ٿا ته پوءِ عبادت ڇو ڪريون؟ بس، ان لاءِ سڀ ڪجهه ڇڏي ڏنم.

ڏکن جي صليب تي چڙهي، هاڻي مون کي ڪجهه ياد ناهي، ان لاءِ ته ڏکن جو صليب، منهنجي لاءِ خدا جوڙيو آهي. ته مان ان کان ٻيو ڪجهه ڇو گهران؟ اگر، هن کي اهو صليب منهنجي وجود سان سٺو ٿو لڳي ته آيئن ئي سهي.

دل تي چاهي ته، سموري شيشي ڪاوان،
دماغ ڦري رهيو آهي. عجيب بي چيني آهي اندر ۾.'

تو پنهنجي خط ۾، دل جو بارگهٽي قدر هلڪو ڪيو هو. مون کي ڏاڍي خوشي ٿي ته، ڪنهن نه ڪنهن طرح ته تو پنهنجي ڏک جو غبار هلڪو ڪيو.

ڏک ٻين جي حوالي ڪري نه ٿا سگهجن. پر ٻين کي ڀاڱي ڀائيوار ڪري سگهجي ٿو. تون اهو سمورو عرصو خاموش رهي هئينءَ ۽ دوستن جي خود غرضي، زماني جي روايتن، مذهب ۽ خدا کان بيزار ٿي پئي هئينءَ. جو جو ان ڪيفيت ۾ ماڻهو پنهنجو پاڻ تي پاڙيندو آهي. ۽ ٻين جي لاءِ بد اعتمادي پيدا ٿي ويندي اٿس. تنهنجي خط خوشي به ڏني ۽ ڏک به، تون جنهن نموني پنهنجي ڪيفيت جو اظهار ڪيو ان مونکي روئاري وڌو. مان به تو ڏانهن خط لکيو ته:

'مون کي خوشي ان ڳالهه جي آهي ته تون پنهنجن احساسن کي خط جي شڪل ڏني ۽ ڏک جي پوڙ جيڪا تنهنجي اندر ۾ هئي، ان جا ڪجهه قطرا، ڪاغذ تي ڪرياءِ اهي به منهنجي لاءِ سڪون جي ڳولها، هڪ بيوقوفي کان سواءِ ڪجهه ناهي. جو جو سڪون هن دنيا ۾ ته ڇا، پرمون کي يقين آهي ته سڪون ڪٿي به ناهي، پي دنيا ۾ به نه (ماڻهن چواڻي ).

ماڻهوءَ جي هٿ مان گلاس ڪري پچي پوندو آهي ته ڏک ٿيندو آهي. ڪنهن پينٽنگ تي ڪافي هارجي پوندي آهي ته ڏک ٿيندو آهي. ڪنهن ساز جي تار ٽٽندي آهي ته ڏک ٿيندو آهي. ڪوئي خوبصورت گلدان ٽٽندو آهي ته ڏک ٿيندو آهي. جڏهن انهن ننڍين ننڍين ڳالهين تي ڏک ٿي ٿو ته ايتري سانحي تي ڏکوئجڻ فطري عمل آهي. ۽ تنهنجا جيڪي به احساس آهن، تون ان ۾ حق بجانب آهين. پر منهنجي هڪ ڳالهه ٻڌي ڇڏ ته مڪمل سڪون ڪٿي به ملڻ مشڪل آهي، ان لاءِ جتي به، جنهن به ڪم ۾ ٿورو سڪون ملئي ٿو ته اهو حاصل ڪر.

ڪير ٿو چئي ته جهنگن ۾ بيابانن ۽ ويرانين ۾ گهمڻ سان سڪون ملي ٿو؟ ڳيان ملي ٿو. اها صرف فراريت آهي، پيو ڪجهه به نه. جيڪڏهن ائين سڪون ملي ها ته گوتم ڪڏهن به واپس شهرن ۾ نه اچي ها. ها، سڪون ان ۾ آهي ته ماڻهن ۾ رهي ڪري، اهڙا رستا ڳاهيا وڃن، جن تي هلڻ سان سڪون حاصل ٿئي ٿو، تون پنهنجي سڪون کي هٿيڪو ڪرڻ لاءِ، پنهنجي چوڌاري رهندڙ ماڻهن کي سڪون، همت ۽ خوشي ڏي.

اڄ تنهنجي خط منهنجي اندر ۾ ڏکن جا ڍير پيدا ڪري ڇڏيا آهن هڪ ته تنهنجي ڏک جي ڪري ٻيو تنهنجي بداعتمادي جي ڪري.

تون رنگن واري ڳالهه ڇيڙي، منهنجي جسم ۽ ضمير تي لڪن جي حساب سان ميزائيل ۽ راڪيٽ لانچر وسايا آهن. اوجڙي ڪئمپ ٻڄي ويو آهي اندر منهنجو.

اڄ مان پاڻ کي ڏاڍو ننڍو سمجهان ٿو. سوچيان ٿو ته،ان ڏوهه جي، تنهنجي بداعتماديءَ جي سزا مون کي ملڻ گهرجي.

ساحره! تنهنجي حيثيت منهنجي نظر ۾ گهٽجي نه وئي آهي. پر وڌي وئي آهي.مان رنگن جي حفاظت چڱي نموني ڪندو آهيان. مان ڪيئن توکي يقين ڏياريان ته تنهنجا رنگ پڪا آهن ۽ اهي هٿن لڳڻ سان لهڻ وارا ناهن. توکي يقين ڏيارڻ لاءِ مان ڇا ڪيان؟

اهوسمجهڻ، ته تون پنهنجي انا ۽ غرور وڃايو آهي.اها تنهنجي ڀل آهي. تون خراب عمل نه ڪيو آهي. تون اڪيون مٽي ڪري هل، تون ته ان عمل ڪري مضبوط ٿي آهين. تنهنجي غرور ۾ اضافو ٿيڻ کپي جو جو، تون ان شخص کي پنهنجا رنگ ڏنا آهن. جنهن ان کان اڳ ڪي به رنگ پاڻ وٽ نه رکيا آهن. ۽ نه ئي هن پوپٽن کي پڪڙي، پنهنجن ڪتابن ۾ سجايو آهي. بهرحال، توکي يقين ۽ اعتماد نه ٿو اچي نه؟ تو کي يقين ڏياري ئي رهندس.

مان سڀ ڏک برداشت ڪري سگهندو آهيان، پر ڪنهن جي مون تي بداعتمادي وڏو عذاب آهي. ۽ اهو برداشت نه ڪري سگهنديس.'

تون کي خط ملڻ سان ئي ٽيليفون ڪئي:

'تو غلط سوچيو آهي، مان تو تي بداعتمادي نه ڪئي آهي.'

'باقي ايترين ڳالهين لکڻ جو مقصد؟'

'مان تو کي اهو به ته لکيو هو ته اهو هڪ لمحي جو ڏک آهي. آهي نه پر هيو. جنهن جو مان اظهار ڪيو. تون پاڻ ئي ته چيو هو سيني احساسن کي لکي موڪل. هاڻي لکيو به اٿم ته بندش تو هٽين.'

'بندش جي ڳالهه ناهي، بس مون کي لڳي ٿو ته مان اهو عمل ڪري وڏي غلطي ڪئي آهي. توکي شايد ياد هجي. پهرين جنوري کان پوءِ اهڙي ڪا به حرڪت نه ڪئي هئم.'

'تون سهي ٿو چئين ان وقت جي ڪيفيتن، مون کي ائين ڪرڻ تي مجبور ڪيو هو.'

'اهڙن وقتن تي عورت کي مرد ۽ مرد کي عورت جي ضرورت پوندي آهي. ڏک ۾ شيئر ڪرڻ سان ۽ همت ڏيڻ سان، اڳلو بهادر ٿي پوندو آهي. گهٽا احساس، اظهار ڪرڻ جي بجاءِ

پي کي ڇهاءَ کي محسوس ڪرائبا آهن. ڏک گهڻو وڌي ويندو آهي ته پوءِ پي جي ڪلهي تي ڪنڌ رکڻ سان سڪون ملندو آهي. محسوس ڪبو آهي ته سڀ ڏک پي جي جسم ۾ ٽرانسمٽ ٿي رهيا آهن.'

'ان ۾ ڪوشڪ ناهي. هن ڪيفيت ۾ تنهنجو سهارو مون لاءِ جيئڻ جو سهارو بڻيو. مان سهارن کان نفرت ڪندي هيس. پر سهارا واقعي به اسان جي ضرورت آهن.'

'پي ڳالهه به تو کي مڃڻي پوندي ته، پنهنجن خوشين ۽ پين جي خوشين لاءِ ننڍا ننڍا معاهدا ڪرڻا پوندا آهن.'

'معاهدن تحت ماڻهو ڪيستائين زندهه رهندو.'

'جيستائين زندهه رهي. ٺيڪ رهي. توکي به سمجهوتو ڪرڻو پوندو حالتن سان. ماڻهن سان ۽ گهر سان. پنهنجو پاڻ کي رحم جي لائق نه بڻاءِ.'

'مان ڪٿي ٿي پاڻ کي رحم لائق بڻايان.'

'سمورو ڏينهن اداس رهڻ، ڪنهن سان نه ڳالهائڻ، ڪنهن سان ڪل پوڳ نه ڪرڻ، اهو ڏسي ماڻهو رحم نه کائيندا ته ٻيو ڇا ڪندا؟

'مون تي ڇو ٿا رحم کائن، مان انهن کان اڳ مرڻ چاهيندس.'

'تون هاڻي اهڙي ٿي وئي آهين. رحم کائڻ جهڙي. پاڻ کي تبديل ڪر، خوش رهه، هتي، جيستائين ٺهڪ ڏينديئن، ٻيا به تون سان ٺهڪ ڏيندا ۽ روئڻ مهل اڪيلي هونديئن.'

'تون به نه هوندين؟'

'مان، مان ته ناهيان، تون آهين.'

'صحيح آهي.'

'ٽئگور جي هڪ ننڍي ڪهاڻي آهي ته هڪ خوبصورت نوجوان، پنهنجي محبوبا جي گهر جو ڪڙو ڪڙڪايو. گهر جي اندران آواز آيو، 'ڪير؟' جوڪري جواب ڏنو. 'مان' دروازو نه کليو.

ڪافي عرصي کان پوءِ وري اهو نوجوان در تي ڪڙو ڪڙڪائيندو رهيو. آواز آيو. 'ڪير؟'

'مان.'

دروازو نه کليو. ڇگي زماني کان پو اهو نوجوان وري آيو.

اندران سوال ٿيو. 'ڪير؟'

'تون.'

دروازو کلي ويو.'

'سٺي ڪهاڻي آهي.'

'بيشڪ سٺي ڪهاڻي آهي پوءِ جڏهن اِهو مڃين به ٿي ته پوءِ تون خوش رهڻ شروع ڪر ته جيئن مان به خوش رهان. يا ته مون کي، تون اداس ڏسڻ گهرين ٿي ؟'

'نه، بالڪل نه! مان تنهنجي خوشيءَ لاءِ، خوش رهنديس.'

'زماني ۾ گهر جي خوشين لاءِ ائين ڪرڻو ئي پوندءِ.'

'سچي دل سان ڪوشش ڪنديس.'

تون واقعي ٺيڪ رهڻ لڳي هئينءَ. پر ان هوندي به تنهنجي ٽهڪن جو تعداد گهٽجي ويو هو. پين سان ملڻ ڪنهن حد تائين گهٽائي ڇڏيو هيئه.

يونيورسٽيءَ کي عيد جي موڪلون ٿي ويون. مان ڳوٺ وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويس ۽ تون ڪراچي لاءِ . چيو هيئه ته: 'به چار ڏينهن لڳ هونداسين. تنهن ڪري وڃڻ مهل مون وٽان ٿيندو وڃجانءِ.'

مان تنهنجي گهر آيس پاڻ سان گڏ، ڪجهه عيد ڪارڊ به آندا هيم. جيڪي تنهنجي پاڙي ۾ رهندڙ دوستن ۾ ورهائڻا هيا. تو سان ڪچهري ڪندي ۽ مد پيئندي گهڻو وقت ٿي ويو. جنهن ڪري تو کي ئي عيد ڪارڊ ورهائڻ لاءِ ڏئي آيس. ويڳڻ ۾ ويهڻ مهل ڏوري ۾ ايذاءَ آيو.جتي تنهنجن ڏندن جي چِڻ چپيل هئي.تون چڪ پائيندي چيو هو ته: 'مان هي يادگار ڇڏيان ٿي ته جيستائين وري ملون، ٽيستائين ته ڪجهه نه ڪجهه هڪ ٻئي وٽ هجي، ضد ڪيو هيئي ته مان به تنهنجي ٻانهن تي چڪ پايان ۽ پاتو هيم. سوچون تو طرف هلي آيون. اوچتو مون کي غلطيءَ جو احساس ٿيو ته مان توکي عيد ڪارڊ ورهائڻ لاءِ ته ڏئي آيو هيس پر. تو کي عيد ڪارڊ نه ڏنو هيم. جو سمجهه ۾ نه پيو اچي ته، توکي عيد ڪارڊ ڏيڻ کپي يا نه. پيڻ جي وفات کان پوءِ توهان جي هيءَ پهرين عيد هئي ۽ هونئن به ان واقعي کي ويهه پنجويهه ڏينهن مس گذريا هيا.

لاڙڪاڻي پهتس ته عيد جي ٽئين ڏينهن تي تنهنجو ارجنٽ ميل ذريعي موڪليل خط مليو.

تو خط، لفافي کي اکيڙي، ان تي لکيو هو:

عيد جو ڏينهن :

ساقي! اهو خط مان ٽرين مان لکي رهي آهيان. اڄ، عيد جو ڏينهن آهي. رات ٽرين نڪري وئي، تنهن ڪري ڏينهن جي خواري ڪٽڻي پئي. عيد جي ڪري سڄي ريل خالي آهي. ظاهر آهي اسان جهڙا بيوقوف ڄڻ جي جي عيد نه هوندي آهي، اهي ئي اڄوڪي ڏينهن تي ٽرين کي آباد ڪندا آهن. هن وقت، ڪوئي به پنو نه پيو ملي تنهن ڪري هن لفافي کي اکيڙي خط لکي رهي آهيان.

هونئن، هيءُ ڪيڏو عجيب وقت آهي. اسان، جيڪي عيد وڏي اهتمام سان ملهائيندا هيا سين، اڄ ويران اکين سان، ٽرين ۾ بور ٿي رهيا

آهيون. ٽرين کان ٻاهر نظر وجهان ٿي ته، رنگبرنگي ڪپڙا پهريل ماڻهو نظر اچن ٿا سندن چهري تي خوشين جي اندلٺ ڪڙيل ۽ انهن سيني کي ڏسي مون کي محسوس ٿئي ٿو ته، دل جي ويرانيءَ ۾ پن ڇڻ جي موسم آهي. ڳوڙهن ڪرڻ سان، دل جي ويرانيءَ ۾ ڳوڙ پيدا ٿي وڃي ٿو. ۽ ان ڳوڙ ۾ پنهنجو وجود بي معنيٰ لڳي ٿو. اڄ عيد جو ڏينهن آهي پر مون کي هر شيءِ سوڳوار لڳي ٿي. شايد ان لاءِ جو، ان هڪ خوشيءَ کان اڳ ۾ ئي هوا آئي ۽ اسان جي خوشين کي اڏائي وئي.

تون ته خوش آهين نه؟ خدا تو کي هميشه خوش رکي. الائي ڇو، اهڙي وقت ته دوست به دشمنن جهڙو سلوڪ ڪندا آهن. جيئن تون ڪيو. تو سيني کي عيد ڪارڊ ڏنا ۽ مون کي نه ڏئي اهو احساس ڏياريو ته واقعي به اسان جي لاءِ عيد ناهي.

ڪهڙي هي زماني جي اِها ريت جو ماڻهو اسان جي غمن تي مرهم به رکن ٿا ۽ لوڻ به ٻرڪن ٿا. خير، مان تون ڏي ڪارڊ موڪليان ٿي.'

خط سان گڏ تنهنجو ڪارڊ به مليو، جنهن تي خشڪ وڻ جي بيڪ گرائونڊ ۾ لهندڙ سج جي تصوير ٺهيل هئي.

اهو ئي ٿيو جنهن جو مون کي پئو هو، تو ڪارڊ نه ڏيڻ جي ڏک جو اثر ورتو. مان اڳ ۾ پاڻ کي ڏوهي سمجهي رهيو هيس. تنهنجي خط ته مون کي پيشمانيءَ جي پاتال ۾ ڌڪي ڇڏيو.

تو ٻڌايو هو ته، تون ۽ تنهنجي پيٽيوئي گڏجي، عيد لاءِ پنهنجي پيڻ لاءِ نون ڪپڙن جي خريداري ڪئي هئي ۽ اسپتال ۾ ڪيس ڏيکاري چيو هيو ته: 'تون خوش ٿي گهر هلندينءَ ته هي عيد ڏاڍي ڌام ڌوم سان ملهائينداسين. تنهنجي صحت جي خوشي ۽ عيد جي خوشيءَ جو گڏيل مزو ماڻينداسين. پر ايئن نه ٿيو، تون ڪراچيءَ ان لاءِ وئي هئينءَ ته جيئن ٻار اڪيلائي محسوس نه ڪن. تون جڏهن ڪراچيءَ ٻارن سان ڳالهايو هو ته، هنن ٻڌايو هيئه ته: 'اسان هاڻي روئيندا ناهيون. پاپا کي به تنگ نه ڪندا آهيون، پاڻ اسڪول لاءِ تيار ٿيندا آهيون. توهان فڪر نه ڪيو، تون مون وٽ اچي رهي هيئنءَ ۽ تو چيو هو ته: 'واقعي ماءُ کان سواءِ گهر قبرستان آهي.'

شام جو لطيف ڪئمپس جو وايو منڊل سرگم جي سٽن ئي سرن سان ٻُرڻ لڳو هو ڪنهن جڳهه تي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ميڙ ٺاهيو راڳ جي سکيا وٺي رها هيا، ته ٻيا وري ڊرامي جي ريهرسل ڪرڻ ۾ مشغول هيا.

يونيورسٽيءَ جي انتظاميه جي تعاون سان اسان 'ڪلچرل گروپ' طرفان، ٽيلنٽ شو منعقد ڪرڻ جو پروگرام رٿيو هو. ان سلسلي ۾، شام جو ريهرسل ڪرڻ لاءِ سڀئي ميمبرس اچڻ لڳا هيا.

تون به ڳائڻ جي پريڪٽس ڪندي هئينءَ .

غزلن ٻڌائڻ وقت، اسان ٻنهي جون نگاهون ملنديون ئي مسڪرائي ٻهڪي ويندڻيون هيون. هر هنڌ، جڳهه ۽ ماحول جي خوبصورتي ۽ ۾ موسم، ۽ وقت جو وڏو عمل دخل آهي. ڪئمپس، صبح جو گهما گهمي، پچ ڊڪ، ڪل مذاق سان گونجندي هئي ته شام جو خاموشي ورانديءَ لان ۾ گهمندي وتندي هئي. خاموشيءَ جو پنهنجو حسن آهي پراسان جي نئين اپڪوٽي شام جو ڪئمپس کي زنده ڪري ڇڏيو.

شام جو، سونهري اس ۾ لان تي ويهي غزل ٻڌڻ، مختلف ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون پنهنجي ڪردار کي نڀائڻ کان جتن ڪندا هيا. مون کي ڊرامي سيڪشن مليل هيو. ۽ ڊرامو لکڻ کان وٺي، ڊائريڪٽر تائين منهنجي ذميواري هئي. اسان سان گڏ ٻه ٽي استاد به هوندا هيا خاص ڪري نعمان ۽ رزاق صاحب، منور به اسان جي رهنمائي لاءِ ايندو هو. تنهنجيون، منهنجيون، ڪچهريون خوب ٿيڻ لڳيون.اسان ٻئي، هڪ ٻئي ڏانهن وڌندا وياسين .هڪ ڏينهن ڪچهري ڪندي تو پڇيو هو ته :

'تون پنهنجو تصويرن جو البم ته ڏيکار'

'ڇو ايئن نه تو وٽان ڇا؟تصويرون ماڻهون ڪيڊرائيندا ئي ان لاءِ آهن، ته، هر ماڻهو ۽ جي ڪا نه ڪا اينگل خوبصورت هوندي آهي ۽ پوءِ جڏهن تصوير ڏسندو آهي ته پنهنجو پاڻ کي خوبصورت سمجهي ڦوندڻ لڳندو آهي.'

’هرو پرو ايئن ٻه ناهي، ماڻهو وٽ گهڻا فوٽو يادگيري رکڻ لاءِ ٻه هوندا آهن.‘

’اڇا! مون کي خبر نه هئي!‘ ٽوڪ مان مرڪندي توکي چيو هيم.

’مان چواءِ ٿي ته فوٽو ڏيکار.‘

’ڏسڻ چا ٿي چاهين؟‘

’مان ڏسڻ ٿي چاهيان ته تنهنجي البم ۾ ڇوڪرين جا فوٽو ضرور لڳل هوندا، مان انهن ۾ پنهنجو نمبر ٿي ڏسڻ چاهيان.‘

مون کي ڪل اچي وئي، وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندي تون کي چيم:

مان پنهنجي البم ۾ ڇوڪرين جا فوٽو رکندو ئي ناهيان.‘

’ڇو ڇڻ تنهنجي اڳ ڪنهن سان دوستي ئي ناهي رهي؟‘

’انڪار ڪٿي ٿو ڪيان،پر اهي فوٽو البم ۾ رکڻ جا نه هوندا آهن، پر هتي رکڻ جا هوندا آهن.‘ دل تي هٿ رکندي چيم.

’مان ٻه ته اهو ٿي پڇان ته ان البم ۾ منهنجي تصوير ڪهڙي نمبر تي آهي.ايئن ته ناهي ڪٿي تصويرن جي انبار ۾ نظر ئي نه ايندي هجي!‘

مان مرڪندي توکي چيو: ’ايئن ناهي، مڙئي پهرين ٽن نمبرن ۾ تنهنجي تصوير آهي.‘

’سچ!‘

ڇهرو خوشيءَ ۾ ڪڙي پيو هيئہ.

’مان ته فرسٽ پوزيشن ڪٽڻ چاهيندي آهيان.‘

’ڪوشش ڪاميابيءَ جي ڪنجي آهي‘ مرڪندي تو کي چيم.

’ان جي معني ته منور صحيح چوندو آهي.‘ تو ڳنڀير ٿيندي چيو .

’چا چوندو آهي؟‘

’جڏهن مان هن کي چوندي آهيان ته مان ثاقب کي چڱي نموني پڙهي چڪي آهيان. ثاقب منهنجي لاءِ ڪليل ڪتاب آهي. هو چوندو آهي ته اهو صحيح ٻه هجي پر ان ڪتاب جو سرورق ڪوئي ٻيو آهي.مان ضد ڪندي آهيانس ته ايئن ناهي، پر هو پنهنجي ڳالهه تي زور ڏيندو آهي.‘

مان مشڪندي تو کي ٻڌي رهيو هيس.

’نيٺ مان ٻه چيومانس ته ٽائيٽل نه سهي، بيڪ پيج ئي سهي. اهو ٻه ته ڪتاب لاءِ اوترو ئي ضروري هوندو آهي، جيترو ٽائيٽل. ان جي جواب ۾ هو چوندو آهي ته، ها گهڻن ڪتابن جا بيڪ ٽائيٽل جلدي ڦاٽي پوندا آهن. مان تنهنجيون دلچسپ ڳالهيون ٻڌي رهيو هيس. حقيقت ۾ تنهنجي دل ۾ ڪيتري سچائي هئي چا چاهين پئي، اها توکي خبر، پر منهنجي اندر ۾ تنهنجي لاءِ پيار موجود هجڻ سان گڏ، اهو خوف ٻه شامل هوندو هو ته ڪڏهن تنهنجي ذهن ۾، مون سان شاديءَ جي خواهش نه پيدا ٿئي. اها خبر منور کي ٻه هئي، جنهن ڪري، هو، توکي اهڙيون ڳالهيون ٻڌائي، تنهنجي چاهت جي شدت کي گهٽائڻ چاهيندو هو.

پر، مان محسوس ڪري رهيو هيس ته تنهنجي مون ۾ دلچسپي وڌي رهي هئي. مان ٻه توکي پيار ڏئي رهيو هيس، تون پنهنجو پاڻ کي فنڪشن جي سرگرمي ۽ منهنجي چاهت ۾ ايترو گم ڪري ڇڏيو جو، تنهنجو ڏک تنهنجي ڇهري تان متجڻ لڳو هو.

مون کي ايئن لڳو ته مان سرن پچائڻ واري ڪوري ۾ گهري ويو هجان. لاڙڪاڻي مان، مون کي ٽيليفون تي اهو ٻڌايو ويو ته، منهنجي پيٽيوئي کي، انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو وسيڪيولر ڊزيز ۾ داخل ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته، باءِ پاس آپريشن ٿيندي. منهنجو ذهن ٽڪاءَ ڇڏڻ لڳو. مون کي خبر هئي ته اها آپريشن ڪيتري نه خطر ناڪ آهي. سو به پاڪستان ۾، پر اسان وٽ ايترا پئسا ئي نه هيا جو ڪنهن ٻاهرين ملڪ وڃي آپريشن ڪرايون. ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته آپريشن ڪرائڻ ضروري آهي. ڇو جو، ٿنهي شريانين ۾ ڪولسٽرچميل آهي(Stoning )ٿيل آهي ۽ جيڪڏهن دير ڪئي وئي ته رت جو دورو دل ڏانهن ويندو ئي نه. ڊاڪٽرن هفتي کان پوءِ جي تاريخ ڏني آهي. مان بالڪل پريشان ٿي ويس.

منهنجي ذهن ۾ تنهنجي پيڻ جي موت جو نقشو اڀري ويو هو ۽ پوءِ منهنجي ذهن جي پردي تي، اديءَ جو معصوم چهرو اڀري ويو.

ادي اسان جي ماءُ وانگرآهي، ڇو جو امان کان وڌيڪ هن اسان جي پرگهور لڌي هئي. اسان جڏهن ننڍا هوندا هياسين ته امان،اسڪول ۾ سروس ڪندي هئي ۽ بابا آفيس ۾، اسان گهر ۾ ٻارنهن ٻار اڪيلا رهجي ويندا هياسين اسان سيني ۾ ٻن يا ڏيڍ سال جو وقفو مس هيو. ننڍن هجڻ ڪري، اسان جي ڏک سک جو خيال ادي ۽ وڏي ياءُ رحمان کي رکڻو پوندو هيو. گهڻن ٻارن هجڻ ڪري، بابا جي پگهار مان پورت نه پوندي هئي. جنهن ڪري امان کي سروس ڪرڻي پئي هئي. پر پوءِ به اسان جو گذر سفر صحيح نه ٿيندو هو. مهيني جي پوين ڏينهن ۾ اڪثر اسان بکن تي رهندا هياسين ۽ ويلن جا ويلاماني نه کائندا هياسين.

بابا رشوت نه وٺندو هو ۽ ڪنهن کان قرض گهرڻ به پنهنجي توهين سمجهندو هو. هو پنهنجي سڄي خاندان سان وڙهي الڳ ٿيو هو. ان ڪري جو اسان جي ڏاڏي سائين جي ته ان ڏينهن وفات ٿي هئي جنهن ڏينهن بابا ڄائو هو، ان ڪانپوءِ بابا جي چاچي هن جي سنڀال ڪئي ۽ ڏاڏو سکيو رکيائين. ڏاڏي ۽ پنهنجي ملڪيت مان گهڻو حصو بابا جي حوالي ڪيو هيائين. چاچي جي وفات کان پوءِ خاندان جي عورتن سازش ڪري بابا سان وڙهڻ شروع ڪيو. بابا کي ڏاڏو ڏک پهتو ۽ هن چيو ته: 'توهان مون سان صرف ملڪيت جي ڪري وڙهو ٿا، تنهن ڪري هي سموري ملڪيت اوهان کي آئي. مان وڃان ٿو.'

بابا جڏهن الڳ ٿيو ته ان وقت مئٽرڪ پاس ڪري ڪلارڪي ڪندو هو ۽ ٽن ٻارن جو پيءُ هو . ان ڪانپوءِ ڏکيو سکيو گذارڻ لڳو. ٻار وڌيڪ پيدا ٿيندا ويا، هو چوندو هو ته هر هڪ ٻار پنهنجو رزق آڻي ٿو. ان کان علاوه پنهنجي اڪيلي هجڻ ۽ خاندان کان پري هجڻ جو احساس شايد ايئن ختم ڪندو هو ته، هن جو پنهنجو گهر گهڻن ٻاتين سان ڀريل هجي. ٻاتي ته اچي ويا پر رزق ان حساب سان نه مليو. اسان بکيا ڏکيا رهڻ لڳاسين. اسانجي پيڻ انهن مشڪلاتن ۾ به اسان کي کلائيندي رهندي هئي، ڳالهيون ٻڌائيندي هئي.

اديءَ جي شادي ٿي ۽ جڏهن، گهوٽيتا ڪنوار وٺي روانا ٿيا ته اسان جو سمورو گهر 'امام بارگاهه' بڻجي ويو هو. سڀ روئڻ لڳا، ڇڻ سهارو اسان کان دور وڃي رهيو هو. اڄ جڏهن ٻڌم ته، اسانجي پيٽيوئي جي آپريشن آهي ته پريشان ٿي ويس. تو سان به اها ڳالهه نه ڪيم. مان توکي پريشان نه پيو ڪرڻ چاهيان، ڇو جو اڃا مهينو گذريو هو تنهنجي پيڻ کي فوت ٿئي. مان به سٺو اداڪار بڻجي ويو هيس. پنهنجي پريشاني ظاهر نه ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هيس. اسانجي فنڪشن ۾ چار ڏينهن بچيا هيا منهنجي پيٽوئي جي آپريشن ٻئي ڏينهن تي هئي. مان رات جو ڪراچي وڃڻ جو پروگرام ٺاهيو هو.

شام جو ريهرسل ڪرڻ کان پوءِ دوستن کي چيم ته

'مان ٻن ڏينهن لاءِ ڪراچي وڃان ٿو، تنهن ڪري توهان هي ڪم ڪري رکجو، تون به پرسان اچي بيٺي هئينءَ. ڏٺم ته تنهنجو منهن لهي ويو هنن سڀني نه وڃڻ لاءِ ضد ڪيو هو. مون جڏهن ڪين ٻڌايو ته پيٽيوئي جي دل جي آپريشن آهي ته ضرور وڃڻو پوندو. ته سڀ راضي ٿي ويا. تون پريشاني ۽ سواليه نگاهن سان مون کي ڏسندي بس ۾ هلي وئينءَ. وڃڻ ڪانپوءِ تنهنجي ٽيليفون آئي، تنهنجي آواز ۾ اداسي هئي.

'...ڇا ڳالهه آهي ڪراچي ڇو ٿو وڃين؟'

'ٻڌايم نه ته پيٽوئي جي باءِ پاس آهي.'

'اڳ ۾ ته اهڙي ڳالهه نه ڪئي هيئي.'

'مناسب نه سمجهيم ته توکي پريشان ڪيان، تون پاڻ اڳ ۾ ڏکويل ۽ پريشان آهين.'

'تنهنجو ڏک به ته منهنجو آهي.'

'صحيح ٿي چوين، مان تمام گهڻو پوڳيو آهي. ڪنهن سان به پنهنجي پريشانيءَ جو ذڪر نه ڪيو اٿم. گهر به ڪنهن سان نه ڳالهايو اٿم، ايئن چو تو ٿئي؟ اسان پنهي سان ذري گهٽ ساڳي ٽرئجڊي ٿئي ٿي. تنهنجي پيڻ جي موت ۽ پنهنجي پيٽوئي جي آپريشن تي سوچيان ٿو ته اکين جي اڏو اوندهه اچي ٿو وڃي ٿي!'

'هاڻي تون محسوس ڪندو هوندين ته ان موقعي تي دوستن جي ڪيتري شديد ضرورت محسوس ٿئي ٿي. ياد ٿي جڏهن مان ڪراچي وڃي رهي هيس منهنجي پيڻ جي آپريشن هئي ته، تون معمولي ڳالهه تي چڙي ڪاوڙجي پيو هئين ۽ مان پريشان اڳي ئي هيس، ويتر تنهنجو ڏک کڻي ڪراچي وئي هيس.'

'اهو احساس ڏياري بدلو وٺڻ چاهين ٿي؟' ڪاوڙ ۾ چيم.

'نه ايئن ناهي.' گهبرائجي جواب ڏنو هيئه.

مان خاموش رهيس، ته ڳالهايو:

'پر تون مون کي ته ڪجهه ٻڌائين ها، ان ڳالهه جو مون کي ڏک رهندو.'

چا ٻڌايانءِ! هونئن اڄ، سمورو ڏينهن پاڻ کي تتل صحرا ۾ گهمندي محسوس ڪيو اٿم، سج جڻ سوا نيزي تي لهي آيو آهي. ڏکن جي آڪٽوپس جون تنگون منهنجي وجود کي وڪوڙي ويون آهن ۽ مهنجي ذهن جي پردي تي خوفناڪ فلم هلي رهي آهي. ڏک اسان جا بهترين ساٿي آهن. اڄ به اهي مون سان ساڻ آهن. تو ڪڏهن چيو هو ته مان خوفزده رهندو آهيان. خوف علامت آهي ذهانت جي، پر اڄ جو خوف هڪ رشتي ڇڏجڻ جو ۽ ٻين رشتن جي بي سهارا هجڻ جو آهي، اڄ خوف جا نانگ منهنجي بدن تي رڙهي رهيا آهن، ساحره، معاف ڪجانءِ، جيڪڏهن منهنجين ڳالهين ۾ اڄ سلسلو نه هجي. مون کي غمن ۽ خوفن مدهوش ڪري ڇڏيو آهي.'

'نه اَنه !تون ڳالهائيندو رهه '

'مان چاهيان ٿو، اڄ تون منهنجو سهارو بڻج، دعا ڪجانءِ ته ڏکن جي رات جلد ختم ٿئي. ساحره، جهڙي طرح هوا ۽ خوشبو نندي ۾ نندي وٿيءَ مان گذري ايندا آهن. اهڙي ريت ڏک به نندي ۾ نندي وٿيءَ مان گذري اسان جي زندگيءَ ۾ داخل ٿين ٿا، مون کي خوف آهي ته منهنجي پاٽيجن ۽ پاٽيجين جي بي سهارا هجڻ جو ۽ پيڻ جي بيوهه ٿيڻ جو.'

'گهڻا آهن ٻار؟'

'پنج، ساحره الله ڪري ايئن نه ٿئي. پر جيڪڏهن ٿيو ته پوءِ منهنجي ... منهنجي سموري زندگي انهن لاءِ هوندي. مان شادي نه ڪندس.'

'تون چو تو دلبرداشته ٿين، سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.'

'الله ڪري ايئن ٿئي. دعائن ۾ اعتبار نه هوندي به دعائون گهريون اٿم، تون به دعا ڪجانءِ ته اهو ڏکن جو تعزيو منهنجن ڪلهن تان جلدي لهي وڃي.'

'ها منهنجون سڀ نيڪ تمنائون تولاءِ آهن، مان تنهنجي چهري تي خوشيءَ جا رنگ ڏسڻ اينديس. منهنجي پيڻ جو چاليهو ٽئين ڏينهن تي آهي، پوءِ مان اسپتال ضرور اينديس. آپريشن ڪڏهن آهي؟"

'سڀاڻي.'

'مان سڀاڻي رات تي هتان هلنديس. صبح جو ڪراچيءَ پهچي تو وٽ اينديس.'

'مهرباني ، هرو پرو تڪلف نه ڪر.'

'نه نه مون کي اچڻو هوندو ئي آهي. تو وٽ ضرور اينديس.'

ڪراچي ويندي سمورو رستو، منهنجي ذهن، خيالن، فڪرن ۽ خوفن ۾ ڪاراٽيل رهيو. ڪڏهن ڪڏهن، مستقبل جي باري ۾ سوچي منهنجو ذهن خوف جي ڪلاشن ڪوف آڏو هٿيار ڦٽي ڪري بيهي پئي رهيو. جڏهن گهر پهتس ته، سڀ ٻار چوڌاري مڙي آيا. اديءَ کي ڀاڪر پائي گهڻي دير ويٺو رهيس. منهنجي دل روئڻ پئي گهريو پر قابو ڪري ويم. اديءَ جو چهرو تمام پر اعتماد نظر آيو. حال احوال ونڊندي، خوش خير عافيت ڪندي ڪلندي ٻه رهي، مون کي ٻه اعتماد اچي ويو ۽ خوشي ٿي ته، ادي پنهنجو پاڻ کي ڪنٽرول ڪري خوش رکيو آهي.

ٻي ڏينهن تي اسپتال ۾ پهچي گهٻرائجي ويس. آپريشن شروع ٿي چڪي هئي. سمورو وقت سيئي مٽ مائٽ ٻاهر پريشان ويٺا هياسين. ذهن سيني جا ڳالهائن پيا، چپ خاموش هيا. ڪوئي ٻه ڪنهن سان نه ڳالهائي سگهيو پئي. جيڪڏهن ڪو هاسپيٽل اندران اچي پيو ته، سيني جو ڌيان ان طرف پئي ويو. ڄڻ ذهني طرح پنهنجو پاڻ کي بري خبر ٻڌڻ لاءِ تيار ڪري رهيا هيا. ڇئن پنجن ڪلاڪن جي آپريشن کانپوءِ، اها خوشخبري ٻڌي سين ته آپريشن سهڻي نموني ٿي وئي. ايئن ٻڌڻ سان سيني پنهنجن ساهه جي گهوڙي جي رڳن کي ڍلو ڇڏيو. پيٽوئي کي انتهائي نگهداشت واري يونٽ ۾ نيو ويو ۽ اسان کي ٻڌايو ويو ته ڪوئي ٻه هن سان ملاقات ڪري نه ٿو سگهي. اديءَ جي اکين ۾ خوشيءَ جا ڳوڙها اچي ويا ۽ ٽڪ لهڻ جا آثار نظر آيا.

ٻي ڏينهن شام واري ٽائيم تي، جڏهن سڀ مٽ مائٽ پنهنجن مريضن سان ملڻ ايندا آهن.تون ٻه آئينءَ ناسي وڳي ۾ وار کولي، هٿن ۾ گل آندا هيئي. مان جڏهن توکي ٻڌايو ته آپريشن ڪاميابيءَ سان ٿي وئي آهي. ۽ پيٽيويو اڃان I.C.U ۾ آهي ته، تون پريشان ٿي چيو ته، ڇو ايترو وقت رکيو اٿئون؟ اسان جي پيڻ ته صرف 10 ڪلاڪ I.C.U ۾ رهي هئي. مان جڏهن تون کي ٻڌايو ته، اها والوِ(Valve)جي آپريشن هئي ۽ هي ٻاءِ پاس آهي. اهو ٻڌڻ سان تون ڪجهه مطمئن ٿي وئين. پاڻ سان آندل گل، اديءَ کي ڏيندي چيئهِ ته 'انشاءَ الله توهان جو ورُ جلد ئي توهان سان ملندو.' اديءَ تنهنجا ٿورا مڃيا.

ٻاهر نڪري، هاسپيٽل جي خوبصورت لان ۾ ويٺا هياسي. اسان جي چوڌاري ٻار، مايون ۽ مرد ويٺا هيا. ۽ اهي مريض ڪجهه بهتر ٿيا هيا. اهي ٻاهر اچي پنهنجن مٽن سان ڪچهري ڪري رهيا ها. تو ويهندي اسپتال جي عمارت کي ڏسي اکين ۾ آيل ڳوڙهن کي اگهندي چيو: 'هي ئي هاسپيٽل آهي، جنهن ۾ اُن رات ڄڻ منهنجو لاڏاڻو ٿيو هو.'

ڪجهه دير خاموشيءَ کان پوءِ تو چيو: 'هتان هلون.'

مان، تنهنجن احساسن کي سمجهي چڪو هيس. آهستي آهستي گهمندا انسٽيٽوٽ کان ٻاهر نڪري رهيا هياسين ته سامهون جناح هاسپيٽل ۾ ايمبولنس سائرن وڄائيندي داخل ٿي.

'مانِ ايمبولنس جي سائرن کان ڊڄندي هيس. جڏهن ٻه ايمبولنس گذرندي هئي ته مان اکيون بند ڪري ڇڏيندي هيس، پرجڏهن کان اهڙي ئي ايمبولنس ۾ سائرن وڄائيندي، هتان اديءَ جو لاش ڪٺائي گهر ويا هياسي. ان وقت کان وٽي ڪوئي ٻه اثر نه ٿيندو آهي.'

ٻاهر نڪري ٿورو اڳتي وڃي هڪري ڪول ڪارنر تي ويٺاسي، هميشه جيان سن ڪس تنهنجي لاءِ اچي وئي ۽ ببل اپ منهنجي لاءِ . ڳالهين ڪندي تو ٻڌايو يونيورسٽيءَ وارو ته فنڪشن ڪجهه ڏينهن لاءِ ملتوي ڪيو ويو آهي، خاص مهمان اچڻ جي تاريخ ۾ تبديلي ڪئي هئي. تون اڃان تائين سنجيده هئينءَ تنهنجين اکين ۾ ماضي جي فلم هلي رهي هئي.

'مان مئل ماڻهو نه ڏسندي هيس، پر جڏهن ادي جو لاش سڄي رات منهنجي آڏو پيو رهيو ۽ غسل وقت، مان هن جي نيل پالش رموو Remove ڪئي. ان کانپوءِ مان ٻه مردو ٻٽي وئي آهيان،'

تنهنجي آڏو منهنجي تصوير ڏنڌلي ٿي وئي هئي.

ماحول ڳنڀير ٿي ويو هو، ڪجهه وقت هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندو رهيس. تنهنجو موڊ گهڻي حد تائين ٺيڪ ٿي ويو هو. سن ڪس Sun Kiss کي ڪس ڪندي تو چيو:

'هڪ تو ۾ خراب ڳالهه آهي. تون ڪنهن سان ٻه سچو ناهين.'

تنهنجي جملي تنهنجي تير مون کي وائڙو ڪري ڇڏيو ۽ پڇيم:

'توکي اهي لفظ چوندي ڪجهه خيال نہ ٿيو. تون آخر اهي لفظ ڪيئن ٿي چئين؟' مان پنهنجي ڏک ۽ رنج کي گيت ڏئي لاٿو .

'تون ڪنهن سان بہ محبت نہ ٿو ڪرين. صرف محبت جو ڊونگ رچائي، ٻين کي بي وقوف بڻائي تسڪين وٺين ٿو.' مان هاڻي تنهنجو مطلب سمجهي چڪو هيس.

'تون شايد ان ڪري چئين رهي آهين تہ، مان هن مهل تائين ڪنهن سان بہ محبت جو اظهار نہ ڪيو آهي.'

'پنهنجن عملن، ۽ ڳالهائڻ جي اندازن، مان اهو محسوس ڪرائيندو آهين تہ،تون محبت ڪرين ٿو، پر زبان چپ رهندي ٿي ۽ جڏهن اڳلو اڳتي وڌندو آهي تہ هن کي ناسمجهي ۽ جو طعنو ڏئي، خاموش ڪري ڇڏيندو آهين.'

'تون غلطيءَ تي آهين. فزينڪ آهيان، باقي ان معاملي ۾ مان مطمئن آهيان تہ مان ڪنهن سان بہ فراڊ نہ ڪيو آهي، دوکو نہ ڪيو آهي. جيڪو ڪجهه چوڻو هوندو آهي، منهن تي چوندو آهيان. تون ئي ٻڌاءِ هن مهل تائين، تو سان ڪهڙو دوکو ڪيو آهي؟'

'ڪو بہ نہ !'

'پوءِ چو ٿي ايئن چئين .شايد، توکي ذهن ۾ اهو هجي تہ مان شاديءَ جي ڏتي ۾ سنگت رکندو آهيان، تہ اها تنهنجي ڀل آهي. توکي ڪيترا دفعا واضح لفظن ۾ چيو اٿم تہ، شادي نہ آهي ڪرڻي. دوستي رکڻي اٿئي تہ ايئن رک. ٻڌاءِ ايئن آهي يا نہ!؟' مان جذباتي ٿي ويو هيس.

تو مرڪندي مون کي چيو.

'مان ڏسڻ پئي چاهيو تہ تنهنجا ان باري ۾ ڪهڙا خيال آهن. مان ٻي کي ڪاوڙ ڏياري سچ ٻڌڻ چاهيندي آهيان.'

مان خاموش ٿي ويس. منهنجون رڳون ٽاڻجي ويون هيون .تو سمجهي ورتو هو. تنهن ڪري پنهنجن ڪليل وارن کي ترڪيءَ تي پکيڙي، ان جي مٿان بوتل رکي مون کي باادب نموني پيش ڪيئي. تنهنجين اکين ۾ پيار ۽ شرارت جا ٽاندا چمڪي رهياهيا. مان بہ بوتل پي،آهستي آهستي نارمل ٿي ويس.

دوست کي گاڏي آڻڻ لاءِ چيو هيم. چڱي رات ٿي وئي هئي. هو نہ پهتو هو، توکي گهر وڃڻ جي پريشاني وڌندي وئي. نيٺ مان توکي ٽيڪسي ۾ گهر ڇڏڻ ويس. ٽيڪسيءَ ۾ ٻئي ڇتا پوئين سيٽ تي ويٺا سين، رستي ۾، سمنڊ جي گهميل هوا، تنهنجن وارن کي پريشان ڪري رهي هئي. تون سمورو عرصو مون کي ڏسندي رهينءَ. اسان جا چپ، چُپ ئي رهيا. ان سان گڏ هٿ، بہ، چو جو ٽيڪسيءَ واري اندريون بلب ٻاري ڇڏيو هو. مان تو کي ڪن ۾ سرٻاٽ ڪئي:

'ڪيڏو ظلم آهي اسان سان اوهان جي محفل ۾، توهان جي اڏنڊڙ وارن کي ٽيڪ ڪجي تہ ڪيئن ڪجي.'

مرڪي پئين هئينءَ، تنهنجون اکيون انڊيڪيٽر بڻجي ويون، مان وري تو کي چيو:

'تون جيڪو چاهين ٿي، اهو ناممڪن آهي. هن ماحول ۾.'

لڄ واري مرڪ سان ڪنڌ جهڪائي ڇڏيئہ. موڪلائڻ مهل هڪ ڏينهن پوءِ اچڻ جو واعدو ڪري هلي وئين، جو ٻئي ڏينهن تنهنجي پيڻ جو چاليهو هو.

بئي ڏينهن تي تنهنجو گهڻو انتظار ڪيم، پر نه آئينءَ. ڏاڍو ڏک پهتو ۽ ڪاوڙ آئي، منهنجون نظرون سمورو وقت گيٽ تي ڪتل هيون. پر اهي اڪيليون ئي رهيون ۽ مان انتظار به لاهي ڇڏيو. ان لاءِ جو، توکي خيرپور وڃڻو هيو.

ٽئين ڏينهن تي اوچتو شام جو تون اچي وئينءَ، مان ان وقت پيٽيوي کي رت ڏئي آيو هيس ۽ بينچ تي بابا سان گڏ ويٺو هيس ته تون اچي پهتينءَ. بابا سان تنهنجو تعارف ڪرايم ته تون پينٽنگ، ڳائڻ سان گڏ لکندي به سٺو آهين. تون مون ڏانهن اشارو ڪندي بابا کي چيو ’توهان هن شخص کي سڃاڻو ٿا.‘ بابا تو کي مذاق مان چيو.

’پٽ ، مان هن جي پيءُ کي به سڃاڻان، هي ڇا هي؟‘

تون ڪنڌ پوئتي ڪندي، منهن مٿي ڪري ٺهڪ ڏنا. پاڻ سان آندل شاپنگ بيگ مان مون کي ٽوال وارو رومال ڪڍي ڏيندي چيئي ته: سڌو صدر کان پئي اچان، تنهنجي لاءِ وٺندي آيس، خبر هئي ته پگهر توکي پريشان ڪيو هوندو. مون ڏانهن رومال وڌائيندي، جڏهن ڏٺئه ته بابا سائين اسان کي نه ڏسي رهيو آهي، ته تون اشارو ڪندي ۽ اکين کي ڇڪيندي، اظهار ڪيو ته، تنهنجي رئي سان پگهر اگهان. مان ڳالهه سمجهي ته هئي، پر توکي تنگ ڪرڻ لاءِ وڏي آواز ۾ پڇيو هيم ته

’ڇاتي چئين ؟‘

بابا اسان ڏانهن ڏٺو، ڪاوڙ مان سوڌيو وجهي چيئه: ’ڪجهه به نه.‘ تون بابا سان گڏ ويهي رهينءَ ۽ منهنجي شڪايت ڪندي چيئيس ته: ’توهان هن کي يونيورسٽي پڙهڻ لاءِ موڪليو آهي، پر هي سڄو ڏينهن رلي پني تو ۽ ڇوڪرين جي پويان گهمندو وتي ٿو. توهان ڪجهه سمجهايوس.‘ تون مرڪندي منهنجي منهن کي ڏٺو ته ڪهڙا تاثرات آهن، پر مان

مرڪي رهيو هيس. بابا توکي جواب ڏنو ته ’پٽ هي ڇوڪرين جي پٺيان رلي ٿو، ان ۾ ڪجهه شڪ آهي، ڇو جو هاڻي ته مان ڏسان ٿو ته ڇوڪري هن جي پويان رلي ٿي.‘ تون بابا جو جواب ٻڌي لڄي ٿئينءَ. بابا، اسان جو سٺو دوست آهي، هن کي اسان جي سيني حرڪتن جي گهڻي حد تائين خبر آهي. تنهن ڪري تنهنجين ڳالهين ڪو خاص اثر نه ڇڏيو. مان توکي ۽ بابا کي ڇڏي وارڊ ۾ ويس ته متان ڪنهن شيءِ جي ضرورت هجي. موٽي آيم، حسب دستور تون وڏي آواز ۽ تکڙي اسپيڊ ۾ بابا سان ڳالهائي رهي هئينءَ، خبر ناهي تون بابا سان ڪهڙيون ڳالهيون ڪيون هيون، مان جڏهن پهتس ته بابا تون کي چئي رهيو هو: ’تون لکي سٺو سگهندي هوندين، خاص ڪري نثر.‘

مان به تنهنجي پر ۾ بينچ تي اچي ويٺس، تو بابا کان پڇيو ته ’هن جون ڪهاڻيون ڪڏهن پڙهيون اٿئو؟‘

بابا هرويرو اٽڪاڻ ٻڌندي سوال ڪندي توکان پڇيو: ’هي به ڪهاڻيون لکندو آهي ڇا؟‘

’ها لکندو ته آهي، پر سڄي ڪهاڻي ڇوڪري ٻڌائيندي اٿس. ويندي ڪهاڻيءَ جي پڄاڻي به، ۽ پوءِ هي ڪهاڻي لکڻ لاءِ پي ڇوڪري.‘ تون پراعتماد نظرن سان بابا کي ڏٺو ته هاڻي ضرور مون کي دڙڪا ملندا. بابا ورندي ڏنئه ته: ’هن جا افعال ته صفا پيءُ وارا آهن.‘ سڀ ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳاسين بابا اسپتال مان وڃڻ لڳو . اتي اسپتال ۾ هڪ هائوس جاب ڪندڙ ڊاڪٽر واقفڪار هيو. تنهن مون کي چيو ته: ’ايئن گهمندو تو وتي، توري دير اڳ رت ڏني اٿي، ڪجهه وقت آرام ڪر. طاقت وٺڻ لاءِ ڪو جوس وغيره پيءُ.‘ مان توڏانهن ڏسندي ڊاڪٽر کي جواب ڏنو ’ڊاڪٽر صاحب! اهڙن ٽانڪ جي ضرورت آهي ڇا؟‘

’نه بالڪل نه.‘ ڊاڪٽر مرڪندي هليو ويو. تو جهيڙو ڪيو ته مان توکي رت ڏيڻ جو نه ٻڌايو، مون تو کي چيو ته ضروري ته نه هيو. پوءِ منهنجو ڪف مٿي ڪري، منهنجي ٻانهن ۾ رت نڪرڻ ڪانپوءِ پيدا ٿيل نشان کي پنهنجي هٿ سان مساج ڪندي رهينءَ. تون جوس پيئڻ لاءِ زور ڀريو، مون توکي مرڪندي چيو ته: جنهن جوس جي مون کي ضرورت آهي، اهو هتي ڪول ڪارنر تي موجود ئي ڪونهي. تون به چپ ٿي وئينءَ. تون مون کي چيو ته هتان اٿي ته ڪنڌ واري بينچ تي ويهون ٿا. اتي هوا گهڻي ايندي آهي. مان اڪثر اديءَ کي ويل چيئر تي وٺي اتي ويهندي هيس. اسان خوب ڳالهيون ڪندا هياسين پنهنجي زماني جون، هتان لهندڙ

ماڻهن تي تبصرا ڪندا هياسين. مان جڏهن گهران ايندي هيس ته، ادي ويل چيئر تي ٽيرس تي گهمندي هئي ۽ مون کي ڏسندي، هٿ مٿي ڪري وش ڪندي هئي.'تون سنجيده ٿي وئينءَ ۽ مان توکي خاموشيءَ سان ڏسندو رهيس.

'رات جو چانڊوڪيءَ ۾ ٽيرس تي ويهي ڪچهري ڪرڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو هو. مرڻ کان هڪ ڏينهن اديءَ منهنجو هٿ، پنهنجي هٿ ۾ جهليندي چيو هو ته. منهنجي مرڻ کان پوءِ پارن جو خيال رکجانءِ. مان ڪيس آٿت ڏيندي چيو ته هاڻي اهڙيون ڳالهيون نه ڪرڻ ڪين. آپريشن ڪامياب وئي آهي، بس ٻن ٽن ڏينهن ۾ گهر ۾ خوشيون ملهائينداسين. ادي خاموش رهي، ۽ ٻي ڏينهن تي رت ۾ ڪلاٽنگ Clotting ٿي ۽ هو هلي وئي. ان وقت مان سيني ڏانهن ٽيليفون ڪيم پي، پهرين ڪال تو ڏانهن ڪئي هيم.'

تنهنجين اکين جون ڪندبون جرڪڻ لڳيون، مان توکي اٿڻ جو آشارو ڪيو ۽ ٻئي ڄڻا هاسپيٽل جي روڊن تي گهمڻ لڳاسين. گهڻي دير کان پوءِ تنهنجو موڊ ٺيڪ ٿيو، ۽ فوٽ پاٿ تي اچي ويٺاسين. اسان جي مٿان گل مهر جو وڻ هيو. ٽيوب لائٽ جي روشني هلڪي هلڪي اتي پهچي رهي هئي. اسان ٻنهي جا هٿ ملي ويا، تون اکين ۾ ڏسندي چيو: 'هڪ سوال اڃا اڻپورو آهي ته، تون مون کان خوفزده ڇو رهندو آهي. سدائين ڳالهين ڪندي خاموش ٿي ويندو آهين. ڇڻ ڪجهه لڪائيندو آهين.'

'اڄ سچي ڳالهه ٻڌايانءِ ته، مان توکي پيار ڪندي، محتاط ان ڪري ٿي ويندو آهيان جو مون کي خوف هوندو آهي ته منهنجي مڪمل موت ڏيڻ سان، تون منهنجي جيون ۾ گهري ايندينءَ. مون مان وڏيون اميدون رکندينءَ. تنهن ڪري اڳتي وڌڻ ئي نه چاهيندو آهيان. ڇو جو مون کي گهر جون مجبوريون اجان شاديءَ لاءِ اجازت نه ٿيون ڏين.'

'تو کي اڳ ۾ به چيو اٿم ته مان توسان شادي نه ڪنديس. باقي منهنجي هڪ خواهش آهي ته، منهنجي تو وٽ حيثيت هجي. پوءِ ڪهڙي به روپ ۾، تون شادي ٻئي ڇوڪري سان ڪجانءِ مان توسان شادي ڪري، پس منظر ۾ رهڻ نه ٿي چاهيان. مان تنهنجي زندگيءَ جي ڪينواس تي آبجيڪٽ بڻجي رهڻ چاهيان ٿي، باقي ، البم ۾ تصوير سٺي نمبر تي هجڻ کپي.' التجائي نگاهن سان چيو هيئءَ: مون کي تنهنجي چاهت ۽ خواهش تي پيار اچي ويو ۽ ورنديءَ ۾ چيم: 'اڄ بي خوف ٿي توکي ٻڌايان ٿو ته تون البم ۾ پهرين نمبر تي آهين.'

تنهنجي خوشيءَ جي حد نه رهي، هاڻي مون کي ايم، ايس، سي .M.S.C ۾ فرسٽ پوزيشن کڻڻ جي ضرورت ناهي. منهنجي لاءِ هي ۽ فرسٽ پوزيشن گهڻي سٺي آهي. مان هونئن به ڪلچرل گروپ ۾ تنهنجي جوائنٽ سيڪريٽري آهيان، ته زندگيءَ جي سفر ۾ تنهنجي جوائنٽ سيڪريٽري رهڻ تي خوشي آهي،تون ڏاڍو خوش هئينءَ. ان وقت منهنجو دوست نادر اچي ويو. ان جي گاڏيءَ تي توکي تنهنجي گهر ڇڏڻ هلياسين. رات جا ٻَوَ ٿي رهيا هيا. تون ۽ مان پوئتان ويٺاسين، ٿورو گاڏي اڳتي هلي ته تون، منهنجي ڪف کي مٿي ڪئي، رت ڪڍڻ واري جڳهه تي چپن جي ٺاڪور ڪرڻ لڳينءَ ۽ پوءِ طاقت حاصل ڪرڻ لاءِ جوس پي ورتو.

رستي تي سنگنل وٽ گاڏي بيٺي ته مان ڇوڪري کان گجرو ورتو ۽ توکي پائڻ لاءِ ڇيم. مون کي ڪارن وارن ۾ گجرو خوبصورت لڳندو آهي. تون پنهنجي آبشارن جهڙن ڊ گهن وارن ۾ گجرو پائي ۽ هٿن ۾ گلن جو ڪنگڻ پهري مرڪي مون ڏانهن ڏٺو ته منهنجي اندر ۾ هزارين رابيل جا گل ٽڙي پيا. ۽ پوءِ منهنجو ۽ تنهنجو سمورو وجود به رابيل جي مهڪار سان واسجي ويو هو. تنهنجي رضامنديءَ سان ڪلفٽن تي هليا هياسين. سمنڊ جي ڪناري، پٿرن تي ويهي لهرن کي ڏسندي تو چيو ته: 'ڪاري رات ۾ لهرن جي گج ڏسي ۽ شور ٻڌي لڳندو آهي ته، سمنڊ ۾ ساهه پئجي ويو آهي، ڪنهن بي چين عاشق جو.'

سمنڊ جي لهرن جي موسيقيءَ تي تنهنجو مڌر آواز گونجڻ لڳو هو.

'ڪبهي هم بهي خوبصورت ٿهي، ڪتابون مين بسي خوشبو کي مانند.'

۽ پوءِ توکي گهر ڇڏي آياسين.گاڏي ۽ مان لهڻ وقت، تو گجرو ۽ ڪنگڻ مون کي ڏنو. ساري رات، منهنجي سيني تي رکيل گلن ۽ تنهنجي بدن جي جهٽيل خوشبو، ساهن ۾ سرهاڻ پکيڙيندي رهي. تون صبح جو خيرپور رواني ٿي وئي هئينءَ.

منهنجو پيٽيويو ڪجھ بهتر ٿي عام وارڊ اچي ويو ته مان به خيرپور لاءِ روانو ٿي ويس. جنهن ڏينهن شام جو پهتس ته تون انتظار ڪري رهي هيئين؛ توکي خبر هئي ته مان اچڻو آهيان. ان وقت ريهرسل ٿي رهي هئي. وري سيني گڏجي پروگرام کي آخري شڪل ڏني.

پروگرام ۾ تيارين ۾، گهڻو وقت صرف ٿيڻ لڳو. اسان ٻنهي جي موجودگي هر ڪميٽيءَ ۾ هئي. تنهن ڪري سڄو ڏينهن ڪم ۾ مصروف رهون پيا. پروگرام ٿيڻ ۾ صرف هڪ ڏينهن وڃي بچيو هو. ان ڏينهن اسان حد کان وڌيڪ مصروف رهياسين. اسٽيج ٺاهڻ، وري ريهرسل ڪرڻ، پروگرام ارينج ڪرڻ ته آئٽم ڪهڙي سلسلي جا هجن. اهو سمورو ڪم ڪندي ٿڪجي پيو هيم. جنهن ڪمري ۾ ريهرسل ٿي رهي هئي، اتي ٿڪجي ٽٽي اچي ويٺس ته تون به پر ۾ اچي ويٺي هئينءَ. مان تو کي چٽ لکي ڏني: 'جيڪڏهن مرڪي ڏسندينءَ ته منهنجو سمورو ٿڪ لهي ويندو.' ائين ماڻهن جي منهن تي چٽ ڏيڻ خراب پئي لڳي، تنهن ڪري بهانو بڻائيندي، توکي چٽي ڏيندي چيم ته: 'هي ڪجھ ضروري سامان آهي. شام جو اچو ته ونندا اچجو.' تون سنجيدگي سان چٽي ورتي، پر پڙهڻ کانپوءِ تنهنجو منهن مرڪي پيو. ۽ ماڻهن جي نظرن کان لکي منهنجي هٿ تي ڇهندي پاتئي ته سچ پچ ٿڪ لهي پيا.

شام جي پڇاڙي ۽ رات جي شروعات ٿي ته گروپ جي سمورن فنڪارن اچي ڊريس ۾قطارن ۾ بيهي سرگم ڳائڻ شروع ڪيو هو. ان کان اڳ ۾ طوفان جي صوتي اثر سان اسٽيج جو پردو کلڻ لڳو. طبلي جي آواز ۽ پوءِ سرگم سان پردو کلندو ويو. اها هئي، اسانجي سنگيت جي سفر جي شروعات. تون به غزل ڳايو، جنهن جو مفهوم ڪجھ ائين هيو ته: 'هو اسان جي محفل ۾آيو آهي، پڌو اٿم ته ان سان ڳالهيون ٿينديون.' ان محفل ۾ تنهنجو پيٽيويو به آيو هو. غزل ڳائيندي ڪڏهن ڪڏهن تنهنجون نظرون ان طرف کڃي پئي ويون.

پروگرام ڏاڍو ڪامياب رهيو، سڀ مهمان خاص ۽ صدر صاحب، ٻئي گهڻا خوش ٿيا. رات يارنهن وڳي محفل پڇاڙيءَ تي پهتي. تون ان ڏينهن وار کولي، ۽ ڳاڙهن ڪپڙن ۾ خوبصورت بڻجي آئي هئينءَ. پروگرام کانپوءِ جڏهن سڀ هليا ويا ته تون، مان ۽ منور اڪيلا رهجي وياسي، ٻين ورڪرن کي ماني کائڻ لاءِ مهلت ڏني. اسان ٽئي صوفا سيٽ تي ويهي رهياسين. مان ٿڪجي پيو هيس، تنهن ڪري تنهنجي پر ۾ پيل صوفي تي ليٽي پيم. تون منهنجي وارن ۾ آڱريون ڦيريندي رهينءَ ۽ منور سان ڳالهائيندي رهينءَ. مان ڪجھ دير کان پوءِ وڃي اسٽيج تي ويٺس ۽ هارمونيم تي ڳائڻ لڳس. منور سان ڳالهائيندي ڳالهائيندي تون روئي ويٺينءَ ۽ پنهنجا ڳوڙها اگهندي مون ڏي مرڪي ڏٺئه. مان پڇڻ مناسب نه سمجهيو ۽ پري تي ويٺو رهيم ته جيئن توکي جيڪي ڪجھ ڳالهائڻو آهي، ڳالهائي وٺئين. ڪافي دير گذري ويئي. دوست واپس ئي نه وريا، توکي گهر وڃڻ ۾ دير ٿي رهي هئي. مان رزاق صاحب جي روم تي وڃي ان کي گاڏي لاءِ چيو. گاڏي هٿ ڪري ڏني ۽ تنهنجي منهن تان پريشاني ختم ٿي وئي. ڇو جو تو کي گهر جو خيال ٿي رهيو هو. ٻئي ڄڻا تو کي گهر ڇڏي آياسي.

واپس جڏهن ڪمري تي آياسين ته، مون منور کان تنهنجي روئڻ جو سبب پڇيو، جنهن ٻڌايو ته: تون ڳالهين ڪندي چيو ته مان خوشيون سميٽڻ چاهيان ٿي.جيتريون به خوشيون ملن اهي سميٽي وٺان. تنهن تي منور توکان پڇيو ته: تون ٻه ته دفعا اهڙي ڳالھ ڪئي آهي.سبب ڪهڙو آهي؟ تون روئندي جواب ڏنو ته جلدي خبر پئجي ويندي. منور توکي ڪجھ ديرخاموش رهڻ کان پوءِ چيو: ٿي سگهي ٿو ته مان غلط هجان. پر ڪجھ ڏينهن کان تنهنجين ڳالهين مان اندازو لڳيو اٿم. جيڪڏهن غلط هجان ته معاف ڪجانءِ، مان سمجهان ٿو ته، تون پنهنجي پيٽيويي سان شادي ڪري رهي آهين. تنهنجي اکين مان ڳوڙها وهڻ شروع ٿيا ۽ پوءِ تون روئندي منور کي ٻڌايو ته: مان قرباني ڏيان ٿي پنهنجي ڀيڻ لاءِ ۽ ان جي ٻارن ۽ پنهنجي پيءُ ماءُ لاءِ. تنهن تي منور توکي چيو ته تنهنجو فيصلو غلط آهي. جنهن تي تون چڙي چيو ته: مان صحيح فيصلو ڪيو آهي. ضرور ڪنديس.

تون منور سان منهنجي شڪايت ڪئي ته: ’هو منهنجن احساسن کي سمجهي ئي نه ٿو.... ڏسو توهان مون کي منجهيل ڏسي پڇيو پر هن اجان تائين پڇيو به ناهي.‘

منور جي پڌائڻ تي مان پريشان ٿي ويس. ڇو جو تنهنجي فيصلي ۾ قرباني جو جزو غلط هيو. مون کي ڪاوڙ به آئي ته، تون مون کي اها ڳالهه ڇو نه پڌائي. مان ته تنهنجين ڳالهين مان گهڻي وقت کان اندازو لڳايو هو، پر ڇئي نه پيو سگهان ته متان مان غلط هجان ۽ توکي ڏک پهچي.

صبح جو اسان جي ڪلاس جي پڪنڪ هئي اتي واهه ۾ وهنجندي، جڏهن ڪناري تي ويٺم ته، اسان جي ڊپارٽمينٽ جي چيئرمين، مبارڪباد ڏني ته اسانجو فنڪشن ڪامياب ويو. هن اهو به چيو ته: پڌو آهي ته توهان جي جوائنٽ سيڪريٽري نيو جنريشن مان اولڊ جنريشن ۾ وڃي رهي آهي.‘ مان لاعلميءَ جو اظهار ڪيو.

مون کي تمام گهڻي ڪاوڙ آئي .ان ڪري جو، سموري جڳ کي خبر هئي ۽ تو مون کان لڪايو هو. منهنجي پڪنڪ جو مزو خراب ٿي ويو، اتي ئي ويهي توڏانهن خط لکيم. جنهن ۾ اها ئي ڳالهه لکيم ته تون، مون کي دوستيءَ جي لائق نه سمجهيو ۽ مون کي پاڳي پائيوار نه ڪيو ٿي. سمورو وقت موڊ خراب رهيو.



منور جي بدلي ڪراچيءَ ٿي وئي جنهن جو مون کي گهڻو ڏک پهتو. ڇو جو، منور منهنجو يارِ غار هيو. خيرپور ۾ جنهن شخص سان گهڻي مِٽ محبت ٿي، اهو منور هو. مان پنهنجو هر ڏک ۽ سک ان کي پڌائيندو هيس.

هن جي بدلي ٿيڻ سان مون کي اڪيلائپ جو احساس تمام گهڻو ٿيو. منور جي بدلي جو ڏک ۽ تنهنجي بداعتمادي ۽ شيئر نه ڪرڻ جو ڏک، سموري رات پاسا ورائيندي گذرڻ لڳي ته، مان ٽيپ ريڪاڊ تي ڪيسٽ ريڪاڊ ڪئي، جنهن ۾ اهو ريڪارڊ ڪيم، ته: منور جي وڃڻ ڪانپوءِ مان بالڪل تنها محسوس ڪيان ٿو، مون کي جيڪڏهن، ڪنهن شخص خيرپور ۾ رهڻ جو ڏنگ سيکاريو ۽حوصلو ڏنو اهو صرف منور هيو. مان پنهنجو هر ڏک سک ان سان شيئر ڪندوهيس. تون به منهنجي سٺي دوست هيئڻ، توسان به گهڻي حد تائين ڳالهيون ڪري سگهندو هيس. پر، تون دوستيءَ جي جذبي جي توهين ڪئي آهي ۽ پنهنجي ڳالهه لڪائي آهي. خبر ناهي اسان جي دوستيءَ جي پٽ ۾ ڏار ڇو پئجي ويا آهن؟ مون کي، تو مان اها اميد هرگز نه هئي. مون کي ڪنهن به قسم جو اعتراض ناهي. پر، ڏک صرف اهو آهي ته، تو، مون کي، ان لائق نه سمجهيو ته پنهنجي زندگي جي اهم فيصلي ۾ مون کان راءِ وٺين. مون کي چاندوڪي رات ۽ سانجهيءَ جي وقت واري پريشانيءَ ختم ڪري ڇڏيندي.

توکي به، پريشاني ٿي ۽ ڪنهن حد تائين شرمندگي به ته تو واقعي به اها ڳالهه مون کان لڪائي هئي. پر، جيئن هر ڳالهه جو جواز هوندو آهي. تو وٽ به جواب موجود هيو جيڪو ڪيسٽ ۾ رڪارڊ ڪري موڪليو هيئڻ.

’تون جيڪو منهنجي دوستيءَ تي شڪ ڪيو آهي اهو صحيح نه آهي. مان پوري ڳالهه ان ڪري نه پڌائي جو مون کي يقين هو ته اها ڳالهه پڌائيندي، منهنجا ڳوڙها ضرور وهن ها. مان نه پئي چاهيان ته منهنجن ڳوڙهن جي ڪري منهنجو سٺو دوست، هڪ اهڙو شخص جنهن

کي مان زندگيءَ ۾ سڀ ڪان وڌيڪ چاهيو هو منهنجي ڪري پريشان ٿي. هن جي، راتين جي ننڊ منهنجي ڪري ڦٽي. منهنجي ڪري هو گهٽيون خوشيون انجواءِ نہ ڪري سگهي. مان چاهيان ٿي تہ، مان جتي بہ رهان، ڪيئن بہ هجان، تون هميشہ خوش رهين.

ساحره جا ڳوڙها، توکي ڪڏهن بہ پريشان نہ ڪن.

مون کي يقين آهي تہ تون جتي بہ هوندين، منهنجو هوندين. مون کي پڪ آهي تہ، تنهنجي چهري تي خوشي، منهنجي ڪري هوندي تنهنجي دل منهنجي نالي تي ئي ڌڙڪندي، ان لاءِ جو مان توکي ايترو چاهيو آهي، جيترو ٻي ڪنهن بہ توکي نہ چاهيو هوندو.

تون منهنجي دوستيءَ جي شڪايت ڪئي آهي ۽ چيو تہ، دوستيءَ جي ديوار ۾ ڏار پئجي ويا آهن. اها ڳالهہ بالڪل غلط آهي پوءِ اها منهنجي بزدلي سمجهہ، يا منهنجي ڳوڙهن جي مجبوري جو مان اها ڳالهہ توسان نہ ڪري سگهيس.

تو وانگر، مون بہ منور کي مس ڪيو آهي، منهنجي بہ منور سان دوستي هئي، ۽ اها تنهنجي حوالي سان ئي هئي. مون کي يقين آهي تہ هن شهر ۾ مون کي جڏهن بہ ڳوڙها جي ضرورت پئي تہ بہ ڪلها آهن جن تي ڪنڌ رکي اهي ڳوڙها وهائي سگهان ٿي. هڪ تون ۽ ٻيو منور، مون منور کي مس انهي ڪري بہ ڪيو آهي، جو، مان هن کي پنهنجيون، تنهنجيون سڀ ڳالهيون ٻڌايون هيون ۽ تون جڏهن نہ ملندو هئين، تہ مان هن سان ملي تنهنجي سڪ جهڪي ڪندي هيس.

جيڪي ڳالهيون نہ ڪري سگهندي هيس، اهي مان منور سان ڪندي هيس. تون کي ٽائيم بہ گهٽ هوندو هو، ۽ تون پنهنجي زندگيءَ جا ڪجهہ لمحا مون کي بہ ڏين ها تہ سڀ ڪجهہ توکي ٻڌايان ها.

تون، منهنجي باري ۾ نہ سوچيو تہ، مان اهي ڳالهيون ڪيئن برداشت ڪيون. ايترن ڏينهن تائين ڪنهن کي بہ نہ ٻڌايم. توکي منهنجي چهري مان سڀ ڪجهہ سمجهي وڃڻ کپي ها. مون کان پڇين ها، ڇو جو دوستي صرف ڏيکاءُ ناهي. پر دوستي انسان جي اندر ۾ لڪيل ڏک کي تلاش ڪندي آهي. مان بہ تنهنجا غم تلاش ڪيا آهن.منهنجي ان ننڍي غلطي کي منهنجو خيال آهي تہ تو کي معاف ڪرڻ کپي.

هاڻي جڏهن منور بہ ناهي تہ، مان تنهنجي دوست آهيان نہ! مان جيستائين هتي آهيان، منهنجو توکي هڪ عرض آهي، منهنجي زندگيءَ جون جيڪي خوشيون آهن، ايترن ڏينهن ۾ مون کي حاصل ڪرڻ ڏي، تون دوستيءَ ۾ جيترين خوشيون ڏئي سگهين تو ڏي.ڇو جو خبر ناهي. پوءِ هي وقت مون کي ڪيڏانهن وٺي وڃي، ڇتي مان روئڻ چاهيان تہ سڏڪي نہ سگهان. ڏس ساقي، منهنجين اکين مان ڳوڙها وهن ٿا. توکي انهن ڳوڙهن جو احساس نہ تو ٿئي؟ دوستي ايترو تہ نازڪ رشتو آهي جو ايتري معمولي ڳالهہ تي ٽوڙي ڇڏجي. ان تي شڪ ڪجي، منهنجيون مجبوريون بہ تہ سمجهي سگهي ها. منور ناهي تہ ڇا ٿيو؟ مان تہ آهيان.(گهگهو آواز) چانڊوڪي رات ۾ توکي يادون پريشان ڪنديون. تون مون کي ياد ڪجانءِ، تصور ڪجانءِ تہ، ساحره توکي دريءَ مان نظر ايندڙ ٻنين ۾ پريشان گهمندي نظر ايندي. صرف ان لاءِ جو تون پريشان هوندين.

ڪاش! هن دنيا ۾ اسان کي ڪجهہ ملي ها، اسان پاڻ ڪجهہ ڪري سگهون ها تہ مان انهن پريشان لمحن ۾، تنهنجا سڀ ڳوڙها ،تنهنجا سڀ ڏک سميٽي وٺان ها.ڪاش! هي وقت اسان کي ايترو پابند نہ ڪري ها. اسان کي مجبور نہ ڪري ها. توکي گهرجي تہ تون مون کي تمام گهڻو حوصلو ڏي. مون کي همت ڏي. ڇو جو، ساحره پنهنجي زندگيءَ جو وڏو ڪمپرومائيز ڪرڻ( COMPROMISE) لاءِ وڃي رهي آهيان. تمام گهڻي اعتماد ۽ يقين سان. هوءَ ظالم شيءِ ڏسو تہ ڪيڏي مٽيءَ جي هيٺيان وڃي سٽي، هن سوچيو بہ نہ تہ نانا جان کي هڪ لمحي، ڪيڏو نہ سوبر ڪري ڇڏيو آهي. مان هن جي جڳهہ نہ ٿي وٺي سگهان، بالڪل بہ نہ (روئڻ جو آواز). مگر مون کي اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻو آهي. گهڻي يقين ۽ بربادي سان حوصلي سان. تمام گهڻن ڳوڙهن کي لڪائڻو آهي. ڇو جو، نانا جان کي هن سان گهڻو پيار آهي، تمام گهڻو. مان هن جي شين تي مٽي جمندي نہ ٿي ڏسي سگهان. مان هن جي گلن کي مرجهائيندي نہ ٿي ڏسي سگهان.ان لاءِ پنهنجي زندگيءَ ٻئي جي خاطر لٽائڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي مٽائي ختم ڪري ٻي کي بنائڻ ئي منهنجي زندگي آهي.

مان، توکي چيو هو نہ تہ مان پنهنجي زندگي ان شخص جي حوالي ڪنديس، جنهن کي منهنجي ضرورت هوندي. مان پنهنجي زندگي انهن جي نالي ڪيان ٿي. جن کي منهنجي ضرورت آهي.منهنجيون بہ گهڻيون خواهشون هيون. مون کي تمام گهڻو اڳتي وڃڻو هو. مگر، ڏس زندگيءَ جي راهگذار خود منهنجي آڏو پڪڙجي پئي آهي. مان تمام گهڻي يقين، حوصلي ۽ خوشيءَ سان راهہ تي قدم رکيو آهي. ان يقين سان مون کي ان رستي ۾ خوشيون ضرور ملنديون .ڪيڏانهن ويندين مو ن کان پڇي؟ ان

لاءِ جو مان خلوص دل سان پنهنجون خوشيون ٻين جي حوالي ڪيون آهين.

(روئڻ جو آواز)

مون کي يقين آهي ته مون کي جڏهن ٻه ڳوڙهن وهائڻ جي ضرورت پئي، ته هڪ شخص اهڙو هوندو جيڪو منتظر هوندو منهنجن ڳوڙهن کي پنهنجي هٿ سان اگهڻ لاءِ. هڪڙو ڪلهو اهڙو ضرور هوندو، جنهن تي ڪنڌ رکي مان ڳوڙها وهائي سگهنديس.هڪ شخص اهڙو هوندو، جنهن سان مان اهي سڀ جمع ٿيل ڳالهيون ڪري سگهنديس. جڪي ٻين سان نه ڪري سگهبيون. مون کي فخر آهي ته مونکي تو جهڙو دوست مليو آهي. منهنجي زندگيءَ جو سرمايو تون آهين. خدا ڪري تون هميشه زنده رهين منهنجو ساهه نڪري پر تون زنده رهه ته جيئڻ مرڻ وقت منهنجيون اکيون ان يقين سان بند ٿين ته، مرڻ کان پوءِ ڪوئي ته اهڙو هوندو جنهن مون کي تمام گهڻو پيار ڏنو. تون ڪٿي ٻه هوندين منهنجو هوندين.

هاڻي ٻڌاءِ ته منهنجو پيار ڪوڙو ته نه آهي. منهنجي دوستيءَ ۾ کوٽ ته ناهي نه؟'

رات جو ڪمري ۾ تنهنجي ڪيسٽ ٻڌندي منهنجين اکين مان ڳوڙها وهي نڪتا. مون کي تنهنجي بيوسي، تنهنجي مستقبل جو اونو هيو. ڇاڪاڻ پيو ته هي، فيصلو تنهنجي لاءِ تمام وڏي اهميت رکي ٿو. مان چاهيان پيو ته، جيتوڻيڪ منهنجي نظر ۾ غلط هو، پر تون ان فيصلي ڪرڻ ڪانپوءِ خوشيءَ جو سچ ماڻي سگهين .واقعي ٻه تون زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو ڪمپرومائيز (COMPROMISE) ڪرڻ لاءِ وڃي رهي هئينءَ. تنهجو منهنجو جهڳڙو اڪثر ان معاملي تي هلندو رهندو هو. مان چوندو هيس ته، هن دنيا ۾ رهڻ لاءِ ننڍا ننڍا معاهدا ڪرڻا ٿا پون ۽ ڪرڻ گهرجن .نه ته هن دنيا ۾ رهڻ تمام گهڻو ڏکيو آهي.تو کي سدائين اعتراض هوندو هو ۽ چوندي هئينءَ ته: معاهدا، ماڻهوءَ جي شخصيت پڃي پورا پورا ڪري ڇڏين ٿا ۽ معاهدن کان سواءِ ٻه جڳ ۾ رهي سگهجي ٿو . پر اڄ تون هڪڙو وڏو معاهدو ڪري رهي هئينءَ، جنهن جو مون کي شدت سان احساس هيو. تنهنجي معاهدي ڪامياب ٿيڻ لاءِ من ئي من ۾ توکي دعائون ڏئي رهيو هيس. مون کي خبر هئي ته توهان ٻنهي جي عمرين ۾ چڱو خاصو فرق هو. ۽ پوءِ ايترا سارا ٻار جن کي توکي سنڀالڻو هيو. ان کان علاوه تنهنجي اها ڳالهه ٻه مون کي ياد اچي رهي هئي، تون هميشه چوندي هئينءَ ته،'مان ڪڏهن ٻه ڀاروٽيون ۽ ٻچيل شيون پسند نه ڪندي آهيان. چاهي منهنجو مڙس يا منهنجو محبوب ڇو نه هجي .اها شيءِ ڪپي جيڪا پهريان پهريان مان استعمال ڪيان.' پر هن معاهدي موجب ته تون......

تنهنجي ۽ پنهنجي وچ ۾ هڪ وڇوٽي محسوس ڪري رهيو هيس. ۽ توسان ملڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ محتاط رهڻ لڳيس. مون نه پئي چاهيو ته منهنجي ڪري،تنهنجي نئين جڙيل رشتي تي ڪو اثر پئي.ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته مون کي هڪ اڻچاتل ڏک ٻه پهتو. اهو سڀ ڪجهه ڄاڻيندي ٻه ته تنهنجو منهنجو رشتو، هڪ ڏينهن اهڙي طرح ئي ختم ٿيڻو هو. ڇو جو ٻنهي، اهو سمجهي ۽ سوچي ڇڏيو هو ته اسان جو رشتو شادي لاءِ ناهي، ٻنهي گڏجي چيو هو ته اسان جي رشتي کي انهن سيني شين جي غرض ناهي. جيڪي پيار ۽ محبت جي پانڌيئڙن جون گهرجون هونديون آهن.ڪڏهن ڪڏهن اهو سوچڻ لڳندا هياسين ته، آخر ان رشتي کي ڪهڙو نانءُ ڏجي؟

اهو رشتو، جيڪو مضبوط آهي، خوبصورت جيئن ڪنول ـ ڪهڙو نانءُ ڏجي ان کي؟! تون چوندي هئينءَ ته منهنجو ۽ تنهنجو رشتو، روح ۽ جسم جو رشتو آهي. منهنجو ۽ تنهنجو رشتو گل ۽ خوشبوءِ جو رشتو، منهنجو ۽ تنهنجو رشتو چنڊ ۽ چڪور جو رشتو، تنهنجو منهنجو رشتو زندگي ۽ ساهه جو رشتو آهي. منهنجو ۽ تنهنجو رشتو ڳيان ۽ ڌيان جو رشتو آهي،ڇاڪاڻ ته ڳيان ۽ ڌيان. ان بغير ايمان ڪجهه ٻه ناهي.

مان جڏهن ٻه ڳوٺ ويندو هيس.ته، موڪلائڻ مهل هڪٻئي کي ڪس ضرور ڪندا هياسي. ان ڏينهن موڪلائڻ مهل، محسوس ڪيم ته تنهنجي طرفان ان گرمجوشيءَ جو اظهار نه هيو، جيڪو اڳ ۾ هوندو هيو. منهنجي ذهن ۾ الائي ڪيترا قضيا ٿي پيا. ٽڪرو ٽڪرو موڪلائي هليو ويس. مون کي ان ڳالهه تي ڏاڍو ڏک پهتو. لڳو ڄڻ مان تو تي ظلم ڪري رهيو هيس.مان ڪنهن تي ٻه بار نه ٿيندو آهيان. جيستائين ٻنهي ڌرين جي جنهن ڪم ۾ رضامندي شامل نه هجي. تيستائين اهو ڪم نه ڪندو آهيان.مان سوچيو ته هاڻي جڏهن، تون ٻئي جي آهين، ته مون کي ايئن نه ڪرڻ کپندو هيو ۽ تنهنجي ان رويي کي حق تي سمجهي رهيو هيس، پر ان ڳالهه جو ڏک تي رهيو. هو ته، اسان جي رشتي کي ايترو جلدي تبديل نه ٿيڻ نه کپي ها. ڇو جو، اسان سوچي سمجهي، ۽ بحث مباحثي کان پوءِ اهو رشتو قائم ڪيو هو. تنهنجي شاديءَ جي باري ۾ فيصلي ڪرڻ ڪانپوءِ ٻه اهو طئي ٿيو هو ته هاڻي ٻه اسانجي رشتي ۾ ڪا ڇينج نه ايندي. مان توکي ڪلي دل سان چيو هو ته، مان تنهنجي زندگيءَ مان

نڪري وڃڻ لاءِ تيار آهيان. جو جو نہ تو چاهيان تہ منهنجي ڪري تون ڪجھ پوڳين. تنهنجي عملي زندگيءَ تي ڪو اثر پئي.پر تنهنجي زور پرڻ تي، مان اِن رشتي کي جاري رکيو هو. پر ان رويي تي مان ڏک جي اوڙاهہ ۾ جلندو رهيس.جمعي وارو سمورو ڏينهن عذاب ۾ گذريو.

خيرپور پهچي توکي ٽيليفون ڪيم:

’.....پهچي ويو آهيان.‘

’آواز چو ايئن ٿي؟‘تنهنجي لهجي ۾ پريشاني هئي.

’طبيعت خراب آهي.‘ مون رکو جواب ڏنو.

’چو خراب ٿي آهي، ۽ ڇا ٿيو آهي؟‘پريشانيءَ مان سوال ڪيئہ.

’تون طبيعت خراب ڪري وري پڇين بہ تون ٿي.‘

’مان!‘

’ها تون.‘

’ڇا ڪيو آهي مان؟‘

’خميس جي منجهند ڪان وٺي، پيڙامان گذري رهيو آهيان.‘

’ڇا ڪيو آهي مان!‘ روئڻهارڪي ٿي وئي هئينءَ.

’تو ڪجھ ڪونہ ڪيو آهي، مان پنهنجو پاڻ کي ڪريل محسوس ڪري رهيو آهيان.‘

’نہ سمجهيم!‘

’اسان ٻنهي جو رشتو ايترو مضبوط آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن کي بہ ڪنهن ڳالھ تي اعتراض هجي ۽ پسند نہ هجي تہ چئي ڏيڻ کپي؟‘

’ها ايئن تہ آهي.‘

’پوءِ،تون ايئن چو نہ ڪيو. مان جڏهن موڪلائڻ مهل توکي ڪس ڪيو هو تہ تون پنهنجو پاڻ تي بار محسوس ڪري رهي هئينءَ مون کي محسوس ٿيو تہ مان وحشي بڻجي، ڪنهن معصوم جانور جو خون پي رهيو آهيان.‘

تون پريشان ٿي وئينءَ ۽ تنهنجو آواز روئڻهاڪو ٿي ويو.

’ايئن بالڪل نہ هيو تون غلط سمجهيو آهي.‘

’ها، مان سدائين غلط سمجهيو آهي.‘

ڪروڌ ڀريل لهجي ۾ چيم.

’تون بالڪل هن مهل منهنجي گهر اچ.‘

’نہ اچي سگهندس.‘

’ضرور اچ.‘

’رات جا نوَ ٿي رها آهن سواري بہ ڏکي ملندي.‘

’نہ، تون ضرور اچ، نہ تہ ٻنهي جي رات ڏاڍي ڏکي گذرندي.‘

’تنهنجو ٽيڻ وارو مڙس بہ اتي رهيل آهي،هو مائيند نہ ڪري.‘

’هو منهنجو مڙس اڃان نہ ٿيو آهي.تون ضرور اچ.‘

مان تنهنجي گهر پهتس تہ روئندڙ اکين سان استقبال ڪيو.

’پنهنجو پاڻ کي مارڻ تي دل ٿي چاهيندي آهي، جڏهن توکي ڪو ڏک پهچندو آهي.‘

’مان ايڏو بہ بيوقوف ناهيان تہ هوا ۾ اڏامندڙ ڏکن کي هرو پرو بہ پاڻ وٽ سوگهو ڪيان. مان سمورو عرصو ايذاءَ مان گذريو آهيان.‘

’پنهنجو پاڻ مفروضو قائم ڪرين تو ۽ تڪليف ۾ رهين تو. منهنجي طرفان تہ ڪا بہ اهڙي ڳالھ نہ هئي.‘ تون ڳالھ جاري رکندي چيو.

’مان، توکي خوشيون ڏين چاهيان ٿي، پر الائي چو تڏهن بہ ڏک،توکي پهچايان ٿي.تون پاڻ ٻڌاءِ تہ مان ايئن ڪنديس بہ تہ چو؟‘

’ان لاءِ جو تون هاڻي ٻي جي امانت آهين.‘

’امانت ۾ خيانت تہ هو ڪندو .مان تہ تنهنجي امانت آهيان مون کي يقين آهي تہ،مان هن سان بہ بدديانتي نہ ڪري رهي آهيان،خبر ناهي، توسان ملندي، مون کي ڪنهن بہ ڏوهہ جو احساس نہ تو ٿئي، منهنجي نظر ۾ هر رشتي جي پنهنجي حيثيت آهي ۽ ان ۾ تبديلي نہ اچڻ گهرجي.‘

مان اڃان ڪجھ چوڻ ئي چاهيان پيو تہ تنهنجي ننڍي ڀيڻ ڊرائنگ روم ۾ داخل ٿي ۽ پوءِ هن سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ لڳاسين، سمورو وقت ايئن گذري ويو. جڏهن تنهنجي ڀيڻ اٿي گهر وئي تہ مان بہ توکان موڪلايو، ٻئي اٿي بيناسي، تون منهنجي پر ۾ اچي بيٺي هئينءَ. توکي ڄاڻ هئي تہ مان الوداعي ڪس ضرور ڪندس. پر مان دل ئي دل ۾ فيصلو ڪري چڪو هيس تہ ايئن نہ ڪندس. توکي ڇڏي ڊائنگ روم مان نڪري آيس.

ڪافي ڏينهن گذري ويا. ان عرصي دوران اسان جي وچ ۾ ساڳي ئي نموني بحث مباحثا، کل ڀوڳ ۽ ڳالهيون ٿينديون رهيون. پر موقعو ملندي مان توکي پاڻ کان پري رکيو .هڪ ڏينهن ڳالهين ڪندي تو چيو:

’مان محسوس ڪري رهي آهيان ته تون اڃان تائين ڏاريائپ محسوس ڪري رهيو آهين.‘

’اهو سڀ ڪجهه تنهنجي ڀلي لاءِ ڪري رهيو آهيان، اسان جو معاشرو اڃان تائين ايترو پروگريسو نه ٿيو آهي ته مڙس توکي، دوست رکڻ جي اجازت ڏئي۽ ٻيو تو کي ٻڌايان .اسان مرد ڪڏهن به نه چاهيندا آهيون ته اسانجي عورتن کي اهو حق هجي ته هو دوستيون رکن.‘

’ايئن چو آهي جڏهن پنهنجي مڙس سان وفادار هونديس ته پوءِ هو اجازت چو نه ڏيندو؟‘

’معاشري جي اصولن مطابق اها سنسيئرٽي ناهي ته تون غير مرد سان به ڀاڪر پائي ملين.‘

’مڙس جا جيڪي حق آهي.انهن کي ته ڏچڪو نه ٿي پهچايان. باقي، توسان منهنجو رشتو جيڪي اڳ ۾ هيو، اهوئي رهڻ ڪپي.مان رشتن جي مفهوم کي بدلائڻ نه چاهيندس. هيرن ليلا، سهڻي، اهي سڀ شادي شده هيون. انهن جو محبوب سان ملڻ وفا جي علامت آهي، باقي مان بي وفا آهيان.‘

’مان تنهنجن جذبن جو احترام ڪيان ٿو. پر، هن سماج ۾ توکي اهو حق حاصل ناهي. منهنجي توکي التجا آهي ته، تون هاڻي مون سان ملڻ ڇڏي ڏي.‘

’توکي ان ڳالهه چوندي، ڪو احساس نه ٿو ٿئي؟‘

تنهنجي ڳهور اندر ۾ گهري ويئي.

’تون محسوس ڪري سگهين ٿي ته مان ڪيترو جبر ڪندي، توکي اهي لفظ چيا آهن. پر حقيقت جي گهرج اها آهي.‘

’تون اهو ڪيئن ٿو چيئن؟‘

توکي ڪپي ته مون کي وساري ڇڏ.‘

منهنجيون اکيون آليون ٿي ويون.

’مان ڪيئن وساري سگهان ٿي توکي! منهنجي رڳن ۾تنهنجو پيار رت بڻجي گردش ڪري رهيو آهي ۽ جڏهن جسم ۾ خون رڪجي ويجي ته پوءِ سڀ ڪجهه ختم ٿي ويندو آهي. مان توکي وساري منهنجو پاڻ کي مارڻ نه ٿي چاهيان.

’هر پريمڪا پنهنجي پريمي کي ايئن چوندي آهي. پر شاديءَ کان پوءِ سڀ ڪجهه وسري ويندو اٿس.‘

’تون چيئن ٿو ته، مان ڪنهنجي همسفر بڻجي، توکي وساري ويهنديس مگر تون ڪڏهن، انهن گلن جي وفاداري نه ڏٺي آهي، جنهن شاخ تي ٽڙندا آهن اتي ئي مرجهائي ويندا آهن.‘

’ڪڏهن ڪڏهن ان شاخ تان گل پٽي ڊرائنگ روم جي گلدستي ۾ سجائبو آهي ۽ اها شاخ اڪيلي مرجهايل رهجي ويندي آهي.‘

تون خاموش ٿي وئينءَ. مون توکي چيو ته،

’هاڻي، جيڪي تون خواب ڏٺا جيڪي لمحا گڏ گذاريا سين. اهي سڀ وساري ڇڏ، تون، ڏکويل لهجي ۾ ڳالهايو.‘

’اهي خواب جيڪي منهنجو سرمايو آهن. اهي اکيون جن سان منهنجين اکين ۾ نور آهي، اهي چميون، جن سان منهنجن چپن کي رنگ مليا، اهي سڀ مون کان نه گهر.انهن سيني کان بغير منهنجي زندگي جي شام ايندي، منهنجو حسن مون کان ايئن نه گهر، چاڪاڻ جو مان ان حسن کان بغير ڪجهه به ناهيان. ڪجهه به ناهيان.‘

ايئن چوندي روئي وينءَ. مون تنهنجن ڳوڙهن کي هٿن سان اگهيو. وري تنهنجين اکين ۾ سڌ ايريا. مان سڌن جو جواب ڏيڻ شروع ڪيو، منهنجي چهري تنهنجي چهري تي چانوَ ڪري ڇڏي هئي.موڪلائڻ مهل تون چيو اٽيسٽ Attest ڪندينءَ .منهنجي ڏوري تي چڪ پائڻ لڳينءَ پر ورزش ڪرڻ جي ڪري ڦونڊيل ڏوري ۾ تنهنجا ڏند پنهنجا نشان نه ڇڏي رهيا هيا. تو چيو ته: ’چو ڀلا نشان نه ٿو ٿهي؟‘ مون توکي تنگ ڪرڻ لاءِ چيو ته: تون سچائي سان اٽيسٽ نه ٿي ڪرين. توکي ايئن ڪندي جرم جو احساس ٿي رهيو آهي.‘

تون چڙي چيو ته ايئن ناهي ۽ منهنجي ڏوري ۾ تنهنجا ڏند کپي ويا.

گذريل سال،
پن ڇڻ آئي ٻه هئي يانہ؟
جڏهن تون ۽ مان
هپاسي گڏ .
تڏهن،
پنن جو ڇڻڻ،
وڻن جو
اگهاڙو ٿيڻ،
سچ جو لهڻ،
هر سمو هڪ خواب هو.
گذريل سال،
پن ڇڻ آئي ٻه هئي يا نہ؟
ٺهڪن جا ٽانگر ٽڙيل،
موتي مرڪ جا،
هر طرف پکڙيل.
ساز ساهن جا ڇڙيل،
سڙهہ سرهاڻ جا ڪڇيل.
سوچيان ٿو:
گذريل سال،
پن ڇڻ آئي ٻه هئي يا نہ ؟
سياري جون سرد راتيون،
سوڙ ۾ سرپاتيون،
صبح سويل،
ماڪ ڀنل،
گلن جو ميڙ،
وارن سان وڪوڙيل ،
شام جو شاعريءَ تي،
جهومڻ ڳائڻ،
رات جو ٽيليفون تي ٽهڪڙا
۽ وري ملڻ لاءِ
جدا ٿيڻ،
گذريل سال،
پن ڇڻ آئي ٻه هئي يا نہ ؟
مگر تو سواءِ
سڏڪا ٿيا ساٿي،
راتيون ٻٽيون ڏاڍيون ،

سيءَ جا سيڪارا،
اڪيلا پارا،
وڻن جا پن
ٿي پيلا،
هوا جي زور تي،
روڊ تي،
ڪنهن بد روح جيان،
پويان ڊڪن ٿا،
مون کي ڏنگين ٿا،
هر وڻ، هر ڏار
آڪنهن ڪان ڏار
سوچيان ٿو:
گذريل سال،
پن ڇڻ آئي ٻه هئي يا نہ؟

توکي ڊائريءَ تي اهي سٽون لکي ڏنيون هيم،
جنهن جو جواب تو لکيو:
’جانان!
پن ڇڻ جي موسم، ڏاڍي اذيت ناڪ هوندي آهي.ان جي سفاڪيءَ کان مان واقف آهيان. مون کي اهي سڀ پن ڇڻ جي موسمون ياد آهن، جيڪي مون گذاريون.مگر زندگيءَ ۾ بهار اچڻ کانپوءِ مان سوچيو ئي نہ هيو تہ، پن ڇڻ موسم ٻہ هوندي آهي. مان جن موسمن کان توکي بچائڻ پئي چاهيو. انهن موسمن جي حوالي توکي ڪيئن ٿي وجان.
مگر منهنجا دلبر منهنجا قاتل!
تون اداس نہ ٿي،
تنهنجي اداسي منهنجي دل کي چيرندي آهي.
تون نہ روئندو ڪر
جو تنهنجي روئڻ سان
منهنجا وار ڇڻندا آهن،
تنهنجي دل جي پن ڇڻ ،
منهنجي وارن تي اثر انداز ٿئي ٿي،
نہ روئندو ڪر تون،
جو منهنجن ڳوڙهن جو بند ٽٽي پوندو آهي،
۽ زندگيءَ جو پيچرو،
ڪنڊن جو پيچرو لڳندو آهي.
خدا جي واسطي نہ روئندو ڪر!!
تنهنجي ڊائري پڙهي، مون توکي مرڪندي ڏٺو. تو جواب ۾ چيو تہ: سچي ٻہ، منهنجا وار ڇڻڻ لڳندا آهن، جڏهن جڏهن تون روئندو آهين. پر خبر ٿي، منهنجا وار ايڏا سلڪي ڇو آهن؟' مان ٽهڪ ۾ ڪنڌ ڌوڻيو تہ تو چيو: 'ان ڪري جو هڪ پيرو تنهنجا ڳوڙها منهنجن وارن ۾ ڪريا هيا.' هاڻي تنهنجي مرڪڻ جو وارو هو.
’اهو سڀ ڪجهہ طئي هوندي ٻہ اسان ٻنهي کي شادي ناهي ڪرڻي ۽ توکي هتان وڃڻو

آهي، پر تڏهن به الائي ڇو، تنهنجي وڃڻ جو سوچي منهنجو من ڏري پئي ٿو.'

'مون کي به ايئن محسوس ٿئي ٿو ،تون ڇا ٿو سمجهين ته مان هي سڀ ڪجهه خوشيءَ سان ڪري رهي آهيان،' تون ڪجهه پل خاموش رهي چيو:

'مان اديءَ جي موت کان پوءِ ،مسلسل تتل تئي تي هلي رهي آهيان، مون سوچڻ ڇڏي ڏنو آهي. سوچون ماڻهوءَ جون دشمن آهن.'

'تون جڏهن، اهو سڀ ڪجهه سمجهين به ٿي ته پوءِ ،اهو رشتو ڇو ڇونديئه.'

'مان نه پئي چاهيان ته، منهنجن پاڙيچن ۽ پاڙيچين کي ڪا ڏاري عورت اچي ايذاءُ ڏي. ان لاءِ پاڻ کي ايذاءِ ڏئي، هنن کي خوش رکڻ چاهيان ٿي.'

'مون کي محسوس ٿيندو آهي ته تون اهو فيصلو گهڻو اڳ ۾ ڪيو هو. تون، پنهنجي پيٽوئي کي ڪافي پسند ڪندي هئينءَ.' تون پريشانيءَ ۾ وائڙپ مان مون ڏانهن ڏٺو.

'تنهنجو چوڻ جو مقصد ڇاهي؟'

'تون اڳ ۾ به اهڙيون ڳالهيون ڪندي هئينءَ. جنهن مان محسوس ٿيندو هو ته تون خليل کي گهڻو پسند ڪرين ٿي.'

'مان هن کي پيٽيوئي جي حيثيت سان پسند ڪندي هيس، هن جي ڳالهين مان مزو ايندو هو، پر مڙس جي حيثيت سان ڪڏهن به ڪيس نه ڏٺو هو، نه ئي سوچيو هو.' حيرانيءَ جا اولڙا تنهنجين اکين مان پئجي رهيا هيا.

'پوءِ ڪيئن شروعات ٿي؟'

'مان اديءَ جي وفات کان جلد ئي پوءِ ،ان ڳالهه تي سوچڻ شروع ڪيو ته نيٺ مون کي ئي اهو سڀ ڪجهه ڪرڻو پوندو. ڇو جو، اسانجي خاندان ۾ اهو رواج آهي ته وڏي ڀيڻ جي وفات کانپوءِ، ننڍي ڀيڻ کي شادي ڪرڻي پوندي آهي. ان وقت کان وٺي، مان ذهني طر ح تياري ڪندي آيس. اديءَ جي چاليهي گذرڻ کان پوءِ اسان سڀ ڪزن اڱڻ ۾ ويٺاهياسين ته پڦيءَ مون کي سڏ ڪيو ۽ اسين ٻئي ڇٽيون گهر جي اڱڻ ۾ گهمنديون رهيوسين. پڦيءَ مون کي چيو ته گهر جي سيني وڏن جو اهو فيصلو ڪيو آهي ته توکي خليل سان شادي ڪرڻي پوندي، تنهنجو ڇا خيال آهي؟ مان ڪجهه ڪونه ڪچيو ، منهنجين اکين مان ڳوڙها وهڻ شروع ٿي ويا. گهڻي دير گهمندا رهياسي، ۽ پوءِ مان پڦيءَ کي چيو ته: منهنجي وڏن مون کي خوش رکڻ لاءِ منهنجي هر خواهش پوري ڪئي آهي ۽ مان، انهن جي خواهش کي پورو ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.'
ايئن چئي مان پڦيءَ کي روئيندي چنبڙي پيس.

تون ڪافي دير روئندي رهينءَ. مان توکي خاموش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. تون وري چيو: 'مان اهو فيصلو ڪري، پنهنجي وجود سان ناتو ٽوڙيو آهي.'

'ايئن ڪٽي هجي به ،پر جڏهن هاڻي تون فيصلو ڪري چڪي آهين ته اهڙي قسم جي سوچن کي پري اڇلائي ڇڏ. زندگي، تمام ڏکي آهي تنهن ڪري پاڻ کي ذهني طرح تيار ڪري ڇڏ. توکي جڏهن ٻارن طرفان ڏک ملي ته ان جو اظهار نه ڪجانءِ ، نه ئي مڙس جي رويي تي شڪايت يا تنقيد ڪجانءِ.'

'تنهنجيون اهي سڀ ڳالهيون مڃان ٿي پر، ڪيڏو ڏکيو رستو آهي، جنهن تي مون کي هلڻو آهي.قدم قدم تي تنهنجي ضرورت پوندي، چنڊ ڏسندي، غزل ٻڌندي اٿندي ويهندي تنهنجي ياد ايندي ته مان ڇا ڪنديس؟ مان جڏهن به ٿڪ محسوس ڪنديس. ته توکي، خط لکنديم. يا ٽيليفون ڪنديس.'

'ماڻهوءَ کي جڏهن آسرو هوندو آ ته، هو جلدي ٿڪجي پوندو آهي ۽ ڇانوري ۾ ويهڻ لاءِ بهانا ڳوليندو آهي. جڏهن، توکي منهنجو آسرو هوندو ته منهنجي ياد، هر هر تنهنجو در کڙڪائيندي ڪڏهن ڊرائنگ روم ۾، ڪڏهن اڱڻ ۾، ڪڏهن دل ۾ ته ڪڏهن ذهن ۾ ايندي رهندي، تنهنڪري، ايئن به ٿي سگهي ٿو ته پوءِ تون پنهنجي گهر سان انصاف نه ڪري سگهين، جيڪو مان ڪڏهن به نه چاهيندس ته منهنجي ڪري، ڪنهن جو جيون جلندو رهي. ان لاءِ سٺو اهو آهي ته، مان تنهنجي جيون مان نڪري وڃان.' منهنجو آواز ڀرجي آيو هو.

'تون ايئن نه سوچ. تون، منهنجي ذهن مان نڪرندين ته ما ن ڪجهه به نه رهنديس.مون کي اهڙي ڏکي رستي تي هلڻ لاءِ تنهنجي سهاري جي ضرورت آهي. مون کي احساس طاقت بخشيندو ته، منهنجو هڪ چاهيندڙ دوست موجود آهي.'

تون روئڻ لڳينءَ ۽ منهنجي سيني سان لڳي، سيني جي وارن سان کيڏڻ لڳينءَ.

'هڪڙو واعدو ڪر، اهڙي ڳالهه نه ڪندين نه ته مان سمجهنديس ته اسان جي رشتي ۾ ڪٿي کوٽ هئي.مان هتان تنهنجون يادون ئي ته ڏاج ۾ کڻي ٿي وڃان.'

منهنجين اکين ۾ تنهنجي نظر جا ليزر لڳڻ لڳا. مان مرڪي ڪنڌ ڌوڻي توکي سيني سان لڳائي ڇڏيو.

تون شايد اڃان به مطمئن نه ٿي هئينءَ ۽ عادت مطابق تو خط لکيو .

’تو چيو نہ تہ منهنجي خوش رهڻ سان تون بہ خوش رهندين. منهنجي معاهدي ڪرڻ سان توکي گهڻي خوشي ٿيندي تہ مان واعدو ڪيان ٿي تہ توسان تہ، قدمن هيٺيان ڪندين جي هن راهگذر تي، منهنجا پير رتو ڇاڻ چو نہ ٿي وڃن، مگر مان گلن جي رهگذر جي تمنا ڪڏهن نہ ڪنديم.منهنجي شخصيت پورا پورا ٿي رکَ جو ڍير ئي چو نہ بڻجي وڃي پر پنهنجي ذات سان، مان ٻين کي خوشيون ضرور ڏينديم.

ها، ان لاءِ جو مان اوڀر جي عورت آهيان. مشرق جي ڌيءُ، جيڪا سموري ڄمار صليب تي اٽڪيل هوندي آهي. ماڻهو هن ۾ ڪليون هڻندا رهندا آهن.مگر هوءَ صليب تان نہ لهندي آهي، ۽ اتي لڙڪي لڙڪي مري ويندي آهي.

مگر، تون واعدو ڪر مون سان، صرف هڪڙو واعدو تہ، تون منهنجي زندگيءَ مان نڪري وڃڻ جي ڳالھ اڳتي نہ ڪندين.تون مون جي زندگي جي رڪاوٽ نہ آهين. پر منهنجي زندگيءَ جي آس آن، تون هڪ اهڙي جهولي آهين. جتي مان اچي ٿورا ڳوڙها وهائي سگهان ٿي، تون هڪ اهڙو باغ آهين جتي اچي مان بهارن جا نظارا ڏسي سگهان ٿي. مون توسان واعدو ڪيو آهي تہ توکي بہ مون سان واعدو ڪرڻو پوندو تہ پنهنجي ٽڪ لاهڻ لاءِ مان تووٽ ايندس، تون پنهنجي دل جو دروازو منهنجي لاءِ کليل رکندين. تون آهين تہ پوءِ مون کي هيءَ ڪندن جي راهگذر بہ گلن پريو پيچرو لڳندي، تنهنجي خيال ۾، تنهنجي ياد ۾ مون کي ڪندن جي چڀڻ جو احساس نہ ٿيندو.

هنن اکين مان وهندڙ ڳوڙهن کي پوءِ بہ، ڪنهن جي هٿن، ڪنهن جي چپن جي ضرورت پوندي .مون سان واعدو ڪر، مون کان پنهنجي ذات جو سهارو نہ کسيندين، تون منهنجو عشق ئي نہ منهنجو دوست بہ تہ آهين ۽ سڄي عمر مون کي هڪ پر خلوص دوست جي ضرورت پوندي، جنهن سان، مان پنهنجا ڏک ۽ سک شيئر ڪري سگهان.ڇا تون مون کان منهنجو دوست کسڻ چاهين ٿو؟ ڇا تو چاهين ٿو تہ مان پنهنجا ڏک سک ڪنهن سان بہ شيئر نہ ڪيان؟ مون توکي چيو هو نہ تہ مان توکان ڪڏهن بہ، ڪجھ بہ نہ گهرندس. ڇاڪاڻ جو منهنجي منزل تنهنجو جسم ناهي. منهنجي منزل منهنجو عشق آهي. جيڪو حصول کان بيگانو هوندو آهي.تنهنجو وجود منهنجي چاهت آهي، منهنجو مانُ آهي تہ مان هن دنيا ۾ اڪيلي ناهيان. هڪ شخص اهڙو آهي، جيڪو منهنجي دل ۾، ڳوڙهن ڪرندڙ وسڪاري کي ڏسي رهيو آهي ۽ پنهنجي مرڪ سان مون کي زندگي ڏئي رهيو آهي.ان جي مرڪڻ سان مون کي ڳوڙهن جا ٽاندا بہ، ماڪ ڦڙا محسوس ٿين ٿا ڇا، اهڙي طرح ڪنهن کي زندگي ڏيڻ گناھ آهي؟ جيڪڏهن گناھ آهي تہ انڪار ڪري ڇڏ، ان عشق جي باھ کان جنهن تنهنجي ۽ منهنجي وجود کي گهايل ڪري ڇڏيو آهي، چئي ڇڏ تہ، هي سڀ ڳالهيون افسانوي آهن. ڪي بہ جذبا اهڙا نہ ٿيندا آهن مگر......

منهنجو يقين، منهنجو ايمان اهو آهي تہ جذبا ئي سڀ ڪجھ آهن، اهي سڀ جذبا جنهن جي باھ، منهنجن ڳلن تي لالاڻ سجائي آهي. ان لاءِ واعدو ڪر مون سان تہ مان توکان صرف چند لمحن جي ان خوشين جي طلبگار آهيان. جيڪي مون کي تووٽ اچڻ ڪانپوءِ پنهنجا ڏک سک بيان ڪرڻ سان ملندي آهي. واعدو ڪر تہ، مون کان اها خوشي ڪڏهن بہ نہ کسيندين ۽ ڪڏهن بہ زندگيءَ مان نڪرڻ جي ڳالھ نہ ڪندين. ڇو جو تون منهنجي زندگيءَ جي رڪاوٽ ناهين، پر آس آهين.

آهين نہ منهنجو دلبر، منهنجو قاتل، ان لاءِ ڪڏهن ڪڏهن قتل ڪري ڇڏيندو آن.‘

تنهنجو خط پڙهي، منهنجي ذهن ۾ تولاءِ پيار جو پکي اڏريو. تنهنجي چاهت مون کي مجبور ڪيو تہ توسان رشتو نہ ٽوڙيان. ان ڪانپوءِ ، اسان جون ملاقاتون ٿينديون رهيون. ٻئي ڄڻا اهو سوچي اداس ٿي ويندا هياسين تہ پري وڃي، ڪيئن خوش رهي سگهنداسين؟ پر مان توکي ۽ تون مون کي آٿت ڏيندي هئينءَ. اتفاق سان، انهن ڏينهن ۾ مون کي نڪ ۾ پرابلم ٿي پيو ۽ منهنجي نڪ جي هڪ ناس بند ٿي وئي. تون جڏهن ساھ زور سان کڻڻ جو سبب پڇيو تہ، مان توکي جواب ڏنو تہ جڏهن اڌ وجود هليو وڃي تہ، پنهنجي حصي جو ساھ بہ کٽي وڃي ٿو.

اهو چنچر جو ڏينهن ٻه ٻين ڏينهن جيان ئي هو. يونيورسٽي معمول مطابق هلي رهي هئي. چوڪرين جا ڪپڙا رنگ لهرائي رهيا هيا، چوڪرن جي دل ۽ نظرون هڪ ئي وقت انهن ڪپڙن واريءَ ڪي گهمندي ڏسي رقص ڪري رهيون هيون.

پريڪٽيڪل هيو، جنهن ڪري توسان ملڻ جو وقت ئي نه مليو. حالانڪ مان، تنهنجي وجود کي محسوس ڪري چڪو هيس، تون هڪ ٻه دفعو ڪلاس آڏو تجلو ڏئي وئي هئينءَ. جڏهن اسان جي پريٽيڪل جو وقت پورو ٿيو هو ۽ مان ٻاهر ڪينٽين تي ڪلاسين سان چانهه پئي رهيو هيس ته گرلز ڪامن روم جو پٽيوالو چٺي ڏئي ويو. جنهن تي صرف ڪجهه سٽون تنهنجي طرفان لکيل هيون. هن ٻڌايو ته، تون چٽي گهڻو وقت اڳ ڏني هئي هاڻي هلي وئي هوندينءَ.

’اڄ مان ڏاڍي اپ سيٽ آهيان. بلڪ زندگيءَ ۾ ايڏو اپ سيٽ ڪڏهن به نه رهي آهيان ۽ مون کي اڄ تنهنجي شديد ضرورت آهي. ڇو جو، منهنجي اکين ۽ من ۾ ڳوڙهن جي ڊنڊ ٻڌجي وئي آهي ۽ تون غائب آهين.‘

تنهنجي چٽي پڙهي پريشان ٿي ويم، ۽ محسوس ڪيم ته تون ڏاڍي پريشان آهين ۽ تنهنجي اندر ۾ اوڙاهه آهي. ٽائيم ڏٺم ته پوائنٽ وڃڻ ۾ اجان ٿي منٽ هيا.

اتان ڊوڙ پائي، گيٽ وٽ آيس، جتي بس وڃڻ لاءِ تيار هئي. مان بس ۾ چڙهي، توکي لهڻ جو اشارو ڪيو، تون پٺيان پٺيان هلي آئينءَ. لان تي ويهندي مان توکي ڏٺو، تنهنجو چهرو ڪنهن پوڙهي عورت جو منهن محسوس ٿيو. اکين ۾ چمڪ جي ذري به نه هئي،

مان پريشان ٿي توکان پڇيو ’ڇا ڳالهه آهي؟‘ تون پنهنجي منهن تي زوريءَ مُرڪ آڻيندي چيو. ’ڪجهه به ناهي.‘

’پوءِ چٺيءَ ۾ ڇا لکيو ٿي؟‘

تون سنجيده ٿيندي چيو: ’مان اهو سڀ ڪجهه هتي ٻڌائڻ نه ٿي چاهيان، مون کي ٻڌائڻ لاءِ ۽ توکي ٻڌڻ لاءِ گهڻو وقت کپي.‘ مان سوچڻ لڳس ته ڪٿي ويهجي، تنهنجي گهر لاءِ چيم ته تو انڪار ڪيو، آخرڪار مون توکي لطافت جي گهراڇڻ لاءِ چيو. توکي ڇڏي مان ڪينٽين ۾ ويٺل دوستن کان موڪلائڻ آيس.

لطافت، منهنجو سٺو دوست آهي، هن وقت ليڪچرار آهي. هو اسان کان ڪجهه سينيئر هو، تنهن ڪري اسٽوڊنٽ لائيف کان وٺي سٺو دوست رهيو. ڳوٺائي هجڻ جي ناتي به، منهنجو هن سان سڱ هو. هونئن ته، آئين ٿيندو آهي ته ڏسٽا وائسٽا دوست، جيڪي هاسٽل ۾ گڏ رهندا آهن ۽ وهنجڻ مهل انهن جا ڪپڙا ۽ ٽوال باٿ روم مان چورائي ڪٽي اپندا هياسين ۽ هن جي رڙين ۽ گارين ڪانپوءِ واپس ڏيندا هياسين. هو به، جڏهن ليڪچرر ٿيندا هيا ته ملڻ گوارا نه ڪندا هيا. پر لطافت انهن مان نه هيو، هن جو گهر، ڄڻ منهنجو گهر آهي. در کي پنهنجي مخصوص موسيقي واري انداز ۾ کڙڪائڻ ڪانپوءِ بغير ڪنهن انتظار جي گهر ۾ داخل ٿي ويندو هيس ۽ سڌو ريفريجٽر جي تلاشي وٺي پهريان ته ڪائڻ جي شيءِ هٿ ڪندو هيس ۽ پوءِ، انيلا ڀاڄائيءَ کي رعب مان چوندو هيم ته: ’شاباس جلدي جلدي گرم چانهه پيار.‘ هوءَ ويچاري به کلندي چانهه تيار ڪندي هئي، لطافت ۽ انيلا جي شادي، پيار جي شادي هئي. ٻئي ڪلاس فيلو هيا، ٻنهي جي محبت وڌي وئي ۽ شاديءَ جي لاءِ تيار ٿيا. پر روائتي طرح، انيلا جي خاندان مخالفت ڪئي ۽ ٻنهي ڄڻن هر حربو هلايو ته، جيئن ٻنهي خاندانن جي رضامنديءَ سان شادي ٿي. پر ڪامياب نه ويا ۽ آخر، ٻنهي مجبور ٿي سول ميريج ڪئي. ۽ هاڻي ٻئي ڄڻا پنهنجي ٻار سميت خوش آهن. اسان ٻئي ڄڻا لطافت جن جي ڊرائنگ روم ۾ ويٺاسين. جڏهن، لطافت جن اٿي ويا ته مون توکان پريشانيءَ جو سبب پڇيو ته، جواب ڏيڻ کان اڳ ئي تنهنجين اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا. مون کي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. توکان پڇيم ته، ڪنهن دوست جو ڏک ٿي، ڪنهن ڪجهه چيو ٿي، ماءُ پيءُ جي رويي تي ڏک ٿي؟ تون انڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيندي رهينءَ، نيٺ پڇيم ته: ’خليل ڪجهه چيو ٿي؟‘

تنهنجو روئڻ تيز ٿي ويو. مان توکي پرچائيندو رهيس، تنهنجن ڳوڙهن کي زمين تي ڪرڻ کان بچائيندو رهيس. تو ڳالهايو ته: ٻه ڏينهن اڳ ۾ خليل پنهنجي ٻارن کي ڪراچي وٺي وڃڻ لاءِ آيو هو ۽ جڏهن، وڃڻ لڳو ته هن تنهنجي ماءُ پيءُ کان، تنهنجي بجاءِ تنهنجي ننڍي ڀيڻ رافعه جو سڱ گهريو هو. جنهن تي، توهان سڀ حيران ٿي ويئو. تنهنجي ماءُ پيءُ، خليل کي چيو ته هو اهو ڇا چئي رهيو آهي، پر هن هڪ

ٻ نہ مڃي ۽ چيائين تہ، هن اهو فيصلو ان ڪري ڪيو آهي جو ساحره کي پنهنجين مصروفيتن مان واندڪائي ئي ناهي. سڄو ڏينهن يونيورسٽي رهي ٿي، گهر ۾ اچڻ کان پوءِ ٻ مون سان نہ ٿي ڳالهائي .تون ٻ ڪيس ماءُ پيءُ جي سامهون ئي جواب ڏنو تہ: ’جڏهن رشتو طئہ ٿيل آهي تہ مون کي ڪهڙي ضرورت پئي آهي جو توسان ڪل مذاق ڪيان. باقي ڪنهن ٻ سبب جي ڪري توکي رشتو ناهي ڪرڻو تہ نہ ڪر.‘ هن اهو ٻ چيو تہ: ’ساحره سان زندگي گهارڻ ڏکي آهي. هوءَ عجيب ڇوڪري آهي ۽ مان رافعہ سان شادي ڪندس .‘

جنهن تي رافعہ ٻ خليل کي چيو تہ: ’مان توسان شادي نہ ڪنديس. مون کي تہ تون بيوقوف بڻائيندو رهين ۽ چوندو رهين تہ منهنجي شڪل منهنجي مرحوم ڀيڻ سان گهڻي ملي ٿي. مون کي تون اوندهہ ۾ رکيو. مان، ڪڏهن ٻ اهو برداشت نہ ڪنديس.‘

پوءِ رافعہ ٻ روئڻ لڳي. خليل پريشان ٿي ويو. هن سمجهيو تہ رافعہ راضي آهي ۽ اسان جي مجبوري آهي تہ ٻارن کي پاڻ سان گڏ رکڻ لاءِ مجبور ٿي، هن جي اها ڳالهہ ٻ مڃيندا سين پوءِ بابا ۽ امان جن ٻ هن کي دڙڪا ڏنا ۽ هو هليو ويو. ويندي ويندي چئي ويو تہ: ’مان خاندان وارن کي چوندس تہ ساحره شادي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي.‘

تون اها ٽرئجڊي ٻڌائيندي، صفا هياوَ هاري ويٺينءَ ۽ اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳينءَ. مون کي، ڪجهہ وقت تہ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي ۽ خاموشيءَ سان تنهنجي ڪنڌ کي پنهنجي ڪلهي تي لاڙي ڇڏيم. پَل ايئن ئي گذري ويا. مون کي، خليل جي نيچ هجڻ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي.مون کي حيرت ٿي رهي هئي تہ، هن ايڏي وڏي غلطي ڇو ڪئي؟رافعہ، جيڪڏهن هن جي زال ٿي ها تہ هن جي ڏيءُ محسوس ٿي ها، پر ايئن نہ ٻ هجي تہ اها ڪهڙي دانائي آهي.

’هن منهنجي انسلٽ ڪئي آهي. منهنجي عزت کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيائين.‘ سڏڪن وچ مان تنهنجو آواز اڀريو.

’تنهنجي انسلٽ نہ پر پنهنجي ڪئي اٿائين. تون تہ ان عمل ڪري مٿاهين ٿي وئي آهين. تنهنجي حيثيت اڳ گهٽ هئي، هاڻي وڏيڪ آهي. تون پنهنجا سڀ جذبا ختم ڪندي صرف، پنهنجن مائٽن ۽ ڀيڻ جي ٻارن لاءِ ايڏي وڏي قرباني ڏئي رهي هئينءَ. پر، هن ان ڳالهہ جو قدر نہ ڪيو تہ اها هن جي ڪم ظرفي آهي.‘

’هو ڌمڪي ڏئي ويو آهي تہ خاندان وارن کي ٻڌائيندو تہ مون شاديءَ کان انڪار ڪيو آهي.‘

’ان ۾ پوءَ يا بدناميءَ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي. اهو رشتو تون لڪي ڇپي پنهنجي مرضيءَ سان تہ ڪونہ جوڙيو هو. پر سڀني جو فيصلو هو ۽ هاڻي ٻ، تنهنجي ماءُ پيءُ جي سامهون اها ڳالهہ ٿي آهي. جيڪڏهن، ڪنهن هن جي ڳالهہ تي اعتبار ڪيو ٻ تہ اهو عارضي هوندو. جڏهن تنهنجا والدين اها ڳالهہ خاندان وارن کي ٻڌائيندا تہ هُو انهن تي ڀروسو ڪندا‘.

’مون کي پنهنجي ڀيڻ جي موت تي ٻ ايڏو ڏک نہ ٿيو هو، جيترو هاڻي ٿيو آهي.‘

’چري، مان تہ چوان ٿو ان ۾ ڏک جي ڳالهہ ناهي. پر، خوش ٿيڻ جي ڳالهہ آهي. جيڪڏهن ان ماڻهوءَ جي نفسيات ايئن آهي تہ شاديءَ کان پوءِ ٻ اهڙو عمل ڪري ها. جيڪڏهن ايئن ٿي ها تہ، ان وقت تو وٽ ڪجهہ ٻ نہ هجي ها. ۽ تون هارايل هجي، ها. پر، هاڻي ڪتيل ڪيڏاڙي آهين.‘

’ٿيون ڏينهن، جڏهن اها ڳالهہ ٿي تہ منهنجو دماغ خراب ٿي ويو ۽ ڏاڍو رنم. ۽ اهي ٻئي راتيون، ننڊ ٻ نہ ڪئي اٿم تون ٻ ڳوٺ هئين جنهن ڪري اهو عذاب اڪيلي سر سٺو اٿم.‘

’هاڻي تہ مان آهيان نہ!‘ تنهنجي نرڙ تي ننڍي هوندي لڳل ڏڪ جي نشان کي چمندي چيم. تنهنجا هٿ، منهنجي سيني جي وارن سان ڪيڏڻ لڳا.

’مان جڏهن ايترو پريشان هيس تہ امان، توکي گهرائڻ لاءِ چيو پي، مان ٻڌايومانس تہ اتي ناهين.‘

’ڳوٺ ٽيليفون ڪرين ها.‘

’نہ، صحيح نہ پيو لڳي. هفتي جو هڪ ڏينهن تہ ڀينرن ڀائرن ۽ پيءُ ماءُ لاءِ توکي ٻ هجي. اهو سمورو وقت پنهنجو پاڻ کي مارڻ تي دل پئي چاهي، ڪاڏو ٻ ان وقت کان وٺي نہ ڪاڏو اٿم.‘

’اهو وري چا ڪيئہ، ڇگو اچ مان توکي پنهنجن هٿن سان ماني کارائيندس.‘

مان، ماني جو انتظام ڪيو ۽ توکي پنهنجي هٿن سان کارايم. تون ڏاڍي خوشي محسوس پئي ڪرين. ٻنهي، چانهہ جي ڪوپ کي اڌواڌ پيتوسين. تنهنجي مٿي کي زور ڏيڻ لڳم تہ تون هٿ لاهي پنهنجي ڇپن تي رکي ڇڏيو. تون پنهنجو پاڻ کي ڪافي فريش محسوس ڪرڻ لڳينءَ. تو چيو تہ: ’جيڪڏهن تون نہ ملين ها تہ مان چري ٿي پوان ها يا پنهنجو پاڻ کي ماريان ها. تو مون کي بچائي ورتو.‘

’اڙي يار، تون اهڙيون ڳالهيون ڇو ٿي ڪرين. وري مار ڪائڻ جو ارادو آهي ڇا؟‘

مان ڪجهه دير خاموش رهيس ۽ پوءِ منهنجي ذهن ۾ سوال ٿيو.

’ساحره، مون کي محسوس ٿئي ٿو ته، ان سموري الميي جو ڪارڻ مان ته ناهيان؟

’نه نه ايئن ناهي.‘

’ڏس نه، تون فنڪشن جي ڪري ۽ منهنجي ڪري گهڻو وقت يونيورسٽي رهندي هئينءَ. نه ته، خليل کي اها شڪايت ئي نه هجي ها.‘

’ڳالهه دراصل اها آهي ته، هو چاهي پيو ته مان ساڻس ڪچهريون ڪيان، هتان گهر وڃڻ کانپوءِ به مون کي گهڻو ٽائيم ملندو هو پر، مان ان سان نه ڳالهائيندي هيس. جڏهن، مون کي خبر هئي ته منهنجو ٽيڻ وارو مڙس آهي ته، پوءِ مان ڪيئن بابا امان جي سامهون هن سان کل مذاق ڪيان. باقي، رافعه چوائي ته هوءَ اڳي وانگر هن سان ڪچهريون ڪندي هئي. هن کي ڪهڙي خبر ته، هن سان ڪهڙو خيال ذهن ۾ رکي ڪچهريون ڪري ٿو.‘

’پوءِ باقي خليل ايئن ڇو ڪيو؟‘ سوالن جو سلسلو، مون خاموش رهڻ نه پيو ڏي.

’اصل ۾، هو مون کان ڊپريس رهندو هو. منهنجي خبر اٿس ته، مان جيڪو چاهينديس اهو ڪنديم. گهر ۾ به منهنجي حيثيت وڏي هجڻ ڪري حاڪمانه آهي. ان ڪري، هُن کي خوف هو ته متان شاديءَ کانپوءَ به مان اهڙي رهان ۽ هو خائف رهيو.‘

’تون جڏهن محسوس به سڀ ڪجهه ڪرين ٿي، ته پوءِ پاڻ کي ڏوهي ڇو ٿي سمجهين؟‘

’ڪير ٿو سمجهي، تون نه مليو هئين ته مان پنهنجو پاڻ کي ڪريل ڇوڪري سمجهي رهي هيس. پر، هاڻي نه ٿي سمجهان. واقعي به تون منهنجي لاءِ مسيحا آهين.‘

تون منهنجي ٻانهن پڪري، ڏوري ۾ ڇڪ پائي چيو ته: ’باقي رهيل ڏک، تنهنجي جسم ۾ انجيڪٽ ٿي ڪيان.‘

جڏهن، ڏٺي ته تنهنجا ڏندن جا نشان گهرا آهن، ته افسوس ڪري انهن نشانن مٿان ڇپن جي ٽاڪور ڪرڻ لڳينءَ. مان توکي ايئن ڪرڻ کان جهليو ۽ توکي چيو ته: ’اڇا به جيڪڏهن ڪجهه ڏک يا سوچون رهيل هجن ته رات جو ڪيسٽ پري ڏجان ۽ هاڻي واعدو ڪر، اڄ صحيح نموني رات گذاريندينءَ؟‘

’واعدو‘ مرڪي منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتئه. تنهنجي ڏک تي سوچيندو رهيس. مون کي، خليل کان تمام گهڻي نفرت ٿي وئي، مان حيرانگيءَ مان سوچيندو رهيس ته:

’ماڻهو ايترو به ڪري سگهي ٿو!‘

تون ڪيسٽ پري ڏني.

’هن وقت مون کي بخار آهي ۽ بخار ۾ منهنجون اکيون ڳاڙهيون ٿي، تمام خوبصورت بڻجي ويون آهن. مون کي پاڻ کي به سٺيون لڳي رهيون آهن. پر هڪ ڳالهه آهي ته، مان اپ سيٽ (Upset) نه پر فريش آهيان. منهنجي ذهن ۾ ڪابه سوچ ناهي، مان سوچڻ به بند ڪيو آهي. ليڪن ڪجهه سوچن کي مان ختم ضرور ڪري ڇڏيو آهي. مان سمجهوتو ڪيو آهي، پر تڏهن به الائي ڇو محسوس ٿيندو آهي ته، منهنجي دل ۾ باهه لڳل آهي، خبر ناهي ڪهڙي باهه؟ الائي ڇو ڪجهه چهرا ايترا جلدي بدلجي ويندا آهن. مهانڊا ته اهي هوندا آهن پر صرف انداز بدلجي ويندو آهي. اهي پر اعتماد رشتا ڪيئن بدلجي ويندا آهن. اهي شفيق/دوست جن تي اسان انڌا انڌ اعتماد ڪندا آهيون.

اهي مقدس رشتا، جن سان جيون جي ڏور ٻڌل هوندي آهي، ڪچو ڌاڳو ڇو ثابت ٿيندا آهن؟ ۽ انهن رشتن جي ٽٽڻ سان، دلين ۾ جيڪي گهاوَ پيدا ٿيندا آهن، اهي ڪڏهن به نه ڀرجندا آهن. جيڪا خلا پئدا ٿيندي آهي، اها ڪنهن به طرح پوري نه ٿيندي آهي. اهي نازڪ احساسات، اهڙي طرح مجروح ٿيندا آهن، جو وڪريل وجود ڪڏهن به مڪمل نه ٿيندا آهن.
(روئڻ جو آواز)

مون کي فخر آهي ته تون منهنجو دوست آهين تون نه هجين ها ته مان مري وڃان ها. تون ڏکن ۾ جيڪو مون سان شيئر ڪيو. منهنجا ڳوڙها سميٽيا ان لاءِ مان جيترو به ٿورائتي ٿيان، گهٽ آهي.

مون ته ڪڏهن ڏک ڏٺا ئي نه هيا، مان سوچيندي هيس ته مون کي جيڪڏهن، ڏک مليا ته واقعي به مان پاڳل ٿي پوندم. مگر ڏس، تون منهنجو دوست آهين ۽ تون مون کي پاڳل ٿيڻ کان بچائي ورتو. پر مان ڪڏهن ڪڏهن سوچيندي آهيان ته، هن زندگيءَ ۾ خبر ناهي ڪيترا ڏک ملن ۽ تون انهن ڏکن ۾ شيئر ڪرڻ ۾ منهنجو ساٿ ڏيندين يا نه؟ مون کي جڏهن ڏک ملندا آهن تڏهن محسوس ٿيندو آهي ته، منهنجن ڪلهن تي احساس جي صليب ڪلهن تي رکيل آهي. پر توکان ملڻ ۽ ڳالهائڻ کان پوءِ محسوس ٿيندو آهي ته، مان پنهنجن ڏکن جي صليب ڪلهن تي رکي ڇڏي آهي. ۽ ان جو مون کي حق به آهي، پين ڪنهن جي صليب ڪلهن تي ڪئي، هن کي زندگي ڏيڻ هن دنيا جو عظيم ڪم آهي. ۽ تو ۾ اها عظمت آهي. جيڪڏهن تون نه هجين ها ته، ڏکن جي صليب هيٺيان منهنجو وجود دفن ٿي وڃي ها.

جيئن ڪمري جي ننڍن ننڍن سوراخن مان، اينڌڙ روشني ذريعي سج اڀرڻ جي خبر پوندي آهي، اهڙي ريت ننڍين ننڍين ڳالهين مان، انسان جي ڪردار جي خبر پوندي آهي.

مون کي دنيا جي ناهيل اصولن کان نفرت آهي، تمام گهڻي نفرت! قتل ڪرڻ وارن کي ته موت جي سزا ڏين ٿا. پر جيڪي، روحن کي لتاڙين ٿا، احساسن جو قتل ڪن ٿا، آهي ڪيڏا آزاد ۽ خوش گذارين ٿا. ان ڳالهه کان لاپرواهه ٿي ته انهن جي هڪ ڳالهه، هڪ فيصلي تي ڪنهن جي شخصيت ختم ٿي وڃي ٿي، اها شخصيت قتل ٿي وڃي ۽ قتل ٿيندي هن، آخري رڙ به نه ڪئي زندگيءَ جي بخشش به نه گهري (روئڻ جو آواز)

مان سهارن کان تمام الرجڪ هيس مگر، مان اعتراف ڪيان ٿي ته، اسان کي جيڪڏهن سهارا نه ملن ته مري وڃون. مان سهارن کان ان ڪري به الرجڪ هيس جو، مون کي ڏک ئي نه مليا هيا ۽ خوشيون مان، پنهنجو پاڻ شيئر ڪري وٺندي هيس. مگر جڏهن مون کي، ڏک مليا ته مون کي احساس ٿيو ته، منهنجا ڪجهه دوست، بلڪ تون، منهنجي ويجهو آهين ته، مان پنهنجن ڏکن کي وساري وڃنيس. مان گهڻي حساس آهيان مگر تنهنجي پيار، تنهنجي تمام گهڻي چاهت ۽ ايڏي گهڻي خلوص، مون کي وري جياري ڇڏيو. نه ته ساحره جهڙي ڇوڪري ته مري وڃي ها. مون کي يقين ئي نه تو اچي ته، دنيا ۾ ايترا سٺا ماڻهو به هوندا آهن. اهڙا پيارا پيارا ماڻهو جن جو خلوص ۽ پيار، ايترو بي لوث ۽ وشال هوندو آهي جو، اسان ان سمنڊ ۾ ٻڏندا ويندا آهيون ۽ اسان کي ٻڏڻ جو احساس به نه ٿيندو آهي. ڏکن جي چادر منهنجي وجود جي مٿان ڦهلجي وئي آهي. مگر تنهنجي پيار ۽ چاهت جي طاقت مون کي ان چادر هيٺيان ڇڪي ڪڍي رهي آهي. جيترو پيار ۽ چاهت تو مون کي ڏني آهي، خدا ڪري، تون هميشه زندهه رهين ۽ مان، بند ٿيندڙ اکين سان توکي ڏسندي ڏسندي مري وڃان ۽ منهنجين اکين ۾ آخري عڪس بي ڪنهن جو نه پر،

تنهنجو هجي. جيڪڏهن تون، نظر نہ ايندين تہ منهنجو روح بي چين هوندو ۽ جنهن شخص کي زندگيءَ ۾ سڪون نہ ملي، ان لاءِ ضروري آهي تہ مرڻ ڪانپوءِ تہ هن کي سڪون ملي.

زندگي، پوپٽ وانگر اسان جي چوڦير اڏامندي رهندي آهي ۽ پنهنجي رنگن تي هر شخص کي برغلائي، ڏسندي ڏسندي گلن ۾ گم ٿي ويندي آهي ۽ جيڪڏهن، اسان هن کي پڪڙي بہ وٺئون تہ پنهنجا رنگ ڇڏي اڏامي ويندي آهي ۽ اهي رنگ هوندا بہ عارضي آهن.

گهڻي رات گذري چڪي آهي پر مون کي ننڊ نہ ٿي اچي، هوئنئن بہ هاڻي ننڊ جي پيٽن ڏي ناوَ نہ ٿي وڃي. مان بہ ڪيسٽ پرڻ تي چاهيان ۽ ايستائين ڳالهائيندي رهنديم جيستائين، ننڊ نہ اچي. تنهنجي خيال سان ننڊ سٺي اچي ويندي ۽ مان ڳالهائيندي ڳالهائيندي تنهنجي خوبصورت خيالن سان سمهڻ چاهيان ٿي.....'

تنهنجي ڪيسٽ، روئڻ سان ڳڏ پريل هئي.

توکي اجان تائين خليل جي جواب ڏيڻ جو ڏک هو. تون، خليل سان نفرت ڪرڻ لڳي هئينءَ تہ چڱو ٿيو جو اهڙي ماڻهوءَ سان زندگي گذارڻ کان بچي ويس، جنهن جو ذهن ايڏو خراب آهي ۽ ڪريل آهي. ان هوندي بہ تون منجهيل هوندي هئينءَ تہ، تنهنجي پيٽ جا ٻار تمام گهڻو يوڳيندا. انهن جون ڳالهيون ڪندي تون روئي پوندي هئينءَ. اجان تائين، تنهنجي ذهن تي ٻارن جو مستقبل ڇانيل هوندو هو.

آگسٽ جي آخري ڏينهن تي سنڌي-مهاجرن جو جهيڙو ٿي پيو. خبر ناهي ڪيترا ماڻهو ڦٽڪي مئا، ظلم جي انتها هئي، هر طرف رت جي هولي هئي. منهنجو من مايوس ٿي ويو، اداس ٿي ويو ۽ مون تي وحشت جا سيئي تير حملي آور ٿيا. وجود جي بي معني هجڻ جي احساس اداس ڪري ڇڏيو. ايمبولنس جو سائرن، گهر گهر جي ڪال بيل وڄائڻ لڳو. آسمان تي ڳاڙهي رت جو ليپ اچي ويو، گهبرائجي ويم. ڪنهن ساٿيءَ جي ضرورت محسوس ٿي، توکي ٽيليفون ڪري اچڻ لاءِ چيم. شام جو وڳڙو هو، تون جڏهن آئينءَ تہ توسان ڪچهري ڪندي، ڪجهہ سڪون مليو. تون پاڻ پريشان ٿي وئي هئينءَ. پنهي ڄڻن، تمام ڏکهو بحث ڪيوسين ۽ ان ئي وقت ريڊيئي تي يونيورسٽي بند ٿيڻ جو اعلان ٿيو.

'يونيورسٽي وارن کي ڪهڙي جلدي هئي بند ڪرڻ جي!؟'

'احتياطن بند ڪئي اٿئون، باهہ پکڙجڻ لاءِ صرف سڪيون ڪائيون ضروري ناهن.'

'تون ڪڏهن ويندين.'

'سڀاڻي، ظاهر آهي رات جو ئي هاسٽلون خالي ڪرائيندا.'

'زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو فريب اهو هوندو آهي تہ، ڪا بہ شي اسان وٽ ناهي رهندي، ڪجهہ شين کان اسان پاڻ پري ٿي ويندا آهيون ۽ ڪجهہ حالتون اسان کان پري ڪري ڇڏينديون آهن.'

'اهو فطرت جو اصول آهي.'

'منهنجي زندگيءَ جي ٽريجڊي اها آهي جو، جنهن شيءِ کي مون چاهيو آهي، اها مون وٽان

جلدي پري هلي ويندي آهي. شايد ميلاپ ۽ جدائي، ٻئي اهي عنصر اسان جي زندگيءَ تي حاوي رهن ٿا. هونئن به، سهارا ڪجهه ڏينهن لاءِ هوندا آهن.'

'ان جو مطلب آهي ته مان ناڪام آهيان. جو، جيستائين مان حاضر آهيان ته تنهنجو سهارو آهيان ۽ پوءِ نه؟'

'نه، تو جهڙن جون يادون هميشه رهنديون آهن – تنهنجون يادون، منهنجي وجود تي حاوي رهنديون.'

'لڳي ٿو ته هن موڪلن سان گڏ ئي گرمين جي وئڪيشن ڪري ڇڏيندا.'

'هونئن به ته وئڪيشن تي وڃڻو هيو، پر ايڏو جلدي اهو ڪڏهن سوچيو ئي نه هيم. ڪيئن ڪنديس مان؟'

'تون ان عرصي دوران پينٽنگز ٺاهجانءِ ۽پوءِ انهن تي ڳالهائينداسين به.'

'سپاٽي وڃڻ مهل منهنجي گهر ضرور اچجانءِ ۽ ڪيسٽ به رڪارڊ ڪري اچجانءِ.'

ٻي ڏينهن تي، تنهنجي گهر پهچي ويو هيم. جڏهن موڪلائڻ جو وقت ٿيو ته، تنهنجين ماٽڪيون پاٽيءَ ۾ ترڻ لڳيون ۽ روئيندي تاڪيد ڪيئي ته، روزانو پنهنجو حال احوال لکجانءِ ۽ چنبڙي پئي هئينءَ. جڻ ٻنهي جو وجود هڪ ٻئي کان جدا ٿيڻ کان اڳ، پنهنجون ڪجهه نشانيون، پنهنجا عضوا ٻي سان متا ستا ڪري رهيو هو. جڏهن، الڳ ٿياسين ته مان تو وٽ هيس ۽ تون مون وٽ. مان ڪمري مان نڪرڻ لڳو هيس، تنهنجيون اکيون بند هيون ۽ مون تو کان اکيون بند ڪرڻ جو سبب پڇيو ته، جواب ۾ چيو ته: 'مان چاهيان ٿي ته، تنهنجو عڪس پنهنجين اکين ۾ بند ڪري ڇڏيان.مان، تو سان ضد ڪيو هو ته جيستائين، اکيون نه کولينديءَ ته مان به چپ چاپ بيٺو رهندس. تو اکيون کوليون ته، لڪيل ڳوڙها نڪري آيا. مان، تنهنجين پنبڻين کي پيار مان چميو ۽ تو چيو ته 'مان روزانو انهن پنبڻين تي تنهنجا خواب ۽ خيال سجائيندس ۽ ها، تون به مون کي ضرور ياد ڪجانءِ.'

'چوڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. ايئن ٿي ئي نه ٿو سگهي جو، اڌ وجود يادن ۾ مشغول هجي ۽ ٻيو خاموش هجي!'

تنهنجي اکين ۾ چمڪ اچي وئي. ٻنهي ڄڻن، ڪيسٽون ايڪسچيج ڪيون ۽ ٻنهي جي ڏورن ۾ ڏندن جا نشان رهجي ويا.

لاڙڪاڻي ۾ پنهنجي جڳهه جي ڪوٺي تي ستل هيس، پرسان واري باغ مان، رات جي راڻيءَ جي خوشبو اچي رهي هئي. آسمان تي چنڊ ڪڙيل هو ۽ مان تنهنجي ڪيسٽ ٻڌي رهيو هيس:

'منهنجي دل ڳالهائڻ تي نه ٿي ٿئي. دل چئي ٿي ته، مان صرف سوچيان تنهنجي باري ۾. ۽ انهن ايندڙ عذاب وارن لمحن جي باري ۾ جڏهن مان روئڻ چاهينديس ته تنهنجو ڪلهو به نه ملندو، آواز ڏيڻ چاهيندم ته، تو وٽ آواز به نه پهچندو. توسان ملڻ ۽ ڏسڻ چاهينديم ته، اسان جي وچ ۾ ميلن جو مفاصلو هوندو. خبر ناهي، يونيورسٽيءَ وارن کي ڪهڙي تڪليف ملي جو، وئڪيشن ڪري ڇڏيائيون.

(روئڻ جو آواز). خير اهو وقت ته ڪڏهن نه ڪڏهن اچڻو هو، اڄ نه سهي سڀاڻي، سڀاڻي نه سهي پرينهن، پر وڇوڙي جو ڏک فطري آهي.

مون کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته، ڇا ڳالهايان ڳوڙها پنهنجو پاڻ وهڻ لڳا آهن. ان ڪري جو تون هتان هليو ويندين ۽ چوڻ جو فائدو به ڪونهي، ڇو جو ڪجهه ڳالهيون چئبيون ناهن پر، سمجهبيون آهن ۽ تون مون کي چڱي نموني سمجهين ٿو. مون کي چوڻو صرف ايترو آهي ته، مون کي پنهنجي لفظن جي خوشبو ۾ رکجانءِ.

مون کي ذات جي استعارن ۾ رکجاءِ،
مون کي پنهنجي اڱڻ جي چنڊ تارن ۾ رکجاءِ.
منهنجا ڪجهه خط آهن، جن کي مان پنهنجي رت جي صداقت سان لکيو هو، جن ۾ صدائن جي پاڪيزگيءَ سان پڪاريو هو توکي.
منهنجا چند لمحا آهن،
جن ۾ تنهنجي ڳالهائڻ جو رنگ هو.
منهنجون ڪجهه پسند هيون،
جن کي تنهنجي پسنديدگيءَ جي ضرورت هئي.
منهنجو ماضي آهي،
جنهن کي تنهنجي رفاقت ،ماضيءَجو مفهوم ڏنو.
منهنجو هڪ آئيندو هو،
منهنجون ڪجهه خوشيون هيون تنهنجي حوالي سان،
۽ اهو هڪ گلاب،
جنهن کي ٻين گلابن کان ڌار ڪري مون کي ڏنو هو
انهن کي ۽ ڪجهه ٻين ڳالهين کي،
پنهنجي يادن ۾ رکجاءِ .
گفتگو جي پناهن ۾ رکجاءِ اشارن ۾ رکجاءِ،
پنهنجي ذات جي استعارن ۾ رکجاءِ،
ته مان ۽ تون
هڪ صدي اڳ،
هڪ ئي جسم هياسي،

هڪ ئي ذهن ۽ روح هياسي، هڪ ئي نانءُ هياسي.

منور جي بدلي ٿي هئي ته تون ان ڪان جدا ٿيڻ تي ڪيترو پريشان ۽ ڏکويل هئين. اڄ مان به پريشان آهيان. هيءَ جدائي عارضي ئي سهي پر سياٽي منهنجو هڪ دوست مون ڪان پري وڃي رهيو آهي. مون کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي هن کي الوداع ڪيان ته ڪيئن ڪيان. ان ڇهري تان نظرون ڪيئن هٽايان،جنهن کي ڏسڻ لاءِ ڪيئي ڏينهن انتظار ڪرڻو پوندو. مان اهو سوچي گهبرائجي رهي آهيان ته، ان وقت جڏهن مان اڪيلي هونديس. پريشان ٿينديم، ڏک تي روئڻ ايندو، ڪنهن سان ڳالهائڻ چاهينديم پر منهنجو دوست موجود نه هوندو. مون کي خبر آهي ته، زندگي ۾ اهڙا مقام ايندا آهن، جن کي اسان گهڻو چاهيندا آهيون. اهي ڏار ٿي ويندا آهن، اسان انهن کي روڪڻ به چاهيون ته وقت انهن کي اڳتي وٺي ويندو آهي ۽ اسان ڪجهه به نه ڪري سگهندا آهيون. صرف پيهر ملڻ جي اميد رکندا آهيون. اميد ڪيترو فريب آهي، ڪيترو خوبصورت فريب. جنهن جي آس ۾ هميشه زندهه رهندا آهيون، بغير روح جي زندهه، ڪيترا مجبور آهيون اسان! اسان جو ڪيترو عجيب رشتو آهي. سيني ڪان الڳ ۽ انوکو. ايڏو پيارو رشتو ــ (روئڻ جو آواز)

تون پريشان نه ٿجانءَ، تنهنجي جدائي جو سوچي، ڪجهه بي ڇيا ڳوڙها نڪري آيا آهن. ڪا ڳالهه ناهي، توکي به وڃڻو آهي.

زندگيءَ ۾ گهڻا مقام اهڙا به ايندا، جتي تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ تمام گهڻا فاصلا هوندا، گهڻيون اهڙيون راهون اينديون، جن تي اسان کي الڳ الڳ ٿي وڃڻو هوندو. ۽ مان توکي ڪڏهن به نه روڪينديس، تنهنجي راهه ۾ ڪڏهن به رڪاوٽ نه بڻجنديم. توکي ڪجهه به نه چوندم ۽ ڪڏهن ڪجهه به نه گهرنديم. ان لاءِ جو، تو مون کي گهڻو ڪجهه ڏنو آهي، تون پنهنجي دوستيءَ ۾ جيترو پيار ۽ خلوص ڏنو آهي، تمام گهڻو آهي، تمام گهڻو زندگيءَ ۾ مليل سمورين چاهتن ڪان وڌيڪ. هڪ دوست جو ايترو پيار به ڪافي آهي. تون جتي به هجين خوش رهين. تون جتي به هوندين، منهنجو هوندين. تنهنجون سوچون، منهنجون آهن تنهنجون يادون منهنجو سرمايو آهن. خبر ناهي، توسان ڪڏهن ملاقات ٿي؟ صبح جو تون ايندين، مون کي يقين آهي ته صبح ۽ ڏينهن ڏاڍو خوبصورت هوندو. حالانڪ، اُن ڏينهن غروب آفتاب جو به وقت ايندو، جڏهن توکي الوداع چوڻو پوندو.

سياٽي ڪان، وئڪيشن شروع ٿئي ٿي ۽ منهنجي لاءِ ڄڻ ته، عذاب وارن ڏينهن جي شروعات ٿي آهي. ڏينهن ته ڪنهن ڪنهن حالت ۾ گذري ويندا. پرجڏهن پنهنجو پاڻ ڪان پياريون هستيون ڌار هجن ته هر پل عذاب ۾ گذرندو آهي.

مان وئڪيشن ۾ تمام گهڻيون پينٽنگز ٺاهينديس ۽ شاعري ڪنديم تنهنجي لاءِ. پوءِ جڏهن ملنداسين ته انهن پينٽنگز ۽ شاعري تي ڳالهائينداسي. مان جڏهن پينٽنگز ٺاهينديس ته، انهن ۾ تنهنجي چاهت ۽ پيار جا رنگ هوندا. ڇو جو، جڏهن مان ڪينواس تي برش رکنديس ته تنهنجون يادون برش جي رهنمائي ڪنديون ۽ مون يقين آهي ته، پينٽنگز تمام خوبصورت هونديون. ان لاءِ جو، تنهنجون يادون خوبصورت هونديون. شاعري به سٺي هوندي ڇو جو منهنجا لفظ تنهنجا هوندا، منهنجا هٿ تنهنجا هوندا جنهن ڪري قلم جڏهن پني تي لکندو ته، اهو سڀ ڪجهه سهڻو هوندو.

اسان هتي پنهنجي مرضيءَ سان ڪجهه به ته ڪري نه ٿا سگهون، ڄڻ ته روبوٽ آهيون، ٻين جي حڪمن جي تعميل ڪرڻ وارا. ڪيترو نه سٺو ٿئي ها جو، مان ڪنهن خاموش هنڌ تي ڪنهن خوبصورت لينڊ اسڪيپ تي رهان ها. ان جڳهه تي منهنجي ننڍڙي جهوپڙي هجي ها، جتي پکين جي آواز، ۽آبشارن جي موسيقيءَ سان منهنجا ڪن پُرن ها، چند منهنجي جهُوپڙي مٿان اچي بيهي ها ۽ سج منهنجي دروازي تي لهي ها. مون وٽ ڪينواس، برش ۽ رنگ هجن ها ۽ خوبصورت لينڊ اسڪيپ کي ڪينواس تي ٺاهيان ها ۽ پوءِ مان، ان سموري خوبصورتي کي اکين ۾ سمائي مري وڃان ها ۽ پوءِ منهنجي قبر، ان لينڊ اسڪيپ ۾ هڪ اضافو هجي ها. پر اهو رڳو هڪ سپنو آهي، تون موڪلن ۾ جڏهن گهمڻ وڃين ۽ اهڙا خوبصورت منظر ڏسين ته، سوچجانءِ ته وڏن وارن واري هڪڙي ڇوڪري، هڪ ڇري ڇوڪري تنهنجين نظرن سان انهن خوبصورت نظارن کي ڏسي رهي آهي. جڏهن، وڏا وڏا پهاڙ ڏسين، ڏڳها ڏڳها وڻ ڏسين ته محسوس ڪجانءِ ته هڪڙي ڇوڪري انهن وڻن پنيان جهاتي پائي توکي تڪي رهي آهي. جڏهن، جهرڻ جي موسيقي تنهنجن ڪنن ۾ پئي ته محسوس ڪجانءِ ته هڪڙي ڇوڪري اُن ڏينهن تي تنهنجي لاءِ جهونگاري رهي آهي ۽ اهڙي خوبصورت ماحول ۾، ڪنهن هنڌ لکي اڇجاءِ:'هڪڙي ڇري ڇوڪري،' ڄڻ مون کي شيئر ملي ويندو خوبصورت رستن تي گهمين ته سوچجانءِ ته تنهنجي قدمن جي نشانن تي

ڇوڪري ٻه پير رکندي پئي اچي. جيڪڏهن، مون کي اهڙي هنڌن تي وڃڻ جو موقعو ملي ها ۽ تون، ساڻ هجين ها ته تنهنجي ڪلهي تي ڪنڌ رکي انهن نظارن کي ڏسان ها ته، اهو منهنجي زندگيءَ جو آخري ڏينهن هجي ها، خوشيءَ مان مري وڃان ها. جيڪڏهن تون، ڪنهن طرف نه وڃين ۽ گهر ۾ ئي رهين تڏهن شام جو گهر پرسان وهندڙ ڪئنال تي لهندڙ سج جو منظر ڏسين ته شفق جي رنگن ۾ منهنجي تصوير ڏسجانءِ. جيڪا، تنهنجين يادن سميت اتي هوندي ۽ پوءِ سوچجانءِ خوبصورت ڳالهيون ۽ جڏهن مان توسان ملان ته مون کي اهي سڀ ڳالهيون ٻڌائجانءِ جيڪي، تنهنجي ذهن ۾ منهنجي لاءِ آيون. مان توکي پينٽنگز ڏيکاريندم ۽ شاعري ٻڌائيندم ۽ ٻڌائيندم خوبصورت يادون، خوبصورت ڳالهيون خوبصورت خيال هڪڙي شخص لاءِ جيڪو هن دنيا ۾ رهندڙ ٻين ماڻهن کان مختلف آهي. جيڪو ساحره جو ساقي آهي. جنهن، هن کي پنهنجي پيار جي مڌ پياري مدهوش ڪري ڇڏيو آهي.

جدائي جي موسم ڪيڏي عجيب آهي. تون هليو ويندين ته، مان پنهنجو پاڻ کي هن شهر ۾ اڪيلو محسوس ڪنديس. ڪنهن سان، تنهنجون ڳالهيون به نه ڪري سگهنديم، هڪ خاموشي آهي جيڪا منهنجي اندر ۾ لهندي وڃي ٿي.

ڪاش!مان جاهل ڇوڪري هجان ها. پڙهيل ڳڙهيل ۽ باشعور نه هجان ها گهٽ ۾ گهٽ، چاڻ جو عذاب ته نه سهڻو پئي ها. نه ميلاپ جو، نه جدائيءَ جو، نه پيار جو نه ئي نفرت جو احساس هجي ها ۽ ڏاڍي خوش گذاريان ها. ڪڏهن ڪڏهن، دل چاهيندي آهي ته اکيون بند ڪري ويٺي رهان صدين تائين، ۽ جڏهن اک کلي ته بهار ئي بهار هجي، خزان جو احساس ئي نه ٿئي.

ڪڏهن ڪڏهن دل چوندي آهي ته خدا اسان کي پيدا ئي نه ڪري ها، هو، هرو ڀرو اسان جو تماشو ڏسي ٿو. خوامخواهہ اسان کي ٺاهي ڦٽو ڪري ڇڏيائين. مون کي ته، زندگيءَ ۾ ڪا به اٽريڪشن نظر نه ٿي اچي، شايد منهنجي سوچ تبديل ٿي وئي آهي. مون کي اها ڇوڪري به ياد آهي، جيڪا تمام گهڻو خوش نظر ايندي هئي. هن جو ڪنڌ هميشه اوچو هوندو هو. هوءَ چنڊ تارن کي ڏسندي هئي ۽ زمين ڏي نهاريندي به نه هئي. پر، هڪڙي نوڪر سان اَيترو ڪري جو صرف زمين جا ذرا ئي نظر اچڻ لڳس. جنهن کي هاڻي چنڊ ستارن جي روشني محسوس ئي نه ٿي ٿئي. ڪيتري خوش هئي اها ڇوڪري، جيڪا هميشه مسڪراهٽن جا گل ڪٽي هلندي هئي. پر خوش ته هاڻي به آهي، جو هن کي زمين تان مٽي ڪٽي هلڻ وارا به آهن. جنهن کي رستو ڏيکارڻ وارا به آهن، ساقي به آهي، جنهن وٽ سهاري ڏيڻ لاءِ ڪلهو به آهي، مڌ به آهي. زندگيءَ ۾ صرف هڪ پيرو اهڙا ماڻهو ايندا آهن. جن سان ويراني ۾ بهار ايندي آهي، جيڪي چانورو ڏيندا آهن.

ڏس وڇوڙي جو لمحو ڪيترو ويجهو آهي. مون کي يقين آهي ته، وري ملنداسين. پر هڪ اڻڄاتل خوف، جدائي جو پوءُ پريشان ڪري ٿو. مگر، مون کي يقين آهي ته، مان توسان ۽ تون مون سان ضرور ملندين. منهنجو صرف هڪ عرض آهي ته ڏاڍو خوش رهجانءِ. مون کي ياد به گهٽ ڪجانءِ، ڇو جو ڪڏهن ڪڏهن يادون پيرن سان چنبڙي رستو روڪينديون آهن.

هتي، هر ماڻهوءَ کي پنهنجو عذاب سهڻو پئي ٿو. پر، مان خوشنصيب آهيان جو مان اهو سڀ ڪجهه اڪيلي سر نه ڀوڳيو آهي. مان ان يقين سان ڳالهه ختم ڪيان ٿي ته تون جتي به هوندين صرف منهنجي لاءِ ئي هوندين ۽ منهنجي لاءِ ئي سوچيندين.؟

وئڪيشن، يونيورسٽيءَ ڪي هئي، اسان جن خطن جي وئڪيشن نہ تي هئي.

خط ۾ لکيل هو:

’وڇوڙي جي پهرين رات
ٽائيم- رات جا ٻہ
جانان!

رات جا ٻہ تي رهيا آهن ۽ مون کي ننڊ نہ ٿي اچي. تنهنجي ڊنل ڪيسٽ پوري ٻڌي اٿم. لڳي ٿو تہ منهنجي آس پاس ئي تون ويهي ڳالهائي رهيو آهين. چنڊ پنهنجي پورن جلون سان چمڪي رهيو آهي ۽ مان هن سان، تنهنجون ڳالهيون ڪري رهي آهيان.

اڄ، وڇوڙي جي پهرين رات آهي، ان ڪري ڏاڍي ڏکي آهي، اماس رات وانگر. مون پڪ آهي تہ تون بہ جاڳندو هوندين ۽ چنڊ کي تڪيندو هوندين. ڏس ساحره بہ پريشان آهي! ڳالهين جا، چاهتن جا رنگ، چپن جا پاچولا منهنجي چوڌاري گهيرو ڪري رقص ڪري رهيا آهن. تاحد نظر يادون ئي يادون آهن. تنهنجي ڪيسٽ ٻڌندي ٻڌندي، يادن جي بار ڪان منهنجا چپر ڳورا ٿي پيا آهن.

تنهنجو آواز مون کي چريو ڪري رهيو آهي – هن تنهائيءَ ۾، منهنجون نظرون چنئي پاسن ڏانهن توکي ڳولهي رهيون آهين.ٻي چين اکيون، ننڊ کان عاري، يادن ڪري ڳوريون.

چوڦير تنهنجي خوشبو ڦهليل آهي، منهنجن هٿن، منهنجي وجود مان تنهنجي خوشبو اچي رهي آهي جيڪا مون کي مست ڪري رهي آهي.

وقت ڏاڍو تيزيءَ سان گذري رهيو آهي ۽ ننڊ منهنجين اکين کان ايترو پري آهي جيترو تون. ڏس جانان، منهنجا وار ڪيترو پريشان آهن توکان بغير هر هر چهري تي اچن ٿا، اهي توکان سواءِ پريشان آهن.

تون اداس نہ ٿجاءِ، خوش رهجانءِ ۽ ٽهڪن سان ٽڙندو رهين. تنهنجا ٽهڪ منهنجو حسن آهن ۽ پوءِ مان بہ خوش رهنديس.

ساقي! خوش تہ آهين نہ!! ڏس هي چنڊ ٻڌائي ٿو تہ، تون هن وقت پنهنجي بستري تي خوبصورت ننڊ ۾ منهنجن خوابن سان سٽل آهين. خدا ڪري، اهڙي سندر ننڊ هميشہ تنهنجين اکين تي مهربان رهي.

تنهنجو خط مليو تہ لڳو، لاڙڪاڻي جي گرمي جي اثر وڃائي ويئي آهي ۽ مان توکي خط لکيو تہ:

’مان واعدو ڪيو هو تہ توسان هر شام، هر گهڙي، هر پل ڳالهيون ڪندس. اڄ جمعي جو ڏينهن هو، اسان جا سڀ پراڻا دوست ڪٺا ٿيا. منجهند جي ماني کانپوءِ شام جو رائيس ڪئنال تي سوئمنگ ڪرڻ وياسي. شام جو پل هو، آهستي آهستي سج لهي رهيو هو، هوا بہ سٺي گهلي رهي هئي ۽ مان ڪناري تي ويهي سج لهڻ جو منظر ڏسي رهيو هيس. منهنجي ذهن ۾ ان وقت تنهنجون يادون ۽ ڳالهيون هيون. تنهنجا رنگ هيا، مان محسوس ڪيو تہ شفق جا رنگ ۽ تنهنجا رنگ هڪ جهڙا آهن. پوءِ شفق جا رنگ، جيڪي پاڻيءَ ۾ نظر اچي رهيا هيا، انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ، پنهنجو ڪرڻ لاءِ، پاڻيءَ ۾ ترندو رهيم. پوءِ ايئن محسوس ٿيو، چڻ مان توسان ڳالهيون ڪيون آهن. چڻ مان توکي پاڻهن ۾ آندو هو، چڻ ڪوئي غزل ٻڌو هو. چڻ ڪوئي لينڊ اسڪيپ ڏٺو هو. چڻ ڪنهن پکيءَ جو خوبصورت آواز ٻڌو هو.

تنهنجي ڊنل ڪيسٽ ۾ آوازصحيح پريل ناهي، پر وري بہ تنهائي ۾ نعمت آهي ـ تنهنجو خط، راحت جو سبب بڻيو.

ٻي ڏينهن تي ٻيو خط ٻڌائي رهيو هو:

’وڇوڙي جي ٻي رات
ساقي!

مان توکي وساري نہ ٿي سگهان. حالانڪہ، ايئن ڪرڻ لاءِ مان پنهنجا ڏيئا وسائي ڇڏيا تہ متان، اجالي جو ڪو ڪرڻو تنهنجي ياد جي رهنمائي نہ ڪري، مان پنهنجي دل جا سڀ هوادان بند ڪري ڇڏيا تہ متان سرڪش هوا، تنهنجي ياد.....مگر ـ

پوءِ هرروز شام جو ڪنهن نہ ڪنهن در، دروازي، روشندان، هوادان مان تنهنجي ياد، منهنجي انڌيري دل ۾ راهہ هٿ ڪري وٺي ٿي.

جيئن جيئن چنڊ نکري ٿو، تنهنجين يادن جو شور وڌندو وڃي ٿو ۽ مان چڪور بنجي ٿي وڃان ۽ پوءِ چنڊ کي پيامبر بڻائي پنهنجي سان ڳالهيون ڪندي آهيان. ڇا تون بہ مون وانگر ٻي چين آهين ۽ يادن توکي بہ ايترو ديوانو ڪيو آهي؟

اڄ صبح منهنجي ننڊي ڀاءُ، تنهنجو خط هٿن ۾ کڻي، گلن تي وڃايو تہ منهنجي اک کلي، ڏٺم تہ هن جي هٿن ۾ تنهنجو خط هو. اڄ جي صبح جو آغاز تنهنجي خط سان ٿيو، مون کي ڏاڍو سٺو لڳو ۽ صبح سان موڊ بہ ٺيڪ رهيو،

جنهن جي اثر سڄو ڏينهن هليو. اڄ جي صبح جي شروعات تنهنجين ڳالهين ۽ خيالن سان ٿي. ان کان علاوه اڄ موسم به جهڙالي آهي.

منهنجي پڦي ڪراچي کان آئي هئي ۽ خليل به آيو هو. پنهنجي پڦيءَ کي سفارش ڪرائڻ لاءِ آندو هيائين. منهنجي ننڍي پيڻ لاءِ. پر منهنجي پيڻ هن کي تمام سخت ڳالهايو ۽ جواب ڏئي ڇڏيائينس ۽ هاڻي هن جي ايتري انسلٽ ٿي آهي جو هو دنيا وارن جي سامهون نظرون کڻي نه ڪهمي سگهندو. مون کان هو ايترو شرمندو آهي جو احساس جرم جي ڪري هن کي ننڊ به نه آئي ۽ مون سان نظرون پڻ نه ملايائين. مان هن کي چيو ته: توهان ڏسجو هميشه بي سڪون رهندئو ۽ اوهانجو ضمير ڪڏهن به توهان کي سڪون سان ويهڻ نه ڏيندو ان لاءِ جو توهانجي وچ ۾ پيدا ٿيل غلطيءَ جي سزا مون کي ملي آهي.

ڪالهه پنهنجي پڦيءَ سان ملي رنا به تمام گهڻو هياسين. اسانجون اکيون ايترو سجيل هيون جو ساري دنيا ڌنڌلي نظر اچي رهي هئي. رات جو پڦيءَ کي ۽ خليل کي اسٽيشن تي ڇڏڻ لاءِ اسان سڀ اسٽيشن تي ويا هياسين. رات جو موسم ڏاڍي خوبصورت هئي، بادل هيا، اتي جڏهن پهتاسين ته بارش پئجي رهي هئي. جهڙ جي ڪري چنڊ غائب هو ان لاءِ تمام گهڻي مايوسي ٿي ۽ نظرون بي چين به رهيون ته هاڻي ڪنهن سان تنهنجون ڳالهيون ڪيان ۽ پوءِ مان هوا ۽ بارش جي بوندن کي پنهنجو پيامبر بڻايو. ڪلهه رنا به گهڻو هياسي، بارش ٿي ته اسان کي محسوس ٿيو ته ڄڻ اسان جي ڏک ۾ ٻيو ڪوئي به شريڪ آهي ۽ گڏجي ڳوڙها وهائي رهيو آهي. بهرحال، ڪلهه جيتري به ڊسٽرب هيس اڄ ايتري خوش آهيان. مسڪراهتون، مون کان سنڀالجن ئي نه ٿيون. ان لاءِ جو اڄ جي صبح جي شروعات تنهنجي چهاءَ (تنهنجي خط)سان ٿيو آهي. مون کي يقين هو ته مان جيترو توکي ياد ڪندي آهيان، تون به ضرور ياد ڪندو هوندين.

هونئن، تنهنجي ٻانهن جو سور ڪيئن آهي؟ ڏاڍو شرارتي جيت هو جنهن چڪ پاتو هو.

تنهنجون يادون ڏاڍيون تنگ ڪن ٿيون ۽ لکندي لکندي مان گم ٿي وڃان ٿي ۽ قلم روڪي سوچن ۾ گم ٿي وڃان ٿي هاڻي موڪلائي، رات چنڊ نڪرندو ته پوءِ وري توسان ڳالهيون ڪنديم. خوبصورت چانڊوڪيءَ ۾ خوبصورت ڳالهيون.'

گهڻو عرصو يونيورسٽيءَ ۾ رهڻ ڪري لاڙڪاڻي ۾ دوستيءَ جي حلقي ۾ اضافو نه ٿيو هو. جيڪي پراڻا دوست هيا، اهي پنهنجن ڪمن ڪارين ۽ نوڪرين ۾ مصروف رهندا هيا، جنهن ڪري واندڪائي ۾ بوريت ٿيڻ لڳي ۽ موڪلن ۾ گهرن سبجيڪيٽ پڙهڻ، ڄڻ پنهنجو پاڻ سان زيادتي ڪرڻ آهي. ان لاءِ گهرم ٻهانوڪري ڪجهه ڏينهن لاءِ خيرپور اچي دوستن سان رهاڻيون ڪرڻ لڳم. توسان به ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ٿي. پر اها به گهڻي نه. انهن ئي جولاءِ وارن ڏهاڙن ۾ جهُڙَ ٿيڻ لڳا ۽ اسان سڀ گڏجي مختلف هنڌن روهڙي، سکر، شادي شهيد، ڪوٽڏجي ۽ اين شاهه جي ٽڪرين تي گهمڻ لڳاسين. ان وچ ۾ توسان هڪڙي ملاقات ٿي. جنهن ۾، تو نه ملڻ جي شڪايت ڪئي ۽ چيئي ته ان کان ته چڱو هو جو لاڙڪاڻي هجان ها. گهٽ ۾ گهٽ توکي، خط ته لکندو هيس. تو ٻڌايو ته، اسان جي به ڪهڙي دوستي آهي، جڏهن هڪٻئي کي اسان جي ضرورت هوندي آهي ته ملي به نه سگهندا آهيون. اهي سڀ ڏينهن تنهنجي انتظار ۾ گذاريا ته ڪڏهن در تي ڪڙڪو ٿئي تو. تو چيو ته: 'ڪالهه ته مان ڏاڍي اپسيٽ هيس، ڇو جو ڪراچيءَ کان ادا خليل جو فون آيو ته ٻارن کي ڪراچي موڪلي ڏيون.'

'ڇو ٻار اتي هُيا ڇا؟'

’ها جيئن ئي اسڪول بند ٿيا هيا ته ان وقت ڪان وٺي هتي آهن. مان سوچيان پئي ته، هي ڪراچي ويندا ته انهن کي گهڻا پرابلم ٿيندا. خبر ناهي احساس جي ڪهڙي عذاب مان گذرندا، اهو سوچي منهنجو ته ساهه ئي نڪري ٿو وڃي. ايترا معصوم ننڍا ٻار ڇو اجان تائين ٻهارون ئي ناهن ڏٺيون. انهن کي جڏهن زندگيءَ جي تلخ حقيقت سان واسطو پوندو ته ڪيترو ظلم انهن معصومن سان ٿيندو.‘

تون روئڻ لڳينءَ:

’پيار ٻه وڃڻ نه ٿا چاهين پر، ظاهر آهي اسان جو هنن تي ڪو به حق ناهي، هنن کي روڪي به نٿا سگهون. صرف هڪ واسطي ۽ رشتي جي ڪري حق هيو. پر هن جي وڃڻ ڪانپوءِ هاڻي ايترو به حق ناهي جو انهن معصومن کي ڏکن کان بچائي سگهون. ڪيترا بي وس آهيون، تمام گهڻا بي وس.‘

هڏڪين جو سلسلو شروع ٿي چڪو هو. مان ڪجهه به نه پيو ڳالهائڻ چاهيان، توکي ڪو به دلاسو نه پيو ڏيان، سواءِ ان جي ته، تنهنجن ڳوڙهن کي ٽشو پيپر نه ڇهي رهيا هيا پر منهنجا هٿ چپ آهو فرض نڀاهي رهيا هيا. مان چاهيان پيو ته، تنهنجي اندر ۾ ايترو سارو عرصو جيڪو ڏک ۽ تڪليف جمع ٿي آهي، اها ڳوڙهن وسيلي نڪري وڃي.

’مون کي خبر نه هئي ته جيترو مان پاڻ کي خوش نصيب سمجهندي هيس. ۽ اديءَ جي وفات کان پوءِ انهن ڏکن مان گذرڻو پوندو. لڳي ٿو ڄڻ خزان جي موسم اندر ۾ ويهي رهي آهي. مون کي ياد ئي نه ٿو اچي ته، ڪا خوشي ملي هجي، جنهن سان منهنجي چهري تي روشني آئي هجي. بس، هاڻي ته صرف هڪڙي ئي موسم آهي، خزان جي موسم. بهار ته آيو ئي ناهي. هاڻي توري توري ڳالهه تي ڳوڙها اکين مان وهڻ شروع ٿين ٿا، اڳي ته چاهيندي به نه ايندا هيا، پر جڏهن درياءَ جو بند ٽٽي پوندو آهي ته پوءِ ٻوڏ اچي ويندي آهي.‘

تون ڪجهه دير لاءِ خاموش ٿي وئينءَ.

’تون ان وقت مون ڏي ٽيليفون ڪرين ها‘

’مان ايترا دفعا ڪوشش ڪئي، پر تون نه ملين. ڏاڍي ڪاوڙ آئي، جڏهن ضرورت محسوس ٿيندي آهي، تون نه ملندو آهين، ظلم آهي. ان ڪري ڏکن ۾ اجان واڌارو اچي ٿو.‘

’مان توکي اڳي به چيو هو ته ڏک ۽ تڪليفون ڳجهن جيان آهن. جڏهن هڪ ڏک ماٿهو کي ڏاڍي ٿو وجهي ته پوءِ سوين ڏک هڪيئي پنيان حملي آور ٿين ٿا.‘

تون منهنجي سيني تي مٿو رکيو هو:

’ڪهڙي پرفيوم هنئي اٿئي؟‘

’چارلي‘

’مون وٽ اچين ته پرفيوم نه هڻي ايندو ڪر. مون کي تنهنجي بدن جي اصلي خوشبو سٺي لڳندي آهي.‘

مان مشڪندي توڏي جهڪي ويس.

خيرپور جي خوشبوئن کي ڇڏي، لاڙڪاڻي واپس آيس. لاڙڪاڻي ۾ تنهنجو خط مليو. جيترا ڏينهن گذريا هيا، هر ڏينهن جو تون هڪڙو شعر لکيو هو. تو پنهنجي خط ۾ لکيو ته، اڄڪلهه تون ڏاڍو پريشان آهين جو چند نڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي ۽ تون، ڪنهن کي پنهنجو پيامبر بڻائين. پر، تو لکيو آهي ته هاڻي تنهنجي جسم کي ڇهي گذرڻ واري هوا پيامبر آهي. تنهنجو اڱاري تي ڪراچي وڃڻ جو پروگرام هيو. مون توسان ٽيليفون تي ڳالهائي توکي ٻڌايو ته مان به سومر تي ڪراچي وڃان ٿو. جمعي تي وري گوادر وڃڻو آهي. تون ڪراچيءَ ۾ ملڻ جو پروگرام ٺاهيو.

تون اڳاري جي بجاءِ اربع تي ڪراچيءَ پهتينءَ. ريڊيو اسٽيشن تي منور وٽ مان ويٺو هيس ته تون آئينءَ. اتي چڱي دير ڪچهري ڪرڻ کانپوءِ، تون ۽ مان ٻاهر نڪري سفاري پارڪ پهتاسي.

مون محسوس ڪيو ته هو ته، جڏهن به تون ۽ مان گڏجي گهمندا هياسين ته تنهنجي چال ۾ فرق اچي ويندو هو. گهمڻ ۾ لاپرواهي ۽ فخر هوندو هو. ٻئي ڄڻا سفاري پارڪ گهمندا اولهه طرف متي نڪرينءَ تي نهيل بينچ تي ويٺاسين. اتي ويهندي توکي چيو هيم ته هيءَ بينچ ويچاري اڪيلي اڪيلي آهي، ان تي ٿا ويهون. هونئن به هتان سفاري پارڪ جو گهڻو حصو نظر اچي ٿو. اولهه طرف سج جو لهڻ ۽ شهر جون عمارتون.

تون شرارت مان مشڪندي چيو:

’پيو ته هتان ويهي، تون هر ڇوڪريءَ کي ڏسي سگهندين.‘

’۽ تون ڇوڪري کي.‘

ٽهڪ نڪري ويا. تنهنجن هٿن تي، منهنجا هٿ حڪمراني ڪرڻ لڳا. سج ان وقت لهڻ لڳو هو. تنهنجين اکين کي سج جي روشني بادامي بڻائي رهي هئي. مان تنهنجين اکين جي تعريف ڪئي ته تو چيو: ’اهي اکيون مون کي نه وڻنديون هيون نه ئي خوبصورت هيون پر جڏهن کان توسان دوستي ٿي آهي، اهي خوبصورت بڻجي ويون آهن.‘

’رڳون اکيون.‘

’نه منهنجو چهرو به، مون کي منهنجون ڪزنز چونديون آهن ته، مان اڳي ڳاڻ وڌيڪ خوبصورت ٿي وئي آهيان.‘

’تون ته اڳ ۾ به خوبصورت هئينءَ.‘

’ڪٿي، پر هاڻي ڪنهن جي خيالن خوبصورت ڪيو آهي.‘

تنهنجين اکين ۾ نهارڻ کانپوءِ سج انهن ۾ لهندي نظر آيو ۽ منهنجو عڪس پڻ. تون ڪاڏيءَ تي هٿ رکي مون کي پيار مان نهاري رهي هئينءَ.

’ڪيڏو نه خوبصورت لينڊ اسڪيپ آهي. سمنڊ تي، ويراني ۾، جبلن ۾ سج جو لهڻ ڏٺم، پر ڪنهن جي اکين ۾ سج لهڻ جو منظر اڄ ڏٺو اٿم.‘

تنهنجي مسڪراهٽ قائم رهي.

’مان پاڻ اڄ خوبصورت لينڊ اسڪيپ ڏسي رهي آهيان.‘

’ڪيڏي عجيب ڳالهه آهي. مان ڪڏهن سوچيو به نه هيو ته ڪنهن ڇوڪريءَ سان ايتري دوستي وڌي ويندي.‘

’مان به سوچيندي هيس ته، منهنجي ڪنهن سان انڊر اسٽينڊنگ ٿيڻ مشڪل آهي.ڇوڪرو ته ٺهيو، پر ڇوڪريءَ سان به منهنجي انڊراسٽينڊنگ مشڪل ٿيندي هئي.‘

’مٿان اهو سمجهين ته، انڊر اسٽينڊنگ ٿي وئي آهي ته مان توسان شادي ڪندس.‘

مان کلندي مذاق مان چيو:

’مان ڪٿي ٿي چوان - باقي منهنجي هڪڙي ڳالهه مڃ، شادي ڪنهن ٻهراڙي واري ڇوڪريءَ سان ڪجانءِ.‘

’ڇو؟!‘

’اهي ويچاريون معصوم آهن. انهن جون ضرورتون به گهٽ آهن، اسان جهڙين پڙهيل ڇوڪرين جون گهرجون به تمام گهڻيون آهن. تو جهڙي سٺي ماڻهو لاءِ اها صحيح رهندي.‘

’هونئن به پڙهيل ڇوڪرين جو گهڻو تعداد، آئيڊيل ذهن ۾ رکندو آهي ۽ گهڻا مرد هنن سان لهه وچڙ ۾ اچن ٿا. جنهن ڪري، هو پيٽ ڪن ٿيون. جڏهن ته، ٻهراڙي واري صرف ان مرد کي پنهنجو سڀ ڪجهه سمجهندي آهي.‘

’يلا تنهنجو ڪنهن سان واسطو هيو – دوستي.‘ مون سوال ڪيو .

’ها، هڪڙو ڪلاس فيلو گهڻو تنگ ڪندو هو. منهنجي ڪيڊ ايندو هو، پر هن کي مان لفٽ نه ڏني. باقي هڪڙو ڏک اڃان تائين آهي، اسان جي ڳوٺ ۾ هڪڙو منهنجوسوٽ هوندو هو. هو مون کي گهڻو چاهيندو هو. جيئن ڳوٺن ۾ ٿيندو آهي، رڳو نظرن مان محسوس ڪندي هيس ته هو مون کي چاهي ٿو. هن جي بي هنڌ شادي ٿي، مينديءَ مهل، مان به هن جي ڀينرن سان گڏ هن کي ميندي هڻڻ لڳس ته هن مون کي ڏٺو، هن جي نهار ۾ الائي ڇا ڇا هيو، ڏک، اڄ، حسرت، ڪاوڙ ۽ وڃائڻ جو احساس. مان هن جي اکين کي ڏسي نه سگهيس، اتي هلي آيم ۽ اڃان تائين محسوس ڪندي آهيان ته جسم مان ڌرڙي نڪري ويندي آهي.‘

’هاڻي منهنجي شاديءَ تي مون کي ميندي لاهجانءِ.‘ چيڙائيندي چيم.

’ها، لاهينديس، پر تنهنجي لاءِ ڪنوار بہ مان هٿ ڪنديس. جڏهن صبح جو مون سان ملندي تہ، مان هن کي چمي ڏينديم، چو جو تون هن کي چميو هوندو.‘

’اها شرط لڳاءِتون شادي ڪندينءَ تہ پوءِ وري تنهنجي مڙس کي مون کي بہ چمي ڏيڻي پوندي.‘ تون کلي ويئينءَ.

’ياد تي اسان جي دوستيءَ جي شروعات.‘ مون ماضي کي موٽايو.

’ها تون ڪيڏا نخرا ڪندو هئين.‘

’صحيح بہ تہ هو. مان سوچيندو هيس تہ، مان توکي لفٽ ڏيان تہ تون آئوٽ آف ڪنٽرول ٿي ڳچيءَ ۾ نہ پئجي وڃين.‘

’هاڻي.‘

’هاڻي بہ آهين، پر شاديءَ وارو پوءِ تہ ڪونهي. ساحرہ! ياد تي اڳي تون سهارن، محبت، پيار ۽ عشق کان نفرت ڪندي هئين.‘

’ها، پر هاڻي خيال متجي ويا آهن، سهارا بہ ضروري آهن.‘

’تون پيار، محبت ۽ عشق کي الڳ الڳ ڪري، انهن جذبن کي خود غرضي سڏيندي هئين. پر هاڻي تہ تون چوندي آهين تہ تنهنجو مون سان عشق آهي.‘

’ها بلڪل آهي، مان توسان عشق ڪيو آهي، تنهنجين ڳالهين سان چاهتن سان، عملن سان.‘

’ڇنبو تہ اڳي تون غلط هئينءَ.‘

’تجربو جو نہ هيو.‘ توکلي وراڻيو هو.

’مان توکي چيو هو نہ تہ پيار، محبت ۽ عشق، ڏاڪا آهن هڪ ئي جذبي جا. ڏس، تون بہ پهريون مون سان پيار ڪيو، ۽ پوءِ محبت ۽ هاڻي عشق.‘

’چوڻ چاڻو چاهين – شرط ٽوڙڻي رکيل هئي.‘ شرارت مان چيو هيئہ ’رکيل هئي، ڏي.‘ مان توڏانهن وڌيس.

’هتي ڪيئنءَ؟‘ تون پريشان ٿي چوڦير ماڻهن کي ڏٺو.

کلي پرتي ٿي ويس.

اسان جي پرسان بہ ٽي مزدور اچي ويٺا هيا. تون انهن کان لنوائي رهي هئينءَ.هنن جون ايڪسري نظرون تنهنجي طرف هيون. مان مزو وٺندي چيو:

’پلي ڏسن، ويچارا سچو ڏينهن هڻ هٽان تا ڪن، تنهنجو ڇا ٿو وڃي، ڪهڙو نقصان آهي توکي.‘

تون چڙي پئينءَ، اٿان اٿي آياسي. ڪولڊ ڪارنر ڏي وڌياسين تہ تو چيو: ’شرط ان تي تہ پيمينٽ مان ڪنديس.‘

’O.K تنهنجي مرضي.‘

سافٽ ڊرنڪ پي، سفاري پارڪ کي ڇڏيو هو ۽ پوءِ نيپا چورنگي اسان جو رستو جدا ڪري ڇڏيو.

جمعي جي ڏينهن مليا هياسين. ان ڏينهن، منجهند جو منهنجي گوادر وڃڻ لاءِ فلائيٽ هئي. منور جي فليٽ تي ٿوري دير ڪچهري ٿي. توکي اکين جي بيماري (وائرس جو شهر ۾ ڦهليل هو) ٿي پئي هئي. تو ان جو سبب مذاق مان اهو ٻڌايو تہ مان تنهنجين اکين ۾ غور سان ڏٺو هو، تنهن ڪري ٿي پئي آهي. چشمي سان وڌيڪ خوبصورت لڳي رهي هئينءَ. پر ان ڊسٽرب بہ اسان ٻنهي کي ڏاڍو ڪيو. تو لاهين بہ نہ پئي تہ متان مون کي بہ اها بيماري ٿئي. فلائيٽ جو ٽائيم ٿيو، وڃڻ لڳاسين تہ تون نادرکي چيو تہ خدا ڪري اسان جي فلائيٽ نڪري وڃي ۽ اسان نہ وڃئون. تون مون کي چيو تہ ايترو جلدي وڃڻ زيادتي آهي.

اسانجي فلائيٽ مس نہ ٿي.

گوادر ڪانپوءِ لاڙڪاڻي پهتس.
لاڙڪاڻي مان توسان ٽيليفون تي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪيم، پر نہ ملي سگهينءَ.
مان پنهنجا خط بہ توکي پوسٽ ڪيا هيا.
چو جو، عيد ۾ هڪ ڏينهن باقي هيو ۽ مان سوچيو تہ عيد ڪانپوءِ پوسٽ ڪندس. عيد تي توڏي ٽيليگرام وسيلي عيد مبارڪ موڪليم.
عيد ڪانپوءِ تنهنجو خط ۽ ڪارڊ مليو ڪارڊ جي پهرين پني تي پتين جون سرون ٿهيل هيون ۽ دروازي جيان ڪارڊ جو ٽڪر کلي پيو ۽ اندر لکيل هو.
’اڄ صبح، مان پنهنجيون هميشہ جاڳندڙ اکيون بند ڪري ڇڏيون آهن ۽ شور مچائيندڙ هوا کي نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي،

جهنگن جا گيت خاموش ٿي ويا آهن.
جهرڪين جا آواز ختم ٿي ويا آهن.
تنهنجي انتظار ۾....؟
اي منهنجا دوست،
منهنجا سڀ کان سٺا عڪس،
منهنجي گهر جا دروازا کليل آهن،
هڪ سپني وانگر
اتان لنگهي وڃ نہ.....!

مون کي لڳو تہ گوادر کان سڌو سنئون متي هليو ويو آهي. تڏهن تہ هي دنيا ڪجهہ سُڄي لڳي رهي آهي. خير اتي بہ توکي حورون ملي ويون هونديون.
ليڪن تون هن دنيا ۾ بہ حورن جي معاملي ۾ خود ڪفيل هئين تہ پوءِ پنهنجي جان وڃائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. اگر سمنڊ ۾ ترڻ جو شوق هو تہ ڪڏهن ڪنهن جي اکين جي سمنڊ ۾ تري ڏسين ها تہ اتي گوادر کان وڌيڪ خوبصورت منظر نظر اچن ها.
خير، ڪنهن جي اکين ۾ ايتري غور سان بہ نہ ڏسجاءِ، متان، ان کي بہ اکين ۾ وائرس لڳي وڃين ۽ تون هليو وڃين ۽ پوءِ هوءَ ڏنڌلين اکين سان تو جهڙي بيوفا دوست جو انتظار ڪندي رهي.

ها! مان بالڪل ٺيڪ آهيان. مگر منهنجو ميخانو اڄ ڪلهہ ويران آهي. چو جو منهنجي ميخاني جو ساقي، اڄ ڪلهہ پنهنجي اڄ اجهاڻ سمنڊ طرف ويو آهي، ان ڪري مان ڏاڍي اداس آهيان. خدا ڪري هو بہ اداس هجي، حالانڪ هو نمونو ڏاڍو ڪندو آهي، ليڪن مان چاهيان ٿي تہ ان جي يادن جيترو مون کي تنگ ڪيو آهي خدا ڪري هو بہ ايترو تنگ ٿيو هجي.
سياٽي کان مان ڪراچيءَ وڃان ٿي ۽ پوءِ اتان اسلام آباد ۽ مريءَ جو پروگرام آهي. هاڻي تہ تون بہ آسمان تي پهچي ويو آهين، منهنجي لاءِ بہ دعا گهرجاءِ تہ، ڪنهن خوبصورت جڳهہ تي تنهنجي تصور ۾ گم ٿي، هڪڙو قدم غلط رکي تنهنجي تقليد ۾ متي پهچان. مان توکان بغير ڏاڍي اداس آهيان، ايتري اداس جو شامِ غريبان ياد ٿي اچي.‘
ڪراچيءَ کان تنهنجو ٻيو خط مليو-
’مان ٺيڪ آهيان ۽ زنده آهيان، اميد آهي تہ تو جهڙو شخص لاڙڪاڻي ۾ آيل ٻوڏ کان بہ بچي ويو هوندو. هن وقت مان اسلام آباد جي سفر تي آهيان. ٽي ڏينهن اسان ڪراچيءَ ۾ گذاريا. هڪ ڏينهن پيراڊائيز پوائنٽ تي وياسي. اتي وڃي سچ ۾ بہ محسوس ٿيو ڄڻ اسان جنت ۾ اچي ويا آهيون. ان ڏينهن موسم بہ تمام خوبصورت هئي. هلڪي هلڪي ڦڙ ڦڙ پئجي رهي هئي، آسمان تي ڪارا ڪارا ڪڪر ڇانيل هيا، سمنڊ جون لهرون جڏهن پر جوش انداز ۾ پنهنجو پاڻ کي پهاڙين سان ٽڪرائي رهيون تہ منظر تمام گهڻو خوبصورت بڻجي پئي ويو، ايترو خوبصورت جيترو تنهنجو ساٿ.
ان ڪانپوءِ سفاري پارڪ وياسين ۽ مون کي تون شدت سان ياد آئين ۽ مان ان خالي بينچ جا ڪافي فوٽو ڪڍيا، جتي اسان ويٺا هياسي ۽ مان ان بينچ کي هر هر ڏسندي رهيس ۽ مان ان يادگار بنيچ کي پنهنجي ڪيمرا ۾ محفوظ ڪري ڇڏيو. منهنجو جيڪڏهن وس هلي تہ مان انهن سيني رستن ۽ جڳهن کي پنهنجين اکين ۾ پنهنجي دماغ ۾ محفوظ ڪري ڇڏيان. جتي، منهنجا ۽ تنهنجا قدم هڪ مهل پيا هيا ۽ مون کي انهن رستن تي هلندي ڏاڍو سٺو لڳو هو. بهرحال، تون مون کي تمام گهڻو ياد آئين ۽ مان اهي سڀ جڳهون تصور ۾ توسان گڏ گهميون.
ڪراچيءَ ۾ اسان تفريح بہ گهڻي ڪئي مگر ان سان گڏوگڏ ڏک بہ گهڻا مليا. اسان انجواءِ ڪرڻ ايندا آهيون پر اسان جو پيٽوپو صاحب جوش رقابت ۾ ايتريون ڪريل ڳالهيون ڪندو آهي جو، اسان سڀ پريشان ٿي ويندا آهيون ۽ تمام گهڻا ڳوڙها وهاياسي ۽ گهڻا پنهنجي اندر ۾

۽ اوتي چڙياسين. بلڪ، هاڻي ته محسوس ٿئي ٿو ته ڏکن، منهنجي اندر ۾ ايترا ڄار وچايا آهن جو منهنجو وجود خوشيءَ جي معنيٰ ئي وساري ويٺو آهي. ايتريون گهٽيون ڳالهيون آهن، ايترا گهاءَ آهن جيڪي مان سڻا آهن. اديءَ جي وفات کانپوءِ ڏکن جي مر اسان جي بدن تي چمي پئي آهي. مون کي لڳندو آهي ته ڏکن جي اڌوهي مون کي اندران ئي اندران کائي رهي آهي ۽ ڏسجانءِ ڪنهن ڏينهن مان کوکلي ٿي ختم ٿي ويندي س. بدقسمتي اها آهي جو، اڃان اسان پنهنجن پاران ڏنل غم وساريون ئي مس ٿا ته ٻيو ڏک اسان کي بي وسيءَ جا ڳوڙها ڳاڙڻ تي مجبور ڪري ٿو.

منهنجي ذهني ڪيفيت اهڙي هئي جو مون کي پنهنجن ڳان پري وڃڻو هيو ڪنهن اهڙي جڳهه تي وڃڻو هو (ڪوهه مري). انلاءِ اسان هن طرف هلي آياسين.

تنهنجي پري هجڻ سان اهي ڏک ۽ تمام وڏا محسوس ٿيا. هن وقت مان سڀ ڳالهيون تفصيل سان لکي نه ٿي سگهان. نه ته، توکي اهو احساس ٿي ها ته اهي ڏک منهنجا ٻڌايل ناهن. پر ماڻهن منهنجي سچائي، منهنجي خلوص ۽ منهنجي پيار جي بدلي ۾ جيڪا سوغات ڏني آهي، انهن سان منهنجو وجود ٽٽي پيو آهي.

بهرحال، هاڻي دعا ڪجانءِ ته سفر ڪامياب رهي ۽ ڏکن جو ڪوهيڙو ذهن تان لهي وڃي. تون منهنجي خط جو جواب، گوادر جي سفر جي ڪهاڻي، ۽ منهنجي لاءِ سڀ تاثرات رڪارڊ ڪري رکجاءِ ته جيئن واپسيءَ وقت مون کي مايوسي نه ٿي توسان ڳالهين ڪرڻ کانپوءِ هاڻي منهنجا ڏک گهٽجي ويا آهن. هڪڙوآزاد نظم آهي. ڪيئن آهي؟

ايئن ۽ ٿيندو آهي،
سالن جا ٻه همسفر
پنهنجن خوابن جي،
تعبير کان بي خبر،
پنهنجي عهد محبت جي نشي ۾ گم،
پنهنجي قسمت تي نازان،
مگر!!!
زندگيءَ جي ڪنهن موڙ تي گم ٿي ويا،
۽ هڪٻئي کان جدا ٿي ويا.
ايئن ۽ ٿيندو آهي،
ٻه اجنبي هم راهه،
پنهنجين منزلن کان بي خبر،
هڪٻئي کان اڻڄاڻ،
ڪوئي پيمان الفت، نه عهد وفا،
اتفاق سان اهڙي طرح
ملي ويا،
ساز ۽ وڃي پيا
گل ۽ ڪڙي پيا.

مري
جاناں!
چار ڏينهن کان ٿيا آهن ته، پنڊيءَ پهتي هيس. لاهور ڪانپوءِ رستي ۾ بارش پوندي رهي، چوڌاري ساوڪ ئي ساوڪ هئي. منهنجو خيال آهي ته، اهو سڀ ڪجهه جنت کان گهٽ ناهي. اوچن اوچن جبلن تي بادل جهڪيل هيا ۽ مان سموري خوبصورتي کي پنهنجي اندر ۾ اوتڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ سموري خوبصورتي کي تنهنجي آواز سان، تنهنجي وجود جي احساس سميت انجواءِ (Enjoy) ڪيو.

سمورو عرصو تنهنجي ڪيسٽ ٻڌندي رهيم. ڪٿي ڪٿي ته، خوبصورت نظارا ڏسي دل چاهي پئي ته ٽپو ڏئي پنهنجو انت آڻيان. تون مون سان گڏ نه هئين مگر تنهنجو پاڇو، تنهنجو احساس، تنهنجين يادن جي رُڃ، مون سان گڏوگڏ هيا ۽ مان ان حسين نظارن ۾ توکي ياد ڪري شيئر ڏنو. انهن حسين جڳهن تي، ۽ ايتري خوبصورت سفر ۾ سچ پچ ته تون گڏ هجين ها ته، مان خوشيءَ کان چري ٿي پوان ها ۽ سفر کي يادگار بڻائڻ لاءِ ڪنهن حسين جڳهه تي ٽپو ڏيان ها. جنهن خوبصورتيءَ جو مان صرف تصور ڪري سگهندي هيس. مگر جڏهن اهي نظارا ڏسندي هوا منهنجن ڳلن تي ٽپڪي ڏني ته، خوشي منهنجي اندر مان ڦٽي نڪتي پر هڪ ڳالهه آهي ته ان خوبصورتيءَ کي محسوس ڪرڻ ڪانپوءِ به، ڏسڻ کان بعد خوش به هيم ۽ اداس به خبر ناهي ڇو؟

هن سفر ۾ ادي ڏاڍي ياد آئي ۽ پنهنجي ان پارٽنر جي ڪميءَ ڪري، ايتريون خوشيون حاصل ڪرڻ کان پوءِ به مان اداس رهيس. مون محسوس ڪيو ته اداسين جي هڙ منهنجي مٽي تي رڪيل آهي ۽ منهنجي دل جي چوڌاري اداسيءَ جو ليپو ڏنل آهي، جيڪو خوشين کي دل تائين پهچڻ ئي نه ٿو ڏي. تون دعا ڪر ته، ڏکن جي موسم جلدي گذري وڃي ۽اکين ۾ آيل چاڙهه لهي وڃي.

ڪلهه پنڊيءَ ۾ ايوب پارڪ ڏٺو ۽ اڄ صبح مري آيا آهيون. هڪ بجي ڏاري ايوبيه وڃڻ لاءِ روانا ٿياسين. ساقي، ايترو حسن ڏسي مان حيران آهيان. هتي موسم بي انتها خوبصورت آهي ۽ پهاڙن تي جهڪيل بادلن، زمين جو رنگ ته ڪٿي به نظرنه ٿو اچي، هر طرف ساوڪ ئي ساوڪ آهي. ڪاش، تون ايتري خوبصورت جڳهه تي مون سان گڏ هجين ها ته منهنجي دل تان اداسيءَ جا ڪڪر هٽي وڃن ها ۽ مان پنهنجي خوش قسمتيءَ تي ناز ڪيان ها. مگر، مان ايتري خوش قسمت ناهيان هتي مان صرف ڪيسٽ تي آواز ٻڌي سگهان ٿي ۽ تصور ۾ محسوس ڪري سگهان ٿي. پر تنهنجي هٿن ۾ هٿ ڏئي گهمي نه ٿي سگهان، تنهنجن هٿن جو ڇهاءُ محسوس نه ٿي ڪري سگهان، انهن خوبصورت نظارن جو عڪس تنهنجين اکين ۾ ڏسي نه ٿي سگهان. ڪجهه به ته ناهي، جنهن ڪري انهن سيني حسين نظارن ۽ موسمن جو حسن منهنجي لاءِ بيڪار آهي. اهوئي سبب آهي جو، مان صحيح طرح انجواءِ نه ٿي ڪيان.

ايوبيه پهتاسين ته تيز برسات شروع ٿي وئي. ٻه ڪلاڪ هڪ هوٽل ۾ گذارياسين ۽ واڪ مين تي تنهنجي ڪيسٽ ٻڌي، يادن جا بادل ايترا گهرا ٿي ويا جو ڳوڙها اکين مان ترڪي پيا. اڄ تنهنجي پسند جا ڳاڙها ڪپڙا پاتا آهن. چيئر لفٽ تي ويهي نظر ايندڙ ڪاهيون ڏاڍيون سٺيون لڳيون ۽ مٿي پهتاسي ته ڏاڍو حسين منظر هو. ڪاش تون اهو سڀ ڪجهه ڏسي سگهين ها. هتي، خاص ڪري جوڙا هني مون ملهائڻ آيا آهن. برسات ڪري سردي وڌي وئي آهي، مان سوئيٽر به نه ڪٺي آئي هيس. هتي سيني سوئيٽر پهريل آهن. مان سرديءَ ڪري ٺرڪندي رهيس. ڪاش مون کي هتي تنهنجين ٻانهن جي گرمي ملي ها ته .....

هاڻي رات جا ٻارنهن ٿي رهيا آهن. صبح جو ٻارهين بجي هتان هليا ويندا سين (تمام گهڻا ڪزنز ۽ گهڻيون ڪزنز مون سان گڏ آهن.) پوءِ وڃي، ڪجهه ڏينهن اسلام آباد رهنداسين. هونئن هتان واپسيءَ جو ڪو به ارادو ناهي. جڏهن سڀ جڳهون ڏسي ڇڏينديس ته ڪنهن خوبصورت جڳهه تي پير گسڪائي ڇڏيندم. مان چاهيان ٿي ته تنهنجين يادن سان پنهنجو سفر هتي ختم ڪيان. هونئن تنهنجين يادن تنگ ڏاڍو ڪيو آهي ۽ سمورو عرصو تنهنجي ياد ۽ ڪيسٽ سهاري گذريو آهي.

تنهنجي خطن ۾ پريل چاهت، ۽ پيار مون کي تسڪين ڏني مون کي خوشي ٿي ته تون ڪجهه ڏينهن لاءِ تفريح ڪرڻ وڃڻ جو جو، تنهنجو ذهن ڪافي وقت کان غمن ۽ ڏکن کان ڪاراٽيل هو ۽ توکي ضرورت هئي ته گهمڻ ڦرڻ ذريعي توکي خوشي ملي ته جيئن خوشين جي سڄ ڪري ڏکن جي برف رڇي وڃي. مان اهو به سوچيندو رهيس ته، ڪيڏو ستم آهي اسان جي معاشري جي عورت سان. هوءَ ڪيڏي به پڙهيل

ڳڙهيل چو نہ هجي پر رسمن جي گهاٽي ۾ پيڙجڻو ٿو پئي. مرد ڪيڏو ظالم ٿئي ٿو جو، صرف پنهنجي مطلب لاءِ ٻين جي خواهش جو بہ خيال نہ ٿو رکي. تنهنجي پيٽوئي جي روئي ۽ ڪردار تي ڏک سان گڏ ڪاوڙ بہ آئي. مان پوري طرح محسوس ڪري رهيو هيس تہ، تنهنجي ذهن جي ڪيفيت ۽ حالت ڇا هوندي، پر مان ڪري بہ ڇا ٿي سگهيس؟!

مان بہ، ڪجهہ دوستن سان گڏجي سوات وڃڻ جو پروگرام ٺاهيو. اسلام آباد پهچي تون ڏاڍي ياد آئينءَ. پر تنهنجي ائڊريس يا ٽيليفون نمبر نہ هيو. جنهن ڪري دل ۾ عجيب قسم جي بيچيني رهي تہ هڪ شهر ۾ رهندي ملي نہ سگهياسين. گهمندي هر ڇهري ڪي غور سان ڏسي رهيو هيس تہ متان تون ملي وڃين پر نہ ملينءَ.

ڪالام ۽ اُشوءَ جي خوبصورت نظارن ۾ تنهنجي ياد، منهنجي ذهن جي مالڪي پاڻ وٽ رکي. منهنجي الائي ڇو اها خامي آهي جو، ڪابہ خوبصورت جڳهہ ڪونہ خوبصورت منظر اڪيلي سر ڏسي انجواءِ نہ ڪري سگهندو آهيان. جنهن ڪري اڪثر خوبصورتي پسي خوشيءَ سان گڏ اداس بہ ٿي ويندو آهيان. بهرحال وري بہ، تنهنجي يادن ڪجهہ تہ ساٿ ڏنو.

مان واپسيءَ تي گهر پهتس ۽ سموري رستي ۾ اهو سوچيندو رهيم تہ هاڻي جلد ئي خيرپور وڃي توسان ملاقات ڪندس. گهڻن ڏينهن جي وڇوڙيءَ مون ڪي، توسان ملڻ لاءِ بي چين ڪري ڇڏيو هو.

گهر پهتم تہ، بابا ٻڌايو تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ اسلام آباد کان تنهنجي ٽيليفون آئي هئي خط بہ رکيل هيو خط پڙهيم، خط پڙهي مان پريشان ٿي ويس.

لکيل هو:

جانان!

اسان اسلام آباد ۾آهيون ۽تفريح جو مزو ماڻي رهيا هياسي. پر منهنجي بدقسمتي ڏس، هتي بہ هڪ ڳچيءَ ۾ پئجي وئي آهي، جنهن تفريح جو مزو خراب ڪري ڇڏيو آهي. ڪالهہ منهنجي هڪ سهيليءَ وٽ خيرپور کان ٽيليفون آئي تہ امڙ جي طبيعت خراب آهي، جلد ئي گهر پهچان. پوءِ مان گهر ٽيليفون ڪئي، خبر پئي تہ خليل هوش ۾ اچي ويو آهي ۽ هو منهنجي گهر، پنهنجن وڏن کي وٺي مون کي پرپوز ڪرڻ آيو هو ۽ منهنجن وڏن مون کان پڇڻ بنا منهنجي قربانيءَ جي تاريخ مقرر ڪري ڇڏي آهي. امڙ کي ٽيليفون تي چيم تہ انڪار ڪري ڇڏيو. مون کي اهو شخص منظور ناهي، جنهن اسان کي ايڏا وڏا ڏک ڏنا آهن، جيڪي وسريو نہ ٿا وسرن. جيڪو ماڻهو، هڪ ڀيرو نظرن مان ڪري پوندو آهي ۽ پوءِ اهو ڪريل ئي رهندو آهي. اميءَ ضد ڪيو آهي تہ جلدي خيرپور واپس وڃان.

مان ڏاڍي پريشان آهيان، منهنجي زندگيءَ جو ڏکيو وقت آهي ۽ هن وقت مون کي زندگيءَ جو فيصلو ڪرڻو آهي. تون منهنجي مدد ڪر ۽ ٻڌاءِ تہ ڪهڙو فيصلو ڪيان؟ پنهنجو پاڻ کي موت جي حوالي ڪيان يا پنهنجي وجود جي حصن سان ناتو ٽوڙي زندگي قبول ڪيان؟

تون منهنجي ڪيفيت جو اندازو لڳائي نہ تو سگهين. سوچڻ ڪري دماغ ڦاٽي رهيو آهي ۽ ننڊ اکين کان رسي وئي آهي. هن ظالم شخص تفريح جو بيڙو ٻوڙي ڇڏيو آهي، هو شايد ايئن سمجهي ٿو تہ اسان جون خوشيون ۽ ڏک هن جي هٿ ۾ آهن.

امان پيهر ٽيليفون تي ڳالهايو تہ مان ڪيس چيو تہ اهو شخص مون کي پسند ناهي ۽ هاڻي مان اها قرباني نہ ٿي ڏئي سگهان ۽ مان خيرپور واپس نہ ايندس هتي ئي رهي پونديم، ان ساڳي تاريخ تي رافعہ جي شادي ڪري ڇڏجو.

ساقي!

جيڪڏهن هنن، گهڻو زور پريو تہ پوءِ پاڻ کي حسين نظارن جو حصو بڻائي ڇڏيندس. ان ڪري، جڏهن منهنجو پنهنجي زندگي تي ڪو اختيار ناهي تہ پوءِ مون کي مرڻ ئي کپي. خبر ناهي، مون کي ڪهڙي ڏوهہ جي سزا ملي رهي آهي؟.

مون کي ڏاڍو ڀوءِ ٿي رهيو آهي، دل چاهي ٿي تہ ڪنهن جي جهوليءَ ۾ مٿو رکي پنهنجي قسمت تي ڪوڙ سارا ڳوڙها وهايان. دل چاهي ٿي تہ، ڪنهن جي مضبوط ٻانهن ۾لڪي پوان، جتان مون کي ڪو بہ ڪڍي نہ سگهي. هي وقت ڏاڍو ڏکيو آهي، سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ ڇا ڪيان؟ تنهنجي شديد ضرورت آهي، مگر تون ڪري بہ ڇا ٿو سگهين؟ ڪجهہ بہ تہ نہ.

مون کي هن ڪن مان پاڻ ئي نڪرڻو آهي ۽ مون کي ان جون صرف بہ صورتون نظر اچن ٿيون، ’زندگي يا موت.‘ منهنجو خيال آهي تہ مون کي مرڻ ئي کپي، ڇو جو والدين بہ ناراض نہ ٿيندا ۽ مون کي بہ سڪون ملندو.

رافعہ سان ٽيليفون تي ڳالهائڻ ٿيو. هن ٻڌايو تہ امان بابا جن ڏاڍا خوش آهن ۽ سڀ تياريون ڪري ڇڏيون اٿئون. مون هن کي چيو تہ توهان بي غيرت آهيو. پر ساحره ايتري بي غيرت ناهي. خبر ناهي، اهو عذاب رڳو اسان تي ئي نازل ڇو ٿو ٿئي. بهرحال، قدرت جي هنن حسين نظارن کي هڪ ڀيرو چڱي نموني ڏسي وٺان، انهن نظارن کي اکين ۾ سمائي پوءِ مرڻ چاهيان ٿي، جيئن منهنجو روح ڀٽڪندو نہ وتي. هتان گهمڻ ڪانپوءِ سڪون سان فيصلو ڪنديس. اسان هتي ٿي چار ڏينهن آهيون، خبر ناهي مرڻ کان اڳ توسان ملاقات ٿي بہ سگهي يا نہ! مان آهيان ئي بدقسمت، انهن خوبصورت نظارن کي توسان گڏ ڏسي نہ ٿي سگهان ـــ آخري ڀيرو بہ نہ.

مان توکي فون نمبر لکان ٿي، تون آخري ڀيرو ضرور ڳالهائجانءِ، ڇو جو ساحره کي تنهنجي گهڻي ضرورت آهي. پر مان هاڻي انهن سيني ضرورتن کان آزاد ٿيڻ چاهيان ٿي. جيترو مان ڪنهن کي چاهيو هو. مگر مون کي ڪنهن بہ نہ چاهيو. منهنجون سچايون، منهنجو خلوص، منهنجون چاهتون، سڀ هڪ طرفو هيون. اهي سڀ منهنجي وجود سان گڏ ختم ٿي وينديون.

مان تنهنجي گهڻي شڪرگذار آهيان، جو تون مون کي گهڻيون چاهتون ڏنيون. منهنجا گهڻا غم سميٽيا. مگر مون بہ عشق ڪيو، ان لاءِ مون کي ڪو بہ پڇتاءُ ڪونهي، ڪوئي ڏک ناهي، چاڪاڻ جو عشق هڪ ٻاهہ آهي جنهن ۾ جلي پچري ، انسان ڪندن ٿي ويندو آهي. اهڙي طرح منهنجي دل ۽ دماغ ۾ بہ عشق جي روشني آهي. ان عشق جي، جيڪو بي غرض ۽ اڻ ميو عشق هيو، پر منهنجو ايمان بہ اهو ئي هيو ـــ آهيان نہ ڇري ڇوڪري !؟

خدا حافظ

هڪ ڇري ڇوڪري.

خط پڙهي، مون ڏڪندڙ هٿن سان خيرپور جو نمبر ڊائل ڪيو. جتان خبر پئي تہ ڪراچي ويل آهين. آگريون وري ڪراچيءَ جو ڪوڊ ملائڻ لڳيون، منهنجو من انديشن جي انڌاريءَ ۾ وڪوڙيل رهيو ـــ ڪنهن ٻي ٽيليفون کڻي، ٻڌايائون تہ تون مڙس سان گڏ، ڪنهن پاسي نڪري وئي آهين.

منهنجي اندر ۾ هزارين هيرو شيما ٻڌجي ويا، ڪنڌن جي ڊگهي قطار نڙيءَ کان هيٺ لهي وئي. ڪل جي پورن ۾ هزارن جي حساب سان سلفيورڪ ائسڊ پرجي ويو. منهنجي ذهن م تنهنجو آخري خط، پيٽيوئي کان نفرت ۽ تنهنجي مجبوري ڦرڻ لڳي. مون سوچيو تہ، تون الائي ڪيئن هوندينءَ؟ ان سان گڏ ڪاوڙ بہ هئي تہ، تون مون کي ٻڌائڻ کان بغير، مون کي سڏڻ کان بغير، تون اهو سڀ ڪجهہ ڪيئن ڪيو؟ ڇا، ماضيءَ ۾ ٿيل سڀ ڳالهيون رڳو ڳالهيون هيون؟ الائي ڪيئن شام ٿي. شام جو توکي ٽيليفون ڪيم.

’مبارڪ هجئي‘

آواز جڻ منهنجو ئي نہ هيو.

’سڀ دوستيون اجايو آهن.‘

تون بہ پيڙا مان چيو.

’پنهنجو پاڻ کي بچائڻ لاءِ ٻئي تي حملو ڪرڻ، سٺو طريقوآهي‘

’نہ، مان ان ڏينهن ايترو رنيس، تڙپيم، مگر منهنجين دانهن تي تون بہ نہ پهتين.‘

’تون اطلاع تہ ڪري ها. پوءِ نہ پهچان ها تہ ڏوهي هيم.‘

’مان اسلام آباد مان ٻه ٽيليفون ڪئي، پر تون نه ملين. خط ٻه لکيم.‘ تنهنجي آواز ۾ محرم شامل ٿي ويو هو.
’مون کي، اڄ خط مليو آهي.‘
’ان ڏينهن ٿي گل ئي ڪٿي اچي ها. قرباني جي ٻڪريءَ کي پارائڻ لاءِ.‘ روئڻ لڳينءَ.
’تون ايڏي خواريءَ کان پوءِ اهو رشتو قبول ڇو ڪيو؟‘
’مان، واپس ئي نه پئي آيس، اتي ئي رهڻ جو فيصلو ڪيو هيم. پر بابا اسلام آباد اچي پهتو ۽ پنهنجا ۽ امڙ جا قسم وجهي، واپس وٺي آيو. چوڻ لڳو ته، مان برادريءَ وارن سان ڳالهه پڪي ڪري چڏي. مان انڪار ڪندي رهيس، روئيندي رهيم. مان چيم ته اهڙي شخص سان شادي ڪري نه ٿي سگهان. رافعه جي شادي ڪرائي ڇڏيو .
بابا، آخر ۾ دمڪي ڏني ٺيڪ آهي، اسان تنهنجي ننڍي ڀيڻ جي شادي ڪرايون ٿا، پر تون گهر ڪڏهن نه اچجانءِ ۽ تنهنجي ماءُ ۽ مان ٻئي ڇٽا آپگهات ڪنداسي.‘
ان کان پوءِ، مان مجبور ٿي پيس ۽ روئيندي رڙندي شادي ٿي وئي. ساقي، بينچ هاڻي هميشه خالي ئي رهندي ــ ان تي ڪو ٻه پريمي نه ويهندو، بينچ خالي ئي رهندي.‘
تنهنجو آواز گهگهو ٿي ويو ۽ روئڻ جي آواز سان رسيور، ڪريڊل تي ڦهڪو ڪيو.
مان، اکين ۾ آيل آبشار سان تنهنجن خطن جو فائيل ڪڍيو.
سفاري پارڪ جي خالي بينچ جي فوٽوءَ تي تو لکي موڪليو هو:

’خالي بينچ،
جنهن تي ڪڏهن،
ويٺا هياسي تون ۽ مان،
ڪنهن خواب جيان،
ڪنهن خيال جيان،
هڪ حسين شام جو
ان بينچ تي ويهي
مان
توکي پنهنجي من ۾
اکين وسيلي اوتيو هو،
۽ توکي ياد آهي،
ان سمي منهنجيون اکيون،
ڪيترويون چمڪيون هيون،
۽ اڄ !!!؟
ڪيتري ويران آهي،
هيءَ بينچ
۽ ڪيتريون
اداسيون آهن،
منهنجون اکيون.
ڪيتري اداس آهي،
هيءَ خالي بينچ.

******